
سامي سهاڳي
خاڪا
اقرار پيرزادو

# سامي سُهاڳي

(خاڪا)

اقرار پيرزادو

ڊجيٽل ايڊيشن
2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناميار ي ليکڪ **اقرار پيرزادي** جي لکيل خاڪن جو مجموعو ”**سامي سهاڳي**“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيو.

إقرار پيرزادي جي هن ڪتاب ۾ مختلف شخصيتن تي 56 خاڪا لکيل آهن. اقرار جي نج ڳوناٺي ٻولي، پهاڪن جو استعمال، ڳوٺن جو لکيل ڳالهيون، يادون، اٿڻ ويهڻ، ميل ملاقاتون، سنڌ جي ريتن رسمن، ميلن ملاکڙن، پاڳين، چورن، ڏاڙيلن، استادن، شاگردن، موالين، راڳين، طبلي نوازن، سازندن، لطيف جي عاشقن، شاعرن، مولودين، سگهڙن، پوليس وارن، نانگ منڊيندڙن، جهاڙ ڪندڙن، ملاحن، پاٽڻين، موهن جي دڙي، ٻلهڙيجي، سنڌ جي ڪچي ۽ پڪي، سنڌو درياءَ، سنڌ جي پوکن، فصلن، سنڌ جي دردن جا داستان آهن هن ڪتاب ۾. ٻيو ته نهيو پر ڳوٺن جي ڪلاسيڪي ڳارين، ڳاريل مردن ۽ ماين کي هن ڪتاب ۾ منفرد نموني پيش ڪيو اٿس جيڪا ليکڪ جي سچائي ظاهر ڪري ٿي.

هي ڪتاب **مرڪ پبليڪيشن، ڪراچيءَ** پاران 2019ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون مرتضيٰ لغاريءَ ۽ إقرار پيرزادي جا جن ڪتاب سنڌ سلامت ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ويراڳي واڳي، ڏين ڍاڙي ڏيل کي،
راولَ رَتينِ مولهين، سامي سُهاڳي،
جن سين لنئُون لاڳي، سي جوڳي پسان تہ جئَان.

(شاھ)

# سٽاءُ


| | | |
|---|---|---|
| ارپنا | | 8 |
| مهاڳ | رسول ميمڻ | 20 |
| ڏاڳي وانگي ٻانهن ۾ ويڙهجي ويندڙ نثر | روبينه ابڙو | 24 |
| پنهنجي پاران | اقرار پيرزادو | 28 |

1. مائي جيوٽي 29
2. مهدي حسن 32
3. استاد شرافت علي خان 36
4. وريلداس گرنو مل تلريجا 41
5. ڪاريهر فقير 46
6. ڪلاونت واپاري ڪٽنب 50
7. سچيت ملاح ڪٽنب 54
8. پهلوان شير ميربحر 58
9. انور پيرزادو 63
10. مير محمد پيرزادو 75
11. استاد ملوڪ عباسي 82
12. عبدالرحيم پيرزادو 90
13. قربان پيرزادو 95
14. نواز علي ڪوسو ۽ سانوڻ هگورجو 100

| | |
|---|---|
| 15. سهراب چانديو | 104 |
| 16. استاد عبد الواحد ميمڻ | 109 |
| 17. استاد غلام رسول منگي | 114 |
| 18. سائين نور الله آگرو | 117 |
| 19. استاد لعل بخش پيرزادو | 121 |
| 20. حاجي فقير ڪلهوڙو | 125 |
| 21. حاجي عثمان ممڻاڻي | 131 |
| 22. فيض علي فقير | 134 |
| 23. سبحان شاھ | 139 |
| 24. الڪيف شاھ | 144 |
| 25. غلام نبي شاھ مست | 147 |
| 26. الاهي فقير ڏيڏي | 152 |
| 27. ڪلڪل فقير | 160 |
| 28. ڪاڪو پريمچند | 164 |
| 29. پنهل فقير ابڙو | 168 |
| 30. مريد، جهانگي ۽ ميرل | 173 |
| 31. انو ابڙو | 177 |
| 32. شير محمد ناجي ٻُٽ | 182 |
| 33. سرائي عبدالرحمان ٻٽ | 187 |
| 34. محمد قاسم ٻٽ | 190 |
| 35. معروف ماڇي | 194 |
| 36. محمد معروف قريشي | 199 |

| | |
|---|---|
| 37. غلام شبير پيرزادو | 203 |
| 38. انور ڏنگڙائي | 207 |
| 39. يارل سومرو ۽ سندس خاندان | 214 |
| 40. مائي ٽمي ابڙو | 217 |
| 41. استاد بچل خان جتوئي | 220 |
| 42. ماڇين جا پوڳ | 224 |
| 43. ٻهروپيا سيد | 230 |
| 44. اسان جي ڳوٺ جا سيد سڳورا | 237 |
| 45. سيد ڪاشل شاھ | 242 |
| 46. دريا خان ماڇي | 246 |
| 47. جهنڊو ممڻاٽي | 251 |
| 48. حافظ شمس چھواڻ | 256 |
| 49. غفور موچي | 262 |
| 50. قادن سرگاٽي | 268 |
| 51. سچل ممڻاٽي ۽ سندس يائر | 273 |
| 52. ڪريم بخش پيرزادو | 277 |
| 53. نانو يعقوب پيرزادو | 280 |
| 54. نذر علي شيخ | 289 |
| 55. ديوان پريم | 293 |
| 56. نور الله تنيو | 297 |
| 57. حفيظ پيرزادي جي گرفتاري | 299 |

# ارپنا

شهيد سرويچ پيرزادي جي والد ۽
پٽائي سرڪار جي عاشق
## لطف پيرزادي
جي نالي



جنهن جو ڏکن ڏاڪڙن سان هونئن ته پينگهي کان پيچ پيل هو، وردي پوشن هٿان پٽ جي ڪنيجڻ ۽ نوَن مهينن جي اذيتناڪ گمشدگي، شهادت ۽ پنهنجي وصال تائين؛ زندگيءَ جي عرصي دوران، هن جو روز جو معمول ئي تبديل ٿي چڪو هو. صبح جو سوير اُٿي، چانهه ڪاڻ ڪيرَ ۽ سرويچ لاءِ تازا گل وٺي اچڻ هن جو پهريون ڪم هو. گهران چانهه پِي، گل سرويچ جي مزار تي اچي نڇاور ڪندو هو. ڪجهه دير قبرستان ۾ ترسڻ بعد سيٺ قاسم جي دڪان تي ويهي اخبار پڙهي، چانهه چڪي پِي واپس گهر هليو ويندو هو، جتي پنهنجي  ٻارڙن سان گڏ شاهه جي رسالي جو مطالعو به ڪندو ته لکندو به رهندو هو. وري شام جو گهران نڪري، بازار مان ٻاجي پُتي وٺي گهر ڏيئي، سخي شاهه جمال واري مئخاني تي اچي ويهندو هو. سرويچ جي

شهادت کان پوءِ اهو لطف جو روز جو معمول هو.

ڪڏهن به لڳن تي لحم نه چاڙهيائين ... “هنج هميشه ڏُبرا ...” هونئن به مڙس سنگل پاسيري هو پر پنهنجي ڳڀرو پُٽ جي شهادت کانپوءِ جسماني طور گهڻو ڪمزور ٿي ويو هو. هاڻي سندس سماعتون به متاثر ٿيڻ لڳيون هيون، البت هن جو حوصلو ڪڏهن به هيٺو ڪونه ٿيو.

سرويچ جي شهادت تي سڄي سنڌ ساڻس سور ونڊي هئي. سڀني ساڻس پير ڀريو هو، البت ويجهن عزيزن ۽ رشتيدارن دلاسا ۽ دلداريون ڏيڻ بدران ڪيس لفظن جا ڏنڀ ڏئي ڏکويو هو: “... گهڻو ڀڄجي تن کي، جن وٺان هوت وڃن ...” پر ان جي ابتڙ، اهي ڪيس چوندا هئا ته: “سرويچ جي شهادت جو ذميوار تون پاڻ آهين. تو ٻارن جي تربيت ئي اهڙي ڪئي ... ڪين روڪڻ بدران ويتر سندن ساٿاري ٿي بڻئين...!” تڏهن پائو لطف چوندو هو: “يار، سرويچ کي باغي مون نه پر ٿتائي سرڪار بڻايو. جيڪڏهن شاهه سائين رسالو نه لکي ها ته نه آئون ئي ڦٽڪا کاوان ها ۽ نه ئي سوين سرويچ جاڳي واڻي جيري ۾ پون ها. جيستائين ظلم ۽ ناانصافي هوندي تيستائين سرويچ پٽ باغي بڻجندا رهندا، جو ڪين حوصلي ڏيڻ وارو اصل محرڪ موجود آهي، جيڪو انهن کي آڏي ڏال ڏارڻ بدران ويريءَ مٿان وار ڪرڻ جو ڏس ڏيندو رهي ٿو.”

پائو لطف، سرويچ جي پهرين ورسي پنهنجي پاران ملهائڻ جو اعلان ڪيو. شاهه سائينءَ جي راڳائي فقيرن کي پروگرام جي دعوت به ڏئي آيو هو پر هن واري اعلان جي ٻن ڏينهن کان پوءِ هڪ سياسي جماعت ساڳئي ڏينهن ۽ ساڳئي هنڌ تي سرويچ ۽ ٻين شهيدن جي ورسي پروگرام جو اعلان ڪيو ته هن راڳ جو پروگرام ڪينسل ڪري ڇڏيو. ان ڏينهن پروگرام ختم ٿيندي ئي ورديءَ وارن ٻلهڙيجيءَ تي چڙهائي ڪري شاگرد اڳواڻ حفيظ پيرزادي کي گرفتار ڪري ورتو. لطف ان واقعي کي ائين محسوس ڪيو ڄڻ سرويچ کي ٻيهر ڪنهي گم ڪيو ويو هجي.

سرويچ جي شهادت کان پوءِ پائو لطف شاهه سائينءَ جا ٽي ميلا ڪيا. هونئن ته هر ميلي کان هفتو کن اڳ اچي پٽ شاهه پهچندو هو ۽ ميلي کان پوءِ به هفتو کن رهي پوندو هو. سڄي شهر مان هٿ ڪيل ڪاڏي پيتي جا ٿانوَ،

هنڌ ڪنولا، رليون، گودڙيون، تڪيا وهاڻا، چادرون ۽ توشڪون؛ مطلب تہ هر شيءِ ڏٽين ڪي سنڀالي ڏئي، حساب ڪتاب چڏائي، سيدن فقيرن کان موڪلائي پوءِ نڪرندو هو پر پويان ٽي ورهيہ هن مختصر ميلا ڪيا. ہ ڏينهن مس رهي ڳوٺ يا ڪراچيءَ هليو ويندو هو. سرير جي صحت ڪيس گهڻي اوجاڳي جي اجازت نہ پئي ڏني. توڙي جو پاڻ نشا پتا ڇڏي چڪو هو پر سنگت لاءِ بندوبست ڪرڻو پوندو هئس.

لطف بي سمرن جو سمر هو. قرض ڪٽي بہ ڪتل دوست جي پورت ڪبي. 2017ع ۾ شاهہ جو آخري ميلو ڪيائين. اتي ڪن دوستن کان اڌارا ڏوڪڙ وٺي فقراءَ ڪي شاميانا ۽ ٻيو سامان وٺي ڏنائين. منهنجي ڀاءُ انصار جي وفات تي دعا گهرڻ لاءِ ڳوٺ ڪرم خان نظاماڻيءَ کان منهنجا دوست مظهر شيخ، اسد الله نظاماڻي، علي بخش سڪندر ۽ خالد نظاماڻي ٻلهڙيجيءَ آيا تہ ٻئي ڏهاڙي واپسيءَ تي ڪين دڪاندار لاءِ پئسا ڏنائين. مون چيس: ”پائو، ميلي ۾ ڪجهہ مهينا تہ وچي بچيا آهن، اتي هلي قرض لاهي ڇڏيندا سين.“ چوڻ لڳو: ”نہ يار، هُنن کي متان ضرورت هجي، ٻيو تہ حياتيءَ تي بہ ڀروسو ناهي. سانگي سان سنگت آئي آهي، اهو بار لٿل هجي تہ ڀلو.“

پائو لطف وڏي جگر وارو شخص هو. گهڻو وقت سرويچ جي مزار جي سيوا ۾ مصروف رهندو هو. پر ماڻهو جڏهن ڪانئس ان بابت پڇندا هئا تہ دل جو سور دل ۾ لڪائي، ڪين سرويچ جي ڪنيجڻ کان وٺي شهادت تائين سڄي ڳالهہ ايئن ٻڌائيندو هو جڻ ڪو خاطو پرائي وارتا بيان ڪندو هجي. ٻڌندڙ روئي ويهندا هئا پر پائو لطف لڙڪ نہ لاڙيندو هو.

سور پريائين سي، ڳالهہ ڪيائين جن سين...

هزارين سور اندر ۾ سانديل هئس. مجال آ جو ڀاڦ بہ ٻاهر ڪڍي.

حياتيءَ جي پڇاڙڪن ڇئن سالن واري عرصي دوران ڪراچي يا ڳوٺ ۾ رهيو. ڪراچيءَ ۾ سندس ٻئي پٽ (عنايت ۽ شعور) سوٽ ميهر، ماما، ماروٺ، ماسات ۽ ڀڳاٽ رهندا آهن. ڳوٺ کان وڌيڪ هن لاءِ ڪراچي بهتر هئي چاڪاڻ جو اتي هن جو وقت تي دوا درمل ٿي پئي سگهيو. اتي هن کي لکڻ پڙهڻ کان سواءِ ٻيو ڪم نہ هو. يار تان گهر جو ڪم بہ معاف هو. بس، فقط لکڻ پڙهڻ ئي هن جو مشغلو هو. پوئين ٽن ڇئن سالن دوران هن، شاهہ سائين ۽

شاهه ڪريم جي شاعريءَ تي تحقيقي مضمونن کان علاوه ٻين به ڪيترن ئي موضوعن تي لڳاتار لکيو. آئون ڪيس پنهنجي آتم ڪٿا لکڻ لاءِ ستائيندو رهندو هئس. مون کي خبر هئي ته پائو لطف اهو ڪم ڪراچيءَ ۾ رهندي ئي ڪري سگهي پيو. ان ڪري منهنجي خواهش هوندي هئي ته ڪراچيءَ ۾ رهي پر ڳوٺ ۾ سندس ٻالڪا هن لاءِ پريشان هوندا هئا، جن جو هي مسيحا به هو ته ڀرجهلو به. همراهن سان ڪهڙو به مسئلو هجي، هن سان ضرور سليندا هئا ۽ هي به سندن آزار ختم ڪرڻ لاءِ وسئون نه گهٽائيندو هو. جنهن جهڙي تڪليف بيان ڪئي، ان مهل ئي قلم ڪڍي نسخو لکڻ لڳندو. همراهن کي هن ۾ ايترو ويساهه هوندو هو جو ڀلي ته پاڻهي ڄاڻي ٽيڪ تي وڃن پر ڪمال هن جي وڏق ۽ سنڌ واري نسخي جو سمجهن. ها، ان مهل پريشاني ضرور ٿيندي هئس جڏهن مون پارو ڪو سنگتي ڪا مجبوري بيان ڪري ڪانئس ڏوڪڙ گهرندو هو، جو هُو پاڻ به ڪنگل هوندو هو پر وس ڪري مسئلو حل ڪري ڏيندو هو. ان ڪري سنگت جي خواهش هوندي هئي ته لطف هِت گهرجي ۽ سچ ته مون کي به هن جي ورونهن جي ٻاڙ لڳندي هئي. خوش دلي ۽ مزاح واري حس آخر تائين برقرار رهيس. ڪڏهن ته ڪلائي ڪلائي ڪيرو ڪري ڇڏيندو هو ۽ ڪڏهن وري اهڙا قصا ڇيڙيندو هو جو ڳلن تان هنج هٽندا ئي نه هئا.

شاهه جا بيت هن جي ڪمزوري هئا. جڏهن ڇڳيءَ مهل تائين بيت نه ٻڌندو ته شاهه جي راڳائي فقيرن وانگر هونگر ڏيندو هو:”وو ميان ...“ ان جو مطلب اهو هوندو هو ته ٻيلي، پٽائيءَ جو بيت ته ٻڌايو ... ۽ پوءِ شاهه سائينءَ تي ڪچهري شروع ٿي ويندي هئي.

وصال کان ڪجهه ڏينهن اڳ سندس زرعي زمين تي مسئلو ٿيو. هن ڪچي واري پنهنجي حصي جي ٻني پيڙهياتن هارين کي وڪٽي ڏني هئي. هنن ڪيترا سال فصل کنيو پر ڏوڪڙ نه ڏنائونس. نيٺ همراهه سان اهو ڦڏو ڪيائون ته سندس زمين جاٽايل ايراضيءَ کان ٿوري آهي، جنهن جي ٻيهر ماپ ٿيڻ گهرجي. هي پنهنجي سنگت وارن کي ٻڌائي آيو ته ڦلاٽي ڏينهن ٻنيءَ جي ماپ ٿيندي، اوهان به گڏ هججو. ان ڏينهن پاڻ منهنجي ننڍي ڀاءُ اسرار عرف منوءَ سان موٽر سائيڪل تي چڙهي ڪچي ويو. پٽڻ

توڙي دڳ تي ساڻن سنگت مان ڪوبہ ماڻهو نہ ٽڪريو، جنهن تي مايوسيءَ جو اظهار ڪندي چوڻ لڳو:”منو، ماڻهو شل غريب نہ ٿئي. ڏس، چوڻ جي باوجود بہ ڪوئي نہ آيو، هاڻي پاڻ ٻن ڄڻن جي ڪهڙي ڳالهہ هلندي...“ سرزمين تي جو پهتا، ڏسن تہ حفيظ پيرزادي، انور جونيئر، اظهارُ مامي بشير سميت ويهارو ڪن همراه ويٺا آهن. هن کي ڏسندي حيدري نعري سان آجيان ڪيائون تہ خوشيءَ مان لڙڪ لڙي پيس ۽ منوءَ ڏي ڏسي چوڻ لڳو: ”چوري اجايو پاڻ کي نِڌڻڪي سمجهي رهي هئي، يار، اها تہ ڏڏڪي آ...!“

پاڻو لطف جا بلڙي شاهہ ڪريم ۽ ميران پور جهوڪ ڏي بہ پنڌ هوندا هئا. هڪ ميلي ۾ جهوڪ جو گادي نشين پنهنجي مخصوص بيٺڪ ۾ چونڊ ماڻهن سان راڳ جي محفل ٻڌي رهيو هو ۽ عام خلق کي اتي وڃڻ جي اجازت نہ هئي. ان تي پاڻوءَ چيو ”هي ڪم شاهہ شهيد جي فڪر جي بنهہ ابتڙ آهي. صوفي سائين حاڪمن، وڏيرن، پيرن، سردارن ۽ ڪامورن سان ناتا ٽوڙي عام ماڻهن ۽ هارين نارين سان پيچ پاتو ۽ سندن اڄوڪا گادي نشين وري عام آزاريندڙن جي گهيري ۾ آهي.“ صوفين لاءِ مرشد ئي سڀ ڪجهہ هوندو آهي، ان ڪري ڪين پاڻوءَ جي ڳالهہ تي ڏاڍي منيان لڳي پر ماٺ رهيا جو لطف سراسر سچ چيو هو ۽ ان معاملي ۾ ڪابہ مصلحت نہ ڪندو هو.

9 سيپٽمبر 2018 تي ڳوٺ جي هاڪاري ڪردار مرحوم قربان پيرزادي جي سالگره ملهائي ويئي جتي هن زندگيءَ جي آخري تقرير ڪئي. ان ڏينهن هن قربان صاحب جون ساروٽيون سارينديَ ڪيس ڀِٽائيءَ جي بيتن ۽ لڙڪن سان ڀيٽا پيش ڪئي. ان بعد هن ۾ ٻاروتڻ وارو شوخ ۽ چلولو لطف سمائجي ويو. هن پنهنجي ننڍپڻ جي يار غلام حيدر پيرزادي عرف ڏاڏي هادن سان اهڙا چرچا ڪيا جو سيني جا پيٽ ۾ هٽ هجن ... ٻئي ڏينهن 28 ذوالحج جي تاريخ هئي. محرم ۾ اڃا بہ ڏينهن هئا. اسان جيئن ئي مئخاني تي آياسين تہ مامي سرور چيو: ”يار، اڳي اوهان محرم ۾ ڪيڏارو پڙهندا هيئو، محرم بہ گهٽو پري ناهي پر دل چئي ٿي اسان کي اڄ ئي ڪيڏارو ٻڌايو.“ لطف جو حافظو بہ گهٽجي ويو هو پر بيت ياد ايندا ويس. محرم کان اڳ ئي موڪلاڻي طئي هئي، ان ڪري هن آخري ڪيڏارو پڙهيو. بيت پڙهندي رسالي واري ترتيب نہ رهي ۽ هن سرويچ جي مزار ڏانهن نهاريندي

**ڪيڏاري جو آخري بيت پڙهيو:**

**منهن مٺاهان جن جا، سي پِٽيو ڪين پار**
**جيڏيون! هن جهونجهار، اجاري اڄا ڪيا.**

**صبح جو جاڳي دستور موجب ڪير ۾ گل وٺڻ لاءِ بازار ويو. واپس گهر پهچي پنهنجي وڏي ڌيءَ سمبل کي چيائين: ”امي، ڪنڌ کي ته زور ڏي، لڳي ٿو معدي ۾ ٿوري تڪليف ٿي پئي آهي...“ سمبل زور ڏيندي ٻن منٽن کان پوءِ ساڻس ڳالهايو. تيسين هو پيا جي ديس پهچي چڪو هو.**

## پبلشر نوٽ:

انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ واري انقلاب ۽ سوشل ميڊيا جي يلغار باوجود، ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو جاري آهي. هڪ پاسي هر ٻيو ماڻهوءِ راءِ جو اظهار ڪندي نظر اچي ٿو ته ڪتاب پڙهڻ جو رجحان ڏينهون ڏينهن گهٽجندو پيو وڃي ۽ انٽرنيٽ ذريعي دنيا جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ ٿيندڙ اُٿل پٿل کان سيڪنڊن اندر آگاهه ٿيڻ جي آساني ميسر ٿي پئي آهي، ڪتابن جي اڳ واري اهميت نه رهي آهي. ٻئي پاسي هيءَ به حقيقت آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف موضوعن تي ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. اشاعتي ادارا اڄ کان چاليهارو سال اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ پروفيشنل انداز ۾ ڪم ڪندي نظر اچن ٿا. ان کان علاوه انفرادي سطح تي پڻ ڪتابن جي اشاعت جاري آهي. اهڙي صورتحال ۾ سوال ٿو پيدا ٿئي ته جيڪڏهن ڪتابن پڙهڻ جو لاڙو گهٽجي ويو آهي ته پوءِ اهو اشاعتي سلسلو لڳاتار ڪيئن جاري آهي؟ جيڪڏهن پڙهندڙن جو تعداد نالي ماتر رهجي ويو آهي ته پوءِ اهڙي خساري واري مشق ايتري عرصي کان ڪهڙي ڪارج لاءِ جاري آهي. اسان جي خيال ۾ نه ته ڪتابن پڙهڻ جي رجحان ۾ ڪا ماٺار آئي آهي، نه وري انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ جو سيلاب ڪتابي دنيا کي لوڙهي ڪٽي ويو آهي. دراصل ان قسم جا سوال گهڻو ڪري اهي ماڻهو اٿاريندا رهندا آهن جن پاڻ ڪتاب پڙهڻ ڇڏي ڏنا آهن. ويجهي ماضيءَ ۾ سياسي طور انتهائي سرگرم رهندڙ انهن ماڻهن جون ترجيحون تبديل ٿي چڪيون آهن، ڪتابن سان سندن اڳوڻو چاهه ختم ٿي ويو آهي. ان ڪري هنن پنهنجي طور اهو مفروضو قائم ڪري ورتو آهي ته هاڻي ماڻهو ڪتاب پڙهڻ تان هٿ ڪڍي ويا آهن! حقيقت اها آهي ته اڄ به ڪتاب ڇپجن ۽ پڙهجن پيا. ها، البت پڙهندڙ ڪنهن حد تائين تبديل ضرور ٿيا آهن. فيشني انداز ۾ ان قسم جا سوال اٿارڻ بدران ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته معياري ادب جي هر سطح تي پذيرائيءَ لاءِ ڪوششون تيز ٿيڻ گهرجن. ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم

جو لحاظ ڪرڻ بدران بي ريا ٿي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو وڃي ته جيئن صحتمند تنقيدي روايتن کي سگهارو بڻائي سگهجي.

”مرڪ پبليڪيشن“ جي وس آهر اها ڪوشش رهي آهي ته معياري مواد پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچي. پلوڙ نثرنگار محترم اقرار پيرزادي جو خاڪن تي ٻڌل هيءُ ڪتاب ان سلسلي جي اهم ڪڙيءَ طور پيش ڪندي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون. ڇو ته هھڙو ڪلاسيڪل نثر اها سگهه رکي ٿو جنهن سان ڪتابن کان بددل ٿيڻ واري بي جواز تاثر جو ازالو ممڪن آهي.

**مرتضيٰ لغاري**

03005182494

# مهاڳ

حيرت جو هڪ سبب اڻ تيٽِي ڳالھ جو تي پوڻ هوندو آهي. اقرار پيرزادي جا لکيل خاڪا پڙهي لڳو تو اڻ تيٽيون ڳالهيون تي پيون آهن پر مون کي حيرت ان ڪري تي جو ان ڳوٺ بابت ٻڌل ڳالهيون ڪنهن حد تائين مون اڳيان تي چڪيون هيون. ويھ سال لاڙڪاڻي ۾ پڙهندي پڙهائيندي ڪيترن ئي دوستن سان ڪچهريون ٿيون. مون ان پراسرار ڳوٺ بابت گهڻو ڪجھ ٻڌو هيو پر اقرار اڃا بہ گهڻو ڪجھ ٻڌايو آهي. منهنجي تصور ۾ ٻلهڙيجي گارشيا جي ڳوٺ "ماڪوندو" کان مختلف نہ آهي.

گارشيا جي ٽن عظيم ناولن جو مرڪز ماڪوندو جو ڳوٺ آهي. هو، ڦري گهري ڳالھ اچي ماڪوندو جي ڳوٺ تي کُتائي ٿو. هُن وٽ ورجاءُ ان ڪري آهي جو ماڪوندو ڪوهيڙي جيان سندس من کي ويڙهيل آهي ۽ هر جادوئي ڏيک ۾ پراسراريت پردي پويان موجود آهي. اقرار بہ اهڙي ڳوٺ جا در کوليا آهن. لاتعداد لافاني ۽ هر ڪردار سان جُڙيل انيڪ ڪهاڻيون. هيءُ ڪتاب نہ آهي، اکيون آهن ۽ اهي اکيون هر صفحي مان ٻاهر نهاري ڪجھ ٻڌائڻ چاهين ٿيون.

ناستلجائي ڪتاب ڄڻ قبرستان هوندا آهن ۽ هر صفحي جي قبر مان ماضيءَ جو آواز اگربتيءَ جي دونهين جيان اپري اکيچار دائرا ٺاهي نت نوَن منظرن ۾ تبديل ٿيندو رهندو آهي. ڏک جون لهرون جسم ۾ چوليون هڻي اکين مان پلتجي پونديون آهن. ماڻهو مٽيءَ ۾ دفن ٿئي ٿو ۽ يادون ڪتابن ۾. مٽيءَ ۾ دفن تي ماڻهو مِٽجي وڃي ٿو ۽ ڪتابن ۾ اچي جيئرو تي پوي ٿو. وڏڙا جيئرا آهن تہ نندڙا انهن جي ميراث آهن، وڏڙا گذاري وڃن ٿا تہ نندڙا انهن جا وارث آهن. سندن يادون اسان جي ميراث آهن ۽ اقرار پنهنجو فرض نڀائيندي هر هڪ ڪردار کي ائين ساريو آهي جو اهو يادگيرين ۾ سمائجي ٻيهر جيئرو تي پيو آهي.

هڪ ڳوٺ ۽ ان چوڌاري ايڏا منفرد ڪردار! منهنجي بدنصيبي چئجي

جو ان ڳوٺ ۾ پيدا نہ ٿيس نہ تہ انهن ڪردارن تي گهٽ ۾ گهٽ ويهہ ناول تہ ضرور لکان ها.

منهنجو ڳوٺ منهنجن وڏڙن جو ڳوٺ هو. مان شهر ۾ جايس ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڳوٺ وڃڻ ٿيندو هو. اُن ڳوٺ جا ڪردار اڄ بہ منهنجي ذهن ۾ آهن، جڏهن تہ شهر جا ڪردار دونهين ۽ رش ۾ گم ٿي چڪا آهن. منهنجين ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ ان ڳوٺ جو ذڪر آهي. افسوس! اهو ڳوٺ هئو پر هاڻي ڳوٺ نہ رهيو آهي. ڪجهہ عرصو اڳ اُتي وڃڻ ٿيو. ماڻهو نظر آيا، پڪي نظر نہ آيا.

اقرار جا خاڪا پڙهي مان ان رستي ۾ تبديل ٿي ويو آهيان جيڪو منهنجي ڳوٺ ڏي ويندو هو. ان رستي جي پاسي ۾ هڪ پراڻو خشڪ کوهہ هو. ماڻهو مٿل اٽ ان کوهہ ۾ اڇلائيندا هئا. کوهہ مٿان ڪبڙ جي ڏنگن ڦڏن وڻن ۾ پاريهرن جي اکين جهڙا ڳاڙها پيرون، موسم جي سموري سموري سواد ڪي جذب ڪيو پڪين ڪي پاڻ ڏي سڏيندا رهندا هئا. ان کوهہ مان ڪڏهن بہ مٿل اٽن جي بوءِ نہ آئي. ماضي بہ اهڙي کوهہ جيان آهي جنهن ۾ يادن جا اٽ دفن آهن. اٽ، جن تي ڪڏهن حال سواري ڪئي ۽ اسين وقت جو مستقبل، جيڪي حال ۾ ويهي انهن ڪي ساريون ٿا.

”سامي سُهاڳي“ ڪان اڳ مون اقرار پيرزادي جو هِن ڪان پهريان شايع ٿيل ڪتاب ”جن سين لنئُون لاڳي“ پڙهيو، جنهن ۾ هن جو پنهنجي والد صاحب، اڪن پيرزادي تي لکيل خاڪو پڙهي تعجب ۾ پئجي ويس ڇو جو ڪجهہ لکندڙن جون لکڻ وقت همدرديون ڪردارن سان هونديون آهن. اهي وچٽرو قلم نہ هلائيندا آهن پر اقرار جنهن طريقي سان لکي ٿو، ان طريقي ۾ ڪا بہ طرفداري نہ آهي، پڙهندڙ پاڻ منصف ٿي راءِ قائم ڪري ٿو تہ اهو ڪردار ڪهڙي حيثيت لهڻي. پڙهندڙ پاڻ ان ڪردار جي گُڻن اوگڻن جي ڪٽ ڪري ٿو.

هي خاڪا پڙهي محسوس ٿيو تہ رنگ، رنگ سان ملي هڪ نئين رنگ ۾ ظاهر ٿئي ٿو.

سنڌ جا ڪي ڳوٺ اهڙا آهن جن ۾ رهندڙ سڀ مذهبي خيال ملان نظر ايندا، سندن مقصد نماز پڙهڻ ۽ پڙهائڻ آهي. ڪي اهڙا ڳوٺ بہ آهن جن ۾

موالين جي اڪثريت آهي پر ٻلهڙيجيءَ جو رنگ ڏسي يقين نٿو اچي ته سنڌ جي ڪنهن ڳوٺ ۾ ماڻهن کي اهڙو مختلف ماحول به ميسر آهي: راڳ رنگ جون محفلون، ساز ۽ آواز، وقت جي مشهور ڳائڻن ۽ ڳائڻين جا ڏاڍا ... ائين لڳي ٿو ڄڻ ڳوٺ جو هر ڪردار هڪ آرٽسٽ آهي. شعر ۽ ادب ته پنهنجي جاءِ تي پر فن جي ٻين صنفن سان لڳاءُ هِنن ڳوٺاڻن جو غيرروايتي پٽو آهي. اقرار ڪردارن جي نفسياتي روين کي جنهن ڏانءُ سان بيان ڪري ٿو، اهو ڏانءُ فطرت جي ويجهو نظر اچي ٿو. هن وٽ وڏاءُ نه آهي پر ڪردار جيئن آهن تيئن سچائيءَ سان ظاهر ٿين ٿا. هو ٿورن لفظن ۾ گهڻو ڪجهه بيان ڪري ٿو. هن جون يادگيريون اهڙو ڪشادو ميدان آهن، جنهن ۾ ڪردار پنهنجي پنهنجي خوبين توڙي خامين سميت آسانيءَ سان سمائجي وڃن ٿا، جيئن هي ٻڌائي ٿو ته سلامت علي خان پنهنجي پٽ شرافت علي خان کي جمندي ئي ڪن ۾ سمپورڻ راڳڻيءَ جي اذان ڏني هئي. ايئن ئي اقرار به هيءُ ڪتاب لکي پڙهندڙن جي ڪن ۾ سرٻاٽ ڪيو آهي ۽ ان سرٻاٽ کي پڙهندڙ ماضيءَ جي پراسرار گونج جيئن ڪنائيندا رهندا.

اقرار پيرزادي کي هر ساز ۽ ان جي ادائيگيءَ جي باري ۾ ڄاڻ آهي. هر ڪردار جي هر ڳالهه سندس ذهن ۾ آهي. هن جو حافظو تيز آهي جيڪو هر منظر سان نروار ٿيندو رهي ٿو.

ڪاريهر فقير جيڪو يڪتاري ۽ چپڙيءَ تي ڳائيندڙ فنڪار هو، ان جي ڇهري جي منظر نگاري، الميو ۽ ڳائڻ جو انداز، ڪيس هڪ منظر جيان سامهون آڻي ٿو.

ڪلاونت واپاري ڪتنب جي باري ۾ هو لکي ٿو: “چوندا آهن فنڪار سنو دڪاندار نٿو ٿئي پر منهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ هڪ ڪلاونت ڪتنب ٽن پيڙهين تائين فن ۽ دوڪانداريءَ سان واهه جو نڀايو.”

اهو سچ آهي ته فنڪار دنيا ۾ ٻڪ مري ٿو، خاص ڪري سنڌ ۾، جتي فن جو قدر نه آهي پر هڪ اهڙي ڪتنب جو ذڪر جيڪو فن سان لاڳاپيل هوندي به پنهنجن پيرن تي بيٺل هو، فنڪارن لاءِ حوصلي جو سنيهو آهي.

اقرار پيرزادي جا ڪردار عام رواجي انسان آهن ۽ اهي اهڙي زندگي گذاري آيا آهن جيڪا زندگي انهن کي الڳ ڪري، اڳيان آڻي ٿي. اهي

متي ۽ ڳوڙهن جا ڳوٿل ماڻهو، جن جو لباس بہ متي آهي. بظاهر ميرا پر اندر جا اجرا ۽ ماضيءَ جي ڌوڙ ۾ دفن ٿي ويل ... سندن اکيون ۽ چپ. ڏسندڙ، ڳالهائيندڙ. پيچرن تي ڇڏيل سندن پيرن جا نشان ۽ انهن نشانن ۾ يادن جي ڌڙڪندڙ دل لحظو لحظو، لمحو لمحو ۽ گهڙي گهڙي، گهڙيال جي پوئتي ڦرندڙ ڪانٽن ۾ صدا بنجي گونجي ٿي.

اقرار ٻلهڙيجيءَ جي ماڇين جا ڀوڳ بيان ڪندي لکي ٿو: ”هِنن وٽ چرچن جي معاملي ۾ نندي وڏائيءَ جو لحاظ ڪار نہ آهي، نهي آيو تہ پٽ پيءُ کي ڀوڳ وهائي ڪيندو. ان ۾ ڪنهن سان بہ ڪا رعايت نہ ٿيندي. رڳو مڙس ڊاڪ تي چڙهي اچي، اصل متو متي تي ايندس. گفتو نڪرندي ئي ڪچهريءَ ۾ موجود هر ماڻهوءَ جا پيٽ ۾ هٿ هوندا، اصل کُڙيون پيون لڳنديون پر مجال آهي جو پاڻ ڳالهہ پوري ڪرڻ کان اڳ کِلن.“

اقرار وٽ ڪردار نگاريءَ جو ڏانءُ آهي. هر ڪردار حقيقت جو روپ وٺي سامهون اچي ٿو. ”سيدن جا قصا“ ۾، هو انهن جا عجيب ۽ غريب داستان بيان ڪري ٿو. سيد جيئندل شاهہ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: ”اڪثر سرخ رنگ جي ٻلي گهوڙي تي سوار هوندو هو. متي تي سدائين پٽڪو ٻڌل هوندو هئس. سائينءَ جي ڪرائيءَ ۾ بهترين واچ ٻڌل هوندي هئي پر ڪيس ٽائيم جي خبر نہ پوندي هئي. جڏهن ڪو ڪانئس ٽائيم پڇندو هو تہ، واچ ان جي آڏو جهلي چوندو هو: چڱو مون کي بہ ٻڌاءِ تہ ٽائيم گهڻو ٿيو آهي.“ اهڙي طرح انهن منفرد ڪردارن جي لڪيل نفسيات، وضاحت کان سواءِ پاڻ ظاهر ٿي سامهون اچي ٿي. مزاح جا عنصر پڙهندڙ کي تازو رکن ٿا جنهن ڪري هي خاڪا پڙهندي ٿڪاوٽ محسوس نٿي ٿئي. جيئن سيد ڪاشل شاهہ واري خاڪي ڏسي ٿو تہ ملان هارون سومرو نماز پڙهي موالين جي ڪونڊي مان ڏوڏيءَ جو گلاس ڀري پِي وڃي ٿو ۽ ان جي جاءِ تي گهڙي مان اوتري ئي مقدار ۾ پاڻي ڀري ڪونڊي ۾ وجهي، واردات ڦٽائي گم ٿي وڃي ٿو. هوڏانهن ڏوڏيءَ جا موالي ڪاشل شاهہ، وڏيرو حسن علي ۽ ملان جمن جڏهن ان پاڻيءَ مليل ڪونڊي مان ڏوڏي پيئن ٿا تہ ڪين نشو نٿو ٿئي!

هو فقيرن، پيرن ۽ سيدن جا قصا بيان ڪري ٿو جن مان ڪي سخي آهن تہ ڪي بخيل. سندس لکڻين مان لڳي ٿو تہ هن انهن جي ويجهو رهي

مشاهدو ڪيو آهي. هن وٽ ويڇن جي وِچا جا قصا پڻ آهن، جيئن حاجي فقير ڪلهوڙو، جيڪو حڪمت سان گڏ ستارن جو علم به ڄاڻي ٿو.

الاهي بخش ڏيڏيءَ جهڙا ڪردار مون به ڏٺا جن وٽ مخصوص نعرو هوندو هو. ان ئي خاڪي ۾ ڪنزرويٽر صديقيءَ جو دڪدائڪ واقعو جنهن ڪي نيٽ فقير ڪان معافي وٺڻي پيئي هئي.

ڪلڪل فقير جيڪو مائين ڪان نفرت ڪري ٿو. ماچين، ڪاسائين، موچين ۽ عورتن سان هٿ نٿو ملائي. ان وٽ پنهنجا وهم ۽ عقيدا آهن، سنس خيال موجب ڪنهن ڪان به ڪاٻي هٿ سان ڪا شيءِ نه وٺبي، نه ڏبي. ڪچهريءَ ۾ ڪنهن کي ڪانپ ڪڍي ويهڻ نه ڏيندو. ڪو هٿن ۾ مندا ڏئي وينو ته ان کي چڙٻ ڏيندو. گهر واريءَ جي وفات ڪان پوءِ ان جو پاڙي واري مائي خيران سان جهيڙو.

انور پيرزادي، مير محمد پيرزادي ۽ قربان پيرزادي جا خاڪا پڙهي يقين نٿو اچي ته اهڙا املھ ماڻهو ڏيھ ڇڏي ويا.

ان لڪيل پڙهيل ڳوٺ جي نوجوانن جون قربانيون به اڻ ڳڻت آهن. ڪنيجڻ ڪان پوءِ جون پيڙائون ۽ عظيم شهادتون ڪنهن ڪان وسرڻ جهڙيون نه آهن.

هي خاڪا پڙهڻ ڪان پوءِ ائين لڳي رهيو آهي ڄڻ مون ڪتاب نه پڙهيو هجي پر اهڙي ميلي مان موٽيو هجان جنهن ۾ ڪيترائي ماڻهو مرڪندا هجن، روئيندا هجن، ڳائيندا هجن، ملاڪڙا هجن. ملان، موالي، ويڄ، پوڳائي، پير مريد، استاد شاگرد، اديب شاعر، شهيد ۽ سورهيہ سرويچ گهمندي ڦرندي نظر آيا هجن.

هيءُ ڪتاب ان ڪري به منفرد جو سنڌي ادب ۾ شخصيتن کي ايئن ياد نه ڪيو ويندو آهي جيئن اقرار پيرزادي هتي انهن کي ياد ڪيو آهي.

**رسول ميمڻ**

ڪراچي

5 اپريل 2019، ڪراچي

# ڏاڳي وانگي ٻانهن ۾ ويڙهجي ويندڙ نثر

تاريخي طور تي شاعرن ۽ اديبن جو، ٻلهڙيجي هڪ ڀيلو آهي! ٻلهڙيجي جيڪا ڳيريلي جي پاسي ۾ ڪنهن سپه سالار جيان بيٺل آهي ۽ موهن جي دڙي جي پير ۾ ڪنهن باغي مُلڪ وانگي آباد آهي... ٻلهڙيجيءَ جي شاعرن ۽ اديبن جي ڊگهي قطار ۾ اقرار پيرزادي جي نالو اُپ ۾ سانجهيئڙي جيان نمايان آهي. هو موهيندڙ ۽ نماڻو نثرنويس آهي... هن ڪتاب ۾ هُو وسريل يادگيرين سان ڀريل ۽ نينهن جي نيزي تان نثر لاهي نروار ٿيو آهي.سندس نثر هڪ ڪويل آهي!سندس سهٽي نثر جي ڪُوڪ سڄي ڪتاب ۾ پري پري تائين پکڙيل آهي. هي ڪتاب، نہ صرف هڪ ڪتاب آهي پر تاريخ جي ڪليل هڪ نئين دري بہ آهي انهن شخصيتن جي باري ۾، جيڪي ٻلهڙيجيءَ جي ٻانهن ۾ وڏا ٿيا، جيڪي سنڌ ۾ سَلي وانگي ڦُٽي اُپريا ۽ سنڌ کان ٻاهر جا زنده دل پڻ!

خاڪن جو ڪتاب نثرنويس جي پاران ڪنهن شخصيت جو ٺاهيل پورٽريٽ هوندو آهي. هن ڪتاب ۾ تمام گهٽيون تصويرون ۽ پورٽريٽ آهن جن مان هر ڪنهن جو پنهنجو رنگ ۽ ڪئنواس آهي. خاڪن جي ڪتابن جي عالمي ليول تائين ادبي اهميت آهي. اوريانا فلاشيءَ جو "تاريخ سان ملاقات" هڪ حسين ڪتاب آهي، جيڪي نہ صرف انٽرويوز آهن پر آئون انهن کي خاڪا بہ چوندي آهيان ڇو جو اوريانا هر شخصيت جو انٽرويو پيش ڪرڻ کان اڳ ۾ ان شخصيت سان ملاقات ممڪن ٿي سگهڻ جي ڪهاڻي ۽ انهيءَ شخصيت متعلق پنهنجا ويچار نثر جو انتهائي اعلي نمونو اختيار ڪري لکيا آهن ۽ پوءِ انٽرويو ڏنو آهي، مثال طور: هوءَ هڪ جڳه تي جنرل گياپ جي متعلق لکي ٿي: "گياپ ايترو غيردلچسپ ماڻهو آهي جيترو هڪڙو برسات وارو ڏينهن ٿيندو آهي. "اهو ڪتاب دنيا جي چوڏهن مشهور شخصيتن جي انٽرويوز تي مشتمل آهي ۽ جڳ مشهور ڪتاب آهي. اهڙي

طرح هي ڪتاب پڻ شاندار خاڪن جو باغ آهي... اقرار پيرزادي ڪتاب جو نالو ﺑﻪ ڏاڍو سهڻوءِ چوندي رکيو آهي. ٻارن جا نالا رکڻ ڪان ﺑﻪ ڪتابن جا نالا رکڻ تمام ڏکيا هوندا آهن... پر هن ڪتاب جو نالو ڪنهن سهڻي پُٽ جي ڳولي ڳولي رکيل نالي ڪان گهٽ ﻧﻪ آهي: "سامي سهاڳي"

اقرار پيرزادي جا لکيل خاڪا پڙهي آئون هڪ اهڙي پراسرار دنيا ۾ داخل ٿي وڃان ٿي جيڪا هڪ جادوئي ۽ ڪلاسيڪل دنيا آهي، جنهن جي هڪ دري منهنجي ڳوٺ ۽ منهنجي ماضيءَ ڏانهن ﺑﻪ کُلي ٿي، جنهن ۾ هڪ هارمونيم آهي ۽ هارمونيم تي جيڪي هٿ آهن، انهن جهڙا هٿ مون وري ڪٿي ﺑﻪ ناهن ڏٺا ...هونءَ ﺗﻪ "سامي سهاڳي" جهڙا ڪردار سنڌ جي هر ڳوٺ ۾ موجود آهن پر اقرار پيرزادي جو اهو ڪمال آهي جو هن انهن سمورن ڪردارن کي يادگيرين جي لڙهيءَ ۾ پوئي ٻيهر زنده ڪري ڇڏيو آهي... درياه جو ذڪر پڙهي دل ﺑﻪ درياه جيان ٿي وڃي ٿي. اهو درياه جڏهن تو ڏٺو ﺗﻪ مٿان ڪان بادل پريا بينا هئا ۽پُسيل ٻيڙين تي سانوڻ وسي رهيو هو. درياه کي جڏهن مون ڏٺو ﺗﻪ چانڊوڪيءَ ۾ سُتو پيو هو، ٻيڙين ۾ گيت ٿي گُونجيا ۽ مڇين ٻُل ٿي ڏنا... بلڪل اهڙي طرح هن ڪتاب ۾ شامل درياه جهڙين شخصيتن جا اهي اجالي جهڙا پاسا اجاگر ڪيا ويا آهن جن کي جيئن اقرار پيرزادي ڏٺو... ﻧﻪ ﺗﻪ هونئن انهن مان ڪافي نالن ڪان اسين سڀ واقف آهيون پر انهن جي لکل ۽ خوبصورت پير تي اقرار جي نظر ايئن پئي آهي جيئن: "لڪڙياريون آگريون، ٻاروچاڙو پير، اڇو ڏنم سرتيون تازو پنهونءَ پير." جهڙي طرح "کهاڻي نثر ۾ چيل شعر آهي،" اهڙي طرح هيءُ ڪتاب ﺑﻪ سڄو افسانو يا ستعارن، ساموندي تشبيهن، خوبصورت تمثيلن ۽ سٽن ۾ چُرندڙ پُرندڙ۽پاسا بدلائيندڙ خيالن سان ڀريو پيو آهي...اقرار پيرزادي جو قلم جڏهن سِٽ جي سيني ۾ خنجر وانگي کُپي ٿو ﺗﻪ اتان يادگيرين جي رت ۾ رڱجي ٻاهر نڪري ٿو... (هيءَ اجائي، ظالماڻي لفاظي آهي... علي)

هن ڪتاب ۾ اهو سڀ ڪجهه آهي جيڪو هڪ فڪشن جي ڪتاب ۾ هجڻ گهرجي. هن ڪتاب ۾ راڳ جون يادگار محفلون آهن. هن ڪتاب ۾ دليون جوڙيندڙ شهنشاهه ڪلاڪار ۽ لوڪ موسيقيءَ جا بادشاهه پنهنجا خيما کوڙي ويٺل آهن. هن ڪتاب ۾ ڪاريهر فقير ڪان ويندي ماڻهن ڪان بيزار

جانور دوست سيلاني سبحان شاھ ۽ الڪيف شاھ جهڙا پراسرار مست الست ماڻهو بہ ڪانپ ڪڍي وينل آهن تہ مهدي حسن جهڙا بين الاقوامي شهرت يافتہ راڳي بہ ساريل آهن تہ ڪلڪل فقير جهڙن ماچين، موچين ۽ مائين جي دشمنن جهڙن عجب رنگ ڪردارن ڪان ويندي مُلاٽڪي گهر ۾ پيدا ٿيل موالي جهڙين ممتاز شخصيتن سان سڄو ڪتاب پنهنجي موج جي اوج تي بيٺل آهي. هن ڪتاب ۾ شاگردن ڪي سنهي ٻُھ مان ڪيندڙ سخت گير استاد بہ آهي تہ ڳڻن جا ڳهير تر واسي بہ ٿَڪُ يَجڻ لاءِ اچي گوڏو ڀِڃي وينا آهن. هن ڪتاب ۾ ڏيه جا ڏوتي، مال قربان حال قربان ڪرڻ جهڙا انوڪا ماڻهو بہ موجود آهن.

هن ڪتاب ۾ دنيا جا اهي ڏکايل ماڻهو بہ شامل آهن جيڪي چرچاءِ ڀوڳ ۽ چالاڪيون ڪندا آهن ... هي ڪتاب آرٽ جو بهترين نمونو آهي. هي ڪتاب ڪنهن سياسي وڏيري جي شان ۾ چيل ڪِريل قسم جو قصيدو ناهي، نہ ئي ڪنهن ڪمشنر جي مانَ ۾منت جهڙو ڪتاب آهي پر هي ڪتاب حقيقي زندگيءَ جو وارث ڪتاب آهي. هيءُ جهنگ جي جهانگين، پنڌ جي پانڌين، مسڪينن، فقيرن، بادشاهن، راڳدارين، شهنشاهن، طبلي نوازن، ملتاني ڪافين، موالين ۽ مولائين جو هڪڙو ڊگهو داستان آهي... هي ڪتاب روزمره جي گذرندڙ سچي زندگيءَ جي سامهون جهليل آئيني جهڙو ڪتاب آهي...

"سامي سُهاڳي" ۾ اقرار پيرزادي جي پيشڪش ۽ ڀهڳٽي ٻولي ڪتاب ۾ سون تي سهاڳي وارو ڪم ڪيو آهي... اچو تہ ٿورو سندس ڳالھ ڪرڻ جي انداز ۽ نثر جي نواڻ تي نظر وجهون:

" خالي پيٽ سان ماڻهو راڳ جو مقابلو نٿو ڪري سگهي. شرافت علي خان ڪان جڏهن سندس هڪ دوست سندس پسند جي شين بابت پڇيو تہ استاد معصوميت سان جواب ڏيندي چيو: گانا اور کانا. " يا... " هن ڪي پنهنجي والد جيان ملتاني ڪافيءَ تي دسترس هئي. خواجہ غلام فريد جا ٻول، شام چورا سي گهراڻي جو انگ ۽ لوڪ موسيقيءَ جو امتزاج ماڻهوءَ ڪي ونگ وجهڻ لاءِ ڪافي آهي "!

اها نثر جي اها سدابهار ٻولي آهي جيڪا ڪتاب ۽ ليکڪ کي ڪڏهن بہ مرڻ نٿي ڏئي، اها ٻولي ليکڪ ۽ ڪتاب جي عمر ِ لازوال جو ثبوت آهي.

هي ڪتاب اهڙي ئي نثر ۽ عجيب ترين واقعن ۽ ڪردارن سان هر پل ڇرڪ ڀرائيندو ۽حيران ڪندو رهي ٿو ... هن ڪتاب ۾ نثر جو حُسنِ ڪَمال پڙهي ماڻهو موٽي اچي ان جڳه تي بيهي رهي ٿو جتان ٿوري دير اڳ ۾ گم ٿي ويو هو!هي ڪتاب ماڻهوءَ کي مڪمل طرح گم ڪري ڇڏي ٿو. ڪتاب ۾ ڪابہ خوشي يا مصنوعيت ڳولڻ جي ڪوشش نہ ڪئي وڃي. آرٽ جي دوستن، مصنوعيت کان ونءُ ويندڙن ۽ مسڪينن، فقيرن، بادشاهن، راڳين، طبلي نوازن، ملتاني ڪافين، موالين ۽ مولائين جو جهان ڳوليندڙن کي خوش آمديد!

**روبينہ ابڙو**

# پنهنجي پاران

شخصي خاڪن تي ٻڌل منهنجو ٻيو ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي. پهريون ڪتاب”جن سين لنئون لاڳي“پنهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجي، مهيندڙي واري تر ۽ ڳوٺ سان پير پريندڙ ٻاهرين ڪردارن تي مشتمل هو، جنهن کي سڄي سنڌ پسند ڪيو ۽ بي حساب محبتون ڏنيون. ساڳئي وقت ان کي انجمن ترقي پسند مصنفين پاران انٿروپالاجيءَ جي شعبي۾ سال 2015 جي بهترينڪتاب جي ايوارڊ سان بہ نوازيو ويو.پهرئين ڪتاب جا ذري گهٽ سمورا ڪردار روائتي معنيٰ ۾ نالي چڙهيا نہ هوندي بہ پنهنجي پنهنجي ڪرت جا شاهہ ڪاريگر ۽ دلربا ماڻهو هئا. سمورا پورهيت طبقي سان واسطو رکندڙ ڪردار، جن جي دم سان هيءَ دنيا قائم آهي پر مٿن ٻنهہ گهٽ لکيو ويو آهي. آئون بہ ان ئي طبقي سان تعلق رکان ٿو ۽ منهنجو اٿڻ ويهڻ، کلڻ روئڻ بہ انهن مٿيءَ جي ماڻهن سان آهي. شايد اهو ئي سبب آهي جو مون انهن تي لکندي ڪڏهن بہ ڪا رڪاوٽ محسوس نہ ڪئي آهي. زندگيءَ ۾ پانت پانت جي ماڻهن سان ملڻ ٿيو. هر ماڻهوءَ جي پنهنجي پنهنجي ڪاڪ ۽ پنهنجو پنهنجو راڳو، پنهنجون پنهنجون عجب جيهيون عادتون، طور طريقا ۽ پنهنجو رنگ ڍنگ آهي؛ سڀ ڪنهن جي پنهنجي ڪرت ۽ پنهنجيپنهنجي ڪهاڻي آهي.تڏهن ئي تہ سهڻي شاعر اياز گل چيو آهي:

دک جي نہ پڄاڻي آ
هر شخص ڪهاڻي آ

سو، جڏهن هر انسان ڪهاڻي آهي تہ ان کي پنهنجي پنهنجي انداز ۾ بيان بہ ڪري سگهجي ٿو. ان تي ڪا ڪهاڻي، ڪو شعر، ڪو مضمون ۽ خاڪو بہ لکي سگهجي ٿو ۽ دل چاهيندي آ تہ هر ان ڪردار تي خاڪو لکان، جنهن پنهنجي ڏات / ڏانءُ سان مونکي متاثر ڪيو آهي. هي خاڪا پڙهندي

جيڪڏهن پڙهندڙ کي ڪردارجي تصوير ذهن ۾ چٽي وڃي ٿو ته اها ڪاميابي آهي پر جي خاڪو پڙهندي ڪردار واضح نٿو ٿئي ته اها خامي ۽ کوٽ آهي جنهن جي پڙهندڙ کي نشاندهي ڪرڻ گهرجي. ”سامي سهاڳي“ جا ٻه گهڻا ڪردار مٿيءَ هاڻا ماڻهو آهن جيڪي توهان کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ نظر ايندا. انهن جي ڪرت ۽ ڪم تي هِينئون حيرت ۾ پئجي ويندو پر مٿن قلم نه کنيو ويو آهي. اهي پنهنجي سمورين خوبين سميت مٽيءَ ماءُ ۾ سمائجي وڃن ٿا. جيڪڏهن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود اهڙن ڪردارن تي لکيو وڃي ته ٻِي دنيا کي، سنڌ کي سمجهڻ ۾ آساني ٿي پوندي. ”سامي سهاڳي“ ۾ ڪجهه اهڙا ڪردار آهن جن گهڻو ڪجهه حاصل ڪيو، نالو ڪمايو ۽ محبتون ماڻيون جن ۾ صحافي انور پيرزادو، شاعر ميرمحمد پيرزادو، لوڪ ادب جو وڏو نالو استاد ملوڪ عباسي، شهنشاهه غزل استاد مهدي حسن، ڪلاسيڪل گويو استاد شرافت علي خان، پهلوان شير ميربحر ۽ ٻيا شامل آهن. جن کان آئون گهڻو متاثر رهيو آهيان، انهن مان فقط استاد مهدي حسن اهڙو آهي جنهن جي چرن ڇُهڻ جي آس پوري نه ٿي، باقي سڀني سان منهنجي نيازمندي رهي.

هن ڪتاب ۾ شامل ڪجهه خاڪا مختصر ۽ ڪجهه تفصيل سان لکيل آهن، ان جو سبب اهو آهي ته جنهن شخص کي جيترو سڃاڻان يا ان جي باري ۾ جيترو تفصيل ملي سگهيو، ان تي ايترو لکيو اٿم. هن ڪتاب جا امر ڪردار سائين عبدالواحد ميمڻ، سبحان شاهه، استاد وريلداس تلريجا، چاچا سهراب چانديو، چاچا نواز علي ڪوسو ۽ سانوڻ هڱور جو منهنجي تر جا نه آهن پر سندن شخصيتن مون کي متاثر ڪيو، جنهن ڪري کين هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو اٿم.

ماڻهو ماڻهو آهي، ان ۾ چڱايون به آهن ته لڱايون به آهن. عيب به آهن ته ثواب به آهن، جن جو ذڪر نه ڪرڻ تاريخي بدديانتي ٿيندي. هن ڪتاب جا گهڻا ڪردار منهنجي ڳوٺ ۽ تر جا آهن، سي سڀ جا سڀ مهنجا ڏٺل ۽ قرب وارا هئا، البت هڪ ٻه اهڙا ڪردار آهن جيڪي مون ٻاروتڻ ۾ ڏٺا پر سندن تذڪرو سڄي عمر ڪَنين پُرندو رهيو. ايئن سمجهو ته وڏڙن کان ٻڌل ڳالهيون جيئن جو تيئن لکيون اٿم. ڏٺو وڃي ته هي ڪردار ”ٽڙيل پکڙيل

سنڌ عجائب گهر“ جو سڀ کان اهم حصو آهن، جنکي پنهنجي ٻنهي ڪتابن ۾ يڪجا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. هاڻ دور بدلجي ويو آهي. جيئن شيون نج نہ رهيون آهن، تيئن ماڻهن مان بہ نجپڻو وڃي ٿو ختم ٿيندو. هن ڪتاب ذريعي صحرائي گلن جي سڳنڌ پڙهندڙن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم، ان ۾ ڪيترو ڪامياب ٿيو آهيان، اهو پڙهندڙ ٻڌائي سگهن ٿا.

“جن سين لنئون لاڳي” لکندي بہ طبيعت چاڪ نہ هئي پر هيءُ ڪم ڪندي ساڳي تڪليف ۾ ٻيٽي اضافي سان گڏ روح بہ زخميل هو، جنهن جو سبب پنهنجي ننڍي ڀاءُ انصار عليءَ جو دائمي وڇوڙو آهي. انصار علي مون کان ست ورهيہ ننڍو هو پر هن وڏو ڀاءُ ٿجي سيني گهر ڀاتين، خاص ڪري مون کي پاليو سنڀاليو. هن جي هوندي مون تان گهر جو ڪم معاف هو. هن، پنهنجي حياتيءَ ۾ مون کي ڪک ڀڃي ٻيٽو ڪرڻ نہ ڏنو ۽ سندس وئي ڪانپوءِ ٻين جهنجهٽن سان بہ منهن ڏيڻو پئجي ويو آهي. انصار منهنجو جانثو ۽ پهلوان ڀاءُ هو پر آخري ٽن ورهين اندر گڙدن جي خرابي، بلڊ پريشر ۽ شگر جي مرضن ۾ ونجي چڪو هو. اهڙي حالت ۾ ڪيس مون سان گڏ گرفتار ڪري پورو هفتو مختلف اڻ ڄاتل هنڌن تي اکيون ٻڌي ۽ ڏنڊا ٻيڙي هڻي وِهاريو ويو. توڙي جو شگر جي بيماريءَ سندس نظر بہ وِهاري ڇڏي هئي ۽ گرفتاريءَ کان هفتو اڳ هو اکين جو آپريشن ڪرائي آيو هو. اسان جي اها گرفتاري 14 آگسٽ جي ڏينهن تي احتجاج کي مدنظر رکندي ڪئي وئي هئي حالانڪ انصار جو سياست سان ڪو بہ تعلق نہ هو، هو تہ سچن ٽنڊولڪر سان شِو ڀڳوان جيتري محبت رکندڙ، ڪرڪيٽ ڪيڏاڙي هو. ان کان بہ اذيتناڪ لاهن چاڙهن باوجود زندگي رڳو رَسوَل جهڙي ڪڙي نہ آهي پر اها مصري ڳڙيءَ کان مٺي بہ آهي. زندگيءَ ۾ خوشيون بہ آهن تہ گيت ۽ ناچ بہ آهي، ڪجڪارون ۽ ٺاڙهيا بہ آهن تہ مرڪون ۽ نينهن نينديون بہ آهن، جن جا عڪس اوهان کي هن ڪتاب ۾ جابجا نظر ايندا.

وڏا وڙ ناماري ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار سائين رسول ميمڻ جا جنهن مهاڳ لکي ڏنو ۽ وڏي مهرباني موجود دور جي خوبصورت شاعره سائڻ روبينہ ابڙو جا جنهن سوين مصروفيتون پاسي تي رکي هن ڪتاب بابت لکت

۾ راءِ ڏني. علي حسن چانڊئي کان سواءِ آئون اڌورو آهيان. اسان جون هڪٻئي ۾ پتيون آهن. هن نہ رڳو لکڻ ۾ منهنجي اصلاح پئي ڪئي آهي پر زندگيءَ جي هر مامري ۾ مون کي صحيح مشورو پئي ڏنو آهي.سَوَ کن ڪردارن جاخاڪا لکڻ باوجود لڳي ٿو تہ اجا سوين ڪردار رهيل آهن. اهو وچن آهي تہ پڙهندڙن کي سنڌ جي روح ۾ جهاتي پارائڻ لاءِ آخري هڏڪي تائين لکندو رهندس.

بلهڙيجي، مهين جو دڙو

**اقرار پيرزادو**

# مائي جيوڻي

## راڳ جي هڪ يادگار محفل

منهنجو ڳوٺ ٻلهڙيجي سُر سنگيت سان چاهه رکندڙ شائقن جو ڳوٺ آهي، جتي هر دؤر ۾ موسيقيءَ جون محفلون ٿينديون رهيون آهن. ڪجهه ماڻهن لاءِ اهي تفريح جو ذريعو ته ڪن لاءِ وري عبادت جو درجو رکن ٿيون. ڳوٺ ۾ ڪو ڪاج هجي ۽ راڳ ويراڳ نه ٿئي، اهو جڻ ڪوڙو ئي نٿو لڳي. هر ڪاج ڪندڙ ڪي پنهنجي حال سارو محفل منعقد ڪرڻي پوي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو گذريل هڪ صديءَ جي عرصي دوران ڪيترائي ڪلاسيڪل، نيم ڪلاسيڪل فنڪار، ڀڳت، نٽ، قوال، صوفي ۽ لوڪ فنڪار هتي پنهنجو فن پيش ڪري ويا آهن.

هتي اهڙيون ته يادگار محفلون ٿيون، جيڪي اڄ به ڪچهرين جو موضوع هونديون آهن. اهڙي ئي هڪ محفل 1944ع ۾ خدابخش پيرزادي عرف ڪاڪي خدوءَ جي وهاڻ تي ٿي هئي، جنهن ۾ سنڌ جي مشهور فنڪاره جيوڻي ٻائيءَ سُر وکيري ميلن تان ماڻهو موٽايا هئا. مون اها محفل نه ڏٺي جو ان وقت ٻابو ئي نه ڄائو هو، البت اهڙن ماڻهن جون ڪچهريون ضرور ٻڌيون، جن اها محفل پنهنجي اکين سان ڏٺي هئي. اڌ صدي گذرڻ ڪانپوءِ به جهونڙا ايئن ڳالهه ڪندا هئا، جڻ هاڻي هاڻي اها محفل ٻڌي آيا هجن. ماضيءَ جي انهيءَ يادگار محفل بابت ڳالهيون ڪندڙن ۾ فقير يارمحمد، وڏيرو امام بخش پيرزادو، گل فقير مگڻهار، الهڏنو مگڻهار، استاد علڻ، ميان علي حيدر پيرزادو ۽ ٻيا شامل هئا.

ان وقت نه ته ڪي روڊ رستا هئا، نه وري سوارين جو ڪو بندوبست هو.

اڄ وچ جو وڏو ذريعو ڏاند گاڏيون، ريل گاڏي يا وري پيڙيون هونديون هيون. تڏهن محفل هزارن جي نہ پر رپين جي ٿيندي هئي. ماڻهو آنو ٽکو انعام ۾ ڏيندا هئا. جيوٽيءَ جو ٻڌي پري پري کان ماڻهو پيرين پنڌ اچي پهتا هئا پر کنهن سبب مائيءَ کي ڪاڄ ۾ پهچندي گهڻي دير ٿي، جنهن ڪري خلق مايوس ٿي موٽي وئي. جيوٽي جنهن مهل پنڊال ۾ پهتي تہ اتي ڪجهہ ساڃِي وينل هئا پر گهڻا ماڻهو واپس وڃي چڪا هئا. جيوٽيءَ سان سنڌ جو انتهائي سريلو ڪلاسيڪل فنڪار خانصاحب استاد خيرمحمد ماڙيچو بہ ساڻ هو، جيڪو استاد عاشق علي خان، بڙي غلام علي خان، استاد الهڏني نوناري ۽ ٻيبي خان جي جوڙ جو گوَيو هو. هو، راڳ وديا جي وڏي ڄاڻ رکڻ سان گڏ انتهائي مٺي آواز جو مالڪ هو، پر هاڻي سپڙتائي ڪري رهيو هو، معنيٰ هُو فنڪاره جو فقط سازيندو هو. جيوٽي ٻائيءَ جي دير سان پهچڻ تي ڪاڄ ڌڻين ڪاوڙ ڏيکاريندي چيو ”مائي، دير ڪري آئي آهين، ماڻهو انتظار ڪري موٽي ويا، هاڻ ڪنهن کي راڳ ٻڌائيندينءَ!؟“ جيوٽي ڪائنئن پڇيو، ”پلا، ماڻهو ڪيترو پري ويا هوندا؟“ جڏهن ڪيس ٻڌايو ويو تہ ماڻهو بہ اڍائي ميل جهاڳي ويا هوندا. تڏهن جيوٽي چيو ”اڄهو ٿي ڪين واپس آڻيان!“ ايئن چئي ڪن تي هٿ رکي آلاپ ڪيائين. وڏو، چٽو ۽ درديلو آواز، عشق جي آهہ جهڙو آواز. اهڙو اتاهون ۽ نرالو آواز جنهن جي بہ ڪن تي پيو، تنهن اتان ئي ٻلهڙيجيءَ ڏي موٽ ڪاڍي، ايئن ڪلاڪ اندر ميدان ماڻهن سان پرجي ويو.

اڄ جي دؤر ۾ ڪنهن بہ فنڪار جو ايترو آواز ناهي جو ميلن جي پنڌ تان ٻڌڻ ۾ اچي. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ ان وقت آوازي گدلاڻ بنهہ ڪا نہ هئي. نہ گاڏين جا آواز هئا، نہ لائوڊ اسپيڪر ۽ ڏمچر، جنهن ڪري ماڻهن جون سماعتون تيز هيون. تڏهن سڀ فنڪار ائين ئي ڳائيندا هئا. بهرحال جيوٽي ٻائيءَ جا گهڻن فنڪارن کان وڏا آواز هئا.

اسان جي ڳوٺ ۾ وڏڙا ميان علي حيدر، ميان جان محمد، ميان غلام حسين، حسن علي پيرزادو ۽ ٻيا ڪلاسيڪل راڳ جا وڏا شوقين هئا، اهي استاد خير محمد جي فن کان سٺي نموني واقف هئا، سو خانصاحب کي راڳ ٻڌائڻ لاءِ ستائڻ شروع ڪيائون، جنهن تي استاد، جيوٽي ٻائيءَ جي ناراض

ٽيڻ جو خدشو ظاهر ڪندي معذرت ڪئي. مون اڳ ۾ عرض ڪيو ته جنهن ميدان تي جيوٽي راڳ ڪري رهي هئي، اهو ايڪڙن ۾ پکڙيل هو ۽ جيوٽي ٻائي سڄي ميدان ۾ نچندي ڳائيندي انعام وٺندي پئي وتي. هوءَ جڏهن سازيندن کان گهڻو پري هلي وئي، تڏهن شوقينن خانصاحب کي ڏوهيڙو ڏيڻ لاءِ ستايو ته هن سندن دل رکڻ لاءِ هلڪي آواز ۾ بيت جي هڪ سٽ مس ڳاتي ته جيوٽي پري کان مردن واري ڪچي گار ڏيندي چيو: "...خيرا، نٿو مڙين!" اهڙي تنبيهه تي استاد کي بس ڪرڻي پئجي وئي.

"خانصاحب جي راڳ جي اهڙي دهشت چڙهيل هئس، جو مائيءَ کان راڳ ئي نه هلي ها، ان ڪري کيس ڳائڻ کان منع ڪري رهي هئي." استاد علڻ چيو. "ها، سائين، مائي تو اسان کان وڏيڪ راڳ ٻڌڻ واري ۽ سمجهو هئي. خان صاحب ڳائي ۽ هوءَ ٻڌي نه- ۽ هوءَ ٻه جي ويهي راڳ ٻڌي، ته پوءِ پئسا ته ڪو نه ملنس ها- ان ڪري هوءَ خانصاحب کي ڳائڻ کان جهلي رهي هئي." الهڏني مگڻهار ٻه استاد علڻ جي ڳالهه جي تصديق ڪئي.

اُها يادگار محفل صبح جو فجر نماز تائين جاري رهي، جنهن ۾ جيوٽي ٻائيءَ سر وکيريا، البت راڳ جا شوقين خانصاحب استاد خير محمد خان جو راڳ ٻڌي نه سگهيا ۽ ساڳي وقت ڳوٺ جي اڌ آبادي يعني عورتون ٻه جيوٽي ٻائيءَ کي ڏسڻ کان محروم رهيون، جنهن جو توڙ اهو ڪڍيو ويو ته ٻئي ڏينهن جيوٽي ٻائي گهرن ۾ عورتن کي محفل ٻڌائيندي ۽ خان صاحب ۽ سازيندا مئخاني ۾ محفل ڪندا. ائين ئي ٿيو. تر وارن جو راڳداريءَ سان چاهه ڏسي خانصاحب کي چوڻو پيو ته "اجا ٻه کي ماڻهو آهن، جيکي اهو راڳ ٻڌن ٿا- باقي قدر وارا ڪم ٿيندا پيا وڃن."

جيوٽي ٻائيءَ جي اها پهرين محفل هئي، جنهن ۾ ڳوٺ جي عورتن ٻه راڳ ٻڌو. ان بعد مائي بيگم فقيرياڻي پڻ گهرن ۾ ڪجهه محفلون ڪيون، جيڪا پنهنجي مرشد پائي ماڇين فقيرن وٽ سائين ولايت شاهه ۽ بگن شاهه سان گڏ هتي ايندي رهندي هئي.

***

# مهدي حسن

## دليون جوڙيندڙ شهنشاهه ڪلاڪار

منهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ جو صوفي راڳي استاد علي بخش علڻ انصاري نرالي مزاج جو مالڪ شخص هو. سندس روبرو جڏهن ٻه ڪنهن فنڪار جي تعريف ڪبي هئي ته منهن ڦِلهڙو ڪري ان ڳائڪ جي ڪا نه ڪا وڏ ضرور ڪڍندو هو پر هن جي سامهون جڏهن خانصاحب مهدي حسن جو نالو کَڄندو هو ته استاد پنهنجون ٻئي شاهد آڱريون نَڪ تي گَهڪائي، ڪنن جون پاپڙيون پڪڙي چوندو هو: ”مهدي حسن ڪون سڏاوي!“

واقعي، مهدي حسن جو آواز سراسر عشق جي آهه آهي. وٽس فن جا واهڙ ائين پيا وهندا هئا جو رڳو استاد علڻ ڇا، دنيا جو هر فنڪار مهدي حسن جو نالو ٻڌندي ئي تائب ٿي ويندو آهي.

مهدي حسن، ميراثي خاندان سان واسطو رکندڙ پيڙهياتو فنڪار هو. سندس ڪلاونتي خاندان صدين تائين موسيقيءَ جي خدمت ڪئي پر جيڪا پذيرائي مهديءَ کي ملي، ان لاءِ وڏا وڏا ڳائڪ ۽ ڳويا ٻه سڪندا ۽ سَڏون ڪندا رهجي ويا.

مهدي حسن 18 جولاءِ 1927ع تي راجستان (هندستان) جي جئه پور ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ”لونا“ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد استاد عظيم خان ۽ چاچو اسماعيل خان ڪلاسيڪل فنڪار هئا ۽ ٻئي ٻڙودا جي مهاراجا جي درٻار سان واڳيل هئا.

مهدي حسن راڳ جي بنيادي تعليم پنهنجي ئي خاندان ۾ ورتي.

پنهنجي والد جي ڪري ڪيس فقط اٺن ورهين جي ڄمار ۾ مهاراجا بڙودا آڏو ڳائڻ جو موقعو مليو: انهيءَ محفل ۾ وينل سمورا ماڻهو راڳ جي باريڪين کان واقف هئا. سندن آڏو هيءُ اٺن سالن  جو ٻالڪ ڇا ڳائي سگهندو؟ اهو سوال سڀني جي ذهن ۾ هو. ان محفل ۾ مهدي حسن خيال شروع ڪيو. چاليهن منٽن واري مالڪوَنس جي خيال سڄي محفل کي منڊي ڇڏيو. بڙودا جي مهاراجا بيخود ٿي هن ننڍڙي مهدي حسن کي پڳ ٻڌرائي سونا ڪنگڻ دان ڪيا. ان وقت سندس پيءُ ۽ چاچي جي اکين ۾ خوشيءَ جا لڙڪ تري آيا پر ڪين اها ڳالهه ذهن ۾ ئي نه هئي ته اڳتي هلي هي ٻالڪ اُها مڃتا ماڻيندو جيڪا اڄا تائين سندن خاندان جي ويهن پيڙهين کي گڏيل طور به نصيب نه ٿي سگهي هئي.

1947ع ۾ ورهاڱي بعد مهدي حسن سر ۽ سنگيت وارو ديس راجستان (ڀارت) ڇڏي نئين ملڪ پاڪستان هليو آيو. نوجوان مهدي حسن جي دل تي ورهاڱي وڏو اثر ڪيو، جنهن سندس آواز کي وڌيڪ دردناڪ بڻائي ڇڏيو پر هاڻ سندس خاندان جي اُها حيثيت نه هئي. هن کي پنهنجي گهرياتين جي روزي روٽيءَ جو بندوبست به ڪرڻو هو. ان ڪري هو ڊرائيونگ ۽ گاڏين جي مڪينڪ سميت ڪيترائي ننڍا وڏا ڪم ڪندو رهيو، جن تي به سندس تعريف ٿي ٿيندي هئي. هو پنجاب ۽ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مختلف ڪم ۽ نوڪريون ڪندو رهيو ۽ موقعو ملندي راڳ به ڳائي وٺندو هو. جنهن به سندس راڳ ٻڌو، ان ڪيس پسند ڪيو. اهڙي ئي هڪ محفل 1952ع ڌاري ٿي، جنهن ۾ مرحوم قاضي عبدالمجيد عابد پڻ موجود هو. مهدي حسن کي به فن جي مظاهري جو موقعو مليو. جيئن ته قاضي عبدالمجيد عابد پاڻ به راڳ جو ڄاڻو هو ۽ هن محسوس ڪري ورتو ته نوجوان مهدي حسن کي جيڪڏهن ريڊيو تي پنهنجي فن پيش ڪرڻ جو موقعو ملي ته ڪرِهِي سڄي دنيا جي انسانن جون ٽٽل دليون ڳنڍي سگهي ٿو. پوءِ قاضي صاحب ڪيس ريڊيو پاڪستان تي وٺي ويو. ريڊيو تان سندس آواز ڇا گونجيو، هنڌين ماڳين هُوءِ پئجي وئي ۽ سندس شهرت ملڪن جون سرحدون لتاڙي پرڪندين پهچي وئي. ٿورن ڏينهن اندر مهدي حسن معروف، مقبول ۽ مصروف فنڪار بڻجي ويو. فلمي گيتن لاءِ سندس گهر آڏو فلمسازن جي لائين

لڳي رھندي ھئي پر ھن کي شاعريءَ جي صنف ۾ غزل پسند ھو، ان ڪري ھن غزل ڳائڻ کي نہ رڳو ترجيح ڏني پر غزل گائڪيءَ کي ھڪ نئون رنگ ڏنو.

شاعريءَ ۾ عشق ۽ محبت جي اظھار جو اھم ذريعو غزل رھيو آھي. ايران جي ڌرتيءَ تي جنم وٺندڙ شاعريءَ جي ھن صنف جڏھن نندي کنڊ ۾ پير پاتو تہ اھا وڏيڪ دلڪش ۽ حسناڪ ٿي پئي. نندي کنڊ جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ سڀ کان وڏيڪ غزل سرجيو ويو آھي. ان ڪري ھاڻ غزل رڳو عورت سان محبت واري گفتگوءَ جو موضوع نہ رھيو آھي پر ان جي زمين تمام گھڻي وسيع ٿي چڪي آھي. نندي کنڊ جي اھا مقبول ترين صنف ھتان جا راڳي ٺمريءَ ۾ چوندا ھئا تہ عام راڳي وري ان لاءِ ڀڄن يا ڪافيءَ وارو انداز اختيار ڪندا ھئا. غزل گائڪيءَ جو بنياد ٽوڙي جو قصوري خاندان جي گوَين استاد ٻڙي غلام علي خان ۽ برڪت علي خان وڌو پر ان کي وسعت مھدي حسن ڏني جو اڄ غزل گائڪي نندي کنڊ لتاڙي سڄي دنيا ۾ پکڙجي وئي آھي ۽ جتي جتي بہ غزل ٻڌو وڃي ٿو اتي مھدي حسن جو نالو ھڪ اوتار جيان ڪنيو وڃي ٿو.

دنيا جي ھڪ عظيم فنڪاره لتا منگيشڪر ڪيترائي ڀيرا اھڙو اظھار ڪيو تہ مھدي حسن جي ڳلي ۾ ڀڳوان وينل آھي. ھندو مٿالاجيءَ مطابق ڀڳوان ساڌُن جي دلين ۾ نہ پر پيار سان ڳائيندڙ ڀڳتن جي ڳلي ۾ وسي ٿو.

مھدي حسن نہ رڳو اردوءَ جي ڪلاسيڪل غزل گو شاعرن مير تقي مير، بھادر شاھ ظفر، خواجہ مير درد، ذوق، مرزا اسدالله خان غالب، داغ دھلوي ۽ مومن جي غزلن کي نئين انداز ۽ صحيح تلفظ سان ڳائي عوام تائين پھچايو پر ساڳي وقت پنھنجي دؤر جي نوجوان شاعرن جا غزل ڳائي ڪين شھرت جي ستين آسمان تي پھچائي ڇڏيو. شعري مجموعن ذريعي جيڪا مڃتا ڪين سالن کان پوءِ مس ملي سگھي ھا، اھا مھدي حسن وٽان ھڪ غزل ڳائڻ سان حاصل ٿي وئي آھي.

جيئن موھن جو دڙو سڄي دنيا جو ثقافتي ورثو مڃيو ويو آھي، بلڪل اھڙيءَ ريت خانصاحب مھدي حسن موسيقيءَ جي دنيا جو گڏيل ورثو آھي. ڪيس شھنشاھ غزل جو لقب ڏنو ويو آھي پر ماڻھو ڪنھن بہ شھنشاھ سان

اهڙي محبت نہ ڪندا، جيڪا هن دليون جوڙيندڙ گائڪ سان ڪن ٿا.

مهدي حسن کي دادؤ دان مليو، هن کي نيپال جوسيپ ڪان وڏو ايوارڊ ڏنو ويو ۽ اتي ڪيس هڪ ملڪي سربراهہ جيترو مان ڏيندي ايڪويهن توبن جي سلامي بہ ڏني وئي هئي.

پنهنجن سُرن ۽ بي مثال آواز سان راڄا پرڄا موهيندڙ هي مثالي منگتو برقعو مٿي وجي ڏاتار سان مليو.

ڏاتار ۽ مڱڻي ڪونہ وسيلو وچ
سا ئي تال تندن جي، سا ئي چارڻ چِت
جي هِتي، جي هتُ، ڳالهہ مڙيوئِي هيڪڙي.

موت هر انسان تي اچڻو آهي، اهو مهدي حسن تي بہ آيو پر موسيقيءَ جي حوالي سان خانصاحب جيترو ڪم ڪري ويو آهي، اهو ڪيس صدين تائين زندهہ رکندو.

***

# استاد شرافت علي خان

## شام چوراسي انگ ۾ لوڪ موسيقيءَ جو امتزاج

ڪلاسيڪل راڳ جي حوالي سان دنيا تي راڄ ڪندڙ شام چوراسي گهراڻي جو پڳدار خانصاحب استاد شرافت علي خان به ان منزل ڏانهن اسهي ويو، جتان ڪو به واپس ناهي وريو. ها، موت انسان تي اوس اچڻو آهي، امير هجي يا غريب، شاهه هجي يا گدا، نواب هجي يا فقير، هر ڪنهن کي موت جو ذائقو چکڻو آهي. هي جهان هلڻهارو آهي. خالق سنجهه صباح ڪنهن کي به ڪوٺي سگهي ٿو. هن فاني جهان ۾ ڪنهن کي به ڪل ڪانهي ته سندس زندگيءَ جو پڪيڙو ڪنهن وقت ٿو اڏار ڪري پر انسان جو ڪيل ڪم ۽ ڪردار موت کي مات ڏئي سگهي ٿو. استاد شرافت علي خان جو ڪلاسيڪي موسيقيءَ تي ڪيل ڪم به ڪيس يقيناً صدين تائين زنده رکندو.

هن خطي جي ماڻهن لاءِ راڳ وڏي وٿ آهي. راڳ ئي روح جي راحت ۽ قلب جي ڪس ڪوري ڪيڻ واري سراڻ به آهي. راڳ سان ئي مئل دليون جياري سگهجن ٿيون. راڳ پنهنجي ڪرامت سان پٿر دل انسان کي ميڻ وانگر نرم ڪري سگهي ٿو. هوندن به هن خطي ۾ راڳ تفريح ۽ وندر کان وڌيڪ تصوف جي پرچار جو موثر ذريعو رهيو آهي پر برصغير جي صوفين جو چوڻ آهي ته انساني عادتن ۽ دستور کي درست ڪرڻ جو بهترين ذريعو راڳ آهي ۽ جڏهن ڪو من موهيندڙ ڪلاڪار وچڙي وڃي ٿو ته دل ۾ سور جي سٽ اُڀري اچي ٿي.

استاد شرافت علي خان 1957ع ۾ دنيا جي مڃيل ڪلاسيڪل فنڪار

خانصاحب استاد سلامت علي خان جي گهر ۾ جنم ورتو. هو پنهنجي ڀنهي ڀائرن شفقت علي خان ۽ لطافت علي خان کان وڏو هو ۽ پهرينئي پٽ هئڻ ڪري پيءُ کي گهڻو پيارو هو ۽ هُن مٿس تمام گهڻو ڌيان ڏنو.

ميراثي خاندان رڳو راڳ ئي ميراث آهي. ان ڪري سندن ٻار ٻلورن بدران راڳ سان ئي راند ڪندا آهن پر شرافت علي خان راڳ سان راند ٻه ڪئي ته عشق به ڪيو. هن راڳ جي تربيت به ورتي ته ان جي پرورش به ڪئي. هن پنهنجو پاڻ کي راڳ ۾ گم ڪري ڇڏيو هو. اهو ئي سبب هو جو هن پنهنجي ڀائرن ۽ سؤٽن وارو رستو نه ورتو ۽ ٽي وي چينلن جي فرمائشن تي ڌيان ڏيڻ بدران درگاهون پيٽڻ شروع ڪيون، ڇاڪاڻ جو اتي راڳ کي عبادت جو درجو حاصل آهي ۽ راڳ جي باريڪين کي سمجهڻ وارا به صوفياڻين خانقاهن تي ئي ملندا آهن. درگاهون پيٽيندي لاهور جو هي لعل ۾ پهريون پيرو سنڌ پهتو.

منهنجي ساڻس پهرين ملاقات 2002 ۾ سچل سائينءَ جي ميلي تي ٿي. ان وقت سندس چاچو مرحوم ذاڪر علي خان به ساڻس گڏ هو. هُو فقرائن وانگر هڪ ڪان ٻي ڪافيءَ تي ڳائيندا رهيا ۽ پوءِ اسان کيس سيد نياز شاهه جي بينڪ تي وٺي آياسين، جتي مرحوم انور پيرزادو، قربان پيرزادو، قاسم پيرزادو، منظور معرفاڻي ۽ ٻيا دوست موجود هئا. اتي جڏهن ڪانئس مختلف راڳن جون فرمائشون ٿيون ته اصل گل وانگر ٽڙي پيو ۽ هن اهي سڀئي فرمائشون پوريون ڪيون. تن ڏينهن منهنجي دوست ميهر پيرزادي جي شادي ٿي رهي هئي. ان شاديءَ جي پروگرام لاءِ جڏهن کيس فون تي دعوت ڏني سين ته هو لاهور کان ٻلهڙيجيءَ پهچي ويو. هفتو کن اسان وٽ رهيو. انهيءَ دوران کيس ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جو موقعو مليو.

عام طور اڪثر فنڪار اڳ ۾ محفل ڪري پوءِ ماني کائيندا آهن پر منهنجي ڳوٺ جا وڏڙا ٻڌائيندا آهن ته استاد منظور علي خان ان معاملي ۾ ٻين کان مختلف هو. هو ”پهرين طعام پوءِ ڪلام“ جو قائل هو. شرافت علي خان ان حوالي سان استاد منظور علي خان کان به ٻه رتيون اڳرو هو. ميهر واري شاديءَ جي ڏينهن شام جو ڇئين بجي هن موهن جو دڙو گهمڻ جي فرمائش ڪئي. اتان موٽندي ڇهين بجي کيس ماني کارائي سين. اسان جو

خيال هو ته هاڻي استاد محفل ڪري پوءِ ماني کائيندو پر جڏهن رات جو ڏهين بجي ڪيس محفل شروع ڪرڻ جو چيوسين ته هو اهو چئي پڙ ڪڍي ويهي رهيو ته ماني کائڻ کان اڳ راڳ نه ڪندس. استاد محفل هلندي ٻه ٻه دفعا چانهه سان ماني کاڌي. هن جو چوڻ هو ته ڳائڻ جي لاءِ کائڻ ضروري آهي، خالي پيٽ سان ماڻهو راڳ جو مقابلو ڪيئن ڪري سگهي!! اتي جڏهن هڪ دوست کانئس سندس پسند جي شين بابت پڇيو ته استاد معصوميت سان جواب ڏيندي چيو، "گانا اور کانا" ۽ حقيقت ٻه اها آهي ته هن رڳو ڳاتو ۽ صرف کائڻ واري عياشي ڪئي، باقي منجهس ڪو ٻه عيب نه هو. نه سگريٽ ڇڪيندو هو، نه پان واپرائيندو هو، نه ڪنهن سان گهڻو ڳالهائيندو هو. هر وقت جهونگاريندو رهندو هو، رڳو راڳن سان رهاڻ هوندي هيس. نه ڪا راند ڪندو هو، نه ئي مڌ جو متوالو هو. هر گهڙي ڳائيندو رهندو هو. ان وقت ساڻس گڏ طبلي نواز ارباب خان هو جنهن کي سڄو سڄو ڏينهن استاد سان سنگت ڪرڻي پوندي هئي.

شرافت علي خان کي ڏسي مون کي ڪنفيوشس جو قول ياد آيو، جنهن چيو هو ته "جڏهن ڪو راڳ ۾ مهارت حاصل ڪري پنهنجي هانوَ کي ان مطابق هيري ٿو ته هُو سالم ۽ شريف انسان ٿئي ٿو ۽ سندس هردو سولائيءَ سان ترقيءَ جون منزلون طئي ڪري روحاني خزانو هٿ ڪري وٺي ٿو."

ها، شرافت علي خان کي ڄمندي ئي سندس آرٽسٽ والد استاد سلامت علي خان ڪومل سرن ۾ سمپورڻ راڳڻيءَ جي ڪن ۾ اذان ڏني هئي ۽ هن جو راڳ سان تنهن وقت کان جيءُ جڙجي ويو هو. شرافت علي خان کي پنجاب کان وڌيڪ سنڌ ۾ محبت، مچتا ۽ عزت ملي. هن سنڌ جي ڪيترين ئي درگاهن تي حاضري ڀري. سچل جي ديس درازا ۾ حاڪم شاهه پٽ واري وٽ ته اڪثر ايندو رهندو هو. ان کان علاوه هن گهوٽڪيءَ جي انور شاهه، ناري جي ولي محمد تراب سميت ڪيترائي ميلا ڪيا. استاد سلامت علي خان جتي پڪي راڳ ۾ مخصوص انداز سبب ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي دنيا ۾ نالو ڪمايو، اتي هن ملتاني ڪافي ڳائي عوامي مقبوليت ماڻي. هن کي پنهنجي والد جيان ملتاني ڪافيءَ تي وڏي دسترس حاصِل هئي. خواجا غلام فريد جا ٻول شام چوراسي گهراڻي جو انگ ۽ لوڪ موسيقيءَ جو امتزاج

ماڻهوءَ کي ونگ وجهڻ لاءِ ڪافي آهي.

شرافت علي خان پوءِ جڏهن به لاهور کان سنڌ آيو ته اسان جي ڳوٺ پلهڙيجي ضرور آيو. هڪ دفعو هو ڪنهن شاديءَ جي دعوت تي شهدادڪوٽ آيو ۽ اتان اسان جي هڪ دوست ۽ موسيقيءَ جي شوقين عبدالستار ڏوتئي سان گڏجي اسان وٽ آيو. ان ڏينهن سخي شاهه جمال جي درگاهه تي سومر رات جي محفل هئي، جنهن ۾ مقامي فقراءَ شريڪ ٿيندا آهن. استاد شرافت علي خان يادگار محفل ڳائي. انهيءَ محفل ۾ هن شاهه سائينءَ جون ٻه وايون "جادو لائي ويا جيءَ ۾" ۽ "ڪيچي قول ڪري ويا" ڳايون جيڪي اسان وٽ رڪارڊ ٿيل آهن. توڙي جو محفل ۾ گهور نه برابر پئي پر هن روايتي فنڪارن وانگر ڪو به ماڻهو نه ڪيو ۽ پرهه ڦٽيءَ تائين سرن جي ورڪا ڪندو رهيو.

اهڙي نموني هڪ ڀيرو شڪارپور جي ڪلاسيڪل فنڪار استاد وريلداس جي دعوت تي سندس استاد خانصاحب هادي بخش ميمڻ جي ورسيءَ ۾ شرڪت لاءِ آيو ۽ اتان پلهڙيجي پهتو. لاهور جو هڪ نوجوان طبلي نواز به ساڻس گڏ هو. ان ڏينهن اسان ڳوٺ جا پنجويهه ٽيهه ڄڻا مرحوم انور پيرزادي جي اڳواڻيءَ ۾ ڪچي پنهنجي ٻنين ڏانهن مڇيءَ جي شڪار تي سنبريا بيٺا هئاسين. خانصاحب جي پهچڻ سان سنگت جي خوشي ٻيڻي ٿي ويئي. پتڻ تي پهچڻ مهل استاد ٻڌايو ته هو زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ٻيڙيءَ تي سوار ٿي رهيو آهي. پرار تي پهچي واريءَ ۽ گپ جي پنڌ جا ٻه ميل جهاڳي جانيئڙي سنڌيءَ جي لانديءَ تي پهتاسين. ڪچي ۾ استاد کي وڏو مزو آيو. رات جو بار بار اها ڳالهه پيو ڪري ته "مان هيئن آسمان ٻه پهريون ڀيرو ڏسي رهيو آهيان." ڪچي جا ماڻهو اجا تائين بجليءَ کان محروم آهن پر اها چانڊوڪي رات هئي. ڪچي جي مختلف ڳوٺن کان ڪجهه سنگيت پريمي به اچي ڪٺا ٿيا هئا. ان محفل ۾ شرافت علي خان مڪمل فقيراڻو رنگ اختيار ڪيو. هن بلهي شاهه، حسين شاهه، خواجا غلام فريد، سچل سائين، مهدي شاهه، ولي محمد بو تراب ۽ عثمان فقير سانگيءَ جون سرائڪي ڪافيون ڳايون ۽ جڏهن سچل سائينءَ جي ڪافي "سئيان ميڏي دل تي ماهي ديان جهوڪان" قوالي واري انداز ۾ ڳاتي ته سڄي محفل مدهوش ٿي وئي. ان

شاندار محفل جي رڪارڊنگ ۾ اسان وٽ موجود آهي. ان وقت پيرين اگهاڙن ماڻهن وٽان ڀرپور داد ملڻ تي استاد اصل ٻهڪي رهيو هو. سندس چوڻ هو ته سنڌ مذهبي تعصب جو شڪار نه آهي، تڏهن ئي ته هتي عام ماڻهو به راڳين کي دان ۾ داد ڏين ٿا. ان رات جڏهن هو اسان کي ديسڪار ۾ سر سورٺ جو فرق مخصوص آلاپن سان سمجهائي رهيو هو ته مون محسوس ڪيو ته استاد شرافت علي خان فقط راڳ جي ڪري ئي جنم ورتو آهي. هي ٻيون سيئي ٻن ڏئي فقط راڳن سان رهاڻ رچائيندو رهيو آهي. هو، زماني جي تلخين ۾ بي قدريءَ جا سيئي روڳ، ڳائڻ سان وساري ٿي وينو. هن کي ائين صبح کان شام ۾ رات کان پرهه ڦٽيءَ تائين ڳائيندو ڏسي مون کي رانيل اوڪانيل جا لفظ ياد اچي ويا، هن چيو هو"چڏيو ته آئون قوم کي راڳ جو هديو پيش ڪريان، مون کي پرواهه ناهي ته قانون ڪير ٿا ناهن، آئون راڳ کي وڏيڪ اهم سمجهان ٿو."

خانصاحب عبدالڪريم خان ۽ برڪت علي خان کي پسند ڪندڙ هن انمول فنڪار گڙدن جي تڪليف وگهي ٻاونجاهه ورهين جي ڄمار ۾ ويڇوڙي جو وڍ ڏئي رات پساهه پورا ڪيا.

***

# وريلداس گرنو مل تلريجا

ماضيءَ ۾ شڪارپور جِي، گهڻن ئي حوالن سان هنڌين ماڳين هاڪ هئي. هر سال موسيقيءَ جا هاندا مچندا هئا ۽ سڄو شهر سنگيت جي سرن سان گونجي اٿندو هو. ننڍي ڪنڊ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان گويا، نائڪ ۽ سازيندا اچي گڏ ٿيندا هئا. سازن سرودن سان جڏهن ڪو گوَيو تانَ هڻندو هو تہ ٻڌندڙن جي تن من جون تارون بہ وحدت سر وڄڻ لڳنديون هيون. سر سنگيت ڪي سمجهڻ واري اها شڪارپور ورهاڱي وڃائي ڇڏي پر استاد وريلداس 2005 تائين اهڙا ميڙا مچائيندو رهيو جنهن ۾ سڄي سنڌ کان علاوه سرائيڪي وسيب، پنجاب، پختونخواه، بلوچستان ويندي افغانستان جا ڪلاسيڪل فنڪار بہ اچي شريڪ ٿيندا هئا.

استاد وريلداس ڪو سنڌ ورڪي پائيبند نہ هو جنهن وٽ ڏن دولت جون ڏجوڙيون پريل هجن. هو سريلو فنڪار، گويو ۽ نائڪ هو. اهي سڀ فنڪار هن جي محبت ۾ کهي ايندا هئا. ڪاڪو وريلداس پنهنجي استاد مرحوم هادي بخش ميمڻ جي هر سال ورسي ملهائيندو هو. اها سالياني تقريب هڪ قسم جو هاندبو هئي. اتي مون افغانستان جو گويو استاد پائيند خان، ڪوئٽا جو وجي ڪمار ۽ لاهور جو گويو شرافت علي خان بہ ايندي ڏٺا تہ سنڌ جا سمورا ڪلاسيڪل توڙي نيم ڪلاسيڪل فنڪار بہ ڏٺا ۽ سندن راڳ بہ ٻڌو. استاد وريلداس توڙي جو ايم اي انگلش هو پر هن انگريزي استاد جي نوڪري بہ ڇڏي ڏني، ان جي باوجود فن کي معاش جو ذريعو هرگز نہ بڻايو. سوناري ڪرت هن جو خانداني ڌنڌو هئي جنهن مان هي گهر هلائيندو هو ۽ راڳ مان پوندڙ گهور ۽ ڪلب مان ملندڙ في رڳو استاد جي

ورسيءَ تي خرچ ڪندو هو.

وريلداس جو ٻاروتڻ ڪان سنگيت سان پيچ پئجي ويو. پرائمريءَ ڪان همراه پيو مندرن ۾ ڀڄن ڳائيندو هو. شروعات ۾ پاڙي جي هڪ لوڪ فنڪار جو شاگرد ٿيو پر پوءِ ڪنهن ڪيس ڪلاسيڪل راڳ سکڻ جي مت ڏني ۽ هي وڃي استاد هادي بخش ميمڻ جو شاگرد ٿيو جيڪو شڪارپور جو رهاڪو ۽ شهر جو سنو درزي هو. هن کي راڳ جي سکيا گواليار خاندان جي گوين ڏني جن پڻ شڪارپورين جي فن سان قدرداني ڏسي اتي اچي پکڙا اڏيا هئا. هادي بخش ميمڻ جڻ ته گواليار خاندان جو اتر سنڌ کي ڏنل تحفو هو. هن ڪيترائي شاگرد ڪيا جن مان موندر خان مگٽهار، وريلداس ۽ استاد ارباب خان کوسو گهڻو مشهور ٿيا پر استاد جي پڳ وريلداس جي نصيب ۾ آئي، ان جو سبب اهو به هو ته هن پنهنجي استاد جي سڀ کان وڏيڪ خدمت ڪئي هئي. استاد جي چاليهي تي گواليار خاندان جي استاد قدرت الله ڪيس استاد جي پڳ ٻڌرائي ۽ سنگيت چيئرمين جو لقب ڏنو. استاد هادي بخش ميمڻ جي وفات بعد هن لاڳيتو 32 ورسي پروگرام ڪيا ۽ ان ۾ ڪابه وٿي نه وڌي.

استاد وريلداس سان منهنجي ملاقات ان وقت ٿي جڏهن منهنجو پيارو دوست انجنيئر قطب جتوئي سندس شاگرد ٿيو، جنهن عمر ۾ ماٺهو راڳ سکي روزگار سان لڳندا آهن. ان کان اڳ ۾، مون سندس نالو به نه ٻڌو هو. منهنجي دوست قطب جا آواز ڪجهه مزي وارا نه هئا، ان ڪري هو ڳائٽو ته نه ٿي سگهيو، البت اهڙو ٻڌندڙ ضرور ٿي ويو جيڪو راڳ تي نالو رکڻ سان گڏ ان جي آروهي امروهي به ٻڌائي وجي. قطب جي ڪري ئي استاد وريلداس سان قرب ڪڙي ۾ آيم. پوءِ خبر پئي ته استاد سچو سارو سنگيت آهي. هن راڳ تي هڪ ڪتاب به لکيو هو، جنهن ۾ سو کن راڳن جو تعارف، انهن جي آروهي امروهي ۽ ٺاٺا پڻ بيان ڪيل هئا.ان سان گڏ استاد شڪارپور جي ڪيترن ئي فنڪارن کي راڳ جي سکيا پڻ ڏني جن سڄي سنڌ ۾ نالو ڪمايو پر جيئن ته استاد گهڻو رڪارڊ نه ٿيو، ان ڪري ڪيس عوامي پذيرائي پلئہ نه پئجي سگهيو ۽ هو نه ريڊيو تي ويو، نه ئي ٽيليويزن تي ڪيس ڪڏهن موقعو مليو. نه وري هن ڪڏهن ڪا ڪيسٽ ئي جاري ڪئي. ٻيو ته ڪيس رواجي شهرت

جي ڪا طلب بہ ڪانہ هئي. هونئن بہ استاد جو هڪ معيار هو. هو غيرمعياري شاعري ڳائڻ جو سوچي ئي نہ پيو سگهي، جنهن ڪري هن ڪي عوامي مڃتا نہ ملي پر فن جي دنيا سان لاڳاپيل گهڻا ئي ماڻهو کيس سڃاڻيندا هئا. استاد وريلداس جوانيءَ ۾ ملھ پهلوان بہ هو. هن شڪارپور جي سنڌ واھ تي يادگار ملاکڙا ڪيا. هن جي بدن تي ڪل لڙڪيل نظر ايندي هئي جنهن مان واضح ٿيندو هو تہ جوانيءَ ۾ سندس بدن ڪٿرتي هو. استاد جو شڪارپور جي ڍڪ بازار ۾ اسٽيورٽ گنج واري علائقي چبوتري چوڪ وٽ سونارڪو دڪان هو جنهن جو مٿيون حصو سندس سنگيت ڪلب ”وريل سنگيت ڪلا“ لاءِ مخصوص هو، جتي هارمونيم، طبلو، سرمنڊل، تانپورو ۽ ڍولڪ رکيل هوندا هئا جن تي سندس شاگرد سکيا ڪندا رهندا هئا . استاد وريلداس جهونجهڪڙي جو جاڳڻ بعد سنان پاڻي ڪري سوامي نارائڻ داس مندر هليو ويندو هو، جتي ڪلاڪ ڏيڍ سرن جي پيٽا پيش ڪرڻ کان پوءِ گهر اچي نيرن ڪري دڪان کوليندو هو. شام جو ڇهين بجي دڪان بند ڪري گهر ورندو هو. گهر جو ڪم ڪار لاهي، ماني ٽڪي کائي وري اٺين بجي رات جو اچي ڪلب کوليندو هو جنهن جو ٽائيم ڏهين بجي ٽائين هوندو هو پر ڪڏهن ڪڏهن گهڻي دير بہ ٿي ويندي هئس.

هڪ ڀيري وريلداس کي سخي شاھ جمال جي ٻارهي تي ٻلهڙيجي اچڻ جي دعوت ڏنم. قرب ڪري پنهنجي سڀن شاگردن سميت آيو. سڄي رات ڳايائون. صبح جو سندس ٻيا شاگرد تہ واپس روانا ٿي ويا پر استاد وريلداس پنهنجي هڪ شاگرد سلمان سمي سان گڏ رهي پيو جنهن جي عمر ان وقت ڏھ سال مس هئي. ان رات واري محفل ٻڌڻ بعد اسان کي خبر پئي تہ استاد وريلداس ڇا آهي. ٻنهي مان هڪ ڳائي تہ ٻيو طبلي تي سنگت ڪري رهيو هو. اسان جي ڳوٺ جي ننڍي ٿهيءَ وارن نوجوانن جا نالا: ڏاهر، ٻيجل، ڏياچ، جهونجهار، وينجهار، حسناڪ، مٺ، چندن، ليار وغيره ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو. چوڻ لڳو: ”پنهنجي ملڪ ۾ ماڻهو يا تہ هندو هوندا آهن يا مسلمان پر اوهان ٻلهڙيجيءَ وارا سراسر سنڌي آهيو.“ هڪ ڀيري سيٺ قاسم سان گڏجي شڪارپور ويس. استاد ڪنهن محفل ۾ وڃڻ لاءِ تيار ٿيو بيٺو هو. اسان کي بہ هلڻ لاءِ چيائين. ڍڪڻ جي پرسان هڪ ڳوٺ ۾ پهتاسين جتي هر ماڻهو

هٿيار بند نظر آيو. مون سمجهيو ته فائرنگ ۾ راڳ ٻڌي ئي نه سگهبو پر هڪ به فائر نه ٿيو. ان ڳوٺ ۾ ڏرين جي هڪ ٻئي سان دشمني هئي. چڱو ڀلو به اتي وڃڻ کان ڪيٻائيندو هو پر هي هندو ٿي ڪري به ٻي ڏڙڪ هليو ويندو هو، ڇاڪاڻ ته هي سراسر ساڌو هو. هن جي ڪنهن سان به دشمني نه هئي. چوندو هو: جڏهن اسان ڪنهن جا مدا ناهيون ته ڪير اسان جو ڇو مدو ٿيندو؟

هڪ ڀيري استاد هادي بخش ميمڻ جي ورسي تقريب ۾ استاد وريلداس مون کي خان بابا لوڏيءَ سان ملايو. هو ڪوئيٽا جو پٺاڻ هو. سندس پيءُ پوليس جو رٽائرڊ ايس پي هو. خان بابا کي اک اٽڪائڻ تي شهر نيڪالي ملي هئي، ان ڪري پيءُ ڪيس گهٽ ڀائيندو هو. اهڙي وقت هي اچي استاد هادي بخش جو شاگرد ٿيو. ايس پي صاحب جي واپس ڪوئيٽا بدلي ٿي پر خان بابا سکر نه ڇڏيو ۽ هميشه لاءِ هتان جو ٿي ويو. ان مهل خان بابا سڄو سارو گيڙو ويس ۾ ملبوس هو. اسان کي مذ پيئڻ جي صلاح ڪيائين. مون سمجهيو ته همراه مان پٺاڻڪي صفا نڪري وئي آ. اها ئي گهڙي، پيئڻ دوران بانگ آئي ته پنهنجو گلاس منهنجي سنڀال ۾ ڏئي خدائي فرض ادا ڪرڻ لاءِ روانو ٿي ويو. اتي سيٺ قاسم چيو: ته سومهڻيءَ جي نماز آهي، خانصاحب ڪلاڪ کن ڇتو پر اهائي گهڙي، خان بابا موٽي اچي پيئڻ لڳو. بس هن فرض تي قناعت ڪئي هئي. وري جڏهن ڳائڻ جو وارو آيس ته ٿين ڪڙڪائي ڇڏيائين. ٻيدل فقير جي ڪافي "تنهنجي اکڙين جي اسرار، هزارين حيران ڪيا..." اهڙي ته پختي ۽ وٽندڙ انداز ۾ ڳاتئين جو جتي هو سو اتي سڪ ٿي ويو. گهڻن جي اکين جا بادل برسي پيا .

خان بابا لوڏيءَ جي ڳالھ وچ ۾ اچي وئي، ڳالھ پئي هلي استاد وريلداس جي... جيئن مون شروع ۾ ٻڌايو ته استاد هادي بخش ميمڻ جي هر ورسي هڪ ننڍڙو هانڊو هوندي هئي، جتي گهڻي ڀاڱي راڳي ۽ سازيندا هوندا هئا پر آخري ڏينهن ۾ هن هڪ زبردست هانڊو به ڪرايو، جنهن ۾ چئني ايڪاين ويندي افغانستان کان به گويا ۽ نائڪ پهتا هئا. اهو پروگرام شڪارپور جي مقامي هال ۾ ڪرايو ويو هو جنهن جي معمولي ٽڪيٽ به رکي وئي هئي. اهو پروگرام جنهن به ڏٺو هوندو ان کان عمر پر وسري نه سگهندو.

استاد وريلداس هفتي جو هڪ ڏينهن دڪان بند ڪندو هو ۽ سندس

اهو سڄو ڏينهن راڳ حوالي هوندو هو. استاد ڪڏهن شڪارپور جي مسيحي راڳين سان رهاڻ رچائيندو هو ته ڪڏهن وري صوفي راڳين سان ڪنهن نه ڪنهن درگاه تي محفل مچائيندو هو. استاد کي هڪ ڏينهن شڪارپور جي هڪ درگاه تي ٻارهين جي دعوت مليل هئي. پنهنجي سمورن شاگردن سان پهچي ويو پر اتي خبر پيس ته ٻارهو اڄ نه پر هفتو پوءِ ساڳئي ڏينهن تي آهي. اتي هن ساز کولايا. راڳ ڪندي سندس طبيعت خراب ٿي پئي. شاگردن کيس گاڏيءَ ۾ کڻي اسپتال پهچايو جتي کين خبر پئي ته "راجا راڳائي، هردوئي هيڪ ٿيا..."

***

# ڪاريهر فقير

## ايءَ تان آه عشق جي...

عشق جي چوٽ، مائٽن مِٽن جي رويي ۽ ڏٽيءَ جي ڏنل ڪوجهڙي صورت ڪاريهر فقير کي سراپا سور بڻائي ڇڏيو هو. فقير، جڏهن اهو سمورو درد پنهنجي آواز ۾ اوتي راڳ جي صورت ۾ ٻاهر ڪڍندو هو ته هر دل ڏٽيءَ کي ڄيري جي ڄراڻ شدت سان محسوس ٿيندي هئي ۽ ايئن لڳندو هو ڄڻ سندس اندر جي ٻريل مچ مان ڪو ڪانڊو ٿانڊو اُٿي، ٻڌندڙن جي دلين تي ڪريو هجي. هن جو راڳ ته نه هو، روڄ هو، پِٽڪو هو، پِنڻ هو، ماتام هو! ڳائڻ دوران سندس ڳلن تي هنج ته هوندا ئي هئا پر ٻڌندڙن جي حالت به جيءُ جهوري رکندي هئي: ڪو سينو ڪُٽيندو هو ته ڪو منهن مٿو پِٽيندو هو۔ ڪو سُڏڪندو ته ڪو پار ڪڍندو هو. ماڻهوءَ جي اندر ۾ به سهسين سور سمايل آهن، بس ڪڏهن ڪهڙو ته ڪڏهن ڪهڙو چت تي چٽڪي اچي ٿو. ڪاريهر فقير جي آواز ۾ اهڙو اثر هو، جو سڀ ڪنهن کي پنهنجا سور سامهون اچي ويندا هئا. "پٽر پرائو سور سيڪو پنهنجا روئي" وارو سوڳوار ماحول برپا ٿي ويندو هو. ڪاريهر فقير جي محفل ۾ هڪڙا ماڻهو روئيندا هئا ته ٻيا ڪين مٿڙن تي هٿڙا ڦيري پيا پرچائيندا هئا ۽ لوڪ کي مٿيون ڏيندي پاڻ به ڍنڍڪرن ۾ پئجي ويندا هئا.

علي نواز عرف ڪاريهر فقير شيخ يڪتاري ۽ چپڙيءَ تي ڳائيندڙ صوفي فنڪار هو. ڳائيندو فقط درد ۽ فراق واريون صوفين جون ڪافيون هو. ڪافيءَ جي هر مصرع ڪان پوءِ شاهه سائين ۽ ٻين صوفي شاعرن جا ڦوڙائي ۽

فراق وارا ڏوهيڙا ڏيئي ٻڌنڊڙ جو اندر اڌ ڪري وجهندو هو. دردناڪ آواز هئس. اسان ڪيس فراقي فقير سڏيندا هئاسين. هي جڏهن پڻائي سرڪار جي سٽ "پوندو فلق فراق جو" پڙهندو هو ته صفا وٽجي سٽجي ويندو هو، ايئن محسوس ٿيندو هو جڻ ڪيس فراق جا ڦٽ هجن ۽ مجاز ڪيس ڇني ڇيتيون ڪري ڇڏيو هجي.

ڪاريهر جو نالو شايد سندس رنگ ڏسي مرشدن تجويز ڪيو هجي، پر هن جو راڳ ٻڌڻ ٻه ڪاريهر تي پير پوڻ برابر هو. قد جو ڏگهو، رنگ جو ڪارو، منهن تي گهرا ماتا جا سنيارا ۽ ساڄي ڳل تي ڪهاڙيءَ جي گهاءُ جو نشان هئس. ڪاريهر فقير 1932ع ڌاري باقراڻي شهر پرسان مبارڪ شيخ جي واندِ ۾ ڄائو. غريب ڪٽنب سان تعلق هئس. سندس پيءُ جي گذر سفر جو ذريعو فقط هارپو هو. ڇئن ڀائرن ارباب علي، علي نواز، درگاهي ۽ مريد فقير مان فقط ارباب سُر سنگيت ڪان پري رهيو، باقي ٽنهي ڀائرن جو ڳائڻ وڄائڻ سان شوق رهيو. سندن ڏاڏاڻڪي ڪر ۾ ان ڪان اڳ ڪو ڳائڻ وارو نه رهيو هو، هنن ڪي اهو ونڊ پنهنجي ناني فقير ميهر عليءَ وٽان مليو، جيڪو صوفي فقير ۽ راڳ ويراڳ جو شائق هو. ڪاريهر اسان واري تر جي فنڪار حسين علي ابڙي جو شاگرد ۽ صوفي چيزل شاهه جو طالب هو. حيرت جي ڳالهه اها هئي ته فقير، گيڙو ويس فقط پنهنجي مرشد جي سامهون ڪندو هو، نه ته اڪثر ڪارا ڪپڙا ڪندو هو. مون پنهنجي ڄمار ۾ ٻئي ڪنهن به صوفيءَ کي ڪڏهن ڪاري ويس ۾ نه ڏٺو آهي. اسان جي ڳوٺ جا ڪجهه صوفي جڏهن ڪيس ڪارا ڪپڙا پائڻ ڪان منع ڪندا هئا ته هي بيت ڏيئي ڍنڍڪرن ۾ پئجي ويندو هو:

ڪارا ڪنديس ڪپڙا، سرتيون مون نه سري،
هڪڙا ڦٽ فراق جا، ٻي اندر آڳ ٻري،
جي وڃان پونءِ تري، ته ٻه سور نه لهي سڄڻين.

ڪاريهر اٽڪل پنجويهن ورهين جي عمر ۾ هو جو معمولي ڳالهه تي سندس ننڍي ڀاءُ سان مائٽن جو جهيڙو ٿي پيو. هيءُ ڀاءُ جون رڙيون ٻڌي، ڪيس ڇڏائڻ لاءِ هٿين خالي اتي پهتو ته هڪ همراهه خوف ۾ ڪهاڙي وهائي ڪڍيس. ڪهاڙيءَ جو ڦر ڳل ۾ لهي ويس، ڏڪ ته اُڦٽ مار لڳو هئس پر بچي ويو. چار جوابدار گرفتار ٿيا، سال سوا جيل ۾ رهيا، پوءِ ڀلا سونهارا

ڪٽي، نياٽيون ميڙ ڪري ڪيس پرچايائون. هن ميڙ ڪي مان ڏيندي ڪين معاف ڪري ڇڏيو ۽ ڪائنڻ ڪو به ڏنڊ ڏوهه نه ورتو.

ڪاريهر فقير جو مگٽو ننڍي لاڪون پنهنجي سؤٽ سان ٽيل هو پر چاچهنس ڪيس ڏيءَ جو سڱ نه ڏنو. پائرن ڪيس پرٽائڻ لاءِ وڏا وس ڪيا پر ڪو به مائٽ مِٽ هن کي سڱ ڏيڻ لاءِ راضي نه ٿيو. ڪاريهر فقير زندگيءَ جي سمورين تلخين، محرومين ۽ دردن کي پنهنجي آواز ۾ جذب ڪري ورتو هو. اهو ئي سبب هو جو هن جي هر محفل شام غريبان ٿي ويندي هئي. هي اهڙن راڳين مان نه هو، جيڪي پئسن کي ڏسي زور لائيندا آهن. پلي هڪ ئي ٻڌڻ وارو هجي، رات وهائي ڏينهن ڪرٽو آ. ڳائڻ مان ڪڏهن نه ڍاپيو، جنهن به جيڏي مهل ڳائڻ جي فرمائش ڪيس، ان مهل يڪتارو ڪولي سور سلڻ شروع ٿي ويندو هو.

ڳوٺ پرسان شهيد پير جي درگاهه ڪاريهر فقير جو آستان هو، (جتي هاڻ سندس هڏڙا پوريل آهن) اتي جمعي ڏينهن راڳ ٿيندو هو. ڪٿي ۽ ڪهڙي به حالت ۾ هجي جمعي ڏهاڙي درگاهه تي ضرور پهچندو. اها سندس ڊيوٽي هوندي هئي. ان ڪان سواءِ هو تر جي بهترين ٻڌندڙن بيخود فقير باقراڻيءَ واري، ڳوٺ خير محمد آريجي واري وڏيري محمد آريجي ۽ فقير يارمحمد پيرزادي وٽ ٻلهڙيجي ايندو رهندو هو.

ڪاريهر فقير جي پرستارن جو وڏو حلقو هو، مايون توڙي مرد سندس راڳ تي موهت هئا. وڏيرو محمد آريجو سندس وڏو قدردان هو. وڏيري محب علي ابڙي جو ڪاريهر فقير مٿان قرض چڙهيل هو. فقير ۾ نه قرض لاهڻ جي سگهه ئي ڪانه هئي. وڏيري محمد آريجي پنهنجي زرعي زمين جو ٽڪرو وڪڻي سندس قرض به چڪايو ته ڪيس ڳوٺ ۾ نلڪو به هڻائي ڏنو، اهو ڳوٺ ۾ پهريون نلڪو هو، نه ته ان ڪان اڳ ڪوهه ڪوٽيل هئا.

ڪاريهر فقير جو پنهنجو انداز هو. سندس هر ڪلام اثر انگيز هو پر هيءَ ڪافي بار بار چوندو هو:

تنهنجي مست نگاهن، مونکي خون ڪيو،
سوين طبيب گهرايا نه علاج لڳو!

ايئن ئي ٿيو، هڪ ڏينهن اهڙو به آيو، جو ڊاڪٽرن ڪيس لادوا ڪري

چڙيو. همراهه سڄي ڄمار دليئن ڳايو هو، سو سندس جگر ڪاچي چڪو هو. سُر ساٿ ڇڏي ويا هئس، آواز ئي وڏي مشڪل سان نڪري سگهندو هئس. هن جي اِها حالت ڏسي سندس پاءُ درگاهيءَ تہ پڪواز وڄائڻ ئي ڇڏي ڏني. آخري ڏينهن ۾، بيماريءَ جي بستري تي، جمعي ڏهاڙي پاءُ کي چوڻ لڳو "درگاهي، تون شهيد تي پڪواز ڪٽي وڃي ڊيوٽي ڏئي آ." درگاهيءَ جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو، چيائين: "ادا، توڪان سواءِ منهنجو ٻيو ڪهڙو فنڪار آهي، جنهن سان پڪواز وڄائيندس!"

ان تي ڪاريهر زور ڀريندي چيس "درگاهي، تون پڪواز ڪٽي وڃ، شهيد توکي پاڻهي فنڪار ڏيندو." درگاهي ڪاريهر جي زور ڀرڻ تي پڪواز کڻي شهيد پير تي ويو. شام جو واپس وريو تہ ڪاريهر فقير ڦوڙائي فراق ڪان مڪتي ماڻي چڪو هو. فقير جي لاڏاڻي کان پوءِ سندس ننڍي پاءُ مريد فقير بہ ڳائڻ شروع ڪيو، جنهن جي آواز ۾ ڪاريهر جي جهلڪ آهي. ٽن مهينن کان پوءِ درگاهيءَ کي پٽ ڄائو، جيڪو هن وقت مشهور فنڪار آهي. درگاهي فقير پنهنجي پٽ ارباب کي ڪاريهر فقير جي دعا سمجهندو آهي.

***

# ڪلاونت واپاري ڪٽنب

چونڊا آهن ته فنڪار سُٺو دڪاندار نه ٿي سگهندو آهي. فن وارو ماڻهو دنيا جي ٻين جهنجهٽن کان دور هوندو آهي، ان ڪري هو پنهنجي فن ۾ جهڙي پرفارمنس ڏيندو آهي، اهڙي ڪارڪردگي ڌنڌي ۾ نه ڏيکاري سگهندو آهي، پر منهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ جي هڪ ڪلاونت ڪٽنب ٽن پيڙهين تائين فن ۽ دڪانداريءَ سان واهه جو نڀايو.

ٻلهڙيجيءَ جي پيرزادا برادريءَ جي مورياٽي پاڙي سان تعلق رکندڙ هن خاندان جو وڏو ميان دين محمد پيرزادو هو، جنهن گهڻو اڳي دڪان کوليو، نه ته ان کان اڳ اهي مالوند ماڻهو هئا. ميان دين محمد عرف ڪاڪي ديني جي دڪان ۾ ٻارن جي دلچسپيءَ جون ڪجهه شيون ۽ روزاني استعمال وارا چند وکر رکيل هوندا هئا. اسان جڏهن ڪيس ڏٺو ته هو سٺ ورهين جي عمر کان چڙهي هليو هو. ننڍڙي اڇي ڏاڙهي ۽ بوسڪيءَ جي پٽڪي سان ٺهيو ٺُڪيو، پنهنجي ننڍڙي دڪان ۾ ويٺو بينيون وڄائيندو هو. همراهه هئو به پنهنجي طبيعت وارو. ٿوري ٿوري ڳالهه تي توائي ٿي ويندو هو. الغوزي ۾ مگن هوندو هو ۽ گراهڪ انتظار ۾ هوندا هئا ته ڪڏهن ٿو لهرو پورو ٿئيس. روح ۾ رحم اچي ويس ته گراهڪ سان ٻه لفظ ڳالهائيندو، نه ته هڪ هٿ ٻين مان ڪڍي، اهڙو اشارو ڪندو جو آڏو وارو سمجهي ويندو ته ڪيس گيت آئوٽ چئي تڙي رهيو آهي.

ميان دين محمد شوقيه فنڪار هو، البت سندس وڏو ڀاءُ ميان جان محمد پيرزادو راڳداريءَ جي علم کان واقف هو. اسان نه ڏٺو. ميان ديني کي سدائين اڪيلي سر بينيون وڄائيندي ڏٺوسين، البت ردم تي الغوزو وڄائي

نہ سگهندو هو. هي الغوزي نواز سان گڏ سُٺو سائيڪلسٽ بہ هو. جوانيءَ ۾ قلندر لال شهباز ۽ پٽ ڏٽيءَ جا ميلا سائيڪل تي ڪيائين. اسي ورهين جي عمر ۾ بہ ڪيس سائيڪل هلائيندي ڏٺوسين. سندس پُٽ غلام رسول پيرزادي کي ٻڪرين جو ڌڻ هوندو هو. هي ٻلهڙيجيءَ جو پهريون آرٽسٽ هو، جنهن جا ڪلام ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيا. ميان غلام رسول پيرزادو 1932ع ڌاري ڳوٺ شاهه جمال ۾ ڄائو. هن کي وڏي عمر ۾ ڳائڻ جو شوق ٿيو. راڳداريءَ جا شروعاتي سبق غلام قادر منگي ۽ استاد علڻ کان ورتائين، وڌيڪ سکيا لاءِ استاد منظور علي خان ڏانهن تنبي آدم ويو، جنهن راڳ ٻڌي کيس استاد گلزار علي خان دائي ڏي وڃڻ جو چيو. خانصاحب چيس تہ "گلزار تنهنجي شهر لاڙڪاڻي ۾ رهي ٿو، جتي توکي وڌيڪ آساني ٿيندي. باقي مون پنهنجو سمورو علم کيس ڏئي ڇڏيو آهي." ان بعد غلام رسول پيرزادو استاد گلزار علي خان کان باقاعده ڌاڳو ٻڌرائي سندس شاگرد ٿيو.

گلزار علي خان وٽ جڏهن هي همراهہ پهتو، ان وقت سندس عمر وڏي چڪي هئي، جنهن تي استاد چيس: "تون ڪلاسيڪل راڳ سکڻ جي ڪوشش نہ ڪر، ان ۾ تنهنجي عمر پوري ٿي ويندي، باقي اهڙو فن ڏيندوسانءِ جيڪو توکي مڇي مانيءَ لائق بڻائي ڇڏيندو." استاد گلزار علي خان دايو پنهنجي اوائلي شاگردن مان عبداللطيف مهر ۽ غلام رسول پيرزادي کي گهڻو پائيندو هو. سندس چوڻ هو تہ هِن ٻنِهي پنهنجي شاگرد غلام رسول پيرزادي کان سکيو تہ شاعري درست تلفظ سان ڳائڻ گهرجي.

غلام رسول پيرزادو سنهڙو، سيپڪڙو هو پر هن جا جلوا پنهنجي پيءُ دين محمد جهڙا هئا. اجا بہ رتي وڌ، گهٽ صفا نہ. همراهہ ڪجهہ سال گلوڪاريءَ کي پروفيشن بڻايو ۽ ريڊيو حيدرآباد تي ويهارو ڪن ڪلام بہ نشر ٿيس. هڪ ڏينهن استاد منظور علي خان ۽ استاد گلزار علي خان ٻلهڙيجيءَ ۾ محفل ڪري سندن دڪان تي اچي ويٺا، جتي استاد منظور علي خان کيس سمجهايو تہ "هن دڪان مان ڪڏهن بہ هٿ نہ ڪڍجان، اصل ڌنڌو هيءُ اٿئي. آواز ڪنهن بہ وقت منهن موڙي سگهي ٿو. اجوڪي ماحول ۾ ماڻهوءَ جي روزگار جو دارومدار ڳائڻ تي نہ هجي تہ بهتر."

استاد منظور علي خان جا سُخن سندس دل تي ويهي ويا. پوءِ هن

ٻڪريون ڪپائي پيءُ جي دڪان کي وڏا يوءِ چئن سالن تائين مسلسل محفلون ڪيون. اصل رات خالي نہ هوندي هيس. همراهہ ماڻهن جي مزاج مطابق راڳ ٻڌائي گهڻو دادءِ دان وٺي ويندو هو. جڏهن سندس ڪاروبار جمي ويو تہ هن باجو بند ڪري سڄو ڏيان دڪان تي ڏنو. نہ رڳو پاڻ باجو بند ڪيائين پر پنهنجي والد ميان دين محمد کي بہ بينيون بند ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيائين.

ميان دين محمد جو وڏو پرستار جرمن آرڪيالاجسٽ مائيڪل جانسن هو، جيڪو ڪيس دڪان تان وٺي وڃي سندس بينيون ٻڌندو هو. ميان غلام رسول اتي جي چڪي بہ هلائي، جنهن جي نگراني سندس وڏي پُٽ سيٺ قاسم جي ذمي هوندي هئي. استاد گلزار علي خان جي وفات بعد ان جي وصيت مطابق سندس هڪ هارمونيم غلام رسول پيرزادي کي مليو. پنهنجي استاد جي وفات بعد هن جذباتي ٿي ٻيهر راڳ شروع ڪيو. ان جو ٻيو سبب اهو هو تہ سندس ننڍو پُٽ شرافت بہ راڳ سکڻ ۾ دلچسپي ڏيکارڻ لڳو هو. هن پنهنجي پُٽ کي راڳ سيکاريو، جنهن جا وڏا آواز نہ هئڻ ڪري هو سُنو ڳائڻو تہ نہ ٿي سگهيو، البتہ سُنو سازيندو ضرور آهي. وٽس اليڪٽرڪ کي بورڊ آهي. مختلف فنڪار پاڻ سان محفلن تي وٺي ويندا اٿس پر هي بہ پيءُ وانگر دڪان کي گهڻو ٽائيم ڏئي ٿو.

ميان غلام رسول ريڊيو پاڪستان خيرپور ويو، جتي ڪيس آڊيشن ڏيڻ لاءِ چيو ويو، جنهن تي هن حيدرآباد ريڊيو جون ڪجهہ رڪارڊنگون ڪين ٻڌايون. ان بعد پروڊيوسر مختيار ملڪ ڪيس ريڊيو حيدرآباد تان ٿي سي وٺي اچڻ لاءِ چيو، پر پوءِ هن جي دلچسپي ختم ٿي وئي. ميان غلام رسول مون کي ٻڌائيندو هو تہ ريڊيو حيدرآباد تي استاد جمن جو ڪنٽرول هوندو هو. سڄي سنڌ کان ايندڙ فنڪار ريڊئي جو اڪيلو باجو ملڻ جي انتظار ۾ هوندا هئا. جنهن تي استاد جمن پنهنجي پُٽ شفيع محمد کي وينو راڳ سيکاريندو هو. ميان غلام رسول چوندو هو تہ ٿي وي هجي يا ريڊيو، ٻنهي ۾ اهو ڪامياب آهي جيڪو پروڊيوسرن جو آڳو پيڇو ڪري، فن ءِ ڪلا کي اُتي اهميت نہ آهي. هِن ٿي ويءَ تي بہ هڪ پروگرام ڪيو. سندس پهريتي پُٽ سيٺ قاسم پيرزادو پاڻ ڳائڻو تہ ناهي، باقي راڳداريءَ جو علم ضرور رکي ٿو.

هو شاعر به آهي ته شاهه ۽ سچل جي شاعريءَ جو شائق به. هتي ڪيترائي اهڙا فنڪار آهن، جيڪي مختلف راڳڻيون ڪري ته ويندا آهن، پر ڪين اها خبر نه پوندي آهي ته اُها ڪهڙي راڳڻي آهي، ان حوالي سان سيٺ قاسم سيبتو آهي. هڪ ڀيري ڳوٺ بگيءَ ۾ استاد گلزار علي خان سانگهڙائي جي محفل هئي، راڳ هلندي اهڙي ڪيفيت پيدا ٿي وئي جو ڳائيندڙ، سازيندا ۽ سموري محفل روئي ويهي رهي. سيني ڏٺو ۽ ٻڌو ته سيٺ قاسم به ڀيرا رُنو. ڀڇريون سيني سان گڏ ۽ پوءِ اڪيلي سِر هن ٻيهر پار ڪٽڻ شروع ڪيا. ان تي ڪنهن پڇيو "چا ٿيو؟" هانءُ ڦاڙ اُڀاپ ڪندي چيائين "الله سڀ ڪجهه ڏنو، رڳو آواز نه ڏنو، مان ڳائڻو نه ٿي سگهيس!" سندس اهڙي جواب تي گهڻن ڪان ٿهڪ ڇڏائجي ويا.

ميان دين محمد سن 2000ع ۾ وفات ڪئي، ان وقت سندس عمر اسي ورهيه هئي. مون ڪي 2016ع جي آگسٽ مهيني ۾ قومي ڪارڪنن سان ساٿ جي الزام هيٺ ڪنهي هفتي ڪن لاءِ ڳجهي هنڌ تي رکيو ويو. آزاد ٿيڻ بعد خبر پئي ته سنڌ جو سرموڙ ڪهاڻيڪار علي بابا، منهنجي ڀُڻاٿ زيب النساءِ ۽ ڪاڪو غلام رسول پيرزادو هي ڏيهه ڇڏي چڪا آهن.

***

# سچيت ملاح ڪٽنب

ڏهين فيبروري 2017ع تي اسانجي تر ۾ فتح پور پتڻ وٽ محبڻ شاھ جي ميلي تي ويندڙ ياترين جي ٻيڙي ٻني لڳي ۽ لوڏو ڪائي اونڌي ٿي پئي. اٽڪل سَٺ ڄڻن مان تيرهن ڪي گهڙيءَ ۾ درياھ بادشاھ نهوڙي نيو. رات ٿي وئي هئي، جنهن ڪري درياھ ۾ لهڻ ممڪن نه هو. رات وچ ۾ ئي سکر ڪان نيويءَ جا ٽوٻا مڪمل تياريءَ سان پهچي ويا، جن ڪي آڪسيجن ماسڪ، لانچون ۽ ٻيو به گهڻو سامان ساڻ هو.

هيڏانهن منهنجي ڳوٺ جا ملاح به ڏينهن ٿيڻ جي انتظار ۾ هئا. هيءُ اهو هنڌ هو، جتي گذريل سال ٻوڏ ۾ اسان بيد مشڪ جا شاهي وڻ چوٽيءَ تائين ٻڏندي ڏٺا هئا. اتي پاڻيءَ جي گهرائي اٽڪل پنجاھ فوٽ هوندي. درياھ شاھ هڪ هنڌ تي لٽ اڇلائي رهيو هو. صبح ٿيندي ئي ٻئي ڌريون پنهنجي ڪم ۾ جنبي ويون. سوين ڳوٺاڻا ڪنڌيءَ تي بيهي اهو سڀ ڪجھ پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا هئا. نيويءَ جا ٽوٻا ڪلاڪ ڪن تياري ڪري، منهن ڪائي ۾ وجهي، ورديون پائي پاڻيءَ ۾ لٿا، جڏهن ته مقامي (ٽوٻا) ملاح سھ سياري ۾ فقط لانگوٽا ٻڌي پاڻيءَ ۾ پاڻ اڇلي رهيا هئا. نيويءَ وارن ٽوٻن جي ٽٻيءَ جو دورانيو پنجن منٽن ڪان به مٿي هو ۽ مقامي ملاحن جي ٽٻيءَ جو دورانيو ٻه منٽ مس هو، ان جي باوجود مقامي ٽوٻا تري تائين پهچي پي ويا، جڏهن ته نيويءَ وارا ٽوٻا ويھ فٽ هيٺ مس وڃي پئي سگهيا. هر مقامي ملاح ٽٻي ڏيڻ بعد جڏهن نڪتو ٿي ته پاڻ سان گڏ تري جي ڪا نه ڪا نشاني جهڙوڪ ڪوڏ، مٽي، ڪڳا ۽ مڇي وغيره کنيو ٿي آيو. ڏھ لاش مقامي ملاحن هٿ ڪيا، انهن مان ٻن لاشن مٿان ته ريت وري ويو هو. ٽيون لاش ريت هٽڻ بعد تري پاڻيءَ جي سطح تي ظاهر ٿيو، جنهن کي نيويءَ جي ٽوٻن لانچ

جي مدد سان ڪيڍي ٻاهر ڪيو.

ملاحن جي اها قابليت سندن ورثو آهي. هنن جي وڏن جون عمريون درياهه ٻادشاهه سان ڪيڏنديءَ جهيڙيندي گذريون هيون. تڏهن درياهه تي ڪا هڪ اڌ پل هئي، روڊ رستا به نه هئا. سنڌوءَ تي نه ڊيم هئا، نه ئي ان جي ايتري ناجائز روڪ ٽيندي هئي. تڏهن سنڌو سمونڊ جي ڏِک ڏيندو هوءِ اُن جي پيٽ ۾ جهاز ۽ وڏا ٻيڙا هلي سگهندا هئا، جيڪي مختلف قيمتي وکر هڪ کان ٻي هنڌ آڻيندا نيندا رهندا هئا. تنهن زماني ۾ منهنجي ڳوٺائي ڏاڏي نورل، صديق ۽ امام بخش جهڙن سچيت ملاحن کي پري واري درياهي سفر تي لازمي ساڻ کنيو ويندو هو، جو سندن اک درياهه کي سمجهڻ واري هئي. سندن جواني سکر کان ٺٽي تائين ٻيڙيون هلائيندي گذري هئي. ٻوڏ واري وقت ۾ سڄو ڪڇو پاڻيءَ سان تار ٿي ويندو هو. ٻنهي ٻچاءَ ٻندن جي وچ تي رڳو ڇر ئي ڇر! ڪچي ۾ وينڌن کي هڪدم پڪي ڏانهن منتقل ٿيڻو پوندو هو. ملاحن توڙي مالڪن جي خواهش هوندي هئي ته گهر جي ڪا به شيءِ پويان رهجي نه وڃي، ان ڪري ماڻهن، مال ۽ اَن سميت هر قسم جو سامان به ڪٽڻو پوندو هو. درياهه ۾ ڇا ته دهشت هئي. هڪ ئي ڇولي ماڻهوءَ جو هيانءُ ڪائڻ لاءِ ڪافي هوندي هئي. جيڏانهن ڪيڏانهن درياهه ڪُن ڪندو رهندو هو.

ٻيڙي ڪنهن مهل هڪ پاسي لوڏو کائي ته اسان ٻئي پاسي لڙي پيا پئون، ناکئو هڪ هنڌ ويهڻ جي سختيءَ سان تاڪيد پيو ڪري ته ماڻڙي ڪري هڪ هنڌ ويهي رهو، ڪجهه به نه ٿيندو. توهان چرندؤ پُرندؤ ته ٻيڙي ٻُڏي سگهي ٿي. ان ڏينهن فتح پور پتڻ تي به ٻيڙيءَ کي ڪجهه نه ٿئي ها، جيڪڏهن مسافر آرام سان ويٺل هجن ها. ٻيڙِيءَ کي ڪناري پرسان ڏسي اوچتو ئي سڀ مسافر اٿي بيهڻ لڳا، جنهن ڪري ٻيڙيءَ جو توازن برقرار نه رهيو ۽ اونڌي ٿي پئي.

مون کي ياد آيو ته ڏاڏي نورل جي پوٽن هڪ پيري اَن لڏيل ٻيڙي ماري وڏي هئي، جنهن ۾ ڪو جاني نقصان ته نه ٿيو، البت سمورو ان لڙهي ويو هو. ڏاڏي نورل پنهنجي همراهن کي گهرائي ٻيڙيءَ مارجڻ جا تفصيل وٺي سندن سٺي تاريخ چڏائي هئي، “مون سڄي ڄمار ٻيڙي هلائي، ان

وقت تہ درياھ بہ وڏو هوندو هو تہ خطرا بہ جهجها هئا. اسان کان ڪڏهن بہ ٻيڙيءَ نہ مُئي ۽ توهان ان جاءِ تان ڪيئن ٻيڙي مارائي آيا آهيو! توهان ڪهڙا ملاح ملاحن جا پٽ آهيو.“ هن پنهنجي پوٽن کي چنڊ پٽيندي چيو هو.

ٻنهي ڀائرن وڏي ڄمار ماڻي وفات ڪئي. هي، اسان جي تر جي ملاحن جو سريال گهراڻو هو. ڪنيرن واري/ ٻلهڙيجي پتڻ جا پاٽڻي اهي هئا. ڪاڪي نورل جي حياتيءَ ۾ ئي ملاح برادريءَ جي چڱ مڙسيءَ جي پڳ ڪاڪي ڪريم بخش ملاح جي حصي ۾ آئي، جيڪو ڏاڏي نورل جو وڏو پٽ هو. ڪي بہ چار درجا پڙهي سگهيو پر وڏو تجربو هئس، جائو ئي ٻيڙيءَ تي هو. سُچيت ملاح جو پٽ هو. پيءُ سان گڏ سچي سنڌ گهميو. درياھ جو ڪو بہ تڙ هن کان ڳجهو نہ هو. جوانيءَ ۾ سمونڊ تي هليو ويندو هو. هي ئي همراھ هو جنهن لئي مان ٺهيل ڪِڙين جو ڪاروبار سنڌ کان ٻاهر شروع ڪري، پورهيت ملاحن کي پاڻ سان ڪٺي سندن آمدنيءَ ۾ ڪافي اضافو ڪيو. هي ڪڙين جون ٽرڪون پرائي ڪوئٽا ڪٺي ويندو هو، هاڻ تہ اهو ڪاروبار ڪيترائي ملاح ڪري رهيا آهن. اسان ڪاڪي ڪريم بخش ملاح جو اوج ڏٺو، ڪيس چار پنج ٻيڙيون هونديون هيون. سندس گهر واري ٻيڙي اهڙي تہ سينگاريل هوندي هئي جڻ ڪو محل هجي. پتڻ تي بہ اهڙي ٻيڙي هوندي هيس جنهن ۾ هڪ ئي وقت پنجاھ کن ماڻهو ۽ ڍاڪو کن ڍور اڪاري سگهندو هو ۽ سيئي پور پريل هوندا هئا.

تر وارن سان سندن آهت وارو وهنوار هو. اهي فصل لهڻ تي ڪين لاپو ڏيندا هئا، باقي ماڻهن کان پتڻ وٺندا هئا. سامان سان ڀريل ٻوريون روز پتڻ تان ٽپنديون هيون. پتڻ ڪريم بخش جو ننڍو ڀاءُ راجا ملاح ۽ سندس سؤٽ واحد بخش ملاح هلائيندا هئا. هنن جو سؤٽ واحد بخش عرف واحدو ملاح جڻ هڏائون پچرو هو پر واھ جو ماڻهو هو. جهڙو درياھ شاھ جو جاڻو ۽ پنهنجي ڪرت ۾ ماهر هو، اهڙو ئي بار ڪٽڻ جو بہ پلو هو. اڍائي مڻ جي ٻوري پنيءَ تي کٽي ٻيڙيءَ ۾ وجهندو هو. ڪڏهن نہ مڙس کي ٿڪل ڏٺوسين. ٻوريون چاڙهڻ هن لاءِ ايترو مسئلو نہ هو جيترو ڍور چاڙهڻ. ٻيا ڍور تہ جيئن تيئن ڪري چڙهي ويندا هئا پر گور ڳاوا ٿاهڙ ڏيڳا ۽ اٺ ٻيڙيءَ تي چاڙهڻ وڏو مسئلو هوندو هو. سلام آهي واحد بخش کي جيڪو ساڻن مقابلو

ڪري ٻيڙيءَ تي چاڙهيندو هو. ”اٺ جو پٽڻ تي ڪُتجڻ“ محض هڪ محاورو نہ آهي؛ جنهن پٽڻ تي ٻيڙيءَ ۾ اٺ چڙهندي ڏٺو هوندو، انهيءَ کي ئي خبر هوندي. هونئن پٽڻ تي مار اٺ کي ملندي آهي پر ان کي مار ڏيندڙ بہ صفا وٽجي ويندا آهن.

ڪاڪي ڪريم بخش جو ننڍو پٽ سمونڊ ۾ مڇي ماريندي انڊين نيويءَ هٿان گرفتار ٿي ويو، الائجي مارجي ويو، اها خبر نہ پئجي سگهي. هر ڇئن پنجن ورهين کان پوءِ ڪيس ڪٿان نياپو پيو ملندو هو تہ اڪبر انڊيا جي فلاڻي جيل ۾ آهي. پنجويهن ورهين جي عرصي دوران الائجي ڪيترا مهاڻا انڊيا مان آزاد ٿي گهر پهتا آهن، پر اڪبر اڃا نہ موٽيو آهي، نہ ئي سندس وارثن کو آسرو پليو آهي. ڪاڪي ڪريم بخش کي اڃا اڪبر جي ملڻ جي آس پوري نہ ٿي جو سندس وڏو پٽ ممتاز لاڙڪاڻي ۾ دوستن جي اتفاقي گولي لڳڻ سبب مري ويو. هن وقت پٽڻ سندس آخر پٽ هلائي رهيو آهي ۽ واحد بخش جو پٽ ان سان ساٿ ۾ هوندو آهي، جيڪو بہ پيءُ وانگر آهي لڦ جو لڦ پر پنهنجي ڪرت جو ماهر آهي. اڄ ڪنيرن واري پٽڻ جو اهو اوج تہ ناهي پر پوءِ بہ پٽڻ هلندو رهي ٿو.

***

# پهلوان شير ميربحر

## جڳ مشهور ملهه پهلوان

ملهه سنڌ جي قومي عوامي راند آهي. هيءَ راند صدين کان سنڌ ۽ ان جي سرحدي خطن ۾ کيڏي وڃي ٿي. ملهه هر دور ۾ سنڌ جي مقبول ترين راند رهي آهي. ميرن جي صاحبيءَ ۾ ملهه کي سرڪاري سرپرستي حاصل هئي. انگريزن جي ايامڪاريءَ ۾ به نواب، سردار ۽ راڄيا ملهه جا سرپرست رهيا. ويجهي ماضيءَ ۾ درگاهن جا فقير، هاري ناري ۽ پورهيت پنهنجي قوت گذران مان حصو ڪيڏي ملهه کي قائم دائم رکندا آيا آهن.

ملهه به سنڌ ڌرتيءَ وانگر سنئين سڌي راند آهي، جنهن ۾ به پهلوان سندرا ٻڌي، سينا ملائي ياڪر وجهي هڪ ٻئي کي دسڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ريسلنگ ۽ پهلوانيءَ جي ٻين راندين ۾ مخالف کي مات ڏيڻ لاءِ هر قسم جو جائز ناجائز وار ڪيو ويندو آهي پر ملهه ۾ “ڪُپت” ڪارِ ناهي. برابر ملهه سان ملندڙ جلندڙ رانديون ته پوري دنيا ۾ کيڏيون وڃن ٿيون پر هن راند جا اصول، قاعدا ۽ قانون جهڙوڪ سندرا ٻڌڻ، هٿ وجهرائڻ ۽ هٿ نکري وڃڻ جي صورت ۾ ساهي ڪٽي (پاٽي ڪرڻ) ٻيهر هٿ وجهڻ ۽ پوئين ملهه تي هار جيت جو فيصلو، هن کي ٻين راندين کان مختلف ۽ بهتر بنائين ٿا. ملهه جو مقصد مخالف کي پٽ تي ڪيرائڻ آهي. ان لاءِ طاقت سان گڏ هنر، حرفت ۽ ڪاريگريءَ جي ضرورت هوندي آهي. جيئن ڪرڪيٽ راند ۾ گهٽا ٽٽا اهڙا کيڏاڙي هوندا آهن، جيڪي ڪجھ شاٽ کيڏي سگهندا آهن ۽ هر قسم جي بال کي منهن ڏيڻ سندن وس ۾ نه هوندو آهي پر ڪي کيڏاڙي اهڙا به ٿيندا

آهن، جيڪي هر قسم جو شاٽ مزي سان ڪيڏي ويندا آهن ۽ هر قسم جي بال ڪي ڪاريگريءَ سان ڪدي ويندا آهن. اهڙي طرح، ملھ جا سڀ پهلوان بہ سمورا داءُ پيچ استعمال نہ ڪري سگهندا آهن پر ڪي يگانا پهلوان هر قسم جو انگ استعمال ڪري ڄاڻن. اهي مخالف پهلوان ڪي ڄانٺا، ونگ، اندريان، ٻاهريان، پنيان، پاسا، من ڦيريون، اڪريون مهريون ۽ ٻلهڻ ڪري دسي وجهندا آهن. ملھ جا ڪجھ پهلوان واري ڪرڻ ڪان قسم ڪٽي ڇڏيندا آهن. اهي پهلوان ڪي هٿ وجهي ان آسري تي پوئتي مضبوط ٿي ٻيهي رهندا آهن تہ مخالف اڳ وارو ڪري تہ ڪيس ڪُٽائي دسي وجهن. اهڙن پهلوانن جي ملھ مزي واري نہ هوندي آهي. اهڙِي راند، ڏسندڙ ڪي لطف بدران ڪوفت ۾ مبتلا ڪندي آهي. جيڪو ملھ هٿ پوڻ سان وڃ ٻڌجي وارا ڪري ان ڪي ئي پسند ڪيو ويندو آهي ۽ ان جي هنڌين ماڳين هاڪ پئجي ويندي آهي. رستم سنڌ پهلوان شير ميربحر بہ اهڙن ئي گڻن ۽ اڪرن وارو ملھ هو، جنهن بہ ماڻهو سندس ملھ ڏٺي، اهو يا عُمر هن ڪي وساري نہ سگهندو.

شير ميربحر خانواهڻ جي پرسان پونئر ڳوٺ ۾ 21 جون 1924ع تي فاريسٽ آفيسر علي محمد ميربحر جي گهر ۾ جنم ورتو. هن 1942ع ڌاري ملھ جي شروعات ڪئي، انهن ڏينهن ۾ ميلن ڪان علاوه شادين جي ڪاڄن توڙي خيراتن تي بہ ملھ جا مقابلا ٿيندا هئا. انهن ملاکڙن ۾ اسان جي تر جا شير ميربحر ۽ غوثو ڪلهوڙو ٻئي جوڙ ۾ مڃتا ماڻي پهرين جوڙ ۾ داخل ٿي چڪا هئا. ٻنهي جي ياري بہ مثالي هئي. غوثو ڪلهوڙو وڏي ڄمار ماڻي گذاري ويو. هو بہ شير ميربحر جيڏو ئي قداور مڙس هو. چون ٿا تہ هُو موجود هوندو هو تہ شير جي دل ٻيٺي ٿي ويندي هئي ۽ ڪڏهن جي شير مارجي ويندو هو تہ غوثو ئي ان جو پلاند ڪندو هو پر جيڪا مشهوري شير ميربحر جي حصي ۾ آئي، ان ڪان غوثو ڪلهوڙو محروم رهيو.

شير ميربحر ڏيک ويک ۾ بہ سراسر پهلوان هو: ڊگهو قد، موڪرو منهن جنهن تي ماتا جا نشان اڃا بہ سندس سونهن سرس بنائيندا هئا. موڪري منهن تي ڊگها وريل شهپر، رنگ جو نہ پورو نہ سانورو. اڪثر پهلوانن جا وهي چڙهڻ سان گڏ پيٽ ٻاهر نڪري ايندا آهن، جنهن ڪري اهي ٻي ڊولا لڳندا آهن پر پهلوان شير ميربحر ڪي زندگيءَ جي ڪنهن بہ حصي ۾ اهڙو

مسئلو پيش نہ آيو. شير جھڙو ھو مھانڊي ۾ موچارو اھڙو ھو ملھ جو ڪاريگر. ان ڪري ھن سڄو ملڪ مطيع بنائي ڇڏيو ھو. سندس پرستارن ۾ رياست جي واليءَ کان وٺي وزير، پير، مير، سردار توڙي عام ماڻھو شامل ھئا. وڏا ماڻھو شير جي مھماني پنھنجي لاءِ فخر سمجھندا ھئا ۽ ھي جڏھن ڪٿان گذرندو ھو تہ ڪيس ڏسڻ لاءِ ماڻھو گڏ ٿي ويندا ھئا. اڄ بہ شير سنڌ جا ھمعصر ٻڌائين ٿا تہ "شير ميربحر وانگر ملھ ۾ ٻيھڻ ۽ پانھينءَ ۾ گھمڻ ٻئي ڪنھن ملھ کي اچي ئي نٿو."

شير ميربحر ڪيترن ئي پرڏيھي پھلوانن سان بہ مقابلو ڪيو، جن ۾ چيڪو سلواڪيا جو زيبسڪر، ھندستان جو گرنام سنگھ ۽ انگلينڊ جو آسٽن شامل ھئا، جن کي ھن پنھنجي ھنر سان قابو ڪري ڪيرايو ۽ برطانوي پھلوان جا تہ ھڏ بہ ڀڃي وڌا. ان وقت سنڌ جا پھلوان ڪي گھٽ نہ ھئا: آچار شيدي، قلب علي جتوئي، انب شيدي، تڳيو ڦل، لالو ڦل ۽ ٻيا بہ ڪيترائي پھلوان ھئا، جن کي بہ وچ جا پاٽي ھئا ۽ شير سنڌ جا ساٿڻ اڪثر مقابلا ٿيندا رھندا ھئا. ملھ ترڪڻ بازي آھي. سدائين ساڳيو پھلوان نٿو جيتي سگھي پر شير ميربحر انھن سڀني کي سوايو ماريو. منھنجا وڏڙا جيڪي ملھ جا شوقين ۽ قدردان ھئا، اھي شير ميربحر جي مقابلن جو اڪثر ذڪر ڪندا رھندا ھئا، جيڪي ھنن راڻيپور، پٽ شاھ ۽ ٻين ميلن تي اکين ڏٺا. ھنن جو چوڻ آھي تہ شير ميربحر جي ھر ملھ يادگار ٿيندي ھئي.

جھڙي ريت فٽبال، ھاڪي، ڪرڪيٽ، والي بال ۽ ريسلنگ وغيره ۾ ميچ فڪسنگ جون خبرون ٻڌجن ٿيون، ملھ بہ ان الزام کان آجي ناھي. ملھن تي بہ اھي الزام لڳندا رھندا آھن تہ اھي پھلواني ڏيڪارڻ لاءِ ملھ ڪُلھہ ڪن ٿا ۽ جنھن پھلوان کي وڏيڪ پئسو پوي ٿو، ان کي ھٿ سان راند ڏني ويندي آھي. ڪجھ پھلوان ان حوالي سان شير ميربحر تي بہ آڱريون کڻن ٿا تہ صلاح واري ملھ جي شروعات شير ميربحر ڪئي پر پنجاسي ورھين جو حامد چنو اھڙي ڳالھ کي سختيءَ سان رد ڪندي چوي ٿو تہ: "ان وقت وارا پھلوان ڪُلھہ کي عيب سمجھندا ھئا، اھي ھڪ ٻئي سان گڏجي ماني ئي نہ کائيندا ھئا، ڇي: جيڪو پنيءَ کان ٻانھن ورائي ھٿ وجھي ان سان کھڙو کائڻ پيئڻ!" حامد موجب، "مون جوانيءَ ۾ شير ميربحر کي اڳوٽي ايم اپي اي

سردار واحد بخش ڀڳهئي جي طهر واري ڪاڄ تي ملهه وڙهندي ڏٺو، جنهن ۾ اتر ۽ لاڙ جا پهلوان آيل هئا. آچار شيدي غوثي ڪلهوڙي کي ماري ويو. ان وقت لائوڊ اسپيڪر نہ هئا، شير رڙيون ڪري آچار کي مقابلي لاءِ للڪاريو پر هن شير سان ملهه وڙهڻ ٻدران وچي ڪپڙا پاتا. اهڙي طرح سرائيڪي وسيب جي پهلوان دوست محمد لاءِ مشهور هو تہ اُهو جنهن بہ ملهه سان ڏمرجي وڙهي، اهو مري نہ تہ ڪري ضرور پر ان تي بہ شير ميربحر جي اک ٺي نہ ٻڌي ۽ ٽيئي ڏينهن ڪيس وارا ڪري ماريائين.“

منهنجو نانو مرحوم يعقوب پيرزادو ٻڌائيندو هو تہ شير ميربحر راڻيپور جي پيرن کي تمام گهڻو پيارو هوندو هو ۽ عوام جي اکين جو تارو بڻجي ويو هو. هو جڏهن راڻيپور جي ميلي ۾ ڪرندو هو تہ ميلو ٺي ڦٽي ويندو هو، ملاکڙي مان مزو هليو ويندو هو، دڪانداري ختم ٿي ويندي هئي. ان ڪري پهلوان بہ اهو چاهيندا هئا تہ شير ميربحر ملاکڙي ۾ چڙهيل هجي. اهو سندس پڇاڙيءَ وارو دور هو پر پوءِ بہ چئي نٿو سگهجي تہ شير ڪا ڪُلهه ڪئي، چاڪاڻ جو پٽ شاهہ جي ميلي ۾ سڄي سنڌ جا پهلوان پهچندا هئا ۽ اتي ڪُلهه جو تصور ئي نہ هو، تڏهن بہ هن پوڙهي شير کي پهلوان ڏکيو ماري سگهندا هئا.

هر راند ۾ ڪجهہ رانديگر اهڙا ضرور هوندا آهن، جيڪي فڪسنگ جهڙو عمل ڪندا آهن پر سمورن ڪيڏارين تي اهڙي تهمت هڻڻ غلط آهي. اڄ بہ سنڌ ۾ اهڙا ملهه پهلوان آهن، جن لاءِ صلاح واري ملهه گار برابر آهي، اڄ بہ اهڙا پهلوان آهن، جيڪي شير ميربحر ۽ قلب علي جتوئي جون سڪون لاهين ٿا. اهڙا پهلوان رڳو پٽ ڏٽيءَ جي ميلي واري ملاکڙي ۾ ڏسي سگهجن ٿا، جتي ڪٿي ميسر نٿا ٿي سگهن. منهنجي تر جي پهلوان پرويز اعواڻ لاءِ بہ ڪُلهه مهٽي برابر هئي، جنهن ننڍي قد هئڻ باوجود وڏن وڏن پهلوانن سان مقابلا ڪيا ۽ پنجتيهن ورهين جي ڄمار ۾ ملهه کان رٽائرمينٽ ورتي. اها بہ حقيقت آهي تہ سڏي ملهه کان ڪُلهه وڌيڪ مزيدار ٿئي ٿي چاڪاڻ جو ٿاهہ هئڻ جي صورت ۾ راند چڱو وقت وٺي ٿي. سمجهو سمجهي ويندا آهن تہ ڪُلهه پئي ٿئي، نہ تہ عام ماڻهو سچي ملهه کي ڪملهه ۽ ڪملهه کي سڏي راند سمجهڻ جي غلطي ڪري وڃهندو آهي. انعام بہ

ڪُملهه ڪندڙ ڪي سچي ملهه واري ڪان جهجهو پوندو آهي، جنهن ڪري ڪيترا پهلوان ڪملهه ڪرڻ تي مجبور ٿي پوندا آهن. وڏڙا ٻڌائين ٿا تہ رستم سنڌ شير ميربحر پنهنجي دور جي سمورن پهلوانن کي سوايو ماريو، رڳو رستم پاڪستان سيد سمن شاهہ ئي اهڙو پهلوان هو، جنهن شير کي گهٽو ماريو جو ان وقت هِي جواني چڙهي پيري ۾ پير پائي چڪو هو ۽ سيد سمن شاهہ ڦوهہ جوانيءَ ۾ هو. هڪ ڀيري محبڻ شاهہ جي ميلي تي شير ميربحر جي پٽ منور کي پهلوان علي حسن شيخ جي ننڍي ڀاءُ الهہ بچائي شيخ ڏڪ ڏئي ٻئي ملهون ماريون. ان وقت شير سنڌ جو منهن ڪاوڙ ۾ لال ٿي ويو. ملاڪڙي ۾ ويٺل پنهنجي دوست کي چوڻ لڳو: ”پهلواني هنن ڪان زور آهي، ان وهيءَ ۾ اسان سان جيڪو هڪ ملهہ وڙهندو هو سو ٻِي ملهہ ڪندو ئي نہ هو ۽ هي هيئيون پاسو ڪنهن کي ٻہ نٿا ڏين!“

پهلوان شير ميربحر کي 1947ع ۾ ملهن جي قومي ڪوچ جي ذميواري سونپي وئي، جنهن کي هو خوش اسلوبيءَ سان نڀائي رهيو هو پر جڏهن 1977ع ۾ وردي پوش ڊڪٽيٽر جنرل ضياءَ پاڪستان جي اڳوڻي وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو تہ شير ميربحر جي نوڪري ختم ڪئي وئي، جنهن خلاف هن عدالت ۾ ڪيس ڪيو. ڪورٽ سندس حق ۾ فيصلو ڏنو پر جڏهن 1984ع ۾ ڪيس کٽڙن جي بيماري وڪوڙي وئي، تڏهن سرڪار هن عظيم پهلوان جي سهائتا ڪرڻ بدران سندس قومي ڪوچ واري نوڪري بہ ختم ڪري ڇڏي.

جرمن چوڻي آهي تہ ”جنهن قوم وٽان راندين جا ميدان ختم ٿي وڃن سمجهو تہ اها زوال طرف وڌي رهي آهي.“ شير ميربحر جي دور ۾ ڀارت ۾ ڊوڙ جو عظيم رانديگر مليڪا سنگهہ موجود هو. اڄ انڊيا ۾ مٿس فلمون پيون ٺهن. ايئرپورٽ ڪان وٺي ڪيترائي ادارا ان جي نالي منسوب ڪيا ويا آهن پر اسان واري سرڪار پهلوان شير ميربحر جي نالي سان سڪٽو ايوارڊ ئي جاري نہ ڪيو آهي. ڀلي تہ سرڪار سڳوريءَ کي تاريخ جو هي املهہ پهلوان ياد نہ هجي پر هو سنڌي ماڻهن جي دلين ۾ زندهہ آهي ۽ سندس نالو صدين تائين ساڳي عزت ۽ احترام سان ڪنيو ويندو.

***

# انور پيرزادو

## پيٽائيءَ جو شِش، سنڌپرست قلمڪار

ڪاهوڙي اديب، صحافي، ڪاٻي ڌر جي نظرياتي سياسي ڪارڪن، ڪورٽ مارشل ٿيل فلائيٽ آفيسر، پيٽائيءَ جي شِش ۽ سنڌ پرست انسان انور پيرزادي جي شخصيت ۽ ڪم بابت گهڻو ڪجهه لکجي چڪو آهي، ان ڪري ورجاءَ کان بچڻ لاءِ آئون ساڻس گهاريل گهڙين جو ذڪر ڪندس. وڏيءَ وٿ جهڙيون اهي يادگيريون ٽيويهن ورهين جي عرصي تي ڦهليل آهن. سالن جي صحبت باوجود هن جي ڪچهريءَ جي اُڃ سدائين سائِي رهِي. جهڙو صورت جو سدا ملوڪ هو، اهڙو ئي ڳالهه ڪرڻ جو ڏانءُ هئس. پنهنجي ٻه ٻڌائبي پر ٻئي ڪي ٻه ڏيرج سان ٻڌبو ۽ ڳالهه دل سان لڳي ته بي اختيار اهڙو داد ڏبو جو آڏو واري ماڻهوءَ جي دل جي مکڙي ٽڙي پوندي.

ڳوٺ جي رواج مطابق اسان وٽ پاڻ کان وڏي کي پائو، پيءُ جي عمر جيڏي کي ڪاڪو ۽ پيءُ کان وڏي کي ڏاڏو چئي مخاطب ٿبو آهي. سو انور صاحب، اسان هڪ جيڏن جو ڪاڪو انور هو. آئون پنجن ورهين جو هوندس جو ڏسندو هئس ته هُو صبح جو سوير فقير يارمحمد جي مئخاني تان نڪري اتر رخ رکندو هو. موهن دڙي جي کنڊرن کي ڏسي، اوپاريون پاسو وٺي وڃي سنڌوءَ جي ڪپ تي پهچندو ۽ اتان ڏکڻ ڏئي ٻلهڙيجيءَ جي ملوڪ شاهه درگاهه وٽان چڙهندو؛ ڪي پل اتي ويهي ڪنيرن جي آويءَ تي پهچندو هو.

هن جو پرائمري استاد ٿيڻ، پرائيويٽ ايم اي انگلش ڪري سنڌ

يونيورسٽيءَ ۾ انگريزي پاڙهڻ، اتان ڪميشن ڪري پاڪستان ايئر فورس ۾ فلائيٽ آفيسر ٿيڻ ۽ ڪورٽ مارشل ٿي قيد ڪاٽڻ، اسانجي عمر کان اڳ جا واقعا آهن، جيڪي ٻاروتڻ ۾ وڏن واتان ٻڌاسين. ان کان علاوه سندس مشهور نظم "اي چنڊ ڀٽائيءَ کي چئجانءِ" ٻه ڪيترن ئي ڳوئائين واتان ٻڌي چڪو هئس پر ڪاڪي انور سان دوستاڻي ويجهڙائپ 1983ع ۾ تڏهن ٿي، جڏهن آئون ڇهين درجي ۾ پڙهي رهيو هئس. فقير يارمحمد جو مئخانو سندس ٺاڪ هوندو هو. اتي ڀٽائيءَ جي بيتن تي فقير يار محمد، انور، ڀائو لطف، ميهر ۽ ٻين جا بحث مباحثا جاري رهندا هئا پر فقير يار محمد جي موجودگيءَ ۾ سياست تي ڳالهائڻ ممنوع هو، جڏهن ته اهو زبردست نظرياتي سياست وارو دؤر هو. فقير جي غير موجودگيءَ ۾ سياسي گفتگو به ٿي ويندي هئي. ڪاڪو انور ڪميونسٽ پارٽيءَ سان سلهاڙيل هو ۽ آئون جيئي سنڌ جي ذيلي تنظيم لطيف سنگت ۾ هئس.

سخي شاهه جمال جو ٻارهو هو. ڪاڪو انور بابي کي چوڻ لڳو: "ادا اڪن! اقرار هاڻ اسان سان ڪچهريون ۽ بحث مباحثا ڪري ٿو، سياڻي جي ڪافر ٿي وڃئي ته اسان کي ميار نه ڏجانءِ." بابا انهيءَ ڳالهه جو ايڏو اثر ورتو جو ڪجهه ڏينهن بعد مڊل اسڪول موهن جو دڙو جي هيڊ ماستر سائين شاهنواز جوڻيجي وٽ پهچي ويو. سائين مڙيوئي ڪنن کان ڪجهه گهٻرو هو، ان ڪري بابا کي ڳالهه سمجهائڻ ۾ وڏي محنت ڪرڻي پئي. پر جڏهن مقصد جي ڳالهه ڪري چڪو ته "اقرار کي اسڪول ۾ قرآني تعليم به ڏيو" تڏهن سائين شاهنواز جوڻيجي چيس: "تو وارو ڇورو هونئن ئي نياڳو ۽ ٺوٺي آهي، ويتر عربيءَ جو بار وڌوسين ته باقي نور به چٽ ٿي ويندس. الله گنج ڏنو اٿئي، پُٽ کي حافظ ڪري پِن جون مانيون کارائيندين ڇا؟" بابا اسڪول کان موٽڻ بعدڏاڍو ڏکارو هو، ڇڻ ڪيس وهم ويهي ويو ته سندس ڇورو دين ايمان کان ويو!

ڪاڪي انور سان وڏيڪ ويجهڙائي تڏهن ٿي جڏهن ايم آر ڊي تحريڪ جي رپورٽنگ ڪرڻ واري ڏوهه ۾ جيل ڪاٽي ٻاهر آيو. تڏهن ساڻس منهنجون ڪچهريون منهنجي تنظيمي دوستن کي نه وڻنديون هيون، ڪين اهو ڊپ هو ته متان سندن تيار ڪيل قومپرست ڪارڪن ڪميونسٽن جي اثر ۾ نه اچي وڃي.

منهنجي نندپڻ جي دوست ۽ سياسي رفيق انور جونيئر به هڪ ڀيري اهڙو خدشو ظاهر ڪيو ته چيومانس: "سائين جي ايم سيد جي اکين واري سنڌ ته ڪاڪي انور جي ڳالهين ۾ موجود آهي." پوءِ انور جونيئر به اسانجي ڪچهرين ۾ شامل ٿيڻ لڳو ۽ مون کان وڌيڪ ڪاڪي انور جي قرب ۾ ڪڙجي ويو.

1986ع ۾ ڪامريڊ جام ساقيءَ جي آزاديءَ کان پوءِ ڪميونسٽ پارٽي ٻن گروپن ۾ ورهائجي وئي پر هي يار ٻنهي کان ڪنڊائتو رهيو. انهن ڏينهن ۾ اسان ڳوٺ ۾ جيئي سنڌ جو يونٽ کولي، هڪ چوڪ تي کهاڙيءَ وارو ڳاڙهو جهنڊو جهولايو ته اها ڳالهه اسان جي ڪميونسٽ دوستن کي ڏاڍي ڏکي لڳي هئي. جيئن ته اسان کي ان وقت سياسي ڄاڻ به گهٽ هئي ۽ ڪميونسٽ دوست اڪثريت ۾ به هئا ۽ اڪثر بحث مباحثا ڪندا رهندا هئا. اسان جڏهن دليلن ۾ ڪٽي پوندا هئاسون ته ڪاڪو انور اسان جو وڪيل بڻجي ويندو هو ۽ ڪين اهڙيون سڌيون ٻڌائيندو هو جو ڪميونسٽن جي ڪنن جو پاپڙيون ڳاڙهيون ٿي ويندڀون هيون ۽ اهي خائف ٿي چوندا هئس "اڇا! جي ايم سيد جيئي سنڌ محاذ جو چيئرمين اوهان کي مقرر ڪيو آهي! اسان ته عبدالواحد آريسر ٻڌو آ." سچ به اهو آهي ته ڪاڪو انور جيئن جيئن ڪميونسٽ پارٽيءَ کان پري ٿيندو ويو، تيئن تيئن سنڌ ۽ پيٽائيءَ ۾ مستغرق ٿيندو ويو ۽ سچي سنڌ جي اکين جو تارو بڻجي ويو، هن جي شخصيت غير تڪراري بڻجي وئي ۽ سنڌ جو هر ساڃاهه وند ساڻس غير مشروط محبت ڪرڻ لڳو.

انور صاحب جي شخصيت جو اهم پاسو ملنساري ۽ عواميت هئي. هن کي عوامي رنگ ۾ رڱجڻ لاءِ ڪو ڏيکاءُ ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي هئي. هُو هارين نارين، ڏنارن ۽ ملاحن سان ڀاڪر پائي ملندو هو. ڪاٺئن سندن ڪرت بابت پڇندو هو ۽ اهي ڪيس ڏسي نِريو پيا ٺرندا هئا. انور صاحب شاهه جي رسالي ۾ سنڌ ڳوليندو هو. هن ڀٽائيءَ جي پيٺارن جو پيڇو جاري رکيو، ان ڪري هن سنڌ جا سيئي طبعي پاڳا به پيٽيا ته لس ٻيلو، روهي ۽ سنگهر پٽيون به گهميو ۽ جتي جتي به ويو، اتي ڀٽائيءَ جي لفظن جي نت نئين معنيٰ معلوم ڪيائين، جيڪا جڏهن علمي محفلن ۾ انور جي واتان بيان ٿيندي هئي ته ٿڏن ڪمرن جي هيراڪ دانشورن کي ڏندين آڱريون اچي

ويندئون هيون. سنڌ گهمندي اتان فون تي ٻڌائيندو هو تہ ڀٽائيءَ جو هي لفظ هِن جاءِ تي هِن معنيٰ ۾ استعمال ٿي رهيو آهي. ڀٽائيءَ کي سمجهڻ جي حوالي سان هن جو وڏو ذريعو ڏراڙ، پنهوار، هاري ناري ۽ مٽيءَ جا ماڻهو هئا. هڪ ڏينهن فون ڪري ٻڌايائين تہ "لاڙ جي هڪ ڳوٺاڻي اسان کي صلاحيندي چيو تہ "چوکن کي ڏنءُ ڏنو آهي، اهي کائي پوءِ وڃو. سو مسٽر، ڀٽائي چوي ٿو تہ "مون کي ڏنءُ ڏيئي، وڃي ڍوليو ڍٽ قراريو" معنيٰ تہ اها سنهڙي ۽ اٺر واري ٻاهه آهي، جيڪا چانورن کي ڳاري ٿي." اهو سندس مخصوص انداز هو.

ڪاڪو انور جڏهن ڳوٺ هوندو هو تہ اسان جا مهين دڙي، ديهہ لانياري، ڪچي توڙي پڪي جا پنڌ هوندا هئا. نئين وٽ ونڻ، ٻير ميڙڻ، پلي پٽڻ، پيرون ۽ ڪارڙا ڪائڻ، هنداڻا، گدرا يا ڏڏٽي ڪائڻ لاءِ نڪري پوندا هئاسين. هو ڪچي واسين کان اتان جي وٽن بابت احوال وٺندو رهندو هو. هڪ ڏينهن گورک پان ڪاڙهي پيارڻ جي فرمائش ڪيائين ۽ اڌ ڪلاڪ تائين ان جي فائدن تي ڳالهائڻ بعد هڪ ڳوٺاڻي کي چيائين "اهو ٻڌاءِ تہ گورک پان ڪهڙي هنڌ تي ٿيندو آهي؟" همراهہ شرمائيندي جواب ڏنس: "جتي گڏهن جي لڏ سڏ هوندي آهي، گورک پان اُتي ٿيندو آ سائين.!"

هڪ ڏينهن ڪچي وڃڻ لاءِ سنبريو، شاهنواز پيرزادو بہ ساڻس گڏ هو. درياهہ ٽپندي رات پئجي وين. پاٽڻي ڪين لاهي روانو ٿي ويو. ٿورو اڳتي هليا تہ پاڻي ڏسڻ ۾ آين. هنن پاڻيءَ ۾ گهڙڻ جو جوکم کڻڻ بجاءِ ۽ رات اتي ئي رهڻ جو فيصلو ڪيو. همراهہ جهونجهڪڙي تائين لئي جي ٽارن کي وچاڙو ڪري وينا رهيا. صبح ٿيڻ تي خبر پين تہ اتي پاڻي پنيءَ ٻوڙ بہ نہ هو ۽ ٿورو ئي اڳيان تہ سُڪ لڳي پئي هئي!

ڪاڪو انور چوندو هو تہ سنڌ جي دردن جو درمان ڀٽائيءَ جي فڪر ۾ آهي. اسان اهل ڪتاب قوم آهيون، جنهن وٽ پنهنجو رسالو آهي. دنيا لاءِ پيغام آهي، ڀٽائيءَ جو فڪر ۽ فلسفو ئي ڪُل عالم کي امن جو آماجگاهہ بڻائي سگهي ٿو. فلسفو هيءُ آهي "مفتي منجهہ وهار تہ قاضي ڪاٽيارو نہ ٿئين." ڪاڪو انور چوندو هو تہ سنڌ جا احسان تہ ڳاڻيٽي کان ٻاهر آهن پر ڀٽائي سنڌ کي بہ وسعت ڏني آهي. شاهہ پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جا سمورا

لهجا ڏٺي سبي، مڪران، لس ٻيلي، ڪاڇي، ٿر، ڪوهستان، ڪڇ پڇ ۽ لاڙ اتر ڪي گڏي ڇڏيو آهي. اڄ جيڪڏهن انهن علائقن جا ماڻهو هڪ ٻئي جي ٻولي سمجهن ٿا ته اها ڀٽائيءَ جي ڪرامت آهي ۽ هاڻ سنڌي ٻوليءَ ڪان سنڌن سَڱ ڪير به ڇني نٿو سگهي:

ڇنڻ تان مَ پيو، هي سڱ نه ڇنڻ جهڙو...

انور صاحب جو خيال هو ته شاهه جا رسالا مرتب ڪندڙ سمورن محققن جو شهرن سان تعلق رهيو، جن جو لهارڪي، ڪنڀارڪي ۽ ڪورڪي ڪرت سان ڪو به واسطو ناهي. نه اهي سنڌ جي جانارن ڪان واقف آهن، نه ئي ولين ۽ وڻن جي سُڌ رکن ٿا. انهن کي "ڪپر ڪارونڀار" جي ڪهڙي خبر؟ اهو ته اسان کي هاري ناري، ڏراڙ، پنهوار، ڪوهاٽا، ٻيڙياتا، لوهار، ڪنڀار، جت ۽ اوٺي ٻڌائي سگهن ٿا. برابر اسان جي شارحن قرآني آيتن، صوفياڻن اصطلاحن، عربي ۽ فارسيءَ جي عبارتن جون صحيح معنائون ته ڏنيون آهن پر بنيادي سنڌي لفظن جي معنائن ۾ ڏُکا هنيا آهن، جيئن سوئيرو جي معنيٰ سوئو جاٽائي ڇڏيائون.

هڪ ڏينهن انور صاحب سنڌيءَ جي هڪ پاڻ مرادي وڏي شاعر جو مضمون پڙهي باهه ٿي ويو. اُن شاعر صاحب فرمايو هو ته ڀٽائيءَ جي ٻولي متروڪ ٿي وئي آهي. اسان کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو "اسان جا وڏا شاعر ۽ عالم پنهنجي گهر ڪان ٻاهر نٿا نڪرن ۽ وڏي نڪ نرجائيءَ سان چون ٿا ته ڀٽائيءَ جي ٻولي متروڪ ٿي چڪي آهي. ڀٽائي جي ٻولي ته اڄ به ڳالهائي وڃي ٿي پر ان لاءِ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ لتاڙڻي پوندي."

1994ع ۾ انور صاحب سان اخبار ۾ گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. روزاني "برسات" ۾ ڪانئس هڪ ڪم نه ورتو ويندو هو. ڪڏهن نيوز ڊيسڪ ته ڪڏهن ايڊيٽوريل پيج، ڪڏهن رنگين ته ڪڏهن ييلو پيج سندس حوالي هوندو هو جنهن ۾ اقتصادي خبرون ۽ اسٽاڪ مارڪيٽ جا شيئر ريٽ وغيره جاٽايل هوندا هئا. اتي به هن ڀٽائيءَ جا بيت ڏيڻ شروع ڪيا. انشورنس جي موضوع تي ، "وت ويمي جو جي لهين ته ٻي ڪار نه ڪرين ڪا..." جهڙا بيت ڇاپي هڪڙي اخبار ۾ ڪم ڪندي ڪڏهن به آدم بيزار نه لڳو. سندس ٽيبل آڏو مهمان وينا ئي وينا هوندا هئا. ساٿن ڪچهري به هلندي رهندي هئي،

پنهنجو ڪم بہ ڪندو رهندو هو. ان جي ابتڙ سندس ويجهو دوست بدر ابڙو ان معاملي ۾ ڏاڍو حساس آهي. گوڙ شور ۾ ڪم نہ ڪري سگهندو آهي. ڀنهي ڪي آفيس جو هڪ ئي ڪمرو مليل هو. بدر صاحب ڪمري جي پٽ تي هڪ نوٽيس هڻي ڇڏيو هو: "دوستو، مهرباني ڪري آهستي ڳالهايو" ۽ انور صاحب ان جي هيٺان ئي لکي ڇڏيو هو: "سينٽرل جيل ڪراچي!"

ڪاڪي انور ڪي اسان سندس لکڻيون شايع ڪرائڻ لاءِ پيا ستائيندا هئاسين پر هن جو سدائين ساڳيو جواب: "ها ڪتاب ضرور آڻبو، ڪجھ واندڪائي ٿئي- هي تہ اخبارن جو پيٽ ڀرڻ لاءِ رف ڪم ڪيو اٿم!" سندس شاعريءَ جو ڪتاب "اي چنڊ ڀٽائيءَ کي چئجانءِ" بہ شاهہ محمد سموريون حُجون هلائي ڇپرايو هو. ڪجھ وقت ڪان پوءِ ناميار اديب ۽ سندس دل گهرئي دوست محمد علي پٺاڻ هن جي هڪ ڪتاب "ڀٽائي" جو مسودو ڪٽي سندس آڏو رکندي چيو، "هن ۾ ٿوري ڪريڪشن ڪري ڏيو، هفتي ڏيڍ اندر ڪتاب آڻيون ٿا." انور صاحب چيو تہ "هي ڪتاب ايڊٽ نہ پر ري رائيٽ ٿيندو. گهڻن هنڌن تي مون ڪان غلط معنيٰ لکجي وئي هئي، جيڪا هاڻ سمجهي اٿم. ٻيو تہ هن ۾ ڪجھ اهڙا مضمون آهن، جن تان هٿ ڪٽي ويو آهيان." محمد علي پٺاڻ مايوس ٿي موٽي ويو. انور صاحب جي وفات ڪان پوءِ "ڀٽائي" توڙي سندس ٻيون لکڻيون جيئن جو تيئن ڇاپيون ويون. جيڪڏهن انور صاحب پاڻ انهن ڪي نظر مان ڪڍي ها تہ اڄ انهن جي شڪل يقيناً ٻِي هجي ها ۽ اهي سنڌ جو قومي ورثو قرار ڏنيون وڃن ها.

ڪاڪي انور جي خواهش هئي تہ ڀٽائيءَ جو هڪ اهڙو ڪمپيوٽرائيزڊ رسالو تيار ڪجي، جنهن ۾ جيڪڏهن "هاڙهو" لفظ ٽائيپ ڪجي تہ هاڙهي جي تصوير اسڪرين تي اچي وڃي. ان جي ڊيگھ- ويڪر سميت سمورا تفصيل بيان ٿيل هجن: هاڙهي ۾ ڪهڙيون ذاتيون رهن ٿيون، اتي ڪهڙِيون پوکون ٿين ٿيون، اها سڄي معلومات هڪ ڪِلڪ سان ڪمپيوٽر جي اسڪرين تي اچي وڃي. اهڙي طرح هيءَ بہ سندس خواهش هئي تہ سنڌ ۾ هڪ مثالي وسندي هجي، اتي ايتري تہ صفائي سٿرائي هجي جو ماڻهو بنا جتيءَ جي پيو گهمي ڦري.

مان ڪيس سندس ماضيءَ جي حوالي سان ڪوٺيندو رهندو هئس. هُو

اسان کي پنهنجي عشقن جا داستان، جيل جا تجربا ۽ ان دؤر جا سياسي ۽ ادبي قصا ٻڌائيندو رهندو هو. هو ٻڌائيندو هو ته سندس پهرين گرفتاريءَ وقت جيل بنگالين سان ڀريل هوندا هئا، جيکي چانور کائڻ جا شوقين هئا. بنگالي ٻين قيدين کي ماني ڏئي کائڻ چانور وٺندا هئا. گهڻو ڪري سڀ قيدي ساڻن ڪاڌي جو تبادلو ڪندا رهندا هئا پر هن ڪڏهن به اهڙو واپار نه ڪيو. انور چوندو هئن ”اسان لاڙڪاڻي واسي به چانورن جي ملڪ جا آهيون، مان پاڻ ٻين قيدين کي ماني ڏئي چانور وٺندو آهيان.“

ڪورٽ مارشل ٽيڻ واري واقعي ڪانپوءِ ميان لعل بخش پيرزادي ميڊم اشرف عباسيءَ معرفت پٽي صاحب  کي انور لاءِ سفارش جي درخواست ڪندي چيو: ”اسان جي لاڙڪاڻي جي هڪ نوجوان سان ايئرفورس ۾ زيادتي ڪئي وئي آهي...“ تڏهن، عوام کي طاقت جو سرچشمو قرار ڏيندڙ ذوالفقار علي ڀُٽي بيگم اشرف عباسيءَ کي مخاطب ٿيندي چيو: ”توهان جو اهو لاڙڪاڻي وارو نوجوان هاڻي ته خير سان گهر پهچي ويو آهي پر جهڙو هن خط لکيو هو، اتي جي مان هجان ها ته ڪيس زندهه نه ڇڏيان ها.“

ڪاڪي انور کي ضيائي مارشل لا ۾ 6 مهينا ڊٽين ٿي. هو اهو سمورو عرصو سکر سينٽرل جيل ۾ رهيو، جتي ايم آر ڊي ۾ شامل ڪيترين ئي جماعتن جا اهم اڳواڻ به قيد هئا. اسان کي ٻڌائيندو هو ته ڊٽين پوري ٿيڻ تي هن کي ٻن جي يو آءِ اڳواڻن سان گڏ هڪ فوجي آفيسر وٽ پيش ڪيو ويو، جنهن جو قد ننڍيو ۽ ڪن وڏا هئا. آفيسر ٽنهي همراهن کي غور سان ڏسڻ کان پوءِ چوڻ لڳو: ”سکر ضلعي ۾ لکين هندو رهن ٿا، توهان کي غيرت نٿي اچي، اسلامي حڪومت خلاف بد شد ڳالهائڻ بدران انهن سان وڙهي نٿا مروا!“

ڪاڪو انور سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي اڳواڻن بابت ٻڌائيندو هو ته مرحوم رشيد ڀٽي ۽ تاج بلوچ اليڪشن ڪرائڻ کان قسم کڻي ڇڏيو هو، ڪين ڊپ هو ته سنگت جون چونڊون ٿيون ته قومپرستن جا حامي کٽي ويندا، جنهن جي هنن سخت مخالفت ڪئي. ان سلسلي ۾ ثريا مخدوم اليڪشن ڪرائڻ لاءِ سيڪريٽري جنرل ڏانهن خط لکيو، ته جوابي خط ۾ سيڪريٽري جنرل جيڪا ٻولي استعمال ڪئي، اها نامناسب ۽ انتهائي ڪريل هئي، جنهن تي اسان جدوجهد ڪري ڪين سنگت جي اليڪشن ڪرائڻ تي

مجبور ڪيو. چوندن ۾ ڏانڊليءَ جي دانهن ڪندو رهندو هو ۽ اڪثر هي مثال ڏيندو هو ته هڪ ڪائونسلر اهڙو به هو جنهن کي رجسٽر تي پنهنجو نالو به صحيح صورتخطيءَ ۾ لکڻ نه پئي آيو. ڀلا جنهن کي پنهنجو نالو لکڻ نه اچي، اهو کهڙو ادب تخليق ڪندو. ان وقت تاج بلوچ ڪيس به پيرا بائيڪاٽ ڪرڻ جو مشورو ڏنو پر هن سنگت جي وسيع تر مفاد ۾ بلوچ جي صلاح تي غور نه ڪيو البت ايترو مڃيندو هو ته جي هُو سنگت جو سيڪريٽري ٿي به وڃي ها ته تاج جوئي جيترو ڪم نه ڪري سگهي ها. انور صاحب تاج جوئي جي صلاحيتن جي تعريف ڪندو هو. اهڙي نموني مرحوم منير احمد ماڻڪ جي حوالي سان به اعتراف ڪندو هو ته پاڻ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اثر هيٺ ڪانئس پري رهيو، نه ته پارٽي اندر ماڻڪ جي ليول جو ڪو به ماڻهو نه هو، ان ڪري اهي ڪيس سمجهي نه سگهندا هئا. ماڻڪ ۽ انور رشين ايمبسيءَ ۾ گڏجي ڪم ڪيو پر ڪميونسٽ اڳواڻن جي چوڻ تي انور ماڻڪ کان پري پري رهيو.

انور صاحب شاهه سائينءَ تي ڪيل ڪم جي حوالي سان معمور يوسفاڻيءَ جي تعريف ڪندو هو، چوندو هو: ”يوسفاڻي صاحب ساڃي ڏر جو هو، جنهن ڪري ڪانئس دور رهيس پر مون کي نظرياتي وابستگيءَ ڪان مٿاهون ٿي ڪانئس سکڻ گهرجي ها.“

اسان ڪيس ڳائيندي ڪڏهن نه ٻڌو پر جوانيءَ ۾ اهو شوق به ڪيائين، البت پڇاڙيءَ تائين ڳوٺ جي راڳي فقيرن سان سنگت ۾ شامل ٿيندو رهندو هو. ڪڏهن مٽيءَ تي هٿ هڻندو هو، ڪڏهن ٿلي وڄائيندو هو. شروع ۾ ڏاڏي وريل سان ڍولڪ تي سنگت ڪندو هو. ڳوٺ جي جوڙ کي ٿلي به پاڻ عنايت ڪيائين. سنڌي پيروي ۽ سورٺ سندس پسند جا راڳ هئا. اڪثر فنڪارن کي انهن جي فرمائش ڪندو رهندو هو. ڪلاسيڪي موسيقيءَ سان چاهه هئس. 2001ع ۾ آمريڪا ويو ته، اتان مشهور ڳويي خان صاحب محمد حسين سر آهنگ جون نوَ عدد آڊيو ڪئسٽون آنڊائين. انور صاحب چوندو هو ته ڀل ڀلان جو ڇيھ ئي ناهي پر صوفي فقيرن ۾ جيئڻ عثمان فقير ڀٽائيءَ کي پڙهي ٿو، ائين ٻيو ڪو نٿو پڙهي.

ڪاڪو انور لکڻ لاءِ سدائين همٿائيندو رهيو. هن مون کي ڪيترائي

پيرا سياست کان پاسيرو ٿيڻ لاءِ چيو. مون کي چوندو هو تہ: ”تنهنجو سياست سان ڇا وڃي، تو ۾ سياستڪار وارو روح ئي ڪونهي. تون بس لکندو رهہ!“ مان ساڻس ان ڳالهہ تي اختلاف ڪندي چوندو هئس تہ سيني سنڌين جو فرض آهي تہ قومي غلامي خلاف جدوجهد شامل هجون.“ ان تي چوندو هو تہ: ”تون جيڪا لکڻ سان سنڌ جي خدمت ڪري سگهين ٿو، اها سياسي ڪارڪن جي حيثيت سان نٿو ڪري سگهين. سڀ ماڻهو ووٽر تہ ٿي سگهن ٿا پر سياستدان نہ.“ چوندو هو: ”مان سنڌ جي آزاديءَ لاءِ توهان سان متفق آهيان پر هاڻ قومي آزادي گوريلا جنگ سان نٽي وٺي سگهجي. توهان تعليم ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ اڳيرا ٿيو ۽ دنيا سان انٽرنيٽ ذريعي ڳنڍجي وڃو تہ اوير تيمور وانگر سنڌ کي بہ آزاد ڪرائي سگهو ٿا.“

ڪاڪو انور 2001ع ۾ سانا جي دعوت تي آمريڪا ويو هو، جتي ڪيس سانا پاران نڪرندڙ مئگزين جي ايڊيٽر جي ذميواري ڏني وئي پر هڪ پرچي کان پوءِ ڪانئن ڏار ٿي ويو، واپسيءَ تي ٻڌايائين تہ: ”ڏيساور جا سمورا سنڌي سنڌوديش جا حامي آهن ۽ سڀ جا سڀ اتي سيٽ ٿي ويا آهن. سندن سنڌ ورڻ جو ڪو امڪان ۽ ارادو ڪونهي پر اسان کي سنڌ ۾ رهڻو آهي، ان ڪري اسان اهڙي ڳالهہ نٽا ڪري سگهون.“ پر پوءِ جڏهن نواب اڪبر بگٽيءَ کي شهيد ڪيو ويو، تڏهن هن هڪ ڪالم ۾ لکيو تہ ”اسان سنڌي ۽ بلوچ اوڳي اٽ جيان آهيون، جنهن کي پلي اوهان مهارون ۽ ناڪيليون هڻو، نيئر ۽ ڏانوٽيون وجهو پر اُٺ جي دشمنيءَ کي هرگز نہ وسارجو. اُٺ جڏهن مستيءَ ۾ اچي سوار سان وڙهندو آهي تہ اُن جا هڏ گُڏ پچي سندس سيني تي چڙهي ويهي رهندو آهي ۽ ڪن ڏئي سندس دل جي ڌڙڪن ٻڌندو آهي تہ ڪٿي ساهہ ذري باقي تہ نہ بچي اٿس!“

ڪاڪي انور آمريڪا ۾ ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي عمارت بہ گهمي ڏٺي، جيڪا ان کان هفتو ڪن پوءِ دهشتگرد حملي ۾ زمين بوس ٿي پنهنجو وجود وڃائي ويٺي. اسان پوڇڻ ۾ ڪيس چوندا هئاسين تہ اوهان کي پينٽاگون بہ ڏسڻ گهرجي ها.

ڪاڪي انور ۽ مون ٻلهڙيجي هسٽاريڪل سوسائٽي ٺاهڻ لاءِ وڏا وس ڪيا، پر ڪامياب نہ ٿياسون، جو اسان کي سنگت جي گهربل مدد نہ ملي

سگهي. هڪ اهڙو ڳوٺ جنهن ۾ شاعرن ۽ صحافين جو انگ 100 کان مٿي هجي ۽ ان ڳوٺ جي 100سالن جي تاريخ تي ڪو ڪم نہ ٿيو هجي تہ، اها مايوس ڪندڙ ڳالهہ ضرور هئي. پوءِ اسان ڪم شروع ڪيو. مون شاعرن، دڪاندارن، ڪوهاٽن، رانديگرن ۽ ٻين ڏنڌن سان منسلڪ ماڻهن جي فهرست ٺاهي. اڪيلي سر ڪو بہ ڪم نٿو ٿي سگهي. هر ڪم همراهن سان ٿئي ٿو. ڪچهرين ۽ گهمڻ ڦرڻ ۾ تہ ڪيترائي دوست گڏ هوندا هئا پر سندن عملي سهڪار نہ ملي سگهيو ۽ اسان ناڪام رهياسين. ها، محمد علي پناڻ اسان سان هر ڪم ۾ ساڻ هوندو هو پر تيستائين جيستائين انور پيرزادو ڳوٺ ۾ موجود هوندو هو، ان کان پوءِ نظر ئي نہ ايندو هو. اصل ۾ محمد علي، انور صاحب جو عاشق هو. ڪاڪو جڏهن بہ ايندو هو تہ محمد علي پنهنجون سموريون مصروفيتون ختم ڪري ٻلهڙيجي پهچي ويندو هو. پوءِ ٻئي ڪڏهن ڪچي تہ ڪڏهن ڪاڇي، جبل، پٽ شاهہ يا ٻئي ڪنهن ميلي ملاکڙي تي روانا ٿي ويندا هئا. اسان محمد عليءَ کي ڳوٺ ۾ ڏسندا هئاسين تہ سمجهي ويندا هئاسين تہ ڪاڪو انور يا تہ پهچي چڪو آهي يا پهچڻ وارو آهي. ڳوٺ ۾ ڊاڪٽر بشير، انسپيڪٽر طارق، ماما غلام شبير پيرزادو، لطف، انور جونيئر، اصغر انصاري، استاد اختيار پيرزادو، سيٺ قاسم پيرزادو، جانيئڙو سنڌي، پيرباغ علي ۽ ٻيا سندس ساٿ ۾ هوندا هئاسين. گڏجي سچل جي ميلي تي ويندا هئاسين، جتي سندس وارهہ جا ذاتي دوست بہ پهچي ويندا هئا. هن جي سرڪاري اديبن سان گهٽ پوندي هئي، ان ڪري هو عام ماڻهن ۽ فقراءَ وانگر ميلو گهمندو هو. هي فقراءَ جي اکين جو تارو هو، اهي بہ سندس اچڻ لاءِ باسون پيا باسيندا هئا.

2004ع ۾ انور صاحب جي پهريتي پٽ زبير ڦوهہ جوانيءَ ۾ لاڏاڻو ڪيو تہ هن جي ڪاڪ ئي ڪومائجي وئي. زبير هن جو پٽ بہ هو تہ دوست بہ هو، جيڪو سندس مڌ جي محفلن ۾ ساقي هوندو هو. زبير جا ٻچڙا ننڍڙا هئا. اهو ڪاپاري ڌڪ هو. اسان سمجهيو تہ ڪاڪو انور اهو ڌڪ پچائي نہ سگهندو پر هن وڏي بهادريءَ سان صورتحال کي منهن ڏنو. برابر هن جو اندر اڌ ٿي چڪو هو پر جي هي بہ رڙي روئي تہ زبير جي ٻچڙن کي پرچائي ڪير؟ زبير جي ٽيجهي واري ڏينهن پٽائي سرڪار جو ميلو بہ شروع ٿي ويو

هو. ميلي تي سدائين گڏ ويندا هئاسين، پر هن دفعي اسان پروگرام ڪينسل ڪري ڇڏيو. صبح جو ٽڏي تي پهتس ته پڇيائين "ميلي جو ڪيئن پروگرام آهي؟" چيم "ڪاڪا! هن ڀيري ميلي تي نٿا هلون. ايندڙ سال گڏ هلنداسين." توقع جي ابتڙ ردعمل ڏيکاريندي چيائين: "ڪيئن نه هلنداسين يار! پيو کهڙو در آهي، جتي هلي سور وياچينداسين؟ مون کي زبير جي موت جي ايف آءِ آر به پٽ ڏٽيءَ جي عدالت ۾ درج ڪرائڻي آهي. سامان کڻي اچو، هلون ٿا ميلي تي." پائو لطف ڪيس سمجهايو ته "تعزيت لاءِ مهمان اچي رهيا آهن، اوهان ڪين نه ملندؤ ته اُهي مايوس ٿيندا. اسان ماهه پهرين جمعي تي هلنداسين." چيائين "ٺيڪ آهي پر اقرار ۽ سيٺ قاسم منهنجو خط کڻي پٽ شاهه وڃن." ان وقت جوهيءَ کان ڪجهه دوست تعزيت لاءِ آيل هئا، ڪين چيائين ته هنن پنهي همراهن کي دادوءَ تائين جيپ ۾ ڪنيو وڃو. اسان ڪاڪي انور جو اهو خط پٽ ڏٽيءَ جي پيرانديءَ کان بيهي پڙهيو، جنهن ۾ لکيل هو:

نيل سلامن سپرين، لِڪ سلامن لوءِ
پهرين چٽج پرينءَ کي، پر کي چٽج پوءِ
جو ڳڻن سين ڳڏوءِ، تنهن بندي ٿي بندگيون چيون.

انور صاحب ڪميونسٽ پارٽيءَ مان نڪرڻ بعد سوشلزم ۽ سوشلسٽ اڳواڻن تي وڏي واڪ تنقيد ڪندو هو پر ڄام ساقيءَ وانگر مذهبي نه ٿيو. چوندو هو ته "صوفي وڏا انقلابي ۽ نواڻ پسند آهن، بنياد پرستي ۽ مذهبي تنگ نظريءَ خلاف جيڪا صوفين جدوجهد ڪئي آهي، اها ترقي پسند توڙي ڪميونسٽ به نه ڪري سگهيا آهن." الله سائينءَ جي تشريح ۾ پٽائي صاحب جو هي بيت اڪثر پڙهندو هو:

سو هي سو هو، سو اجل سو الله،
سو پرين سو پساهه، سو ويري سو واهرو.

اهڙي طرح سچل سائينءَ جي هيءَ سٽ به ور ور ڪري پڙهندو هو:
"ديس سچل دا درس درازي، مکو، نا ملتان..."
چوندو هو: مکو روحاني مرڪز ۽ ملتان سياسي عسڪري طاقت جو

مرڪز هو پر سچل ٻنهي ڪان درازا واري ديس ۾ ان جي پيغام سان وڏيڪ محبت ڪري ٿو.

2006ع ۾ سندس وني تاج خاتون به وفات ڪئي. جيئن ته چاچي تاج ڪانئس عمر ۾ به وڏي هئي، ان ڪري جوانيءَ وارن ڏينهن ۾ ڪاڪي انور ڪيس انتظار ۾ اوجاڳا ڏنا پر جيئن جيئن هن جي عمر وڌي وڌندي تيئن تيئن سندس آر پنهنجي ونيءَ تي ٿيندو ويو. جڏهن اهڙين ڳالهين تي اسان ڪيس ٽوڪيندا هئاسين ته پنهنجي مخصوص انداز ۾ چوندو هو: "مسٽر! جڏهن توهان جي عمر پنجاهه ورهيه ٿيندي، تڏهن ان جو اوهان کي احساس ٿيندو، في الحال پلي پيا گهمو ڦرو."چاچي تاجل جي وڇوڙي ڪيس نهوڙي ڇڏيو. بيماري به سندس جيءَ کي وئي وڪوڙي. زبير جي ٻارن کي به گهٽو ٽائيم ڏيٽو پوندو هئس. ان جي باوجود موقعو ملندو هئس ته سنڌ جون حسناڪيون پسڻ لاءِ نڪري پوندو هو. جيئن اسان واري علائقي جي ڪچي جا ماڻهو سندس اچڻ جو انتظار ڪندا هئا، تيئن جبل جا معرفاڻي به هن لاءِ دڳ ۾ ديد وجهيون ويٺا هوندا هئا. منظور معرفاڻي ساڻس سکر سينٽرل جيل ۾ گڏ رهيو هو، جنهن جي ڪري سڄو ٽر انور جو واقف ٿي ويو هو. معرفاڻي هر پيري ڪيس ڪيرٿر جو ڪو نه ڪو گوشو گهمائيندا رهندا هئا. ائين ٽر ۾ به هن جون پڇائون ٿينديون رهنديون هيون.

21 جنوري 2007ع تي سندس ساهه جو پکيئڙو پرواز ڪري ويو. ڪاڪي انور جي لاڏاڻي کان پوءِ ٻلهڙيجيءَ ۾ لطيفي ڪچهرين ۾ بحث مباحثن جو ڄڻ باب ئي بند ٿي ويو آهي:

متارنئون پوءِ، مِٺا مَٽَ مِٽي ٿيا...!

# مير محمد پيرزادو

ٻلهڙيجي پنهنجي بيهڪ ۾ اڄ بہ سنڌ جي هڪ سهڻي وسندي آهي پر چاليهارو سال آڳاٽي ٻلهڙيجيءَ جي اوڀارين بند تي بيهي ڏسبو هو تہ سنڌوءَ جي سيني تي ترندڙ ٻيڙين جا وڏا وڏا سڙهہ نظر ايندا هئا ۽ پريان نيڻ نهار تائين ٻيلو هو، جتي تترن جون ٻوليون پرنديون رهنديون هيون ۽ مال جي چڙن جي چونگار ٻڌڻ ۾ ايندي هئي. اُن ٽاٽي ڪنهن ڏراڙ جي بانسريءَ جي دانهن ڪن پوندي هئي تہ ماڻهو منڊجي ويندو هو. شام ٿيندي ئي درگاهن تي صوفين جا ٻول ٻُرڻ لڳندا هئا ۽ رات وهامي ڏينهن ٿي ويندو هو. اهڙو ماحول شاعريءَ لاءِ سازگار هوندو آهي پر شرط اهو آهي تہ آدمي اڪ الٽي ڏاريندو هجي ۽ سائين مير محمد پيرزادي سان ننڍي لاڪون اهو قلم لاڳو هو. ان ڪري ئي سندس شاعري پڙهندي جتي نج ڳوٺاٽي ٻولي ملي ٿي، اتي اسان هڪ صدي اڳ واري سنڌ جي سونهن بہ پسي سگهون ٿا. ساڳي وقت هن جي شاعري پڙهندي پرينءَ سان ملڻ جي سڪ ويتر وڌي وڃي ٿي. هي سنڌيءَ جو خواجہ غلام فريد آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ موسيقي، ترنم ۽ مٺيءَ جي مهڪ آهي. جيئن خواجہ غلام فريد کي روهيءَ جي سونهن شاعر بڻايو، ايئن مير محمد پيرزادي کي مهين دڙي جي ملهائتي مٺيءَ شاعر بنائي ڇڏيو.

ننڍپڻ ۾ ئي هن جي مشاهدي واري اک غضب جي هئي ۽ هو ٻالاپڻ ۾ بہ شاعر لڳندو هو. هن کي قدرتي نظارن، ڪتابن ۽ سر سنگيت سان دلچسپي هئي. اهو سهڻين اکين وارو ٻالڪ هڪ جيڏن ڪان اک بچائي وڏن جي ڪچهريءَ ۾ وڃي ويهندو هو. هن کي ڏک بہ پلئہ پيا تہ محبتون بہ بي

انداز مليون. چئن پيڙهن جي هِن اڪيلي پاڻ تي دعا جو نالو جڙيو رکيل هو ۽ ڪيس تقريباً اڌ ڳوٺ جڙيو يا جڙيل سڏيندو هو.

ميرمحمد پيرزادي جي وڏن جو واسطو درگاه لواري شريف جي نقشبندي صوفين سان آهي، جن جي طريقت ۾ ساز جي ممانعت آهي پر ٻلهڙيجيءَ جا پيرزادا راڳ جا شوقين آهن ۽ انهن ڪڏهن به اها پابندي قبول نہ ڪئي. سائين ميرمحمد جو والد رحمت الله پيرزادو ناجيہ جماعت جو اهم اڳواڻ ۽ شاعر هو. سندس گهڻي شاعري پنهنجي مرشدن جي شان ۾ آهي، جنهن کي اهي قصائص پاڪ جو نالو ڏين ٿا. هُن جون ڪجهہ مجازي ڪافيون پڻ چيل آهن. وٽس سڄي سنڌ جا ناجي ايندا رهندا هئا جن جي ڪچهرين جو موضوع تصوف ۽ علم ادب هوندو هو. ميرمحمد ننڍي لاڪون اهي ڪچهريون ٻڌندو رهندو هو. اجا ٻار ئي هو جو سندس والد لاڏاڻو ڪري ويو. هن کي پنهنجي چاچي دوست علي پيرزادي پاليو ۽ پڙهايو جيڪو ننڍڙو سرڪاري ملازم ۽ وڏو عيالدار شخص هو، باقي اهڙو سيبتو، سچاڻ ۽ هرفن مولا جو ماڻهو سندس ڏاهپ ڏسي دنگ رهجي وڃن. گهر جي جاءِ ٺاهڻ وقت پاڻ سرون ڪاٽائين، ڪورو ٺاهي پچايائين. جاءِ جي اوساري پاڻ ڪيائين. ان ۾ ڪرڙ جي ڪاٺين جون پٽيون وڌائين جيڪي به پاڻ وڍيائين ۽ ٺاهيائين. ان جي صحبت ۾ سائين مير محمد گهڻو ڪجهہ سکيو.

سنڌ جو هيءُ البيلو شاعر 1944ع ۾ مُهين دڙي جي هنج ٻلهڙيجيءَ ۾ جائو. پرائمري پاس ڪري ڏوڪري هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتائين. 10 ڪلوميٽر ڏور ڏوڪري رستو نہ هئڻ ڪري ٻلهڙيجيءَ کان ويهن ڪلوميٽر جي پنڌ برابر هو، جو ان لاءِ بچاءُ بند وٺي حسن واهڻ وڃڻو پوندو هو، جتان ڏوڪريءَ لاءِ سڙڪ نڪرندي هئي. ايتري پنڌ تي روزانو اچ وڃ جي ڏکيائيءَ جي ڪري هيءُ پنهنجي پيءُ جي دوستن وٽ رهيو، جيڪي لوهارڪي ڪرت ڪندڙ ۽ سندن مرشد پائي هئا، جن جا پونئير هاڻ پناڻ سڏائن ٿا. ان دور ۾ ڏوڪري ناجين جو ڳڙهہ هو. قاضي، جوڻيجا، پيجا، ٻُٽ، لوهار ۽ ديوان وڏي زور شور سان چوٽين پاڪ ملهائيندا هئا. ناجي جماعت وارا صوفي پنهنجي جماعت جي ماڻهن کان علاوه ٻي ساري مخلوق کي غير ناجي سڏيندا آهن. اهي غيرن سان ڪاڻ پيڻ، پٽ برادري ۽ سنگت صحبت

ڪان ٿارو ڪندا هئا پر سائين مير محمد، ڳوٺ جي فقيرن ۽ الهداد ڀوهٽي صاحب جهڙن لائق استادن جي صحبت ۾ گهڻو ڪجهه سکيو جن ڪيس سراپا سيڪيولر بڻائي ڇڏيو هو، تنهن ڪري هن ناجين سان بغاوت ڪري غيرناجين سان مجلسون ۽ محفلون ڪيون ۽ پير پائين ڪي ٻڌايو ته سندن اهو عمل حضرت سلطان الاولياءَ جي تعليم جي بنهه ابتڙ آهي، جنهن ۾ هي گهٽي قدر ڪامياب ويو ۽ اڄ صورتحال اڳي ڪان مختلف آهي.

سائين مير محمد جو چاچو ڪريم بخش عرف ڪلو قلندري طريقت وارو جلالي فقير هو، جنهن جو ڳوٺ ٻاهران آستانو هو، جتي ٻه ٻارا سبزي ٻه ڪندو هو. هُو نشي پتي ڪان پري هو. پنهنجي طبيعت وارو ماٺهو هو. همراه جي زال ذات سان هرگز نه پئِي. مائيءَ جي هٿ جي پچايل ماني ٻه ناهي ڪائٽي. 'پاڻ پچايون پاڻ ئي ڪائون' وارو ڪم هو. ڪڏهن اوتاري ۽ دل جا اڳڻ هر ڪنهن لاءِ کولي ڇڏيندو هو ته ڪڏهن جلالپ ۾ اچي ڪنهن کي ٻه ويهڻ ئي نه ڏيندو هو پر هن، پنهنجي پائٽي جو سدائين خيال ڪيو، جو اهو هن لاءِ مُئيءَ مٿيءَ جي نشاني هو ۽ ٻيو ته هيءُ سياجهو ۽ انتهائي هوشيار شاگرد هو. مئٿ ۽ الجبرا جو ماهر هو ۽ اسڪول واري زماني ۾ ٻه ٻارن کي مئٿ جي ٽيوشن ڏيندو هو جنهن ڪري ڏاڏي ڪَلي سميت علم ادب سان چاهه رکندڙ ڪيس پائيندا هئا. هي اجا مئٽرڪ ۾ هو ته فقير يار محمد، سخي شاهه جمال جي درگاهه تي مئخانو قائم ڪيو، جنهن جي ڏاڏي ڪلي سخت مخالفت ڪئي. (فقير يارمحمد ليکڪ ۽ صحافي انور پيرزادي جو وڏو پاءُ ۽ سائين مير محمد جو ماسات هو) ڏاڏو ڪلو پاڻ ٻگي ڳوٺ ٻاهران درگاهه حمر پير تي آستانو اڏي ويٺو.

فقير يارمحمد جي مئخاني اڏڻ ڪانپوءِ ٻلهڙيجي جڻ ته سُر وادي بڻجي وئي، جتي هر وقت تند تنوار پئي گونجندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪلاسيڪل فنڪار ٻه پهچي ويندا هئا، نه ته يڪتاري ۽ ڪڙتال تي ڳوٺ جا فقير پيا ڳائيندا هئا. ان دوران شاهه جي بيتن تي قيل مقال ٻه ٿيندي رهندي هئي. ان ئي دور ۾ سائين مير محمد ۽ انور صاحب پتائيءَ کي پڙهڻ شروع ڪيو. فقير، شاهه سائينءَ جا بيت عقيدت ۾ پڙهندا ۽ ان جي پنهنجي سوچ مطابق تشريح ڪندا هئا پر سائين مير محمد انهن جي نئين نموني سمجهاٽي ڏيندو هو. باقي راڳ ۽ موسيقيءَ سندس جيءُ جڪڙي ڇڏيو هو.

هن جو گهڻو ويهڻ فقير يارمحمد جي مئخاني تي ٿيندو هو، جتي مريد ماڇي، جهانگي ماڇي، هاشم فقير ممڻاٽي ۽ ٻيا ويراڳ ڪندا هئا ۽ هي ڪانئن مختلف راڳن جون فرمائشون ڪندو رهندو هو. اُتان اٿي پرپور فقير جي مئخاني تي پهچندو جتي ڪوهيءَ تي نار چڙهيل هوندو هو. اهو اسان جي تر جو سڀ کان سهڻو ۽ ڪلاسيڪل مئخانو هو. گرميءَ جي موسم ۾ سڄو ڳوٺ پرپور فقير جي مئخاني تي اچي سنان ڪندو هو. فقير خوشيءَ سان ماڻهن کي وهنجاريندو رهندو هو پر جي اتي ڪنهن وضو ڪيو ته فقير ان کي مئخاني مان ئي تڙي ڪڍندو هو. سائين مير محمد روزانو پرپور جي مئخاني تي اچي سنان ڪندو هو، جتي هن سان شاهه جو رسالو ساڻ هوندو هو. اتي وهنجي سهنجي فقيرن کي ڀِٽائيءَ جا بيت ٻڌائي ملوڪ شاهه جي درگاهه تي پهچندو هو جيڪا ٻلهڙيجيءَ جي ڏکڻ اوڀر ٻڇاءَ بند پرسان ڪچي ۾ آهي. اهو انتهائي خوبصورت ماڳ آهي پر ان جو اڳوڻو حسن اجا به اوڙ هو. ٻيرن، ٽالهين، نمن ۽ ٻيرن جا وڏا وڻ ۽ سامهون مست الست سنڌوءَ جون موجون... ملاحن جي ٻيڙين وارو ڳوٺ ۽ ڪنڌيءَ تي نسريل ڪانهن...!

درگاهه جو ٻهاريدار مزنو فقير ننهن کان چوٽي تائين سراسر راڳ هو. ڇماهيءَ تي سندس مرشد ڪيس درشن ڪرائڻ ايندا هئا ۽ ٻلهڙيجي گيڙو رنگ ۾ رنگجي ويندي هئي. راڳ تي سائين مير محمد جي ڪچهري جاري رهندي هئي. ان وقت انور پيرزادو، مرحوم بيگ محمد پيرزادو، مرحوم خان پيرزادو، مرحوم محمد بخش پيرزادو، مرحوم گل حسن پيرزادو (جيڪو پڻ خوبصورت شاعر هو)، محمد قاسم عرف جانيڙو سنڌي ۽ ننڍي عمر جو لطف پيرزادو سندس ساٿ ۾ شامل هوندا هئا، جيڪي سڀ جا سڀ شاعريءَ سان چاهه رکندڙ ۽ راڳ سان محبت ڪندڙ هئا. سائين ميرمحمد ڪانسواءِ ٻيا سمورا والي بال کيڏندا هئا ۽ سائين وري شام جي وقت سندن راند ويهي ڏسندو هو. هن جو باقي وقت موسيقيءَ لاءِ مخصوص هو. همراهن جا ٽنهي مئخانن ڏانهن پنڌ هوندا هئا. تڏهن لائوڊ اسپيڪر نه هئا. گوڙ گهٽ هو، آواز پري پري تائين ٻڌبو هو. جتي راڳ هلندو هوندو، همراهن جي ٽولي اتي پهچي ويندي هئي. سڄي رات راڳ ۽ ڪچهري... جڏهن ڪُڪڙ پويان دس هڻندا ته هي مئخاني مان اٿي گهر موٽندا هئا. ان ٽاٽي جنڊ جا گهرڪا ۽ ولوڙن جون وايون، هن ڳالهه جي جڻ شاهدي به هيون ته ياڳيا پنهنجو مال چوڙي جهنگ پاسي اُسهي چڪا آهن. مير محمد پيرزادي جي شاعريءَ ۾ اهي منظر

اڄ بہ پسي سگهجن ٿا:

چوڏاري چڙن، رات رڳي آ راڳ سين،
تن کي وڏ وٺائيو، دس هٽي ڪُڪڙن،
جيڏيون جِهو جندبن، مزو موسيقيءَ کيو.

هن جا دوست ٻڌائين ٿا تہ همراهہ جي راڳ سان اهڙي لنئون لڳي جو نہ رڳو مروج راڳ ۽ راڳڻيون سمجهي سگهندو هو پر وڏن وڏن راڳن تي بہ نالا رکندو هو. سهڻي، سنڌي ٽوڙهي، ڪوهياري، ڪلياڻ ۽ سورٺ جهڙيون ڏکيون راڳڻيون بہ ڪري ويندو هو. همراهہ جا آواز سنا هجن ها تہ حسابن جي عالم، شاعر ۽ ليکڪ سان گڏ سندس سڄاڻپ ڪلاسيڪل راڳيءَ واري بہ هجي ها پر آواز خدا جي دين آهي. ٻيو ڪنهن جاءِ تي ڪيس ڪُٽڻو بہ ضرور هو. انور صاحب سان بہ اها ئي مجبوري هئي ۽ اهو وري ڍولڪ وڄائي دل جي باهہ ماريندو هو. جڏهن سمورا فنڪار ڳائي ويندا هئا تہ آخر ۾ ڏاڏي وريل کي وارو ملندو هو جنهن کي سازن جي گهٽي ضرورت نہ پوندي هئي. يڪتاري تي ڳائيندو هو ۽ ڪاڪو انور ڍولڪ کڻي سندس پاسو وٺندو هو. ايئن ٻئي جڻا پنهنجي پنهنجي منهن سان فن جي مظاهري ۾ مصروف رهندا هئا.

سائين مير محمد مئٽرڪ دوران ئي شاهہ جي رسالي جي مطالعي سان گڏ مصري شاهہ، سچل، بيدل، حمل فقير، خوش خير محمد هيسباڻي، نانڪ يوسف، فيض دريا، ولايت شاهہ ۽ ٻين صوفي شاعرن جو ڪلام پڙهي ورتو هو. ڳوٺ جي راڳي فقيرن کي انهن جون ڪافيون لکي ڏيندو ۽ ياد بہ ڪرائيندو هو ۽ ڪافين جي مناسبت سان ڪين ٻيتائيءَ جا بيت بہ ٻڌائيندو هو. وڏڙن چواڻي: ان وقت فقير يار محمد جي مئخاني تي سڀ دونهيندار فقير ۽ قتيل عاشق اچي آهٽ ٿيندا هئا، جتي سر سنگيت، شاعري ۽ ٻيتائيءَ جا بيت هوندا هئا. لڙڪن لارون هونديون هيون. آهون ۽ دانهون هونديون هيون. اهي دل جو درد شعرن ۽ ڪافين ڪلامن ۾ پيش ڪرڻ چاهيندا هئا جو سندن محبوب بہ آس پاس محفل ۾ موجود هوندا هئا. گهڻن مشقِ سخن ڪئي. ان وقت اسان جي تَر ۾ اڃا ترقي پسند ادب ۽ فڪر نہ پهتو هو، البت بزم طالب

الموليٰ جي پليٽ فارم تان مخزن شايع ٿيندا هئا، جنهن ۾ مخدوم صاحب جون ڪافيون شايع ٿينديون رهنديون هيون. سائين ميرمحمد اهي ڪافيون فقيرن کي پڙهي ٻڌائيندو هو. گڏوگڏ پنهنجي شاعري به مخدوم صاحب جي نالي سان ٻڌائڻ شروع ڪيائين. سيني واهه واهه ڪئي، ڪن ٽڌا ساهه پريا. ڏهه ٻارهن ڪافيون ٻڌائي اعلان ڪيائين ته اهي ڪافيون هِن پاڻ لکيون آهن ته انور صاحب سميت سندس سمورا دوست ۽ فقير يارمحمد، وڏيرو امام بخش، ڏاڏو غلام حسين ۽ ٻيا پارکو حيران ٿي ويا ۽ ان کانپوءِ سائين ميرمحمد کي هڪ وڏي شاعر جيتري مڃتا ڏيڻ لڳا.

زرعي ڪاليج ٽنڊو ڄام ۾ داخلا وٺڻ کانپوءِ کيس مطالعي جو سٺو موقعو مليو. اڳتي هلي جيئن ئي هن ڇئن سالن جو ڪورس پورو ڪيو ته کيس سڪرنڊ فارم تي ريسرچ آفيسر جي نوڪري ملي ۽ هُو اُتان جو ٿي ويو. منهنجي ڳوٺ جا ماڻهو سائين مير محمد جي لاءِ اها ميار ڏيندا آهن ته هُن ٻلهڙيجيءَ کي بلڪل وساري ڇڏيو آهي پر آئون چوندو آهيان ته سندن شاعريءَ ۾ ٻلهڙيجي موجود آهي.

مير محمد پيرزادي 1980ع ڌاري ٻلهڙيجي ڇڏي وڃي سڪرنڊ جا وڻ وسايا. اسان جي ٿهي کيس ٻلهڙيجيءَ ۾ نه ڏٺو. سڪرنڊ ۾ کيس وڏن شاعرن، اديبن ۽ قومي ڪارڪنن جي صحبت ملي. اڄ سائين مير محمد کي بهترين شاعر، نثرنويس ۽ فڪرِ سيد جي پرچارڪ طور سڄي سنڌ سڃاڻي ۽ پيار ڪري ٿي. ميرمحمد پيرزادي جي شاعريءَ ۾ سنڌوءَ جي رواني، موج مستي، صوفين واري سرشاري، بيباڪي، حسن پرستي ۽ سڄي سنڌ جي سونهن سمايل آهي. سندس شاعري سورهن ورهين جي ڪنهن الهڙ کي به متاثر ڪري سگهي ٿي ته عمر پير آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ جونجهار کي به حوصلو بخشي ٿي.

'مکڙيون ماڪ ڦڙا' ۽ 'ليار نيٽن ۾ ڦُٽا' جهڙا شاعريءَ جا ڪتاب ڏيندڙ سُهڻو سرجڻهار سڪرنڊ ۾ ڪيئن ٿو گهاري؟ اهو ته سڪرنڊ جا دوست ئي ٻڌائي سگهن ٿا. منهنجو دوست سائل پيرزادو جيڪو پاڻ به خوبصورت نثرنويس ۽ شاعر آهي، ان وٽان خبرون پونديون آهن ته اڄ به سائين مير محمد نوجوان شاعرن جي ايئن رهنمائي ڪري ٿو جيئن ننڍپڻ ۾ اسڪولي شاگردن جي مئٿ ۽ الجبرا ۾ رهنمائي ڪندو هو، جن مان ڪيترن مون کي

پڙايو ته ڪين پين استادن ڪان ڪڏهن به مئٽ ۾ الجبرا سمجھ ۾ نه آئي پر سائين مير محمد جي سمجهاڻي سندن ذهن ۾ ويهي ويندي هئي. جيڪڏهن ڪين سائين ميرمحمد جو ڏيان نصيب نه ٿئي ها ته اهي مئٽرڪ ۾ مئٽ جو پيپر ڪڏي نه سگهن ها جو تڏهن ڪاپي جو تصور ئي نه هو.

قومي تحريڪ جي حوالي سان سائين مير محمد جو تمام گهڻو ڪم آهي. 1976ع ۾ جيئي سنڌ محاذ جو ميمبر ٿيو ۽ اجا تائين محاذ سان لاڳاپيل آهي. مختلف وقتن تي قومي تحريڪ مٿان ڪيترائي حملا ٿيا ڪڏهن سوشلزم جي نعري کي بنياد بڻائي ٽوڙ ڦوڙ ڪئي وئي ته ڪڏهن مزاحمتي جنگ جا نعرا هڻي قومي هلچل جي پٺيءَ ۾ خنجر ٽنبيو ويو پر سائين مير محمد چواڻي : "سنڌ سمورن نظرين کان اتم ۽ اعليٰ آهي. نظرين جي آڙ ۾ قومي تحريڪ کي ٽوڙڻ سنڌ سان غداري برابر آهي." سياست ۽ ادب ۾ سائين مير محمد جيترو ڪم ڪيو آهي ان حوالي سان ڪيس اها مڃتا نه ملي سگهي آهي جيڪا هي لهڻي پر منهنجو اهو ايمان آهي تاريخ ڪنهن به انسان جي پورهئي ۽ سچائيءَ کي ضايع نه ڪندي آهي.

❋❋

# استاد ملوڪ عباسي

## سگهڙائپ ۽ سنڌي ثقافت جو مجدد

اسان جي ڳوٺ ۾ مڱرين فقيرن جي ڪاڄن تي سگهڙن جي محفل ڏسڻ وٽان هوندي هئي. سگهڙ ثقافتي ويس وڳا ڪري اسٽيج تي پلٽي ماري ويهندا ۽ جوڙي جوڙي ٿي فن جو مظاهرو ڪندا هئا. ويٺلن مان ٻه سگهڙ اٿي هڪٻئي جي سامهون اچي ٻيهندا؛ هڪڙو چئي بس مس ڪندو ته ٻيو شروع ٿي ويندو هو. هڪڙي جوڙي ويندي هئي ته ٻي اچي وارو وٺندي هئي، ايئن رات وهامي ڏينهن ٿي ويندو هو.

سگهڙن جي محفل ۾ هر رنگ هوندو هو: الله، رسول، پنجتن پاڪ ۽ بادشاهه پير جي ثنا. نبين، ولين، پيرن فقيرن جي ڪرامتن جا منظوم قصا، سنڌ جا رومانوي داستان ۽ لوڪ ڪهاڻيون، سورهن سخين ۽ ڏهن ڏاتارن جي شان ۾ ڪلام سان گڏ مجازي رنگ ۾ مزاح جي چاشنيءَ وارا شعر، وچ وچ ۾ سوڪڙي (ڳجهارت) به اچي ويندي، پوءِ ته هرڪو ان کي پيچڻ ۾ مصروف ٿي ويندو: ڪو پکين جا نالا ڪڍندو، ڪو ذاتيون ڳڻائيندو، ڪو شهرن، ڪو جانورن، ڪو انساني عضون ته ڪو وڻن ۽ وکرن جا نالا ڪڍندو. مان ته سگهڙن جي قابليت تي حيران ٿيندو هئس ته انهن ڪان پنهنجي ديس جي ڪا به ڪنڊ، ڪو به وکر ۽ ڪا به ڳالهه ڳجهي ڪانهي.

سگهڙن جي محفلن جو صدر ۽ ڪاروائي هلائيندڙ ساڳيو ئي ماڻهو استاد محمد ملوڪ عباسي هوندو هو، جنهن تعلق مهين دڙي واري تر سان هو. جهڙو نالو هئس، اهڙو ئي ملوڪ هو. سگهڙ شروع ٿيندا هئا ته بس ڪرڻ

جو نالو ئي نہ وٺندا هئا. هڪ لحاظ کان اهي استاد جو استحصال ڪري ويندا هئا، جو ڪيس سيني کان آخر ۾ شعر پڙهڻو پوندو هو، تيستائين گهڻا ماڻهو وڃي چڪا هوندا هئا پر ايترو ضرور هو تہ اڪثر سگهڙ گهڻو ڪري پنهنجي استاد ملوڪ جا ئي شعر چوندا هئا.

استاد محمد ملوڪ عباسي 4 آگسٽ 1944ع تي ڳوٺ محمد خان ڪلهوڙو ۾ پيدا ٿيو. اهو ڳوٺ سندس پڙڏاڏي جي نالي تي موهن جو دڙو- بادهہ روڊ تي ملان ساريا پرسان آباد آهي. اهي تہ ۾ تسرا ڪلهوڙا سڏبا آهن. ڪلهوڙا نيٺ سنڌي آهن، عباسين جي حڪومت اچڻ کان بہ گهڻو اڳ هي سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنڌين تي ويڙهل هئا. ڪلهوڙا عباسي ڇوءِ ڪيئن ٿيا؟ ان سان في الحال پنهنجو ڪو مطلب ناهي. استاد ملوڪ ڪلهوڙو يا تسرو سڏائڻ بدران عباسي سڏائڻ پسند ڪيو پر تہ ۾ ملوڪ تسرو ئي سڏبو هو. شڪل شبيهہ ۾ بہ سراسر سنڌي هو تہ ويس بہ سنڌ ديس وارو هوندو هئس: قداور مڙس، موڪرو منهن، ويڪرو سينو، وڏيون اکيون، چاپئين ڏاڙهي، وڏا شهپر، ڪسي ڳلي واري ڊگهي قميص، ملهن واري ويڪري شلوار، ڪلهن ۾ اجرڪ ۽ مٿي تي بوسڪيءَ جو پٽڪو؛ ڪنهن ڏي رکو ابتي اک ڪٽي نهاري تہ ڏيل ئي ڏاري وجهي پر هن ڏاڍ مڙسي ڇڏي فقيري ڪنئي، ان ڪري ميڻ کان بہ نرم هو. صوفين وانگر ملڻ جلڻ ۾ صفا پلو، هر ڪنهن سان هٿ جوڙ، هر ڪنهن سان نياز نوڙت، هر ماڻهوءَ کي ٻتا ٻتا ٻڪ ۽ ڳراٽڙيون، اخلاق ۽ ادب جو پتلو- پٽائيءَ جي هِن سٽ جي هوبهو تصوير:

اُتين گهڻي ادب سين، ڳالهائين نرم...

هر ماڻهوءَ کي پاڪر ۾ پري هي جملو چوندو هو "آهين تہ منهنجو نہ!" چون ٿا تہ اڏ وهيءَ ۾ اهو رنگ لڳس نہ تہ جوانيءَ ۾ ناهوڪو چور هوندو هو. مڙس کي اڍائي هٿ ڳن واري اچي ڪهاڙي سدائين ساڻ هوندي هئي. محمد ملوڪ، واحد بخش ۽ رانجهن تسري جو جوڙ هوندو هو. اصل مڙسن جي رات هئي. تہ ۾ پاڳين جا ڪندا ڪٽي ڇڏيائون. مال ٻڌڻ ۽ گهرن کي ڪاٽ هڻڻ جا تہ ماهر هئا پر ٻين چورن کان چوري ڪيل مال بہ ڦري وٺندا هئا. ڪيترن ئي چورن سان اهڙي ڪار ڪيائون. چور پري کان شڪار ڪري دس جهاڳي جيئن ئي هنن جي جوءِ ۾ پهچن تہ سنجي وڃن. اهڙي ئي هڪ

ڇڪريءَ دوران محمد ملوڪ تر جي ڏنگي چور قادن عرف قادي شيديءَ هٿان سخت زخمي ٿي پيو هو. ڪيترائي ڀيرا پوليس ٻڌس. مارون کاڌائين، چالان ٿيو پر همراهه نه مڙيو، جيئن ٿڌ تيئن وڌ. هڪ دفعي گرفتار ٿيو ته پنيان سندس والد صالح عباسي گذاري ويو. ان واقعي جو مٿس وڏو اثر پيو ۽ پوءِ چوري ڇڏي ڏنائين.

1975ع ڌاري همراهه هفتي ڪن لاءِ ڪنهن ڪم ڪار سانگي ڪاڇي ويو، جتي سندس ڪڇهري اهڙن سالڪ سگهڙن سان ٿي، جن وٽ جلال ڪتيءَ جي ڪلام جو وڏو ذخيرو موجود هو. هن ڪي جلال ڪتيءَ جي سينگار وارن بيتن تمام گهڻو متاثر ڪيو. هڪ هفتي جي ورونهن سندس زندگي ئي تبديل ڪري ڇڏي. لوڪ ادب سندس هٿ ختم ڪري ڇڏيو. ان وقت اسان جي تر ۾ سگهڙ ته تمام گهڻا هئا پر وٽن ڳجهارت ڪان سواءِ ٻيو فن ٻنهه نه هو.

استاد ملوڪ سگهڙ مريد زهراڻي سونهري پل واري جو شاگرد ٿيو. مريد ڪو وڏو شاعر نه هو، باقي ڳجهارتن ڳولڻ جو ماهر هو. ڪا ٻه ڏٺ يا پرولي جڏهن ٻيا سگهڙ ٻيجي نه سگهندا هئا، تڏهن مريد زهراڻيءَ سان رابطو ڪندا هئا ۽ هُو هڪ ئي ڏک هڻندو هو ته وهوا ٿي ويندي هئي. استاد ملوڪ عباسيءَ جو چوڻ هو ته "استاد ونڻ ضروري آهي، استاد فقط دعا ڏيندو آهي، باقي ماڻهوءَ ڪي ڪم پاڻ ڪرڻو پوندو آهي." حقيقت ۾ استاد ملوڪ ظاهري شاگرديءَ وارو ڌاڳو مريد زهراڻيءَ ڪان ٻڌرايو پر سندس روحاني استاد جلال ڪتي هو، جنهن سان ڪيس تمام گهڻي عقيدت هئي ۽ وڏي احترام سان سندن نالو ڪڻندو هو. سينگار وارن بيتن ۾ مٿس جلال ڪتيءَ جو واضح اثر واضح آهي:

حسن شان حيران لکين ٿيا، مانجهي مير ملنگ،
وهه وا رات ٻه راول رنگ.
پردو صحابي پاڪ پري ٿو، جهرمر جهومن جهنگ،
وهه وا رات ٻه راول رنگ.
پٽ پٽيهر پوش هزاري، ڏوڏر ڏاڙهون ڏنگ،
وهه وا رات ٻه راول رنگ.
ڏهه ڏهه پيرا ڏور پري ڪان، وار وجهن پيا ونگ،

وهہ وا رات بہ راول رنگ.
عاشق گل عباسيءَ جهڙا، ناز نهوڙيا ننگ،
وهہ وا رات بہ راول رنگ.

***

پرين پاتيون جڏهن جهاتيون، ڪهن ڪاتيون اکيون آتيون، عجب عاليشان ڪيني ڪاريون، ڊولڻ ڊاريون، چڏن ڳاريون، وجن ماريون، نين ڪري نيشان چشمن ڇهٽيون پوءِ نہ هٽيون، ٻڏن پٽيون، وٺن وٽيون، مٺي تي هيون مستان! روئي رٽيون، اکيون اٽيون، سانوڻ سٽيون، ماڪيءَ مٽيون، پڇايو پرستان.

استاد ملوڪ پوءِ پنهنجون سموريون صلاحيتون فن لاءِ وقف ڪري ڇڏيون ۽ ان لاءِ هن ڪي ٻيٽي ٽيٽي محنت ڪرڻي پئي: هن نہ رڳو لوڪ ادب جي سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي پر ان سان گڏ سگهڙن جا ميلا بہ مچايا. هن سڄي سنڌ مان لوڪ ادب سان چاهہ رکندڙ ماڻهو ڳولي لڌا، انهن کي همٿايو ۽ اتر سنڌ مان ذري گهٽ ختم ٿي ويل سگهڙائپ واري فن کي نئين سر جياريو. هن سنڌ سگهڙ پلائي تنظيم قائم ڪئي، جنهن جو پاڻ تاحيات صدر رهيو. تنظيم رجسٽر ڪرائڻ ۾ مشهور ليکڪ ۽ محقق ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ جو ساڻس مڪمل ساٿ ۽ سهڪار شامل رهيو. استاد ملوڪ عباسي پهرين سگهڙ جي حيثيت سان پي ٽي وي تي پروگرام ڪيو، جنهن جو پروڊيوسر اعجاز عليم عقيلي هو، جنهن بعد ان پروگرام ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي سگهڙن کي نمائندگي ڏني وئي. استاد چند سالن اندر سڄي سنڌ ۾ پنهنجا سوين شاگرد ٺاهيا، جن لوڪ ادب ۾ پنهنجي حيثيت باقاعده مڃرائي، انهن مان ڪجهہ تہ ڪانئس عمر ۾ بہ وڏا هئا پر جيئن تہ استاد محنت ڪري فن کي جياريو هو، تنهن ڪري اهي خوشيءَ سان سندس چرن ڇهي شاگرد ٿيا. سنڌ جا تمام سٺا سريلا سگهڙ لقمان ڪوڪر، مٺل جهتيال، روشن ڪوري، غلام رسول ڪوڪر، شفن چنو، ديدار سيال، رحمت الله عباسي، محمود حسين شر، رحيم بخش سومرو، الهڏنو دايو، قائم الدين سهتو، ڏاڏو ڏتل ابڙو، عبدالحليم سومرو، محمد سومر سومرو، سليمان ڪوسو، اميد علي

ماڇي، منظور سوهو، هادي بخش چنو ۽ ٻيا ڪيترائي سندس ڏاڍي ڀَلا شاگرد آهن.

1992ع ۾ سندس پيارن شاگردن لقمان ڪوڪر، منظور سوهو ۽ ٻين استاد سان بغاوت ڪري پنهنجي ڌار تنظيم قائم ڪئي. ان جو وڏو سبب اهو هو ته استاد پاڻ سان گڏ پنهنجي شاگرد محمدمٺل جهتيال کي کڻندو هو، جو وٽس موٽر سائيڪل هئي. لقمان ڪوڪر سمجهيو ته ڪيس گهربل اهميت نٿي ڏني وڃي، سو هن پنهنجي يارن دوستن آڏو استاد خلاف شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا. اهي جڏهن استاد کان شاگرد جي ناراضگيءَ جو سبب پڇندا هئا ته هي کلي چوندو هو ته لقمان ’اجايو‘ رٺو ٿو وتي. ان تي لقمان هي شعر ٺاهيو:

پري ٻيڙيءَ ۾ جڻ اسان بار هئاسين،
نه ڪنهن جا سڄاتل نه ڪنهن جا يار هئاسين،

ڏئي ننهن نڙيءَ تي گُهٽي تن گهٽيو آ،
اجا پِي چون ٿا ته اجايو رٺو آ.

جواب ۾ استاد ملوڪ به هڪ شعر ٺاهيو هو:

جن جو مان استاد تن جو يار ناهيان!؟
اکيون ڪوليو ظالم، نِنديو ٻار ناهيان.

ستت ئي ناراض شاگردن کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي، پوءِ هنن سڄي سنڌ جي دوستن جو ميڙ وٺي پنهنجي استاد کي پرچايو.

استاد ملوڪ عباسيءَ جا پنهنجا حياتيءَ ۾ اٺ ڪتاب شايع ٿيا ۽ تقريباً ايترن ئي ڪتابن جو اڻ ڇپيل مواد سندس پونئيرن وٽ موجود آهي. استاد کي اهو اعزاز حاصل آهي ته هي پهريون سگهڙ هو، جنهن جو سندس حياتيءَ ۾ ڪتاب شايع ٿيو، نه ته هن کان اڳ ڪنهن به سگهڙ جو اُن جي زندگيءَ ۾ ڪتاب شايع نه ٿيو هو. ان بعد ٻين سگهڙن به پنهنجا ڪتاب آندا. استاد جي ڪتابن مان ”گلشن ڏور“، ”موتي مور ملوڪ جا“، ”موتين مٺ ملوڪ جي“، ”منهن مٿانهان جن جا“ ۽ ”ماڻڪ موتي ملوڪ جا“ شايع ٿي چڪا آهن. سندس

ترتيب ڏنل هڪ ڪتاب "موتين مالها ملوڪ جي" اجا تائين شايع نہ ٿي سگهيو آهي. استاد ملوڪ عباسي کي شهباز ايوارڊ، سچل ايوارڊ، پيڙو فقير ميڊل ۽ سهڻي ميهار ميڊل سميت ڪيترن ئي انعامن اڪرامن ۽ اعزازن سان نوازيو ويو.

1984ع ۾ هن کي تنظيم فڪر و نظم جي ليٽر پيڊ تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو خط موصول ٿيو، جنهن ۾ کيس مبارڪ ڏيندي ٻڌايو ويو هو تہ صدر ضياءَ کيس لوڪ ادب جي خدمت تي صدارتي ايوارڊ ڏيڻ چاهي ٿو پر استاد ملوڪ اهڙي ايوارڊ وٺڻ کان انڪار ڪيو.

مقامي سطح تي استاد ملوڪ مرحوم غلام حسين ۽ الطاف انڙ جو ساٿاري هو. هن سندن اليڪشن ورڪ بہ ڪئي تہ انڙن جي ساراهہ ۾ نظم بہ لکيا، جنهن تي تر جا ترقي پسند مٿس تنقيد ڪندا رهندا هئا. حالانڪ ڪوڙ سارا ناميارا ترقي پسند ڪارڪن ۽ ليکڪ پاڻ بہ انڙن جي حمايت ۾ آرٽيڪل لکندا رهندا هئا. ان کان علاوه غريبن جي حقن جي دعويدار وڏي جمهوري پارٽي بہ انڙن کي پارٽي ٽڪيٽ ڏيڻ جي سخاوت ڪندي رهندي هئي. 1994ع ۾ انڙ خاندان، استاد ملوڪ ۽ منل جهتيال کي پنهنجي خرچ تي عمرو ڪرايو. ان حوالي سان هن منظوم سفرنامو بہ لکيو، جنهن ۾ انڙ خاندان ۽ منور عباسي سميت دوستن، گهڻ گهرن، مٽن مائٽن، شاگردن ۽ سعودي عرب ۾ پنهنجي ميزبانن جا نالا ڪٽي انهن لاءِ دعائون گهريون اٿائين.

استاد ملوڪ جي شاعريءَ ۾ مذهبي رنگ جابجا ڏسي سگهجي ٿو. پاڻ ملتان جي غوث بهاءُ الحق زڪريا جو خانداني مريد هو، غوثيہ جماعت وارن فقيرن سان نهايت احترام وارو رستو هئس، آخري عمر ۾ مذهب سان گڏ ديس ۽ ديس واسين جو درد سندس شاعريءَ ۾ غالب پوندو ويو.

پسي روضو محمد جو، ملوڪ موٽي مران سنڌ ۾،
خدا جاٽي مارن سان، مونکي ايڏي عقيدت آ.

پنهنجي ڪتاب "منهن مٿانهان جن جا" ۾ ڌرتيءَ ۽ قوم لاءِ قربانيون ڏيندڙ اڳواڻن سائين جي ايم سيد، ذوالفقار علي ڀٽي، فاضل راهو وغيره جو خاص طور ذڪر ڪيو اٿس. بينظير ڀٽو جي دور ۾ جڏهن سائين جي ايم سيد

۽ ٻين قومپرستن کي جيلن ۾ وڌو ويو، تڏهن محترم سان هيئن مخاطب ٿيو:

پراون جي خاطر، تون پنهنجا ٿي مارين
نہ ڪِي دوست دشمن سڃاڻي سگهين ٿي.

استاد ملوڪ برادريءَ جي سردار طور منور عباسيءَ جو تمام گهڻو احترام ڪندو هو ۽ چوندو هو "منور اسان جو پڳدار آ، ان جي عزت ڪرڻ اسان تي فرض آهي، جڏهن اسان ذات وارا ئي سندس عزت نہ ڪنداسين تہ ٻيا ڪيئن ڪندا؟" توڙي جو استاد عباسي- ڪلهوڙا تنظيم جو ميمبر بہ نہ هو، ان جي باوجود تنظيم سندس پنجن مان ٽي ڪتاب پنهنجي خرچ تي شايع ڪرايا ۽ هر سال لوڪ ادب تي ڇهہ ايوارڊ بہ ڏئي ٿي.

اڳ ۾ بہ عرض ڪيم تہ استاد ملوڪ هٺ ۽ وڏائيءَ کي هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏيو هو. هن جو گهڻو اٿڻ ويهڻ باگڙين، جوڳين، ٻاليشاهين ۽ سماج جي ڌڪاريل ماڻهن سان هو. باڊهہ جي ڪيترين ئي باگڙياڻين ۽ جوڳياڻين کي ڀيڻ بڻايو هئائين، جن مان هڪڙيءَ ڪيس دانهن ڏني تہ مون سان آشنا ناراض ٿي ويو آهي، هلي مون کي پرچائي ڏي. استاد ملوڪ ان مائيءَ سان گڏجي همراهہ جي ڳوٺ وڃي پهتو. هڪ جوڳياڻي تي هيئن نظم لکيائين:

منهنجي ڀيڻ پياري، ٿي رلي راڄ راڻي،
پني پيٽ پالي ٿي، جيجل جوڳياڻي،
ڌڪاري ٿي ڏسجي، ڪتن تنگ ڪئي آ،
جوڳڻ جنگ ڪئي آ، سهڪي ٿي ساڻي.

منهنجي بہ ساڻس نيازمندي هئي، جڏهن بہ استاد نظر اچي ويندو هو، اهو ڏينهن ساڻس ڪچهريءَ ۾ گذاري ڇڏيندو هئس. سن 1989ع ۾ جيئي سنڌ تحريڪ سائين جي ايم سيد جي گرفتاريءَ خلاف جيل ڀريو تحريڪ شروع ڪئي جنهن ۾ مون بہ ارشاد سوهي سان گڏ لاڙڪاڻي ۾ گرفتاري ڏني. اسان کي پوليس ٻرگهہ ٿاڻي تي رکيو، جتي رهڻ لاءِ هڪ ڪليل جاءِ ڏني وئي ۽ شهر جي هوٽل تي وڃي چانهہ پيئڻ جي بہ اجازت مليل هئي، جتي استاد ملوڪ پنهنجي شاگرد منظور سوهو سان گڏجي اسان جي ملاقات لاءِ آيو هو. اسان کين چانهہ پيارڻ لاءِ ٻرگهہ شهر جي هڪ هوٽل تي وٺي وياسين، جتي

شهر ۾ آسپاس جا ماڻهو وڏي تعداد ۾ موجود هئا. استاد کي سچاٽي ساٿس اچي مليا. استاد عوامي مقبوليت ماڻي چڪو هو، جتي به ويندو هو، اتي عزت پلئہ پوندي هيس.

آخري عمر ۾ هن شاهه جي رسالي جو مطالعو شروع ڪيو ۽ ڏينهون ڏينهن سندس شاعريءَ ۾ پختگي ايندي وئي:

الله ڏسان اکين سان، سدا سنڌ سکي
رهي ڪا نہ راڄ ۾، ڪا دائي در دکي،
مور نہ پسان ملوڪ چوي، هاٿي ڏاج ڏکي
ڪائي پيٽ بکي، مونکي سائين نہ ڏيکارين سنڌ ۾.

استاد ملوڪ کي ٽن پٽن ۽ ٽن نياڻين جو اولاد آهي. سندس ٽيئي پٽ ممتاز علي، غلام شبير ۽ محمد علي سگهڙ شاعر آهن جن مان ممتاز علي شڪل شبيهه توڙي اٿڻ ويهڻ ۾ پيءُ جي سڪ لاهي ٿو. استاد ملوڪ عباسي 1993ع ۾ وفات ڪئي. چوونجاهه ورهين جي جمار ۾ هن لوڪ ادب جي حوالي سان جيڪو ڪم ڪيو آهي، اهو ڪيس صدين تائين زندهه رکندو.

***

# عبدالرحيم پيرزادو

## زندگي فلم جو حقيقي ايڪٽر

گورو جھڙو انگريز، سنھڙو سيپڪڙو، اڇا وار، وڏا شھپر، ھٿ ۾ پرنسٽن برانڊ ڊگھو سگريٽ، ڪڙڪيدار آواز... اِھو ھو ڊاڪٽر عبدالرحيم پيرزادو جنھن کي ھڪ جيڏا گِلو بہ سڏيندا ھئا. ھرفن مولا ھو. بنيادي سڄاٽپ تہ اداڪار واري ھئس پر بئنجي نواز بہ ھو تہ صوفي ڪلامن جو شائق بہ. شاعريءَ وارو شغل بہ ڪندو ھو تہ صحافت سان بہ ساٿ نڀائيندو رھيو. اھي سموريون خوبيون پنھنجي جاءِ تي، ڪاڪو عبدالرحيم اول آخر پورھيت ھو. سڄي ڄمار پورھيو ڪندي گذري ھيس. يارن جو يار، دوستن لاءِ ھر رسڪ کڻي ويندو ھو، ان معاملي ۾ صفا "سِر ڇٽ مال نيلام" واري رمز رکندڙ شخص ھو. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ دوست ھئس، ڪچھريءَ جو ڪوڏيو، جتي بہ ويندو ھو، اتي عزت ملندي ھئس. ڳالھ ڪرڻ جو ڏانءُ ھئس. ھن جي ڪچھريءَ مان ماڻھوءَ ڪان اٿڻ نہ پڄندو. لطيفا، ٽوٽڪا، بيت ۽ ٻِتا ٻِتا ٺھڪ ڇڏي اُٿي بہ ڪير؟

عبدالرحيم 1936ع ڌاري ٻلھڙيجيءَ ۾ امام بخش پيرزادي جي گھر ۾ پيدا ٿيو. پرائمري تعليم پنھنجي ڳوٺ ۾ پڙھيو، جتي استاد غلام رسول منگي شاگردن کان اسٽيج ڊراما ڪرائيندو ھو، جنھن ۾ ھي بہ حصو وٺندو ھو. ان وقت سڄي تعلقي ۾ ٿيندڙ اسٽيج ڊارمن ۾ ڪيس ڪو نہ ڪو ڪردار ضرور ڏنو ويندو ھو. ننڍي لاڪون پيءُ جي شفقت کان محروم ٿيو ۽ ڪچڙي وھيءَ ۾ ئي مٿس گھر جو بار پئجي ويو.

1950ع ۾ فائنل پاس ڪرڻ کان پوءِ سول جج مخدوم عبدالواليءَ جو بورچي ٿيو، جيڪو سندن خانداني مرشد به هو. مخدوم صاحب جي پٽن مخدوم احمد، مخدوم خالد، مخدوم زاهد، ڌيءَ ثريا مخدوم کي هن پاليو، جيڪي پڻ هن جي، خاندان جي بزرگ جيتري عزت ڪندا هئا. هن گهرداري به ڪئي ته سنگت به واهه جي هلائي. سوين پورهيا ۽ ڪم ڪيا. جانورن جي ڊاڪٽري به ڪئي ته دوائون به سيل ڪيون. هوٽل به هلايو ته ڪيٽريون ئي سرڪاري غير سرڪاري نوڪريون به ڪيون. 1964ع ۾ اينيمل هسبنڊريءَ ۾ ڪمپائونڊريءَ جو ڪورس ۽ ڪراچي بورڊ مان پرائيويٽ مئٽرڪ به ڪيائين، جنهن بعد ڪيس ايس پي سي اي "سوسائٽي فار پريوينشن ائنڊ ڪريلٽي فار اينيمل" ۾ انسپيڪٽر جي نوڪري ملي. اها اين جي او ليڊي ڪنسٽائن پاران رجسٽر ڪرائي وئي هئي، جيڪا هڪ انگريز چيف جسٽس جي گهر واري هئي. انهيءَ تنظيم جا رضاڪار زخمي جانورن کي پڪڙي، پيور هائوس ۾ رکي انهن جو علاج ڪندا ۽ مالڪن کان ڏنڊ وٺي جانور کي ڇڏيندا هئا. ڪاڪو عبدالرحيم ٻڌائيندو هو ته "توڙي جو اهو ادارو جانورن سان رحم ڪرڻ واري جذبي تحت قائم ڪيو ويو هو پر ان جو عملو انتهائي بي رحم هو. ايتري قدر جو ڪين زخمي جانور نه ملندو هو ته پنهنجي ڪارڪردگي ڏيکارڻ لاءِ اهي نيڪ ناڪ جانور کي پاڻ زخمي ڪري ڇڏيندا هئا. اداري جو هڪ اهلڪار ته ليڪو ئي لنگهي ويو هو. هُن، ريس جي گڏهه کي بليڊ سان زخمي ڪري پيور هائوس پهچايو. ٻن ڏينهن کان پوءِ ان اهلڪار کي گڏهه جي مالڪ خنجر جا لڳاتار وار ڪري ماري ڇڏيو. ان واقعي بعد ڪاڪي عبدالرحيم اها نوڪري ئي ڇڏي ڏني. پوءِ ڪيس ريس ڪورس (ڪينٽ اسٽيشن) ڪراچيءَ ۾ ڪمپائونڊري ملي،. بعد ۾ ڪراچي گئو شالا ۾ يارهين گريڊ جي وٽرنري آفيسر جي نوڪري ڪيائين. گئوشالا کي ان وقت ايويڪيو ٽرسٽ پراپرٽي بورڊ هلائيندو هو، جنهن جي آفيس موسميات ۽ ٽي بي سينوٽوريم جي پرسان آهي.

عبدالرحيم دوست ته ڊاڪٽر محمد حسن پيرزادي جو هو پر انور پيرزادي جي صحبت ڪيس انقلابي بنائي ڇڏيو. انور صاحب کي جڏهن ايئرفورس مان ڪورٽ مارشل ڪري پشاور جيل ۾ رکيو ويو، تڏهن هي واحد

ماڻهو هو، جيڪو ساڻس ملاقات ڪرڻ لاءِ وڃي پشاور پهتو هو. ان وقت پيو ڪو بہ ڳوٺاڻو پشاور وڃڻ جو سوچي بہ نہ پيو سگهي.

عبدالرحيم پي ٽي وي جي اڻڪل ٽيهارو ڪن ڊرامن ۾ ڪم ڪيو. اتي ڪيس ننڍڙا ڪردار ڏنا ويندا هئا، پر اسان حقيقي زندگيءَ ۾ تہ هُن جِي، ان ڪان بہ لاجواب اداڪاري ڏٺي. 1980ع ۾ ڪراچيءَ ۾ سندن گهر تي ڇاپو لڳو. ان وقت عبدالرحيم سان گڏ سندس بہ پٽ ذلف ۽ اعجاز، پائو لطف، ڪامريڊ جام ساقيءَ جو ڀاڻيجو سڪندر جنجهي، ڪميونسٽ اڳواڻ غلام حسين شر ۽ سندس ننڍو ڀاءُ لياقت شر موجود هئا. ان وقت ڪاڪي عبدالرحيم سمورن همراهن جا فرضي نالا ڪٽي ڪين پڪو ڪري ڇڏيو ۽ اهلڪارن کي چيو تہ: ”هي ڪميونسٽ لٽريچر ذلف ۽ لطف جو آهي، انهن سان اسان جو ڪو بہ واسطو ناهي، باقي سمورا بي گناهہ ڳوٺاڻا آهيون!“ پندرهن ڏينهن همراهہ ڪراچيءَ جي سي آءِ اي سينٽر ۾ پڇاڳاڇا هيٺ رهيا، پر هنن ڪنهن کي بہ منجهہ نہ ڏنو. نيٺ اهلڪارن ذلف ۽ لطف کان سواءِ باقي همراهن مان هٿ ڪڍيا. هن پنهنجي اداڪاريءَ ذريعي موسٽ وانٽيڊ ڪامريڊ غلام حسين شر کي بچائي ورتو.

گئوشالا واري نوڪريءَ تان جواب ملڻ کان پوءِ هن ڳوٺ ۾ پهريون هوٽل کوليو، جتي پهريان بليڪ اينڊ وائيٽ ۽ پوءِ رنگين ٽي وي رکيائين. 1986ع ۾ ڳوٺ کان ڏوڪري هلندڙ سوزوڪين وارن سان شاگردن جو ڦڏو ٿي پيو. جيئن تہ سوزوڪين جا مالڪ تر جا ڊِنگ وڏيرا هئا، انهن جي هشيءَ تي پوليس انسپيڪٽر، اهلڪارن جي وين ڀرائي شاگردن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ پهچي ويو. انسپيڪٽر ڪجهہ شاگردن جا نالا ڪٽي ڪين پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ڪاڪي عبدالرحيم جو ان ڳالهہ تي زور تہ پهريان سوزوڪي مالڪ گرفتار ڪر، پوءِ مان شاگردن کي ٿاڻي تي وٺي اچان ٿو. اها ڳالهہ ٻولهہ انگلش ۾ هلي رهي هئي، جيڪا ڪاڪي کي پوري ساري ايندي هئي. نيٺ جڏهن انگريزيءَ ۾ ڪٿو، تہ انسپيڪٽر کي انگلش اسٽائيل سنڌيءَ ۾ داٻو ڏئي چوڻ لڳو، ”مان توکي ڊان ۾ دٻيندس!“ ان کان پوءِ ڳالهيون تہ ختم ٿي ويون پر ڪاڪي عبدالرحيم کي گجندو ڏسي شاگردن توڙي ڳوٺاڻن ۾ همت پيدا ٿي ۽ هنن اهلڪارن ڏانهن وڏڻ شروع ڪيو ۽ پوليس وارن ڀڄڻ ۾ ڀلو

سمجهيو. ان واقعي جي هڪ ڪلاڪ اندر پنجن ڇهن گاڏين ۾ پوليس جي وڏي نفري پهچي وئي. ٻيا همراه ته هيڏي هوڏي ٿي چڪا هئا، باقي ڪاڪو عبدالرحيم سندن سامهون اچي ويو. ان وقت ڪيس گوڏ ٻڌل هئي. اهلڪارن ڪي ڏسي لٺ هٿ ۾ ڪٽي لڏندو لمندو هوٽل مان ٻاهر نڪتو. پوليس وارن ڪيس ٻنهه نه سڃاتو، الٽو ڪائنس عبدالرحيم پيرزادي جو پڇيائون ته همراهه آواز ۾ جهونڙن واري لرزش پيدا ڪندي ڪين خبردار ڪيو ته: “اهو وڏو ڦڏي باز ماڻهو آهي، وتي ٿو ڇوڪرن کي جنهن تنهن سان ويڙهائيندو. اسان ڏيگهه ئي نه ڪيونس.” ائين ڇٽي پوليس کي سرمو پارائي ڪسڪي ويو.

ڪاڪي عبدالرحيم ڪاڇيلو فروٽ فارم تي اسٽاڪ اسسٽنٽ طور به ڪم ڪيو، جتي سنڌيءَ جو بهترين ڪهاڻيڪار ڪيهر شوڪت به ساڻس گڏ هو. فارم تي ڪم ڪندڙ پورهيتن کي مهينن جا مهينا پگهار نه ملندي هئي ۽ ساڻن غلامن جهڙو سلوڪ ڪيو ويندو هو. اهڙي انياءَ تي هي ٻئي مڙس ماٺ نه رهي سگهيا، تنهن ڪري سندن اکين ۾ ٿي پيا. سيڪٽ طور هنن جون پگهارون به بند ڪيون ويون، جنهن تي ڪاڪو عبدالرحيم، ڪاڇيلي جا به پلا ڏِگا وڪٽي، اتان پندرهن ويهه همراهه وٺي واپس موٽيو، پر ٿيو هيئن جو ان وقت سندس وڏو پٽ ذلف پيرزادو ۽ ڳوٺ جو هڪ نوجوان موسيٰ انصاري فارم تي پهتا، جن کي اهڙي صورتحال جي خبر ئي ڪا نه هئي. ڪاڇيلو فروٽ فارم جي مئنيجر ٻنهي ڄڻن کي ٻڌي ويهاري ڇڏيو.

ڪاڇيلو ان وقت ڏيساور ۾ هو. ڪاڪي عبدالرحيم کي جڏهن ان ڳالهه جي خبر پئي ته هن اداڪاريءَ واري آزمايل صلاحيت ڪم آڻيندي ڪاڇيلو فروٽ فارم جي مئنيجر ڏانهن فون ڪئي ۽ آواز تبديل ڪري چيو “آئون ايس پي ٿو ڳالهايان. ڊاڪٽر پيرزادو اوهان مٿان ٻن ڇوڪرن جي اغوا جو ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ پهتو آهي. منهنجي رفيع صاحب سان چاڻ سڃاڻ آهي، ان ڪري اوهان کي ٻڌايان ٿو ته ڇوڪرن کي ڇڏيو، ورنه آئون ڇاپو هڻڻ تي مجبور ٿي پوندس.” جهٽ رکي وري پنهنجي آواز ۾ فون ڪري چيائين “ڇوڪرن کي ڇڏيو ته يا پوليس وٺي اچان!” فروٽ فارم جي مئنيجر دهلجي همراهن مان هٿ ڪڍيا.

مون 1981ع ۾ پهريون ڀيرو ڪيس ايڪسائيز پوليس سان جهيڙو ڪندي ڏٺو. پوليس سندس هوٽل ۾ گهڙي ماڻهن کان تلاشي ورتي ۽ ڪجھ نہ ملڻ باوجود بدشد ڳالهايو تہ هي مچرجي پيو ۽ اهلڪارن کي جتيون ڇڏي پچٽو پئجي ويو.

پهرين آڪٽوبر 1988ع تي ڪراچيءَ جي ڊرگ ڪالونيءَ ۾ لساني دهشتگردن جي حملي ۾ سندس دل گهريو دوست منظور ڇهواڻ ۽ پنهل ٻگهيو شهيد ٿي ويا. ان واقعي ڪيس گِهرو صدمو رسايو. منظور ڇهواڻ خرڪارن سان ڪم ڪندڙ هڪ اڻ پڙهيل نوجوان هو. ڪاڪي ڪيس ان ماحول مان ڪڍي پڙهايو، شهر ۾ رهايو ۽ پرائيويٽ نوڪري وٺي ڏني هئي.

بلدياتي اليڪشن ۾ ڪاڪي عبدالرحيم جي موجودگي ڳوٺ سڌار سنگت جي ڪارڪنن لاءِ وڏي آٿت هوندي هئي. وڏيرا ۽ سندن چمچا ڪاڪي کي ڏسي ڪن ڇپا ڪري نڪرڻ جي ڪندا هئا. جيئن تہ همراھ دوستن لاءِ هر خطرو ڪٽي ويندو هو، ان ڪري کي دوست ڪيس استعمال بہ ڪري ويندا هئا. مون انور پيرزادي، هدايت منگي، قربان صاحب ۽ ٻين سان سندس ڪچهريون ٻڌيون، هي سيني کي چرچن ۾ مات ڏئي ڇڏيندو هو. سندس دوست گهٽا هئا. لاڙڪاڻي جو خوبصورت شاعر واجد منگي سندس دل گهريو دوست هو، جنهن پنهنجو هڪ شعري مجموعو عبدالرحيم پيرزادي جي نالي ڪيو آهي. عمر جي آخري حصي ۾ اسان سان سنڌي ادبي سنگت ۾ گڏ هوندو هو. اتي ڪڏهن ڪڏهن شاعري ۽ نثر جا اسم بہ پيش ڪندو هو. سنڌ سجاڳ اخبار جو موهن جو دڙو کان عيوضي بہ هو تہ مئخاني ۽ راڳ ويراڳ سان ناتو بہ آخر تائين قائم رکيائين. ڪاڪو وڏي کهول وارو مڙس هو، کيس اٺن پٽن ۽ ٽن نياڻين جو اولاد ٿيو، جن مان هڪ ارشاد علي نندپڻ ۾ گذاري ويو. سندس سيئي پٽ مختلف صحافتي ۽ ادبي ادارن سان وابستہ آهن.

ڪاڪي عبدالرحيم 1994ع ۾ وفات ڪئي.

***

# قربان پيرزادو

## ٻلهڙيجيءَ جو سلڇڻو ٻالڪ

سانچي ساپ نہ لاگيئي، سانچي ڪال نہ ڪاءِ
سانچي ڪو سانچا ملي، سانچي ماهہ سماءِ.

سنت ڪبير چوي ٿو: سچي ماڻهوءَ کي نہ پِٽ لڳي، نہ ئي ان کي موت ماري سگهي ٿو. سچو انسان سچي سائينءَ سان ملي ان ۾ سمائجي وڃي ٿو. پائو قربان بہ هوءِ سان ملي هوءِ ٿي ويو. فڪري طور وحدت الوجودي صوفي هئڻ جي ناتي هن لاءِ هتي يا هتي ڳالهہ مڙيو ئي هڪڙي هئي پر سندن ظاهري وڇوڙو ٻلهڙيجيءَ جي ڪرنگهي ۾ ڪانُ برابر آهي ۽ هن جي جدائيءَ ڪيترين ئي دلين جي پٽين ۾ پنگ وجهي ڇڏيو آهي. انور پيرزادي ڪان پوءِ هي شخص ئي ٻلهڙيجيءَ جي سمورن نسلن جي وچ ۾ هڪ پل هو. قربان پيرزادو وڏي فڪر وارو ماڻهو هو، هن ڳوٺ وارن کي ڇڄڻ نہ ڏنو ۽ پرت جي اُميري پائي سدائين ڳنڍي رکيو. جيئن اسان سندس موتئي جهڙي ويس تي ڪڏهن ڪو ڇُٽو لينگهو لڳل نہ ڏٺو، تيئن هن جو ڪردار بہ بي داغ رهيو چوٽيهن ورهين جي سرڪاري ملازمت ۾ ڪرپشن جي ڪوئلي سان هٿ ڪارا ڪرڻ بدران رڳو حق حلال جي پگهار ڪاڏي، جنهن کي هاڻوڪو نسل عقلمندي نٿو سمجهي پر اها ئي هن جي ميراث هئي. هي پنهنجي مرشد جي ڏکي طريقت تي ثابوتيءَ سان قائم رهي سِير ۾ بہ پسڻ ڪان پالهو رهيو. اطلاعات کاتي ۾ وڏو آفيسر هئڻ ۽ لاتعداد موقعن باوجود هن وزيرن مشيرن سان ڪي بہ واسطا نہ وڌا پر پاڻ جهڙن سِڌن سادن ماڻهن سان

پيچ پاتو. ڪنهن به وزير جو پي آر او توڙي پيارو ٿيڻ کي پاڻ لاءِ اعزاز نه سمجهيو پنهنجي پروفيشن جي حوالي سان هي ساڪائتو هو، اطلاعات کاتي ۾ مرحوم علي احمد بروهي کان وٺي ميڊم مهتاب اڪبر راشديءَ تائين سڀ سندس ڪم جي حوالي سان تعريف ڪندڙ آهن، ان ڪري وزيرن کي ته اهڙن آفيسرن جي ضرورت هئي پر هن گرهوڙيءَ جي چوڻ تي مڪمل عمل ڪيو:

متان ڪائين ڪڇٽي، حاڪماڻي هنڌان
رڏي هونڊائون رت ۾، ماري مسڪينان.

هن ڪڏهن به وزيرن جي درن تي حاضري نه ڀري، رڳو پنهنجي ڪم سان ڪم رکيو. هي پنهنجي وجود ۾ هڪ اوطاق هو، جتي به رهيو، اتي وٽس محبتي ماڻهن جا ميڙ لڳاپيا هوندا هئا. وڏيرن جي درن تي خوشامدي ۽ چاپلوس ويندا آهن ۽ هن سان اهل دانش جون مجلسون ٿينديون هيون.

قربان صاحب غربت ۾ جائو، نپنو ۽ وڏو ٿيو هو. هن سڄي عمر غربت خلاف جنگ جوٽي پر ان ۾ پنهنجا اصول ڪڏهن به نه اورانگهيا. پورهئي ۽ پگهر مان ڪمايل ڪِڙي به گهڻي جاتي.

قربان صاحب منهن مهانڊي ۾ ملوڪ، ڳڻن جو ڳهير ۽ ڪچهريءَ جو مور هو. هن جي مجلس اهڙي قلواڙي هئي، جتي ٿڪن جا ٽانگر ٽڙندا رهندا هئا. زندگيءَ سان ڀرپور انهن ٽهڪن ۾ ڪا به مصنوعيت نه هوندي هئي، ان ڪري اهي ٽهڪ ماڻهوءَ جي من جا مونجهارا مِٽائي ڪيس تازو توانو بنائي ڇڏيندا هئا، تڏهن ته هرڪو ماڻهو ساڻس ملڻ لاءِ مشتاق هوندو هو.

قربان صاحب منهنجو پڦاٽ، ادبي استاد ۽ دوست هو. عمر ۾ مون کان 23 ورهيه وڏو هو، آئون جڏهن سمجهه ڀريو ٿيس، تڏهن هي تعليم مڪمل ڪري، سرڪاري نوڪري وٺي ٻارن ٻچن جو پيءُ بڻجي چڪو هو. ڪتابن پڙهڻ جي هير مون کي پنهنجي چاچي جانيڙي سنڌي وڏي پر اسان جي سڄي ويڙهي ۾ ڪتابن سان ڀريل وڏو ڪٻٽ فقط قربان صاحب جو هوندو هو، جنهن تائين بهرحال منهنجي پهچ ممڪن هوندي هئي. هن جي هر شيءِ ايتري قدر صفائي، سنائي ۽ ترتيب سان رکيل هوندي هئي جو سندس ڪتاب پڙهي واپس رکندو هئس ته به ڪيس خبر پئجي ويندي هئي ته ڪا

واردات ٿي آهي. پنجٽيهن ورهين جي عرصي ۾ سندس ڪي به ٿي ڪتاب سنگت هٽي وئي ته ٻي ڳالهه آهي، باقي مون سندس سڀ ڪتاب پڙهي واپس ڪيا پر جڏهن به سندس ڪو ڪتاب گم ٿيندو هو ته شڪ ڇا ڪيس پڪ پئجي ويندي هئي ته ڪتاب اقرار لمائي ويو. ان حوالي سان اسان جو ڪڏهن به جهيڙو نه ٿيو، باقي جهيڙا به جهيڙا ٿيا. اسان جا جهيڙا اڪثر سياست تي ٿيندا هئا. نه هو ئي ڪنهن سياسي پارٽي جو باضابطه ميمبرهو، نه آنءُ ڪنهن جماعت جو ڪارڪن هئس. پائو قربان چوندو هو ته هن ملڪ جي مسئلن جو حل فقط مضبوط جمهوريت ۾ آهي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ئي وڏي جمهوري پارٽي آهي، جنهن جي مخالفت نه ڪرڻ گهرجي، ان ڪري پيپلن جا وڏا وڏا ڏوهه به ڪين نديڙا لڳندا هئا ۽ قومپرست ڪارڪنن جون ننڍڙيون غلطيون به عظيم غلطيون لڳنديون هيون، جنهن ڪري انور جونيئر ۽ منهنجو ساڻس جهيڙو جاري رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته پري پهچي ويندا هئا سين. جهڙا سخن هُو ڪيندو هو، اهڙا اسان جي زبان مان به نڪري ويندا هئا. اها ئي گهڙي، هو ته سڀ ڪجهه وساري ڇڏيندو هو پر اسان ڦوڪيا وتندا هئا سين پر جڏهن به منهن سامهون ٿيو ته سندس اکين ۾رُس مَ رسڻ ۾، چاهي راٽا ... ماستر چندر جي ڪافي لهي ايندي هئي:

قربان صاحب نفيس، صفائي پسند ۽ ترتيب وارو انسان هو. صبح جو اٿي، روزانو شيو ڪندو هو، وهنجي سهنجي نيرن ڪرڻ ڪان پوءِ ڏندڻ ڪري گهران نڪرندو هو. ان جي بنهه برخلاف عادتن جي ڪري هر روز شيو نه ڪرڻ، وار نه نهرائڻ ۽ بنا استري ٿيل ڪپڙا پائڻ تي منهنجي سٺي عزت افزائي ڪندو هو. هي ٻلهڙيجيءَ جي ان نسل جو ماڻهو هو، جن لاءِ ڳوٺ هڪ گهر ۽ ان جا سڀ رهواسي ڀاتي هئا، ان ڪري ڪنهن جي به غلط ڳالهه ڪن پيس، ان جي اصل لاڪ لاهي وجهندو هو، ان ڪري ڪجهه همراهه ڪانئس ڪن ڇپا ڪري پڇڻ جي ڪندا هئا پر مون ڪي سندس صحبت جي هميشه هاج رهي، ڇاڪاڻ جو هي ئي اهڙو ماڻهو هو جنهن سان آئون پنهنجي ڳالهه رکي سگهندو هئس ۽ هن سان هر موضوع تي کلي ڳالهائيندو هئس، هونئن به جنهن تنهن سان هر ڳالهه سلي نٿي سگهجي. وڏڙن به اهو ڏس ڏنو آهي ته ”نه ڏسندڙ جي اڳيان ڳوڙها نه ڳاڙ جن“ ۽ مرشد جو سنيهو به

اهو آهي ته

اکر ڇُتي هيکڙي، ٻهون جي نہ ٻُجهن
کوه کبو کي تن، سچي سٽائي ڳالهڙي.

قربان صاحب هونئن ته انگريزي ۽ سنڌي ٻولين جو خوبصورت نثر نويس هو پر هن ٻنهه گهٽ لکيو. آئون سمجهان ٿو ته ان جو سبب اهو هو جو آفيس ۾ هي هدايتون ڏيندو ويندو ۽ ٻيا ملازم اهو لکندا يا ٽائيپ ڪندا ويندا هئا، ان عمل کيس رعايت پسند بنائي ڇڏيو هو ۽ هي چاهيندو هو ته آفيس وانگر گهر ۾ به هي چوندو رهي۽ لکڻ وارو ڪم ڪو ٻيو ڪري. سندس آتم ڪٿا لکڻ لاءِ آئون تيار هئس پر "هِڪي ٻانهي ڇت ۾، ٻي جا ڪري الله" واري ڪار ٿي. قربان صاحب کي رٽائرمنٽ کان پوءِ بيماريءَ ٻلهڙيجي ڇڏائي، جنهن جي ڪري سندس اهو ڪم نہ ٿي سگهيو، جيڪو تمام وڏو نقصان ٿيو. هونئن قربان صاحب جي ڪچهري به ڪئين ڪتاب هئي. هر موضوع تي دسترس هئس. سنڌيءَ جا سوين پهاڪا ياد هئس ۽ انهن جي پس منظر ۽ ٻڻ بنياد کان به واقف هو. ڪچهريءَ ۾ موقعي مهل مطابق شاهه جا بيت پڙهندو هو. ان سان گڏ کيس سوين لطيفا ياد هوندا هئا، جيڪي به ڪچهريءَ جي نوعيت مطابق ٻڌائي محفل کي خوشگوار بڻائي ڇڏيندو هو. هن جي ٻولي جيتري شاهوڪار هئي ايتري ئي کيس مزاح واري حس هئي. هن جي گفتي نکرڻ سان ٽهڪن جا ٿاڙهيا پئجي ويندا هئا. ڪمال جو حاضر جواب انسان هو. ان کان سواءِ هي لائي نيائڻ وارو شخص هو، جيڪو به سندس دوستيءَ جي ڏاڳي ۾ آيو، اهو آخري ساهه تائين ساڻس سلهاڙيل رهيو، پوءِ اهو سندس ننڍپڻ جو ساٿي ممتاز مگسي هجي يا جوانيءَ جو دوست مينهون خان ٻروچ. هن جا دوست فقط هن سان نہ پر سندس سچي ويڙهي جي ڏک سک ۾ شامل هوندا هئا. هونئن ته هي سنڌ جي سمورن ثقافتي جزن سان محبت ڪندڙ هو پر هن جو راڳ سان روح هو، راڳ هن لاءِ اتم عبادت هو.

ٻلهڙيجيءَ ۾ شادين تي راڳ ڪرائڻ واري روايت تمام پراڻي آهي پر 1990ع واري ڏهاڪي ۾ ان ۾ گهٽتائي اچي چڪي هئي. قربان صاحب پنهنجي برادريءَ ۾ اعلان ڪيو ته جيڪڏهن گهوٽ ڪنوار کي رڳو ٽڪر

هٽائي شاديءَ وارو فرض ادا ڪرڻو آهي ته نيڪ باقي جيڪو وڏي رهاڻ جو سڏ ڏئي ٿو، ان کي راڳ به ڪرائڻو پوندو، نه ته ان جو پت نه ڪاڏو ويندو. هن جي اهڙي اعلان تي سندس ويڙهي سان گڏ پوري ڳوٺ عمل ڪري ڏيکاريو ۽ هاڻ هر شاديءَ تي راڳ جي محفل ضرور ٿيندي آهي. قربان صاحب جو والد وڏيرو حسن علي به صوفياڻي راڳ جو شائق هو، ڪڏهن ڪڏهن صوفين سان يڪتاري تي ڪافيون به چوندو هو. قربان صاحب جا به آواز سنا هئا. هي وري ڪڏهن ڪڏهن بنا سازن جي ڳائي ونندو هو، ٿوڙي سندس پسند جو راڳ هو. قربان صاحب راڳيءَ ڪان ڪنهن ڪافيءَ جي فرمائش ڪرڻ بدران راڳ جو نالو ڪٽي ان مان ڪا به ڪافي ٻڌائڻ لاءِ چوندو هو. هن جي شوق سبب اسان استاد محمد يوسف، وحيد علي، فتح خان، شرافت علي خان، سينگار علي سليم، پيرل گولي، جمال فقير، سهراب فقير، عثمان فقير سميت ڪيترن ئي سريلن ڪلاڪارن کي سامهون ٻڌو. هي چوندو هو ته جڏهن ڪنهن جي جمڻ تي خوشيءَ ۾ راڳ جي محفل ٿئي تي ته مرڻ تي به اهڙي محفل ٿيڻ گهرجي. هن پنهنجي پٽ حسن عليءَ کي وصيت ڪئي هئي ته سندس جنازو ساز آواز ۾ ڪنيو وڃي. سندس چاليهي جي موقعي تي راڳ ڪرائڻ سندس اها وصيت پارڻ آهي.

قربان صاحب پاڻ سان گڏ حسناڪ روايتون به ساڻ ڪٽي ويو. هاڻ شاهه جي بيتن تي ڪچهرين ۾ قيل مقال نتي ٿئي. انور ۽ قربان ڪان پوءِ ٻلهڙيجيءَ جي حالت هيئن ٿي وئي آهي:

وڃهيو منهن مَٿن ۾، موکي اُپي روءِ
متارا مري ويا، اگڻ اچي نه ڪوءِ
متارنئون پوءِ، مِنا مَت مِٿي ٿيا.

❊

# نواز علي ڪوسو ۽ سانوڻ هڳورجو

## ڳٽن جا گهير ٽر واسي

پٽائيءَ جا فقير ڳٽن جا ڳهير ڏيندا آهن. ڪڏهن به اوڳڻ اوڏا نه ڏين. اهي سڙي به جڳ لاءِ سهائو بڻجندا آهن ۽ سدائين سچ جو پرچار ڪندا رهندا آهن. اهڙن املهه انسانن کي پنهنجو ذاتي درد ياد ئي نه رهندو آهي پر وطن ۽ ويڙهيچن جو سور وهلور ڪري وجهندو آهي. اهڙن ئي انسانن ۾ اَريجي پوڻ ۽ سان واسطو رکندڙ ٻن مور ماڻهن کي مان به سڃاڻان. برابر چاچي نواز علي ڪوسي ۽ سائين سانوڻ هڳورجي سان روح رُچندو رَڄ ته نه ڪري سگهيس پر ساڻن ڪجهه گهڙين جي صحبت، سڄي زندگيءَ جي انتهائي سڃائي ۽ ساهه سيباڻي ياد بڻجي هِنئين ۾ هرندي رهندي.

"صحبت جا سنديانِ، آئون نه جيئندي ان ري"
(شاهه)

ڪارونجهر جي ڪڪ ۾ وينل چاچي نواز علي ڪوسي کي لڳ ڀڳ سڄي سنڌ سڃاڻي. هو سنڌي ۽ ڍاٽڪي لوڪ ادب جو ڄاڻو، ٿر جي پٽ پٽ جي سربستي ڄاڻ رکندڙ جاگرافي دان، شاهه، سنت ڪبير ۽ تلسي داس جو شارح ۽ مٽيءَ سان محبت رکندڙ ماناٽتو انسان آهي. هن کي ٿر جي هڪ هڪ پٽ سان لاڳاپيل سوين قصا ڪهاڻيون ياد آهن ۽ ڪارونجهر جي هر ٽڪري هن جي ماپيل آهي. مون کي ڪاڪي انور پيرزادي ٻڌايو هو ته: "جيڪڏهن ڪو ماڻهو ننگرپارڪر وڃي ۽ اتي نواز علي ڪوسي سان نه ملي ته ان ڄڻ ته ڪارونجهر ڏٺو ئي ڪونه."

سنت نيٽو رام جو ميلو گهمي جڏهن اسين صبح سوير ننگر پارڪر پهتاسين ته شهر جي نندي وڏي شخص هن مٽيادار ماڻهوءَ جو ڏس ڏنو ۽ اهو به ٻڌايو ته اڄڪلهه سندن طبيعت چاڪ نٿي رهي. جڏهن مان علي حسن چانڊئي، مظهر شيخ، اسد الله نظاماڻي، سڪندر نظاماڻي، سانول ۽ خالد خاصخيليءَ سان گڏ سندس چونئري ۾ داخل ٿيس، ته هن جو هيٺو حال ڏسي ڳوڙها ڳڙي پيا. ڪارونجهر جي هزارن سالن جي تاريخ سيني ۾ سانديندڙ سناسيءَ کي مرضن مروٽي ڇڏيو آهي. لاڳيتي بيماريءَ ڪيس هڏڙن جي مٺ بڻائي ڇڏيو آهي. بيماريءَ سبب سندس هٿ پير سُڄيل هئا. اهڙي حالت ۾ به هو اسان سڀن سان اٿي ويهي پاڪر پائي ملي ٿو ۽ پڇي ٿو: "سنڌ ڪيئن آهي؟" علي حسن ڪيس سنڌ جي سياسي سماجي صورتحال جي سرسري جاڻ ڏئي ٿو ته هن جي اکڙين جا آگم ڇلڪي پون ٿا ۽ اسين ڪيس جڻ پتائيءَ سرڪار جي بارگاهه ۾ دانهين ٿيندي ڏسون ٿا:

"پاڻوندر پيا، اڇي ڪينجهر ڪنڌئين..."

چاچي نواز علي کوسي جي اڳهائيءَ کي ڏسندي هرگز نه پيو جڳائي ته ڪيس وڌيڪ ڳالهائڻ لاءِ مجبور ڪجي، پر هي قسمت جا ميلا آهن، وري الائجي ڪڏهن ننگر پارڪر اچڻ ٿئي! اها ڳالهه ڳڻي اسان ڪيس پتائي سرڪار جا بيت ٻڌائڻ لاءِ وينتي ڪريون ٿا. هو اسان کي سُر سارنگ، مارئي ۽ سسئيءَ مان بيت ٻڌائڻ سان گڏوگڏ ڏکين لفظن جون معنائون ٻڌائي ۽ سمجهاڻي ڏني. برابر مرحوم سائين صالح محمد شاهه، سائين سيف ٻنوي صاحب، محترم رسول بخش پليجو ۽ ڪراچيءَ جي رزاق آباد وارو سيد غفور شاهه، پتائي سائينءَ جا بيت ڏاڍي وڻندڙ انداز سان پڙهي جاڻن پر چاچو نواز علي انهيءَ حوالي سان انهن سڀني کان اِن ڪري مختلف لڳو ته شاهه جو بيت پڙهڻ سان ئي سموري ٿر جو درد به سندس ڳلي ۾ اوتجي پئي آيو.

چاچي نواز علي کوسي اسان کي ٻڌايو ته: "سڄو سارو ٿر 22 هزار چورس ميلن تي پکڙيل آهي پر 1947ع واري ورهاڱي ٿر کي به سوڙهو ڪري ڇڏيو آهي. " هو اسان کي ٿر جي سمورن طبعي پاڙن: پارڪر، وٽ، سامروٽي، مهراڻي، ڍاٽ ۽ ڪاڻڙ بابت معلومات ڏئي ٿو ۽ انهن سڀني علائقن جون جاگرافيائي حدون به سمجهائي ٿو. هو ٻڌائي ٿو ته ڪارونجهر جبل تي اهو

نالو ان ڪري پيو جو انهن پٽرن تي ڪارا ٽِڪا پٽاپٽي چٽ آهن. پٽر سڀ جو سڀ گرينائيٽ آهي جنهن مان ٽائيلس وغيره ٺهن ٿيون. هن وڏيڪ ٻڌايو ته ٿر جي دولت پوءِ اها گرينائيٽ جي صورت ۾ هجي يا ڪوئلي جي صورت ۾، ان مان فائدو مقامي ماڻهن ٻدران ڌاريا وٺي وڃن ٿا ۽ ٿر واسين جي حالت ٻارهوئي پٽائي سرڪار جي هن سِٽ جهڙي آهي ته:

"ڏکي توءِ ڏڪار، توٽي وسن مينهڙا..."

چاچو نواز علي کوسو انگريزن سان ڇوٽون ڪائيندڙ روپلي ڪولهيءَ کي ڪارونجهر جو رکوال سڏيندي، پارکر جي بيوسي بيان ڪندي ٻڌائي ٿو ته: "هاڻ ولايتي ماڻهو ٿر کي مفتوح علائقو سمجهي، گولين سان مورن جا سينا پروڻ ڪري رهيا آهن." هو ٻيهر پٽائيءَ جو بيت پڙهي ٿو:

"هنج نه قيد ڪجن، مور نه وجهجن پڃري..."

چاچو نوار علي کوسو مارئيءَ کي قومي غيرت ۽ وطن پرستيءَ جي علامت سڏيندي چوي ٿو ته ڪيس انهن اقتدار پرست مائين تي مٺيان وٺي ٿي، جيڪي وقت جي عمر سان ڪلون به پائين ٿيون ۽ پاڻ کي ماريون به سڏائين ٿيون! اسان نه چاهيندي به هن عظيم انسان کان موڪلايون ٿا. سندس ڪچهريءَ دوران مون کي ڪاڪي انور جي اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي ته علم فيلڊ ۾ آهي، باقي لائبريرين ۾ رڳو ڪتاب هوندا آهن. اسان جي منٿن باوجود هي عظيم انسان چونئري کان ٻاهر اچي اسان کي الوداع ڪري ٿو. اسان سندس پير ڇهون ٿا؛ اهي پير جن پنجهتر ورهين تائين سراسر سچ جو سفر ڪيو آهي. ڪانئس موڪلائيندي، بلڪ سچو ٿر گهمندي اِها ئي گونج ٻُرندي ٻڌون ٿا ته:

تان ڪي ساڻن اور، جان آهن اوطاقن ۾،
ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾، پاڻ مٽائن گهور،
ويا جي هنگلور، سي ڪرم ملندئي ڪاپڙي.

سيپٽمبر 2012ع ۾ ٿر جي سفر دوران جنهن ٻئي مور ماڻهوءَ سان ملاقات ٿي، ان جو نالو آهي: محمد سانوڻ هگورجو. هيءُ مٺي شهر کان اٺن ڏهن

ڪلوميٽرن جي فاصلي تي ٻگهار ڳوٺ ۾ رهي ٿو. استاد سانوڻ خان هڱورجو ٻه فقير منش انسان آهي، ڪيس شاهه سائينءَ جا سوين بيت برزبان ياد آهن. ان ڪان علاوه ڪيس ڍاٽڪي ۽ مارواڙي ٻولين تي ٻه دسترس آهي. هن مٺيادار ماڻهوءَ جي ڏنل محبت ڪڏهن ٻه وسري نہ سگهندي. اسان رات جو دير سان سلام ڪوٽ مان واپسيءَ تي وٽس پهتاسين. هن پنهنجي پٽن کي ماني ڪرائڻ لاءِ هڪل ڪئي تہ علي حسن ڪيس ٻڌايو تہ: اسين ماني کايو پيا اچون، تہ صفا ڪاوڙ جي پيو. سانوڻ خان هڱورجو، علي حسن چانڊئي جي والد چاچا سهراب جو پڳ مٽ دوست آهي، جيڪو راڳ رنگ، شاعري ۽ لوڪ ادب جو شائق ۽ ڪاهوڙي انسان هو. استاد سانوڻ خان اسان کي سڄي رات شاهه سائينءَ جا بيت ۽ سنت ڪبير جا دوها ٻڌايا. جڏهن اسانجي دوست اسد الله خان نظاماڻي کانئس پڇيو تہ: "اوهان جا ڳوٺ جي هندن سان تعلقات ڪيئن آهن؟" تہ وراڻيائين، "اسين وحدت الوجودي آهيون. اسان جي پاڙپيءَ ۾ ڪڏهن ٻه دين ڌرم ديوار نہ بڻيو آهي" ـ سنت ڪبير جي شاهدي واريندي چيائين:

"ڪبيرا ڪُنوان ايڪ هي، پانهياري انيڪ
برتن سڀ ڪي نياري، پاني سڀ مين ايڪ

اسان صبح جو سائين سانوڻ وٽ نيرن ڪري نڪتاسين. نيرن ۾ ڪارايل تازي مکڻ، لسي ۽ ٿر جي مخصوص ٻاجهيءَ سان گڏ هن جو خلوص ٻه شامل هو، جيڪو ڪڏهن ٻه وسري نٿو سگهي.

***

# سهراب چانڊيو

## حال قربان، مال قربان

پٽائيءَ جو شائق، راڳ جو چاهڪ، سير سفر جو شوقين، ڪچهريءَ جو ڪوڏيو، هر ڪنهن سان هٿ جوڙ، حسن پرست، غريب پرور، فقير طبيعت، يارن تان ساهه صدقو ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار... اهو هو لاڙ پٽ جو ڀهڳٽو انسان چاچو سهراب چانڊيو، جيڪو ڪنهن وقت ”ميانجي“ ۽ اسي واري ڏهاڪي بعد ڪامريڊ سهراب سڏبو هو. قد جو پورو، مضبوط هڏ، ننڍڙي اڇي ڏاڙهي، مٿي تي پوتڙو يا سنڌي ٽوپي، لباس، گفتار توڙي ڪردار ۾ سراسر سنڌي. سنڌ ڌرتيءَ جهڙي دل رکندڙ. چڱن سان ته هر ڪو چڱائي ڪندو آهي پر هن بُرن ۽ بدخواهن سان به وڙ ان نه وڃايو.

سهراب چانڊيو لواري- ننڍو روڊ ويجهو سنهي گوني شاخ جي ڪڙ تي آباد ڳوٺ علي مراد چانڊيو ۾ 1936ع ڌاري ڄائو. پڙهيو ته ڪي به ڪن درجا سنڌيءَ جا پر ڪڙهيو گهڻو. ننڍي هوندي کان ئي اهڙن ماڻهن جو ساٿ ۽ صحبت نصيب ٿيس، جيڪي علم پرور، لوڪ ادب جا مشتاق، ڳڻن جا ڳهير ۽ پنهنجي ملڪ ۽ مارن سان بي پناهه محبت رکندڙ هئا. هي يار به سنڌن رنگ ۾ رڱجي ويو.

لوڪ ادب جي حوالي سان لاڙ سنڌ جو انتهائي شاهوڪار خطو آهي، جتي جابجا پٽائي سرڪار سان منسوب ماڳ مڪان ۽ تڪيا آهن. هزارين رومانوي ۽ رزميا داستان سگهڙن ۽ شاعرن کان ٻڌي سگهجن ٿا. اوطاقن ۾ ٿيندڙ ڪچهريون به ان حوالي سان اهم هيون. عيد براد ۽ ٻين موقعن تي مولودن

جون محفلون بہ ٿينديون رهنديون هيون. هي يار بہ شروعات ۾ مولود چوندو هو. سندس نالي سان "ميانجي" واري نسبت جو سبب اهوئي هو.

1980ع ڌاري سياست سان لنئون لڳس. شهيد فاضل راهو کان متاثر ٿي عوامي تحريڪ ۾ شامل ٿيو. ان کان پوءِ هن جي نالي مان "ميانجي" واري نسبت جيئن پوءِ تيئن ڌنڌلي ٿيندي وئي ۽ ان جي جاءِ "ڪامريڊ" والاري ورتي. عوامي تحريڪ ۾ شامل هوندي بہ هن مولود ڳائڻ نہ ڇڏيا. اُهي تہ هن لاءِ مارن سان ملڻ جو ذريعو هئا. هن پئسي خاطر مولود نہ چيا. تر ۾ ٿيندڙ دوستن جي ڪاڄن ۾ اهڙيون محفلون ٿينديون هيون. اُتي شاهہ سائين، سچل، حمل ۽ مولوي احمد ملاح جون ڪافيون ڳائيندو هو تہ اها شاعري بہ پڙهندو هو جنهن ۾ ديس وارن جا درد بيان ڪيل هوندا هئا. اُتي جيڪي پئسا پوندا هئس، اُهي ڪاڄ وارن کي پهو ڏئي واپس ورندو هو. 1990ع تائين عوامي تحريڪ ۾ سرگرم رهيو. فاضل جي شهادت ۽ عوامي تحريڪ ۾ ڏڙابنديءَ بعد سياسي طرح گهڻو سرگرم نہ رهيو. هن جِي سياستدان بدران صوفيءَ واري دل هئي. سياستدانن واريون گوهيون ۽ اٽڪلون نہ ڄاڻندو هو، ان ڪري هن پنهنجا پير سنڀالي ورتا.

چاچو سهراب چانڊيو بنيادي طور هاري ۽ مالوند ماڻهو هو، پنهنجا ڪجهہ ڍور ۽ ٻہ چار ٻنيءَ جا ٻارا هئس. سندس وڏي عيال جو گذر سفر ان تي ئي هو، بس هي سڄو سال ڪائي پي چڙهندو هو پر جڏهن دوستن تي ڏکيو ڏينهن اچي ويو، تہ ٻچڙن جي ڪير وارو ڍور کپائيندي بہ دير نہ ڪندو.

هن وارو فصل وڏي عيال جي ڪاڏي جي ضرورت پوري ڪندو هو، اُتي ٻارڙن جي لٽي ڪپڙي، ڪتاب، قلم ۽ ڪاپين جو خرچ بہ مهيا ڪندو هو پر جڏهن تہ سڄي عيال جون خواهشون گهُٽي، ڇهن مهينن جي بُک قبول ڪري، فصل وڪڻي سنگت جي هاج پوري ڪندو هو. ايئن هڪ نہ پر ڪوڙ ڀيرا ڪيائين. هڪ ڀيري ننگر پارڪر جو هڪ ڪولهي دوست وٽس مالي مدد لاءِ هلي آيو، ان وقت ڀيو تہ وٽس ڪِي ڪين هو، بس فصل پڪو بيٺو هو، جيڪو وڪڻي سندس ضرورت پوري ڪيائين. هن، دوستيءَ ۾ هندو مسلم جي حدبنديءَ کي ڪڏهن بہ ليکي ۾ ڪو نہ آندو. مذهبي رواداريءَ جو قائل هو. هر مذهب جو احترام ڪندو هو، باقي دوستيءَ ۾ سر ڇٽ مال نيلام ڪرڻ

وارو هو.

چاچي سهراب سنڌ جي سونهن پسڻ لاءِ سيلاني ٿي سفر ڪيو. برابر اُتر سنڌ ڏانهن سندس اچڻ بنهه گهٽ ٿيو پر ساموندي پٽي، رڻ، لاڙ ۽ ٿر جا ڦيرا ڦريندو رهندو هو. هر سال رڻ راهي ٿيندو هو، پنجويهه کان ٽيهه ساٿي ساڻ هوندا هئس. رڻ ۽ رُڃ جو پنڌ، جتي پاڻيءَ پاءُ لاءِ ماڻهو سِڪي، اُتي اها يارن جي صحبت ئي هئي، جيڪا کين وري اوڏانهن وٺي ويندي هئي. اهڙي نموني بدين جي ساحلي پٽيءَ ۾ به سندس گهڻي اچ وڃ رهي. مهينن جا مهينا وٽي اُتي رهندو هو. ڀيڙياتن سان هوڙن تي رس رهاڻيون به هلنديون رهنديون هيون.

جڏهن مئي 1999ع ۾ خطرناڪ ساموندي طوفان سوين مانجهي ماري ۽ هزارين جهڳا برباد ڪري ڇڏيا، تڏهن هي يار به "وهڻ مون نه وڙاءُ" چئي نڪري پيو ۽ وٽي پائرن پيڙو ٿيو. اُتي هن ڊٺل جهڳا ڀيهر اڏڻ ۾ سندن مدد ڪئي ۽ جوانن جي ڪمهلي موت تي وارثن کي دلاسا ۽ دلداريون ڏنيون. طوفان جي اثر، گهڻي ڪم ۽ هڻ وٺ همراهه کي بيمار ڪري وڌو. هي نه اگهن جي تيمارداريءَ لاءِ پهتو هو، سو ڪائنن پنهنجي درد جو دارون ڪيئن ڪرائي. بيماريءَ جي حالت ۾ واپس ڳوٺ پهتو. دوا درمل وٺڻ سان جيئن ئي سرير ۾ صحت جو احساس ٿيس ته وري ساموندي پٽيءَ ڏانهن سِڌ ڪيائين، جتي اجا به ڳوناٽا جهريل جهوپڙا جوڙي رهيا هئا. چاچي سهراب نه رڳو ساموندين جي مدد ڪئي، پر اُها سڄي وارتا قلمبند به ڪئي، جنهن کي سال 2000ع ۾ سندس پُٽ علي حسن چانڊيي "تڙ تڙ تي طوفان" جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

ٿر تان هر سال ڦيرو ته هن جو معمول بڻجي چڪو هو. سڄي ٿر ۾ سندس واسطو ۽ دوستي هئي. هي ان وقت کان ٿر ويندڙ هو، جڏهن ڇڪڙا به نه هليا هئا ۽ اُٺ کان سواءِ ٻي ڪا به سواري نه هوندي هئي. زندگيءَ جو آخري عرصو ڪارونجهر جي محبت ۾ مبتلا ٿي ويو. سال ۾ ٻه ڦيرا ٿر ضرور وڃي. هونئن ته هن، پنهنجي ذاتي ضرورت جي ڪنهن شيءِ لاءِ علي حسن تي ڪڏهن زور نه ڀريو پر جيئن ئي ٿر تي وڃڻ وراڪا ٿيندا هئا، ته هي به سارنگ گنگنائڻ لڳندو هو ۽ عليءَ کي فون ڪري چوندو هو "پئسا موڪل،

ڪارونجهر پيو سڏي!“ هي سياح ٿي ٽر ڪڏهن به نه ويو، جتي به ويندو هو، اُتان جي ماڻهن سان پير پريندو هو، ساڻن ڏُک سُک ۾ شريڪ ٿيندو هو. هن آخري دم تائين ساڻن اهو تعلق قائم رکيو.

مون کي هن مٽيادار ماڻهوءَ سان فقط هڪ هفتو گڏ گذارڻ جو موقعو مليو. ڳوٺ علي مراد چانڊيو ۾ سندس ڪتاب ”تڙ تڙ تي طوفان“ جي مهورت ٿي رهي هئي. مان ۽ مظهر شيخ سنبري پياسين. سندن ڳوٺ جي هڪ نوجوان جي حادثاتي لاڏاڻي سبب مهورتي تقريب ته ملتوي ڪئي وئي پر هفتي جي اُها صحبت اجا تائين هنيانءَ ۾ هرندي رهي ٿي. سنڌ جو خوبصورت وائلنسٽ ۽ ميوزيشن استاد انور شيخ لاڙڪاڻي وارو به اسان سان گڏ هو، جيڪو وائلن ۽ هارمونيم سان اوچتو پرگهٽ ٿيو، پوءِ ته رنگ رچي ويا. ڪنهن وقت استاد اسان کي وائلن تي مشهور ڌنون ٻڌائي رهيو هو ته ڪڏهن باجي تي راڳ ڳائي رهيو هو. جڏهن استاد انور ٻن چئن ٻولن ڪان پوءِ ٿڪجي بس ڪندو هو ته مان چاچي سهراب کي مولود ٻڌائڻ جي فرمائش ڪندو هئس. اهڙي طرح اسان جي ڪچهريءَ ۾ پٽائيءَ سرڪار ۽ سانوڻ فقير جا بيت به ٿيندا هئا. لطيفا ۽ حڪايتون به هلنديون هيون ته چرچا به ٿيندا رهندا هئا. چاچو سهراب اسان سان ايئن مليو، ڄڻ ورهين جا واقف هجون، ڪچهريون، مارڪا شروع ٿي ويا. هن اسان کي سڄو ٿر گهمايو، اُتي اندازو ٿيو ته چاچي سهراب گوني واسين کي ڳڻن سان ڳنهي ڇڏيو آهي.

هڪ موقعي تي جڏهن استاد انور شيخ ٿر جي هڪ اپرنڊڙ ڪلاسيڪل فنڪار جي تعريف ڪئي ته چاچو سهراب وري ان فنڪار جي ڊولڪ نواز نينگر جي تعريف جا ڍُڪ پرڻ لڳو، ان تي سندس پاٽيجو شفيع محمد، عليءَ کي اک هڻي چوڻ لڳو: ”پڇوس ته ڊولڪ نواز رنگ جو ڪيئن هو؟“ عليءَ جڏهن ڪانئس پڇيو ته بابا هي همراهه ته ڪجهه ٻيو ٿا چون. ان تي چاچي سهراب ايئن شرمايو ڄڻ سندس چوري پڪڙجي پئي هجي، پوءِ چيائين: ”هي مون سان ايئن چاڳ ڪندا آهن.“ پوءِ ته استاد انور شيخ کي موقعو ملي ويو، چئي: ”توهان مولودي، توهان جو سازن سان ڇا وڃي. اسان سازيندا آهيون، اسان تعريف ڪيون ته نهي به ٿي، توهان کي ان جو حق ناهي.“

جعفر سمون دبهڙي وارو چاچي سهراب جو پڳ مٽ يار هو، ٻئي هڪ

ٻئي جا عاشق هئا. هفتو هڪ ٻئي کي نه ڏسن ته وهلور پيا ويندا هئا. اهڙي ريت پنهنجي ڳوٺ ۾ هن جا دل گهريا دوست سندس ڀاڻيجو شفيع محمد چانڊيو ۽ قومپرست شاعر محمد بخش ويڳاڻو هئا، جيڪي ڪانئس عمر ۾ ته ننڍا هئا پر جيئن ته دوستيءَ ۾ ننڍ وڏائي نه ٿيندي آهي، ان ڪري اُهي ڪيس گهڻو ستائيندا هئا. هي ٻه ساڻن چرچا ڀوڳ ڪندو هو پر چاچي سهراب ڪڏهن ٻه ڪچو لفظ نه ڪڍيو.

مون هڪ هفتي دوارن اهو ٻه ڏٺو ته هو هڪ هنڌ تي ويهي قرار ڪرڻ وارو نه هو. جيڪڏهن اسان ساڻس گڏ هلڻ لاءِ تيار نه ٿيندا هئاسين ته اڪيلو ئي نڪري ويندو هو: "فلاڻي سان هي مسئلو ٿيو آهي، فلاڻي سان هو مسئلو ٿيو آهي، فلاڻي جو لاٻارو آهي، فلاڻي جو مال بيمار آهي، همراهن کي پُڇي اچان!"

ٻين وانگر مون ٻه ايئن ئي محسوس ڪيو ته هي جڻ علي حسن جو عاشق هجي ۽ عليءَ کي هڪ لاپرواهه محبوب وانگر ڪا ٻه ڳڻتي نه هوندي هئي. چاچو سهراب سچي راڄ ڀاڳ، پنهنجي سنگت توڙي عليءَ جي دوستن سان ٻه اٽندو ويهندو رهندو هو.

5 اپريل 2014ع تي عليءَ جو فون تي مختصر ايس ايم ايس آيو "اڄ آئون يتيم ٿي ويس!" ايس ايم ايس پڙهڻ سان لڙڪ لاڙي وينس، ڇو جو هُو منهنجي يار جو نه رڳو والد پر عاشق ۽ دوست ٻه هو. هن جي هوندي علي لاپرواهه ۽ بي اونو هو، پر هاڻ اُهو وقت ويندو رهيو:

ساٿي نه پسان سِي، جي هُئم هِئين ٺوٺيون....

***

# استاد عبد الواحد ميمڻ

## مثالي استاد ۽ مانائتو انسان

ملڪ سڄو مايا جي چڪر ۾ آهي، پنجن مان پندرهن ڪرڻ لاءِ سيڪجهه روا ٿي پيو آهي. ان ڪري ضمير ۽ اصول کي گهٽي اهميت ڪانہ ٿي ڏني وڃي پر هن جندڙيءَ اهڙا بہ انسان ڏٺا جن سدائين اصولن کي اهميت ڏني ، جيڪو ڪاڏو حق حلال ڪاڏو ۽ فرض ۾ ڪابہ ڪوتاهي نہ ڪئي. اهڙو ئي هڪ مانائتو شخص سن شهر جو سائين عبدالواحد ميمڻ هو، جنهن پنهنجي ڄمار جا 68 ورهيہ درس تدريس کي ڏنا. هن بہ سرڪاري نوڪرين ڪيون. سائين عبدالواحد پهريون پرائمري استاد ۽ پوءِ سن ۾ پوسٽ ماسٽر مقرر ٿيو. ٻئي ڊيوٽيون ائين ڪيائين جو ڪير ڪري ئي نہ سگهي. هن کي اڪين تڏهن اوڙڪيو جڏهن1985ع ۾ خط پوسٽ ڪرڻ لاءِ سن جي پوسٽ آفيس ۾ وڃڻ ٿيو.

سائين عبدالواحد بت ۾ پريل ۽ دراز قد هو. سندس اکين ۾ ڪا اهڙي ڏيا هئي جو ساڻس نظر ملائي نہ سگهبي هئي. مون پهريون ڀيرو ڪيس هڪ نظر ڏسي اهو اندازو لڳايو هو تہ هيءُ ڪو عام ماڻهو ناهي. سائين عبدالواحد اجايو نہ ڳالهائيندو هو. ڪم جي ڳالهہ ڪبي. هڪ ڀيري خط پوسٽ ڪرڻ وياسين، اسان جا حساب ڪتاب ۾ سائينءَ ڏانهن چار آنا رهيا جيڪي وٽس ڪليل نہ هئا. اسان ان کي خير جهڙي ڳالهہ سمجهي واپس موٽڻ جو ارادو ڪيو تہ اسان کي هٽ سان ويهڻ جو اشارو ڪيائين ۽ پنهنجي هڪ ساٿيءَ کي ڏهہ رپيا کُليا ڪرائڻ لاءِ ڏنائين. اتي هڪ همراه بڌايو تہ اهي تہ چار آنا

هئا پر جي پنج پئسا بہ توهان جا بچن ها تہ سائين سؤ رپيا ڪليا ڪرائي بہ اوهان کي ڏئي ها۽ جي اوهان ڏانهن پنج پئسا رهن ها تہ بہ اوهان کي هرگز نہ ڇڏي ها، ضرور وصول ڪري ها. هي اهو وقت هو، جڏهن اهڙيون شڪايتون بہ ٻڌڻ ۾ ايندڀون هيون تہ پوسٽ ماسٽر لفافن تي لڳل ٽڪليون بہ لاهي ٿا ونن ۽ ماڻهن جا خط رليو وڃن. اتي اها خبر پئي تہ پوسٽ ماستريءَ کان اڳ سائين پرائمري اسڪول سن جو هيڊ ماستر هو. هن ساندهہ چوويهہ ورهيہ سن ۾ ڊيوٽي ڪئي. سندس سوين شاگرد وڏن عهدن تي وڃي رسيا پر هن ڪڏهن ڪين جائز ڪم بہ نہ ڇيو.

سائين عبدالواحد سن شهر ۾ محمد عرس ميمڻ جي گهر 1913ع ڌاري جنم ورتو. پرائمري تعليم سن جي هندو استادن کان ورتائين. فائنل پاس ڪري 1930ع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. تڏهن سن شهر ضلعي نٽي ۾ هو، ان ڪري هن جي پهرين پوسٽنگ نٽي ۾ ٿي.1931ع ۾ دادو ضلعو ٿيڻ ڪانپوءِ سندس بدلي تعلقي ڪوٽڙيءَ جي ڳوٺ قبي ۾ ٿي. ان سال ئي هن پي ٽي سي ڪئي، جتي سندس استاد مشهور اديب ۽ تعليمي ماهر سائين محمد صديق مسافر هو. پاڻ اهڙن ئي مخلص استادن جي صحبت ۾ رچي ريٽو ٿيو هو. ٽريننگ ڪانپوءِ کيس پرائمري اسڪول مانجهند ۾ مقرر ڪيو ويو. مانجهند ۾ ڊيوٽيءَ دوران روزانو آئوٽ ٻيڪ ڪندو هو. تنهن وقت گاڏين جي ڪابہ سهولت ڪانہ هئي. سن کان مانجهند جو پنڌ 20 ڪلوميٽر هو. هن وٽ نہ تہ ڪا موٽر هئي، نہ وري ڪووهٽ هو جنهن تي چڙهي منزل رسي، ان ڪري سائين، اڌ رات جو اٿي هيڪل هلي پوندو هو ۽ نماز مهل اچي لاکن ۾ پهچندو هو. لاکن ۾ نماز ادا ڪري وري پنڌ کي چڪيندو هو ۽ ٽائيم کان اڳ اسڪول رسندو هو. پورا پندرهن ورهيہ سندس اهو معمول رهيو. پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ مين پرائمري اسڪول سن جو هيڊ ماستر مقرر ٿيو ۽ 1971 ۾ رٽائر ڪيائين پر پڙهڻ پڙهائڻ کان ناتو نہ ڇنائين.

تعليم کاتي مان رٽائر ڪرڻ ڪانپوءِ شاهہ حيدر ايجوڪيشنل سوسائٽي سن جي پليٽ فارم تان تعليمي خدمتون جاري رکيائين، جنهن جو پاڻ باني ميمبر ۽ ٻٽيهہ ورهيہ جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو. شاهہ حيدر ايجوڪيشنل سوسائٽي قائم ڪرڻ رهبر سنڌ جي لائق فرزند سائين امداد

محمد شاهہ جو ڪارنامو آهي. ساڻس ساٿ ۾ ڪوڙ سارا ماڻهو هئا جن پنهنجي وت ۽ وس آهر ڪم ڪيو پر ان ۾ سائين عبدالواحد جو ڪردار ناقابل فراموش آهي. اصل ۾ سائين امداد محمد شاهہ 1958ع ۾ پرڏيهہ مان تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ واپس اچي ان ڪم جي شروعات ڪئي هئي. هن، ايجوڪيشنل سوسائٽي قائم ڪرڻ کان اڳ سائين عبدالواحد سان ڊگهيون ڪچهريون ڪيون ۽ ساڻس ان سلسلي ۾ مشورا ڪيا. ان دور ۾ شاهہ حيدر سوسائٽيءَ پاران مڊل اسڪول ۽ بورڊنگ هائوس قائم ڪيو ويو، جنهن ۾ لکيءَ کان پيٽاري تائين جا شاگرد پڙهندا هئا جن کي ڪاڏو پيتو ۽ ڪتاب ڪاپيون مفت ملندا هئا ۽ سائين اهي پنهنجي هٿن سان شاگردن ۾ ورهائيندو هو. 1971 کانپوءِ سوسائٽيءَ پاران مختلف ڳوٺن ۾ اسڪول کوليا ويا جن کي پڻ يونيفارم، ڪتاب ڪاپيون وغيره مفت ڏنا ويندا هئا جيڪي سائين عبدالواحد بسن ۾ چڙهي اتي پهچائي ايندو هو ۽ ان ڪم ۾ دير نہ ڪندو هو. هو حقيقي سماج سڌارڪ هو، ڪيس پنهنجي قوم جي تعليم جو اونو هو. هو اهو ڄاڻي پيو تہ تعليم ئي قوم جي قسمت بدلائي سگهي ٿي.

سائين عبدالواحد روزي، نماز جو پابند ۽ تهجد گذار هو. مذهبي حوالي سان ديوبند فڪر سان لاڳاپيل هو، البت سياست کان ڪناره ڪش رهيو ۽ دين ۾ سياست جو قائل هرگز بہ نہ هو. بيجا خرچ نہ ڪندو هو، باقي پنهنجي پگهار مسجد ۽ نمازين تي خرچ ڪري ڇڏيندو هو.

جواني کان وٺي پيريءَ تائين ميمڻ مسجد جي سيوا ڪيائين. نمازين جي سک ۽ آسائش لاءِ سدائين انتظام ڪندو رهندو هو. مسجد جي صفائي پاڻ ڪندو ۽ نمازين جي وضوءَ لاءِ پاڻي بہ پورهيت ٿي ڀريندو هو. سياري ۾ تهجد گذارن لاءِ گرم پاڻيءَ جو بہ انتظام ڪندو هو. مسجد جو وڏو خرچ هو: بجلي، گئس ۽ ٻيون سهولتون اچڻ کانپوءِ ڪم تہ گهٽيو هو پر ان لاءِ خرچ وري بہ ضروري هو. پکن، نلڪن ۽ مرمت لاءِ پئسن جي ضرورت پوندي رهندي هئي، جنهن لاءِ سرنديءَ وارن کان چندو ڪرڻو پوندو هو. چندي واري چڪر کان بچڻ لاءِ هن پنهنجي گريجوئٽي جي پئسن مان ڊيڪوريشن جو سامان وٺي رکيو ۽ ان جي سڄي ڪمائي ميمڻ مسجد جي سار سنڀال لاءِ استعمال ڪرڻ جو فيصلو ڪري ان تي عمل بہ ڪيو. ان سان گڏ ڪميونٽيءَ

لاءِ ٻه ڊيڪوريشن مفت ڏني ويندي رهي، جتي برادريءَ جي شادين غمين جا ميڙاڪا ٿيندا رهندا آهن. سائين عبدالواحد جوانيءَ ۾ شادي ڪئي ۽ ڪيس پٽ جو اولاد ٻه ٿيو پر ستت ئي ٻئي ماءُ پٽ بيماريءَ وگهي هي جهان ڇڏي ويا. سائينءَ ٻي شادي نه ڪئي ۽ پنهنجي ڀائٽي کي پاليو.

چون ٿا ته هي سيد امير حيدر شاهه ۽ سيد امداد محمد شاهه جو ٻه استاد رهيو جيڪي سندس وڏو ادب ڪندا هئا. پاڪستان ٺهڻ بعد جيئن ئي ملڪ مسلم بيوروڪريسيءَ جي هٿ آيو ته بدعنوانين ۽ ڪرپشن جا واهڙ وهي پيا. رات وچ ۾ ڪک پتي ڪروڙ پتي ٿي ويا. سر سامهون هجي ته ڪير جل مان ٻُڪ نه ڀريندو پر هيءُ ڀٽائي سرڪار جي ٻي داغ ڪردارن وانگر پاتال ۾ ٻه پُسڻ ڪان پالهو رهيو. هن ٻين وانگر پنهنجي مالڪ سان ٺڳي هرگز نه ڪئي جيڪي رشوت وٺي ٻه رڪعتون نماز ادا ڪري ڇڏيندا آهن ۽ سجدي ۾ سٽيپون پوستون طلبيندا رهندا آهن. هي الله ڪان ڊڄڻ وارو هو ۽ ان کي حاضر ناضر ڄاڻي ان جي احڪامن جي پيچڪڙي نه ڪندو هو. ڪنهن جي ٻه سفارش نه ٻڌندو هو، پوءِ پلي ڇا ٻه ٿي پوي. هن سدائين ميرٽ کي مانَ ڏنو. حقدار جي حق جو قائل هو. اهڙي ايمانداريءَ هن لاءِ ڪوڙ مسئلا ٻه پيدا ڪيا. اسان جا ماڻهو بي ايمانن جي بي ايمانين جا پٽڻا ته پٽيندا رهندا آهن پر ايماندار ماڻهو ٻه ڪانئن برداشت نه ٿي سگهندو آهي. سائين عبدالواحد ڪنهن ٻه ماڻهوءَ کي رنج نه رسايو پر سندس ايمانداريءَ ڪري ڪجهه ماڻهو ڪانئس ارها ٻه هئا جنهن جي هن کي ڪابه پرواهه نه هئي. جيئري جهميلا ڪندڙ ماڻهو سندس مرڻ ڪانپوءِ ايمانداريءَ جي مثال ۾ سندس ئي نالو ڪڻندا آهن.

سائين عبدالواحد 25 اپريل 1999ع تي وفات ڪئي. ڪيس پير حيدر قبرستان ۾ لحد ۾ لاٿو ويو. اڄ ٻه سندس ڊيڪوريشن وارو سامان هن جا پيارا شاگرد سردار علي سولنگي ۽ نبي بخش ميمڻ سنڀالي رهيا آهن، جنهن مان مسجد ۽ ڪميونٽيءَ جو خرچ پکو هلي ٿو.

سائين عبدالواحد جهڙا ماڻهو هاڻ ڪوهين نٿا لين. مون کي پڪ آهي ته جڏهن ٻه سن جي تاريخ بيان ٿيندي ته شهر جي عظيم هستين ۾ سندس نالو ضرور شامل هوندو. سائين عبدالواحد ميمڻ پاڻ ٻه عظيم هو ۽ هن، عظيم

**ماڻهن کي سنواريو سڌاري پارس بڻائي ڇڏيو.**

***

# استاد غلام رسول منگي

## ذميوار تعليمدان

1900 ڌاري پونڊڙ لوڙهه سبب ڳوٺ شاهه جمال ۾ رهندڙ منگي برادريءَ جا سيئي ماڻهو اجل جو ڪاڄ بڻجي ويا. فقط هڪ نينگري سماهبي زنده بچي، جنهن کي ڳوٺ جي چڱي مڙس حاجي لعل بخش شيخ پالي نپائي اگهم ڳوٺ جي هڪ نوجوان محمد سومر منگيءَ سان پرڻائي ڳوٺ ۾ رهايو. شاديءَ کان پوءِ 1915ڌاري کين پهريتي پٽ غلام رسول جائو، جنهن اڳتي هلي تر اندر تعليم جي واڌاري لاءِ وڏو ڪم ڪيو. هزارين شاگرد پيدا ڪيا ۽ کين نصابي تعليم سان گڏ غير نصابي سرگرمين لاءِ به اتساهيو. نوجوان غلام رسول منگي فائنل پاس ڪري ويهن ورهين جي عمر ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو.

اسان جي تر ۾ ادبي، علمي توڙي سياسي سجاڳيءَ ۾ سائين غلام رسول منگيءَ جي ڪردار کي ڪڏهن به فراموش نٿو ڪري سگهجي. سائين، اسڪول ۾ ڊراما ڪرائيندو هو جنهن ۾ ڳوٺ سميت سڄي تر جي ماڻهن کي دعوتون ڏئي گهرائيندو هو. ڊراما گهڻو ڪري پاڻ ئي لکندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ٻين ليکڪن جا ڊراما به اسٽيج ڪندو هو، جنهن ۾ شيڪسپيئر جا ڊراما به شامل هوندا هئا. ڊرامن جا اداڪار سندس اسڪولي شاگرد هوندا هئا، جن مان ڪيترن اڳتي هلي اداڪاريءَ کي پروفيشن بڻايو. ان کان سواءِ هن، پنهنجي شاگردن ۾ ٻئي علم سان گڏ شاعري ۽ سنگيت سان به چاهه پيدا ڪيو.سائين غلام رسول جي وقت ۾ سنڌي ست درجا پڙهائي ويندي هئي، جنهن کي فائنل چوندا هئا. ان دور جي سنڌي فائنل اجوڪي مئٽرڪ کان

وڏيڪ ڏکي ۽ محنت طلب هوندي هئي. وڏي ڳالهه ته ان دور ۾ ڪاپيءَ جو ڪو تصور ئي ڪو نه هو. سائين غلام رسول شاگردن کي فائنل جي تياري ڪرائيندو هو. اسان جي ڳوٺ جي استاد لعل بخش پيرزادي، صحافي انور پيرزادي، ڊاڪٽر محمد حسن پيرزادي سميت ڪيترن ئي ماڻهن ابتدائي سبق هن عظيم استاد کان ورتا ۽ اهي وڏي فخر سان اعتراف ڪندا هئا ته "سندن زبانن تي چڙهيل تالا سائين غلام رسول منگيءَ لاٿا." اڄ هو اسٽيج تي اچي بي ڌڙڪ ڳالهائين ٿا ته اهو سائين غلام رسول منگيءَ جي محنت جو نتيجو آهي.

سائين غلام رسول جو هڪ ويجهو عزيز علي نواز ٻه سندس شاگرد هو جنهن کي هو پنهنجي ڊرامن ۾ هيروئن جا ڪردار ڏيندو هو. علي نواز شڪل صورت جو ٻه چڱڙو هو. زنانا ڪپڙا پائي جو ڊانس ڪندو هو ته ماڻهو اول گهول پيدا ويندا هئس. بس پوءِ ته جتي به ڊرامو ٿئي، هيروئن جو ڪردار علي نواز کي ملي. اهڙي ناماچاري اسان جهڙي جاگيرداراڻي معاشري ۾ بدناميءَ جو باعث بڻجي ويندي آهي. اهو ئي علي نواز سائين غلام رسول جي ڏيءَ سان مڱيل هو پر لوڪ ٻوڪ جي ڳالهين ۾ اچي هن کي ڏيءَ ڏيڻ کان نٽ نٽاءُ ڪرڻ لڳو ته ڪنهن سالڪ پڇيس: "سائين اهو ڇا ٿا ڪيو؟" چي: "اهڙي ماڻهوءَ کي ڪيئن ڌيءَ ڏيان، جيڪو وتي ٿو مائين وارا ڪپڙا پائي نچندو." تنهن تي همراهه چيس "سائين، ان جا ذميوار ٻه اوهان پاڻ آهيو، شروعات ۾ توهان هن کي ڊرامن ۾ زنانا ڪردار ڪرايا، هاڻي هو مشهور ٿي ويو آهي ته اوهان ئي ان جا مخالف ٿي ويا آهيو!" سائينءَ کي ستت ئي ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي ۽ ڌيءَ جو سڱ نه ڏيڻ واري ضد تان لهي ويو.

1936 ۾ سائين غلام رسول ٻين ڳوٺاڻن سان گڏجي ٻلهڙيجيءَ ۾ اچي وِيٺو، جتي هن شادي ڪئي، جنهن مان استاد غلام اڪبر منگي ۽ صحافي هدايت منگي ٻلهڙيجيءَ ۾ ڄاوا. سائين غلام رسول جو ننڍو ڀاءُ غلام قادر منگي ٻه راڳ ويراڳ سان چاهه رکندڙ رنگين طبيعت جو مالڪ هو... ڌاري استاد غلام رسول ۽ سندس ڀاءُ پوءِ ٻلهڙيجيءَ مان لڏي وڃي ٻگيءَ ۾ ويٺا، جتي هن کي سڪندر علي، منظور علي ۽ عبدالغني عرف حاڪم منگي پيدا ٿيا. سائين غلام رسول منگي حسابن جي علم جو ماهر هو. اسان جي تر جا اڪثر ماڻهو چوندا

آهن تہ ڪين حساب ڪتاب سائين غلام رسول منگيءَ سيڪاريا. هن حسابن جو ڪتاب بہ لکيو، جنهن کي غلام رسول منگيءَ جي انگي سڏيو ويندو هو. اهو ڪتاب ڪنهن بہ پريس ۾ شايع نہ ٿيو، وٽس هٿ اکرن ۾ موجود هوندو هو. ڪڏهن کهڙو تہ ڪڏهن کهڙو استاد وٺي ويندو هئس. هاڻي اهو ڪتاب سندس وارثن وٽ موجود ناهي. جيئن سندس ٻيو مواد وڃائجي ويو تيئن ”اخبار تعليم“ مئگزين ۾ هن جا لکيل مضمون، کهاڻيون ۽ شعر بہ سندس پونئير سانڍي نہ سگهيا.

ان وقت استادن کان پڙهائيءَ کان علاوه ٻيا ڪم بہ ورتا ويندا هئا، جيئن اڄوڪي دور ۾ ورتا ويندا آهن. ان دور ۾ ڪامريڊ سوڀي گيانچندانڻيءَ کي سندس ئي ڳوٺ ٻنديءَ ۾ نظربند ڪيو ويو هو، جنهن جو اچڻ وڃڻ فقط گهر ۽ پنهنجي باغ واري اوطاق تائين محدود هو. سرڪار سڳوري سائين غلام رسول منگيءَ تي سوڀي جي نظرداريءَ جي ذميواري رکي ۽ ڪيس چيو ويو تہ سوڀي وٽ جيڪي مهمان اچن ٿا، هي انهن جي رپورٽ پيش ڪندو رهي. استاد غلام رسول اها ذميواري قبول تہ ڪئي پر ڪڏهن بہ سوڀي گيانچندانڻيءَ بابت منفي رپورٽ مٿي نہ پهچائِي، اجا بہ هي پنهنجي پٽن کي هدايت ڪندو رهندو هو تہ سوڀو سنو ۽ هوشيار ماڻهو آ، اوهان کي انگريزي سکڻي آهي تہ سوڀي وٽ وڃو، ان کان سکو. اهڙي طرح سندس پٽ هدايت منگي چڻ تہ سوڀي جو صلو ٻڌجي ويو. استاد غلام رسول منگيءَ ٻلهڙيجيءَ سان ناتو ڪڏهن بہ نہ ٽوڙيو. هر محرم جو پهريون ڏهو ٻلهڙيجيءَ ۾ گذاريندو ۽ اتي جنگ نامو پڙهي ٻڌائيندو هو. ڳوٺ جا سڀ ماڻهو پٽ تي ويهي ڪربلا جوقصيو ٻڌندا هئا. سائينءَ جي آواز ۾ ڪو اهڙو اثر هو، جو سمورا ماڻهو روئي وهندا هئا. سائينءَ کي ان دور جي مجازي شاعرن جو چڱو خاصوڪلام ياد هو ۽ پاڻ بہ اهڙي ئي شاعري ڪندو هو. هن 53 ورهين جي ڄمار ۾ 1968ع ۾ وفات ڪئي. سندس امڙ سماهبي عرف امان سمي ان کان گهٽو پوءِ اٽڪل هڪ سو ورهين جي ڄمار ۾ هيءُ جهان ڇڏيو.

# سائين نور الله آگرو

## سخت، رعبدار ۽ اصول پسند استاد

سائين نورالله آگرو هئو ته پرائمري استاد باقي رعب تاب ۽ سزا ڏيڻ ۾ سنڌ جي ڪنهن به ڏنگي صوبيدار کان گهٽ نه هو. هو، استادن جي ان گروهه مان هو جيڪي مار ڪي سنوار سمجهڻ جا قائل هئا، ان ڪري شاگردن کي سڌارڻ لاءِ ڪين طرحين طرحين تڪليفون ڏيندو هو. ڪڇي جا ماڻهو هن جي مار ڏسي چوندا هئا "جيڪو به چورو استاد نور الله جي مار پچائي ويو، ان کان پوليس به ڏوهه باسرائي نه سگهندي!" چورهن جي مار ڏسي ٻئي هٿ ڪنن تي رکي چوندا هئا "مالڪ جا ڪروڙين ڪرم جو سائين نور الله استاد ٿيو، جيڪڏهن هي پوليس آفيسر ٿئي ها ته اصل ڪندا ڪٽي ڇڏي ها."

سائين نور الله اٺن ڏهن ورهين جي ٻالڪ جي ترين تي چار پنج لٺيءَ جا لڪڻ ته ضرور پچندو هو. اها سزا ته ڪا ڳالهه ئي نه هئي. ايتري عمر جي ٻارڙن کي 100 کان 200 پيرا ڪن گوشي ڪرائڻ، سياري ۾ آگرين ۽ ڏوڏين تي لڪڻ وسائڻ، ڳتن تي زوردار چماٽون هڻڻ، پنيءَ تي مڪون توڙي پيٽ ۾ لتون ٺوڪڻ ايڏيون اذيتناڪ سزائون نه هيون؛ هن جو هڪ ٻيو وار ته صفا خطرناڪ بلڪ وحشتناڪ هو: ڇا ڪندو جو ٻار جي ڇاتين ۾ هٿ وجهي، وٺي ڪٽي مٿي ڪڻندو. ان مهل ٻار بي آب ماهيءَ جيان ڦٿڪندو رهندو هو ۽ سنڌس دل چوندي هئي ته ساهه نڪري ته جند ڇٽي.

سائين نور الله محبت ديري جتوئي پرسان آگرا ڳوٺ جو ويٺل هو. مشهور ليکڪ غلام رباني آگرو سندس ڳوٺائي، ويجهو عزيز ۽ هم عمر هو. قد

بت، رنگ ۽ نقش و نگار ۾ خوبصورت جوان هو. بت ۾ پريل، ڊگهو قد، رنگ جو پورو، ڪڙڪيدار آواز. سدائين خوش پوشاڪ، ڪڏهن نہ سندس ڪپڙن ۾ ڪو گهنج يا داغ ڏٺوسين، توڙي جو هيءُ ڪچي ۾ رهندو هو، جتي سڄو ڏينهن ڌوڙ وسندي رهندي هئي.

سائين نور الله 1974ع ڌاري ڏوڪري تعلقي جي ڪچي واري ڳوٺ وزير ممڻاٽيءَ ۾ پرائمري ماستر ٿي آيو. هفتي جا ڇهہ ڏينهن اسڪول جي پرسان وڏيري علي محمد ممڻاٽيءَ جي اوطاق تي رهندو هو. تڏهن جمعي جي ڏينهن موڪل هوندي هئي. خميس تي اڌ ڏينهن اسڪول وٺي ڳوٺ روانو ٿي ويندو هو ۽ ڇنڇر تي صبح جو واپس پهچي ويندو هو. ان وقت پڻ اسڪولن ۾ آفيسر وزٽ تي ويندا رهندا هئا پر هن اسڪول جي وزٽ ڪرڻ سندن وس کان ٻاهر هو، ڇاڪاڻ جو ان لاءِ درياهہ ۾ ٻيڙي پار ڪري پهچڻو ٿي پيو. ان وقت ڪچي ۾ پوڪون گهٽ، جهنگ ۽ ٻيلا گهڻا هوندا هئا. آفيسرن جي اچڻ جا خاص انتظام ڪيا ويندا هئا: ٻيڙين جو بندوبست ڪبو هو، اٺن جو انتظام ڪبو هو. ساليانہ امتحان لاءِ مهينو کن اڳ ۾ ٻڌايو ويندو هو، جيئن گهربل بندوبست ڪري سگهجي. اهڙي هنڌ تي اسڪول هئڻ جي ڪري استاد نور الله ڊيوٽيءَ کان گسائي ها تہ ڪو بہ کيس روڪڻ وارو نہ هو، پر هن ڪڏهن نہ گسايو. صبح جو اٺين کان شام جو پنجين بجي تائين پڙهائيندو رهندو هو. ٻارن کي منجهند جي ماني پاڻ سان کڻي وڃڻي پوندي هئي. سندس چوڻ هو تہ موڪل کان پوءِ واندو ويهڻو ٿو پوي، ان ڪري ٻارن کي، شام تائين پڙهڻو پوندو. اسڪول ۾ "سنڌي سونهون" (گائيڊ) استعمال ڪندو هو. لفظن جون معنائون ياد ڪرائي ٻڌندو ۽ ٻارن کي هڪٻئي کان چماٽون هڻائيندو هو. جيڪڏهن ڪنهن ٻار کِل ڪري ساٿي شاگرد کي هوريان ٺڪ هڻي تہ استاد پاڻ ان کي صحيح نموني چماٽ هڻي ڏيکاريندو هو تہ معصوم ٻالڪ جو لوڏو ڦري ويندو هو. ان خوف کان شاگرد هڪٻئي کي چماٽون هڻي سڄائي ڇڏيندا هئا.

سائين نور الله وقت جو پابند، ڪاٺ پيٺ ۾ وضعدار ۽ وڏو سليقيدار شخص هو. اجايو خرچ نہ ڪبو. ڳوٺ کان سائيڪل تي اسڪول ايندو هو. اسڪول پهچي سائيڪل شاگردن کان شيشي وانگر چمڪائي ان کي تالو

هٽي بيهاري چڙهيندو. جنهن ڏينهن ڳوٺ ويندو، ان ڏينهن سائيڪل جو تالو ڪلندو، پيهر ٿوري صفائي ٿيندس ۽ پوءِ ان تي چڙهي روانو ٿي ويندو هو. ڪنهن ڪي بہ جرئت نہ ٿيندي جو سائينءَ ڪان سائيڪل گهري سگهي. سورهن سالن ڪان پوءِ سائيڪل ڪپايائين تہ ان پيٽي رقم ڪئي، ڇاڪاڻ جو انهيءَ عرصي دوران مهانگائي بہ چوٽ چڙهيل هئي. پيو تہ سائينءَ جي سائيڪل بلڪل نئين لڳي پئي هئي. ان بعد موٽر سائيڪل ورتائين جيڪا آخر تائين وٽس هئي. سائين نورالله جنهن ڳوٺ ۾ ڊيوٽي ڪندو هو، اتي فقط هڪ چٽو سرور صاحب پڙهيل لکيل هو، اهو بہ گهٽو وقت نوڪريءَ سانگي ٻاهر رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڳوٺ ايندو هو، جنهن سان گڏ سائين نور الله بي بي سي ٻڌندو هو، باقي تہ چوراٽو راڄ هو، جتڪو ماحول هو، هڪ ٻئي سان ڪچا چرچا هئا، ٻڌي ڇوڙيءَ جون ڳالهيون هيون، جن ڪان سائين الڳ ٿلڳ هو، ان ڪري رات جو وقت دوائون ناهڻ ۾ گذاريندو هو. سائين حڪمت سان گڏ ايلوپيٿيءَ جو بہ ٿورو تجربو رکندو هو ۽ ڪچي جي ماڻهن جو علاج ڪندو هو. هن زندگيءَ ۾ ڪو بہ نشو نہ ڪيو ۽ نہ ڪڏهن سگريٽ واپرايائين.

وڏيري علي محمد جي اوطاق تي ڳوناٽن جي وندر لاءِ تاش بہ رکيل هوندي هئي پر سائين ڪڏهن بہ پتن کي هٿ نہ لاتو. ڳوناٽا راند لاءِ صلاحيندا هئس تہ کين چوندو هو: “مان پتا نہ سڃاڻي سگهندو آهيان.” رٽائرمينٽ ڪان پوءِ اسان جي تر جي ماڻهن جڏهن کيس پنهنجي ڳوٺ ۾ تاش کيڏندي ڏٺو تہ چيائون: “سائين، اسان سان تہ اوهان ڪڏهن نہ کيڏيا، هتي ڪيئن پيا کيڏو؟” تڏهن چوڻ لڳو : “ايئن راند کيان ها تہ شاگردن تي خراب اثر پوي ها ۽ ڳوناٽا بہ حجائتا ٿين ها، ان ڪري اتي راند نہ کيڏيم.”

مان ٽئين درجي تائين سائين نورالله وٽ پڙهيس، جڏهن چوٿينءَ ۾ پهتس تہ سائين رٽائر ڪري ويو، جنهن بعد مون پرائمري اسڪول حاجي لعل بخش ۾ داخلا ورتي. هونئن سائين نور الله ٻلهڙيجيءَ جي شاگردن لاءِ بہ نئون نہ هو. ڪچي ۾ ٻوڏ ايندي هئي تہ سائين ٻلهڙيجي اسڪول منتقل ٿي ويندو هو. هتي ڪچي جي ابتڙ، والدين ٻارن جي سفارش لاءِ ايندا رهندا هئا ۽ سائينءَ جو اهو اصول هو تہ سفارشي ٻار کي سٽڪي ضرور ڏيٽي آهي، پوءِ

گسائڻ تان نہ تہ سبق تان يا وري شرارت تان، ان ڪري پرائمري اسڪول حاجي لعل بخش جا ٻارڙا دل سان دعا گهرندا هئا تہ الله ڪري ڪچي ۾ ٻوڏ نہ ٿئي. ان دؤر جا اڪثر استاد شاگردن کان گهر جو ڪم ڪار ڪرائيندا رهندا هئا، جنهن ۾ ڪاٺيون ۽ مال جو گاهہ ڪرائڻ ۽ اٽو پيهائڻ جهڙا ڪم شامل هوندا هئا. توڙي جو سائينءَ جو هتي گهر نہ هو پر ڪچي ۾ رهڻ ڪري ٻين کان ڀيٽو ڪري ويندو هو. ڪچي ۾ جيڪي بہ وڻون ٿينديون هيون، اهي مند سان ڪيس ضرور ملنديون هيون، جهڙوڪ چٽن جي پلي، سرنهن جو ساڳ، مٽرن جون ڦريون، چٽن جا ڦوٽا، ٻير، ڪنيپون، داليون وغيره تہ وٺي ويندو هو، ان سان گڏ سال ۾ ٿيهہ سير کن ماکي ۽ اڌ مڻ مکڻ بہ گڏ ڪري ويندو هو. اهڙي طريقي سان شاگردن کان مچ پچائي اها اڌ تي ڏئي سال ۾ ويهارو کن ڪٽن جو واڌ بہ وٺي ويندو هو. ڪٽن جي ٻاهين لاءِ ٻير جون ڪاٺيون بہ مفت ملي ينديون هئس. هر سال امتحان تي بہ اڍائي ڪارا ڪڪڙين جا بہ وٺي ويندو هو. ان حوالي سان سندس هڪ ئي نعرو، هڪ ئي اعلان هوندو هو: "ڪڪڙ ڪري ٿان، پاس ڪيانءِ مان." شاگرد جي ڪارڪردگي سٺي هجي يا خراب، ڪيس امتحان تي ڪڪڙ ضرور ڏيٽو پوندو هو.

سائين نورالله معصومن کي ايڏي مار ڏيڻ باوجود قرار محسوس نہ ڪندو هو، ماري ماري هڄ ٿيڻ کان پوءِ چوندو هو "خدا جي خوف کان ٿو ڊجان، نہ تہ جيئري گڏهہ جي پيٽ ۾ سبرائي چڏيانءِ تہ وتين هينگون ڏيندو!" اهو تہ چڱو جو سائينءَ کي خوفِ خدا هو، نہ تہ معصوم ٻارن سان ان کان وڏيڪ الائجي ڪهڙو قهر ٿئي ها. سائين نوڪري پوري ڪرڻ کانپوءِ رٽائرمينٽ ورتي. اجا سندس عمر سٺ ورهيہ نہ ٿي هئي. پينش وٺڻ لاڙڪاڻي ويندو هو، تہ اسان جي اوطاق تي ضرور ايندو هو. رٽائر ٿيڻ کانپوءِ ٽريڪٽر ورتائين. پنهنجي زمين پاڻ ڪيڙيندو هو.

سائين نور الله دل جي دوري سبب 1992ع ۾ وفات ڪئي. مڙسي ۽ شرافت سان وقت گذارڻ سبب اڄ بہ اسان جي ترم ڪين سٺن لفظن ۾ ياد ڪيو وڃي ٿو.

***

# استاد لعل بخش پيرزادو

سائين لعل بخش اسان جي ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ جو شروعاتي انگريزي استاد بلڪ استاد ابن استاد هو. سندس والد سائين الله بخش پيرزادو به پرائمري استاد ٿي رهيو جنهن اٽڪل چاليه سال ڳوٺ ۾ پڙهايو. سائين لعل بخش استاد هئڻ سان گڏ شهسوار، سياستدان، شاعر، گلن جي جنس جو واپاري ۽ آبادگار به هو. پنهنجن سمورن ڪمن ۾ جيترو هوشيار ۽ چتر هو، اوترو ئي سادو به هو. اڳلو سندس ڳالهه توڙي جو پرپور دلچسپيءَ سان ٻڌندو هجي، پوءِ به ان جو هر هر پاڻ ڏي ڌيان ڇڪائڻ سندس مزاجي مجبوري هئي. ڳالهه ڳالهه تي "ٻڌو" سندس تڪيه ڪلام هو. سائين نه رڳو انگريزن وانگر سنڌي ڳالهائيندو هو پر شهرن جي معاملي ۾ هٽلر ڪان متاثر نظر ايندو هو، بلڪ ان معاملي ۾ اجا به وڌيڪ نفاست جو نمونو هو، شهپر ته نه، بلڪ نڪ جي هيٺان چڻ ننڍڙي اُپي ليڪ هجي.

هن 1937 ۾ اکيون کوليون. پنهنجي والد ۽ ٻين سچيت استادن وٽ پڙهيو. مئٽرڪ 1956 ۾ ۽ ايم اي 1966 ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. 1957 ۾ پرائمري استاد ٿيو جنهن بعد جي ايس ٽي ٿيو ۽ ايچ ايس ٽي جي حيثيت سان رٽائرڊ ڪيائين. آئون ته سائين لعل بخش وٽ نه پڙهيس پر سينئر دوستن ڪان هن جا ڏاڍا قصا ٻڌم. سائينءَ جي مار جو بيان ڪندي توبه توبه جي تنوار سان گڏ نڪ گِيس به پئي هلندي هئن. ساڳئي وقت اهي، سائين لعل بخش جي قابليت،وقت جي پابندي ۽ محنت جي به تعريف ڪندا رهندا هئا. اهو اهڙو دور هو جنهن ۾ استاد جي مار مباح هئي. ڪي ڪي اهڙا

استاد هئا جيڪي ٻار جي نفسيات پرکي ان مطابق ساڻس پيش ايندا هئا باقي تہ آرام شاهہ جي استعمال کي ئي ڪارگر سمجهندا هئا. ان سان ائين بہ ٿيندو هو تہ گهڻا هوشيار شاگرد بہ سختيءَ سان پيش ايندڙ اهڙن استاد جي خوف کان اسڪول ئي اچڻ ڇڏي ڏيندا هئا. سائين لعل بخش جي مار جو شڪار اڪثر ڳوٺ جا شاگرد ٿيندا هئا. ڪو بہ شاگرد ڪيڏندي سامهون آيو يا گهٽيءَ ۾ مليو تہ صبح تي سنجي ويندو هو. ان دور ۾ ڳوٺ ۾ بجلي ڪانہ هوندي هئي جنهن ڪري گاسليٽ واريون بتيون ٻاريون وينديون هيون. سائين جاسوسن وانگر ڳوٺ جي دڪاندارن کان پڇندو وتندو هو تہ ڪهڙا شاگرد گاسليٽ وٺڻ آيا؛ مطلب تہ ڪهڙن شاگردن رات جو بتيءَ تي ويهي پڙهيو. جيڪو گاسليٽ وٺڻ نہ ويو اهو صبح تي سٽڪو ضرور کائي. سائين اهو نہ ڏسندو هو تہ دڪاندار کان ڪنهن جو نالو وسري بہ تہ سگهي ٿو يا شاگرد بدران سندس پاءُ يا ڪو ٻيو ڀاتي بہ گاسليٽ وٺي وڃي سگهي ٿو؛ مطلب تہ سائينءَ جو هر شاگرد پاڻ کي چوويهہ ئي ڪلاڪ ڪلاس ۾ حاضر محسوس ڪندو هو. سائين مار ۾ ڪنهنجو بہ لحاظ نہ ڪندو هو. هن کي پنهنجو ڀهريتي پٽ عبدالرحمان ڏاڍو پيارو هوندو پر غلطيءَ تي ان کي بہ معاف نہ ڪندو هو. هوشيار شاگرد غلطي ڪئي تہ ڄڻ ڪلهہ مري ويو!

سائين لعل بخش نندي لاڪر ئي شهسوار هو. اسڪول بہ گهوڙي تي چڙهي ويندو هو ۽ سندس گهوڙا گهڻو سينگاريل هوندا هئا. گهوڙن جي سينگار واريون شيون هي پاڻ ٺاهيندو هو. ان حوالي سان سندس دلچسپيءَ جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هُن گهوڙي جي سنجن ۽ سينگار تي هڪ ڪتاب بہ لکيو جيڪو چوندو هو تہ ڊاڪٽر قاسم ڀگهئي کي ڇپائڻ لاءِ ڏيندو. اها خبر نہ پئي تہ هن اهو ڪتاب ڊاڪٽر قاسم کي ڏنو، هيٺ مٿي ٿي ويو يا سندن گهر ۾ رکيل آهي.

سائين لعل بخش تصوف جي نقشبندي طريقي جي درگاهہ لواري شريف سان پيڙهين کان لاڳاپيل هو. درگاهہ جي ڇهين گادي نشين پير گل حسن جي وفات کان پوءِ سندن ناجيہ جماعت ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي: هڪڙا خليفي فيض محمد دمائي قاضي احمد واري کي ۽ ٻيا پير گل حسن جي ڏوهٽي پير حسن قادر کي گادي نشين مڃڻ لڳا. سائين لعل بخش جو والد

سائين الله بخش، سندس ٽي پٽ بيگ محمد، محمد بخش ۽ شمس الدين ڏوهٽي واري گروپ ۾ هئا ۽ رڳو سائين لعل بخش وابستگي خليفي واري گروپ سان رهي جنهن ڪري گهڻو ڪجهه پوڳڻو پيس. سائين لعل بخش جا قومي اسيمبليءَ جي اڳوڻي اسپيڪر بيگم اشرف عباسيءَ سان برادرانہ تعلقات هئا جنهن سبب هي پ پ پ ۾ شامل رهيو ۽ ڪيترا ئي سال پ پ يونين ڪائونسل بگيءَ جو صدر بہ رهيو. اليڪشن وارن ڏينهن ۾ گهڻو سرگرم هوندو هو. اسان ساڻس بحث مباحثو بہ ڪندا هئاسين. سائين جيڪي ڳالهيون ڪندو هو، انهن ۾ ٿورو مبالغي کان بہ ڪم وٺندو هو. چوندو هو تہ بيگم نصرت ڀٽو مون کي نالي سان سڃاڻيندي آهي ۽ محترمہ بينظير مون کيس چاچا چئي مخاطب ٿيندي آهي. اسان هڪ ڏينهن سائين سان ڪچهري ڪندي کيس عرض ڪيو تہ اسان کي نوڪري تہ وٺي ڏيو. سائين چيو: ها، اڄ مان بيگم نصرت ڀٽو سان ملندس جيڪا ويچاري پاڻ بہ چوندي آ تہ لعل بخش، توهان ڪوبہ ڪم نٿا چئو. هاڻ جو مان ڪانئس توهان جي نوڪري گهران تہ هوءَ چوندي کهڙي ڪاتي ۾ جاءِ خالي آ. ان ڪري مهرباني ڪري اهو بہ ٻڌايو. اسان کيس چيو تہ ايئرپورٽ سڪيورٽي فورس ۾ جايون خالي آهن. تڏهن سائين لعل بخش چوڻ لڳو: نہ بابا، اوهان قومپرستن تي اعتبار ناهي، اتي اوهان جهاز اغوا ڪري سگهو ٿا. ٻيو ڪو ڪاتو ٻڌايو.

سائين لعل بخش 1982 ۾ پري ميچوئر رٽائرمينٽ ورتي. ان کان پوءِ ڳلن جي ٻجن جو واپار بہ ڪيائين تہ ڪراچيءَ جي ٻن نيم سرڪاري اسڪولن ۾ انگلش ٽيچر بہ ٿي رهيو، اتان ملازمت پوري ڪرڻ بعد وونئٽن جون ٻانيون وٺي ٻارن کي ڏيندو هو تہ هن مان ڪکڙا ڪڍي ڏيوءِ ڪانيون وچي پاڻ ٻاريو. ٻارن کي ٻہ ٻہ رپيا خرچي بہ ڏيندو هو. اصل ۾ اهو واپار اشرف عباسي صاحبہ جا پٽ ڪندا هئا جن لاءِ هي واهٽن مان ٻج وٺندو هو. سائين اڌ عمر ڪانپوءِ حڪمت بہ ڪئي. چوندو هو: وڏن جا نسخا ڏسي مڙيوئي ستيون ڦڪيون ٺاهيان ٿو، ڏيڻ وارو شفا ڏئي ٿو. سائين لعل بخش ليسوڙي جي پنن تي ڪجهہ لکي ٻارن کي ڏيندو هو تہ هي مَٽن ۾ وجهو تہ پاٽي ٺڌو رهندو. , شاعر بہ هو. وزن بحر ۽ عروض واري علم کان واقف هو. اسان کي پنهنجا بيت ٻڌائيندو رهندو هو جيڪي مون کي ياد نہ آهن، ٽي سگهي ٿو

سندس پٽن وٽ اهي محفوظ هجن. سائين لعل بخش کي پنج پٽ ڊاڪٽر عبدالرحمان، محمودالرحمان، عزيزالرحمان، خليل الرحمان ۽ حبيب الرحمان ٿيا جن مان سندس ٻيو نمبر پٽ محمودالرحمان جوانيءَ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. محمود يار ويس ۽ سڄي ڳوٺ جو ساه هو. ان جي وڇوڙي به سائينءَ کي ڇنني ڇيتيون ڪري وڌو هو. سائينءَ سان ڪيترا ڀيرا ڪراچيءَ کان ڳوٺ ريل يا بس جو سفر گڏ ٿيو. هر موضوع تي دسترس هيس. ڳالهين ڳالهين ۾ سفر ختم ٿي ويندو هو. سائين لعل بخش سان منهنجو هوندو ته ناه هئو پر ڪڏهن ڪڏهن اختلاف به ٿي پوندا هئا. اسان هڪٻئي سان پٽائيءُ جي بيتن ۾ ڳالهائيندا هئاسين. ٻلهڙيجيءَ جي هن خوبصورت ڪردار2008 ۾ وفات ڪئي.

# حاجي فقير ڪلهوڙو

## درد ــ وَندين جو دارُون

ڪچي جو علائقو، ماحولياتي گدلاڻ جو نالو نہ نشان. نہ شور شرابو، نہ هل هنگامو، نہ لائوڊ اسپيڪر، نہ گاڏين جا زوزاٽ، نہ ڪو ڌمچر. سڄ ڪر تہ ڪوهين هڪ جهڙو ٻڌجي. ڳوٺ هڪٻئي کان ڪجھ وٿيرڪا پر ڏڪ سڪ ۾ سيئي هڪ ٻئي سان گڏ.

”هل حاجي!“

سڄ ٻڌندي ئي لٺ ڪڇ نڪري پوندو، اهو الڪو ئي نہ هوندس تہ کهڙي پهر موٽ ٿيندي. اتي ماني بہ ملندي الائجي ويلا ويهڻا پوندا! بس صدري ۾ ڳوڏ سان نڪري پوندو، اڪثر جتي پائڻ بہ وساري ويهندو. سڄ جو ٿيو آ تہ ضرور ڪو اهنج ۾ هوندو، ڪنهن سان لاچار هوندو، ان ڪري سستي يا دير هرگز نہ ڪبي، سيگھ ۾ پائرن پيڙو ٿبو. اهڙو ڳڻوان حاجي فقير ڪلهوڙي کان سواءِ ٻيو ڪير هوندو. خوبين جي کاڻ هو. نانگ ڪکئي جو ديسي طريقي سان علاج ڪندو هو. منتر پڙهندو ۽ ڦيٽا رکندو هو، ان ڪري ماڻهو کيس ”حاجي ماندبو“ بہ سڏيندا هئا. رڳو ايتري خبر پويس تہ ڦلاڻي ڳوٺ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ کي نانگ ڪکي وڌو آهي تہ هيءُ پنهنجا سمورا ڪم ڪار ڇڏي اتي پهچي ويندو. جهاڙ ڦيٽا شروع ٿي ويندا، ان سان گڏ مريض کي ڪچا بصر کارائيندو ۽ ديسي گيهہ جا ڍڪ پرائيندو تہ جيئن الٽي اچيس.

حاجي فقير موهن جي دڙي سامهون درياهہ جي ڪاهي پاسي واري ڪچي جي ڳوٺ گلشير ڪلهوڙي جو وينل هو. ٻوڏن دوران ڪچي ۾ جتي

ڪٿي پاڻي هوندو آهي. سڪيءَ تي نانگ بلائون، ڪنداوان رستا، ڪٿان پاڻيءَ مان ترڪو پوي، ڪٿان گپ مان گذرڻو پوي ۽ ڪٿي ڪٽن سان منهن ڏيڻو پوي پر هي هر مشڪل سان منهن ڏئي مريض وٽ پهچندو ۽ ان جي خدا ڪارڻ خدمت ڪندو. ڪو به معاوضو نه وٺندو، جيڪڏهن ڪنهن پنهنجي رضا خوشيءَ سان ڪجهه ڏنو ته به اهو نه وٺبو ۽ مريض ڪي دعائون ڏيندي، انهن پئسن مان يارهين ڪرڻ جي صلاح ڏيندو. مريض لاءِ مکڻ، گيهه ۽ ڪڪڙ جي چوزي جو اڳواٽ انتظام به پاڻ ڪيون ويندو.

هونئن سنڌ جي ابوجهه لوڪن ڪي تعويذ ڪندڙن، ٽوٽي ڦيٽي وارن، ماندن، جوتشين، ٽوڳي پيرن فقيرن ۽ ملن ڏاڍو ڦريو لٽيو آهي. حاجي فقير به پنهنجي مهارت، ڏاهپ ۽ محنت ڪي ڪمائيءَ جو ذريعو بڻائي ها ته چڱو خاصو مال ميڙي ها، پر هن ڪي گندي ۽ گراهه سان گڏ نام ناموس جي به ڳڻتي نه هئي، هن ڪي ته بس راجن سان پير پرڻو هو. ڪنهن جي خوشيءَ ۾ پل شامل نه هجي پر غميءَ ۾ گڏ ضرور هوندو. آئون نٿو سمجهان ته ڪو هن جي ڦيڻن منترن ۾ ايڏو اثر هو پر هُو سماجي سائنس جو ڄاڻو هو. ستارن ڏانهن ڏسي وقت، گرمي سردي، ڏڪار سڪار، ارڙ توڙي ٻوڏ جون اڳڪٿيون ڪندو هو. نانگن جي نڪن ۽ ذاتين جي ته هن ڪي ڪافي ڄاڻ هئي. ڪيس پليءَ پت خبر هئي ته ڪهڙو نانگ ماري ۽ ڪهڙو سپ سڄي عمر صحت لاءِ سڪائي سگهي ٿو. هونئن ته هر نانگ جو ڏر ٿئي ٿو: ”سپ نه ماري، سپ جو سراپ ماري!“ نانگن بلائن جي سڃاڻپ به ايتري قدر جو همراهه زمين تي پٽو ڏسي نانگ جو نالو ڪڍندو هو.

ان زماني ۾ اٺ ۽ ڏاند گاڏيءَ کان سواءِ ڪچي ۾ ٻي ڪا به سواري ڪانه هئي. درياهه لانگهو، وڏو پنڌ، غربت وارو جهان... ان صورت ۾ حاجي فقير ئي سڄي تر جو ويڄ ۽ تن طبيب هو، جنهن ڪي ڏسڻ سان ئي مريض جي پيڙ پري ٿي ويندي هئي ۽ هو تن ۾ تازائي محسوس ڪرڻ لڳندو هو:

اُس نے جلتی ہوئی پیشانی پہ جب ہاتھ رکھا
روح تک پھیل گئی تاثیر مسیحائی کی۔

حاجي فقير 1930ع ڌاري تعلقي ڪنڊياري جي ڪمال ديري ڳوٺ

پرسان پيدا ٿيو. سال سوا جو مس هو تہ سندس والد لاڏاڻو ڪري ويو ۽ هن جي امڙ جي ٻي شادي گلشير ڪلهوڙي سان ڪرائي وئي. هي پليو نپنو ۽ وڏو گلشير جي گهر ۾ ٿيو. مالوند ماڻهو هو. مال جي بيمارين جي ديسي علاج جو ماهر هو. ڪنڊياري تعلقي جي بکري وارن سيدن جو مريد هو، ان حوالي سان فقير ڪوٺبو هو. سندس گهر واري خديجہ بہ سگهڙ سياڻي ۽ الھ لوڪ مائي هئي. الله ٻنهي کي هڪ روح ڏنو هو! لوڪ سان چڱائي ڪرڻي آ، مدائي ڪنهن سان بہ ناهي ڪرڻي. ٻئي زال مڙس خلق جي خدمت ۾ مصروف رهندا هئا. ٻئي نانگ ڪاڌن کي جهاڙ رکندا ۽ بيمارن لاءِ ستيون ڦڪيون بہ هڙئون وٺندا هئا. خدا ترس ۽ سخي بہ ايڏا جو ڪوبہ ماڻهو ڏهڻ لاءِ ڳئون يا مينهن گهرندو هئن تہ ڏئي ڇڏيندا هئس، پوءِ جي اڳلي واپس ڪئي تہ ٺيڪ، نہ تہ هي وساري ڇڏيندا هئا. ڪيترائي ماڻهو سندن ڍور ڪاٺي ويا پر هنن ڪنهن جي بہ ان حوالي سان شڪايت ڪانہ ڪئي. پهريائين ڍور ڪاٺي ويندڙ ماڻهو پيهر درد جو داستان ۽ غم جو فسانو ٻڌائي ڪانئن وري بہ ساڳي گهر ڪندو هو تہ هي ڪو بہ مهڻو ميار ڏيڻ کان سواءِ ان کي پيو ڍور بہ ڏئي ڇڏيندا هئا.

حاجي فقير جهنگ جو ماڻهو هو، پنهنجي علائقي جي وڪ وڪ کان واقف. صبح جو جُوءِ گهمي ٻڌائيندو هو تہ اڄ ڪو پهرو (جانور) يا مرون (درندو) جُوءِ ۾ لنگهيو آهي يا هيءُ اوپري ماڻهوءَ جو پير آهي.

حاجي فقير نماز پنج وقت پابنديءَ سان پڙهندو هو پر هن قسمت سان ڪڏهن باجماعت نماز ادا ڪئي هجي تہ هجي، نہ تہ مال چاريندي يا گسين پنڌين اڪيلائيءَ ۾ جتي موقعو مليس، پڙهي وٺندو هو. اهڙي نموني رمضان جا بہ ٽيهہ ئي روزا رکندو هو پر ان لاءِ بہ ڪو جو خاص اهتمام نہ ڪندو هو. پٺڙي پت ۾ کير سان سحري ڪري سڄو ڏينهن ڪم ڪار ڪندو رهندو هو ۽ ڪچي لسيءَ سان افطار ڪندو هو. روزي سان هوندي بہ مسافر کي لسيءَ پاڻيءَ جي صلاح ضرور هڻندو. کير مکڻ، ڏهي ۽ ڏڌ هن جي خوراڪ هئي. حاجي فقير ڏيکاءَ کان پري هو. هن پاڻ تي ڪو بہ مذهبي مسلکي ٺپو نہ هنيو. نہ تہ ڪي ويس وڳا ڪيا، نہ وري سائي، اڇي، ڪاري يا گيڙو پٽڪي پاتي. هن سڄي ڄمار ٽائر جي چپل، صدري ۽ گوڏ سان گذاري. سڄي عمر ڪنهن سان ڏاڍيان نہ ڳالهايائين، نہ وري ڪڏهن مٿو اگهاڙو ڪيائين. مٿي

تي انگوڇي جي پٽڪِي ٻدل ئي ٻدل هوندي هيس.

اسانجي تر جا ويساهه وسوڙل ماڻهو حاجي فقير کان ڊڄندا به ڏاڍو هئا. ملاحن کي اهو وهم ويٺل هوندو هو ته ”سندن مڇي حاجي ماندو منڊي ڇڏيو ته ڇڏيو“ کيترا ئي پيرا ملاح، تر جا چڱا مڻا وٽي وڃي تڏي تي پهتس ته ”ٻيلي، اسان جو ڏوهه ڪهڙو، جو تون اسان جي مڇي منڊي ٿو وڃين؟“ هي شريف ماڻهو کين چوندو هو ته ”مان رڳو نانگن جو ماندو آهيان، مڇي هوندي ئي گهٽ ته ڪيئن مرندي؟“ پر ملاحن کي ويساهه ئي نه اچي، ان ڪري هنن پنهنجي نندن کي چئي ڇڏيو هو ته حاجي فقير پلي مڇي نه ڪٽي ته به ضرور ڪٽائجوس. اهڙي طرح تر جا ڏنار به هِن جي مال مان ڇڙيون نه لاهيندا هئا، هونئن جهنگ ۾ مال جي ڇڙين جي چوري عام هئي.

حاجي فقير کي تر جا کي ماڻهو ڪاني ڪرامت جو صاحب سمجهندا هئا. نندي عمر ۾ مان به ائين سمجهندو هئس پر پوءِ هڪ واقعي مون کي اها ڳالهه سمجهائي ته جتي جهاڙ جو اثر ختم ٿي وڃي ٿو، اتان ڊاڪٽرن جو ڪم شروع ٿئي ٿو. ٿيو هيئن جو اسان جي پاڙي ۾ هڪ ماڻهوءَ کي ڪک سنگهي ويو. حاجي فقير زخم ڏسندي ئي مريض جي وارثن کي چيو: ”هن کي بي پيري بلا کائي وئي آ، جنهن تي اسان جو منڊ اثر نه ڪندو آهي. هڪدم اسپتال ڪٽائي وڃوس.“ چون ٿا ته دنيا ۾ جيترا به نانگ آهن، انهن مان زهريلا فقط 10 سيڪڙو آهن. منڊ هجي يا نه هجي پر اها قابليت ضرور آهي ته ماڻهو زخم ڏسي اهو پرکي وٺي ته همراهه کهڙي سپ جو ڪکيل ۽ سپ ڪيترو زهري آهي.

حاجي فقير جي قابليت جو هڪ ٻيو قصو به ياد ٿو اچي: هڪ دفعي اسان جي دوست ابراهيم ٻهڻ جي امڙ کي ٻوڏ واري وقت ۾ نانگ ڪکي وڌو. نانگ بروقت ماريو ويو. اهي فقير جي ڳوٺ کان پنج ڪلوميٽر اتر طرف ويٺل هئا ۽ وچ ۾ ڍنڍ به هئي جيڪا ٻانهن تي تري وٺن پهتو. ڪيس ڪراڙيءَ جو زخم ۾ ماريل نانگ ڏيکاريو ويو. فقير نانگ کي ڏسندي چيو: ”صبح جو امڙ جي ٻانهن يا ستر تي نانگ ڇاپجي پوندو. الله وڏو آهي. امڙ کي ٿوري تڪليف ضرور ايندي، باقي ان جي زندگيءَ کي ڪو خطرو ناهي.“ صبح جو هنن ڏٺو ته سندن امڙ جي ٻانهن تي ڪارا ڪارا وڏا نهيل هئا، جڻ ڪو نانگ

ڇپيل هجي. انهيءَ پوڙهيءَ هفتو کن تڪليف ۾ گذاريو پر نيڪ ٿي وئي.

حاجي فقير هاري ۽ ڀاڳيو هو. وٽس ڏاندن جا 12 جوڙا هوندا هئا، ڇهه کن جوڙا پاڻ وٽ ٻيڻل هئس، باقي ڏهه جوڙا ٻين جي حوالي هوندا هئا. هڪڙا ٻني کيڙي بس ڪندا ته وري ٻيا ڪاهي ويندا هئا. فقير کي خبر ئي نه هوندي هئي ته اهي ڀٽارا ڪهڙي هاريءَ وٽ آهن. ڪڏهن پاڻ کي ضرورت پئجي ويندي هئس ۽ پنهنجو جوڙو ڪنهن کان گهرندو هو ته اڳلا ٺپ جواب ڏئي ڇڏيندا هئس: "نه فقير ائين نه ڪر، اسان جي سياڻي ونگار آهي." ائين فقير واپس موٽي ويندو پر ڪڏهن به توائي نه ٿيو. غريب غربي جي شادي توڙي غميءَ ۾ حاجي فقير جو گهر جڻ ڊيڪوريشن جو دڪان هو، جتان ضرورت پوڻ تي ڏهاڪو کن کٽون، ويهارو کن بسترا، ٻه عدد ديڳيون، ٻه گهڙا کن کير جا، ٻه چار ڏونئري جون دڪيون، سير ڏيڍ مکڻ ۽ ٻه چار لسيءَ جون گهاگهريون مفت ۾ ملي ويندون هيون. گهڻن ضرورتمندن کي ته اهو سمورو سامان پنهنجي ٻيل گاڏيءَ ۾ لَڏي پهچائي ايندو هو. سواليءَ کي هٿين خالي موٽائڻ سِکيو ئي نه هو. گهڻو سوال ان، گاهه، ڍور ڍڳي جو ٿيندو هئس. پاڻ وٽ مهل تي شيءِ موجود نه هوندس ته اوڌر تي وٺي ٻه سواليءَ جو ڳهو چاڙهيندو.

جڏهن ڪچي ۾ ڌاڙيوالي شروع ٿي، تڏهن فقير ٻه ٻين ڳوٺاڻن وانگر ڌاڙيو پوڳيو: ٻه ڀيرا پوليس گرفتار ڪري ويس. هڪ دفعو مال ٻه ماري ويس، انهن سان ٻه سڌي ڳالهه ڪيائين ته "ماني منهنجي نه پر الله جي آهي، اها توهان کي ٻه ڪارائيندس ته ڌاڙيلن کي ٻه ڪارائيندس." باقي فقير تڏهن پنهنجي ڳوٺ وارن کي چئي ڇڏيو هو ته "جيڪڏهن ڌاڙيل اوهان کان ماني گهرن ته اها منهنجي گهران کڻي ڪارائجونِ." ڇاڪاڻ جو فقير کي خبر هئي ته ڳوٺ وارا غريب آهن. ڪڏهن آهي ڪڏهن ناهي. ڌاڙيلن کي ماني نه ملي ته اهي ساڻن وڙهندا. فقير جي گهر ماني لسي جهجهي هئي.

حاجي فقير سن 2000ع ۾ ائين، گهمندي ڦرندي وفات ڪئي. هن جي وفات بعد سندس گهرواريءَ سان ملاقات ٿي ته پنهنجي مخصوص انداز ۾ چوڻ لڳي: "اقرار، ابا مڙيوئي مرندم رمضان جي مهيني ۾!" واقعي واعدو نڀايائين. ڪراڙي خديجه 2010ع واري ٻوڏ ۾ وفات ڪئي، اهو رمضان شريف

جو مهينو هو. ڪيس ٻلهڙيجيءَ جي صالح سوائي قبرستان ۾ جاءِ ملي.

***

# حاجي عثمان ممڻاٽي

## وِلهين جو وارث، سخي ياڳيو

اسان جي تر ۾ جڏهن به پاڳين جي پاڳ جون ڳالهيون نڪرنديون آهن ته حاجي عثمان ممڻاٽيءَ جو نالو ضرور ڪڇندو آهي. هُو مال سان گڏ اصولن ۾ اڪرن ۾ به مالامال هو. حاجي عثمان ممڻاٽي مالوندن جي ان قبيلي سان تعلق رکندو هو، جيڪي خميس ڏينهن کير جمائڻ کي ڏوهه سمجهندا هئا ۽ ان ڏينهن کير پيتارو دستگير بادشاهه جي نالي تي وِرهائي ڇڏيندا هئا. هونئن حاجي عثمان جي حياتيءَ تائين کير جو واپار نه ٿيندو هو البته کير جمائي مکڻ ڪڍي وڪرو ڪيو ويندو هو. هر هفتي واٽيو سندس مکڻ ڪٺڻ ايندو هو. چون ٿا ته ڪٽ تي اڇي چادر وڇائي ان تي مکڻ رکندو ويندو هو ۽ واٽيو اتان مکڻ ڪٺندو هو.

وڏڙا ٻڌائين ٿا ته حاجي عثمان سخي به وڏو هو. ڪو ماڻهو به چار پيرا کير ونڻ لاءِ ايندو هئس ته ان کي سوئا مينهن ڏئي ڇڏيندو هو. اهڙي نموني اوطاقي مڙس به هو. جڏهن ٻوڏون ٿينديون هيون ۽ ملاح ٻيڙين وارو ڳوٺ سندس پر ۾ هٽندا هئا تڏهن اهي حاجي عثمان جون مينهون پاڻ ڏهندا، پاڻ کير جمائيندا ۽ پاڻ ولوڙيندا هئا. "اڻ ڏٺيون ڇُڙڻ" سڪٽو محاورو نه آهي، اسان جي تر ۾ حاجي عثمان ممڻائيءَ جهڙا سخي پاڳيا ان جو مثال رهيا آهن.

چون ٿا ته سندس برادريءَ جي ڪا به جوان عورت رنڙ ٿيندي هئي ته هن جي ننڍ ڦٽي ويندي هئي. اول ان جي وارثن کي مائيءَ جي ٻي شادي ڪرائڻ لاءِ راضي ڪندو، پوءِ ان لاءِ گهوٽ ڳوليندو. ڪو ڪنوارو سمجهه ۾ نه آيس ته پرڻيل کي به چوندو ته ڦلاڻي مائي وٺ. ورندي ملنديس "ماما مان اڳ

۾ ئي پرٽيل ۽ ٻارن ٻچن وارو آهيان، مان ڇو وٺان؟“ تہ ڪيس چوندو ”اڙي لاٻارو ڪرائجانس، ڍور ڍڳو بہ چاري وٺندي، توکي کهڙو خرچ ٿيندو، اجا ويچاريءَ جي مند آهي، هرويرو پئي لوڙهي ڪان ٻاهر نهاريندي.“ اهڙي نموني مائيءَ کي پرڻائي ساهہ پٽيندو هو.

اڄ بہ پاڳيا چوندا آهن تہ مال جي سيوا ڪئي تہ حاجي عثمان ڪئي. پليون مينهون پاڻ بيهي ڏهائيندو ۽ روزانو کير جو مقدار معلوم ڪندو. جيڪڏهن ڪنهن ڀتاريءَ گهٽ کير ڏنو تہ ڳڻتي ورائي ويندس ۽ ان جو سبب ضرور معلوم ڪندو. اڄ بہ ڪڇي ۾ ڪجهہ هنڌن تي ‘حاجي عثمان جي ڳٽ’ نالي سان ڪجهہ دڳ آهن، جتان هلي هلي ڀتاريون لاهِين يا ترائي ٽاهي ڇڏينديون هيون. هڪ دفعي هن جي هڪ مينهن معمول کان گهٽ کير ڏنو. ان تي هن پنهنجي پٽن کي گهرائي پڇيو تہ ”اڄ ڀتاريءَ کي جهنگ ۾ ڪو ٽاٻو تہ نہ آيو آهي؟“ همراهن ٻڌايو تہ ”اسان تہ ساڳي جُوءِ ۾ ئي ويندا آهيون، اتي تہ اهڙي ڪا ڳالهہ نہ ٿي، باقي کير الائي ڇو گهٽ ڏنو اٿائين.“

اها ڳالهہ ٻڌي لٺ کڻي مينهن واري دڳ سان نڪري پيو. جهٽ پنڌ ڪرڻ بعد هن کي ڳٽ تي هڪ ڍنگهر ڪريل نظرآيو. ڍنگهر پري ڪري واپس گهر پهتو ۽ پٽن کي چيائين ”اوهان کهڙا ڏنار آهيو جو مال سان گڏ نٿا هلو. ڪجهہ ڍور گذريا تہ ڍنگهر دڳ تي ڪريو. مينهنِ کي دڳ نہ مليو تہ اهي پندرهن فٽ مٿي چڙهيون، ان ڪري ئي هن مينهن گهٽ کير ڏنو آهي.“

عثمان ممڻاڻيءَ حج بہ پيادل ڪيو هو. هن کي ٽي پٽ صاحبڏنو، خدابخش ۽ مير خان هئا، جيڪي ڪڇي جي رواج مطابق چور ۽ پاٿاريدار ٿيا. ڪاڪي عثمان 1982ع ۾ جيئن ئي وفات ڪئي تہ پائر هڪبئي کان ڌار ٿي ويا ۽ هن جو ڌڻ ٽن حصن ۾ ورهائجي ويو. جڻ تہ سمورو پاڳ بہ حاجي عثمان پاڻ سان گڏ کڻي ويو. مرحوم جا ٻہ پوٽا اصغر ولد ميرخان ۽ خادم ولد خدا بخش عرف خدن ڌاڙيل ٿيا، جنهن مان خادم کي فوجي ڪورٽ ڦاسيءَ جي سزا ٻڌائي پر 1986ع ۾ پنجتيهن ساٿين سان گڏ سکر سينٽرل جيل مان ڀڄي نڪتو. ڪجهہ سال ڌاڙيوالي ڪرڻ ڪانپوءِ فوج جي هڪ ڪرنل اڳيان گرفتاري پيش ڪيائين. ڏهاڪو کن سال قيد ڪاٽي آزاد ٿيو. سندس ٻيو پوٽو اصغر پوليس مقابلي ۾ زخمي ٿيو، جنهن بعد گرفتاري ڏنائين. اهو بہ

ڏهاڪو سال جيل ڪاٽي ٻاهر آيو.

***

# فيض علي فقير

## نصيري جماعت جو وزير اعظم

ارباب علي جوڻيجي المعروف فيض علي فقير جي لاڏاڻي جو ٻڌي سوين ماڻهو سندس آستاني لال باغ تي جمع ٿي ويا. جنازو گهر کان آستاني تي آندو ويو. نماز جون تياريون شروع ٿيون. ڪي ماڻهو وضو ڪري چڪا ته ڪي اڃا ڪري رهيا هئا، جو ماڻهن ڏٺو ته جنازي نماز لاءِ صفون اولهه بدران اوڀر منهن ڪري ٻڌيون پيون وڃن! اهو ڏسي ڪيترائي ماڻهو صفن کان ٻاهر ٿي بيهي رهيا. ڪيترن احتجاج شروع ڪيو ته "ائين نه ٿيندو." ڪجهه ماڻهن "ڪفر ڪفر" جون صدائون بلند ڪيون پر ان جي باوجود ڪيترن ئي ماڻهن فقير سان محبت ۾ پنهنجا مذهبي عقيدا پاسي تي رکي اوڀر رُخ ڪري جنازي نماز ادا ڪئي. فيض علي فقير جي گور به اولهه - اوڀر آهي، هونئن عام طور اسان وٽ قبرن جو رخ اتر ڏکڻ هوندو آهي.

فيض علي فقير 1940ع ڌاري ڏوڪري شهر ۾ پيدا ٿيو. هر دلعزيز شخص هو. سڄي ڄمار پورهيو ڪندي گذري هيس. سندس والد رائيس ريسرچ انسٽيٽيوٽ ڏوڪري زرعي فارم تي هاري هو. ارباب علي ڪي ٻه درجا مس پڙهي سگهيو ۽ پوءِ پيءُ جو هارپي ۾ هٿ ونڊائڻ لڳو. 1960ع ڌاري ڏوڪري شهر ۾ مانيءَ جو هوٽل کوليائين. شروع کان ئي طبعيت فقيريءَ ڏانهن مائل هيس. هن جو ادب اخلاق اهڙو جو سندس هوٽل تي ماڻهن جا ميڙ لڳا پيا هوندا هئا. ڏوڪري شهر ۾ نوڪريون ڪندڙ ٻاهر جا ماڻهو، رائيس ريسرچ انسٽيٽيوٽ جا ملازم توڙي هاءِ اسڪول جي هاسٽل ۾ رهندڙ مختلف ڳوٺن جا شاگرد وٽس مهيني جي حساب سان ماني کائيندا هئا. هيءُ رس

ڪس ۾ هلڻ وارو روادار شخص هو. زندگيءَ ۾ ڪنهن سان به ٻاڙو نه ڳالهايائين.

ارباب علي 1970ع ۾ سليم شاهه سلطانيءَ جي صحبت ۾ آيو ته فقير فيض علي نصيري ٿيو. نصيري علي الله جو نعرو هڻندا آهن. سليم شاهه سلطاني هئو ته پنجاب جي ڪنهن علائقي جو پر پوءِ سنڌ ڌرتيءَ کي پنهنجو مسڪن بڻايائين. هو ايم بي بي ايس ڊاڪٽر ۽ جراح هئڻ سان گڏ مڪينيڪل انجنيئرنگ جو به ڄاڻو هو. هن ڏوڪري شهر ۾ ڪلينڪ به کولي. شهر توڙي آسپاس جي درگاهن تي به ويندو رهندو هو. ٻلهڙيجيءَ ۾ به فقير يار محمد سان رهاڻيون رچائڻ ايندو هو. راڳ جو وڏو شوقين هو. ڪجهه ماڻهو سندس ڪرامتون بيان ڪري کيس ولي الله چوندا هئا ته ڪي وري هن کي جادوگر، بازيگر ۽ ڪرتب باز سڏيندا ۽ سمجهندا رهيا. چون ٿا ته چانهه جي ڪوپ کي هٿ هڻي چوندو هو: "چلو" ته اهو هلڻ لڳندو هو. اهو هپناٽزم آهي يا ڪو ٻيو فن، اها خبر خدا کي. سيلم شاهه سلطاني پنج ڪتاب به لکيا. ڏوڪريءَ کان پوءِ قمبر شهداد ڪوٽ ۾ وڃي رهيو. شهدادڪوٽ ۾ هن لوهه جي ٽڪرن مان گاڏي ٺاهي، ان ۾ ڪاٺ جون سيٽون وڌيون ۽ اها ٻيڙيءَ جي ويٽي وانگر هلائي ويندي هئي. اها انوکي گاڏي شهر جي روڊن رستن تي سندس فقير هلائيندا رهندا هئا. اڄ به اها گاڏي شهدادڪوٽ ۾ موجود آهي پر جهوني هئڻ ڪري هاٽي هلائي نٿي وڃي.

ارباب علي فقير نصيري جماعت جو وزيراعظم هو. هن جماعت ۾ وزير اعظم، صدر ۽ ڪوتوال جا عهدا ٿيندا آهن. هنن وٽ به مسلمان صوفين ۽ هندو يوگين وانگر پنهنجو گرو (مرشد) ونڻ ضروري آهي. فيض علي فقير کي پنهنجي مرشد سيد سليم شاهه سلطانيءَ طالب (مريد) ڪرڻ جا اختيار ڏئي ڇڏيا هئا پر هن پنهنجو ڪو به طالب نه ڪيو ۽ اهڙي طلب ڪندڙ کي ڪنهن ٻئي مرشد جو ڏس ڏئي روانو ڪري ڇڏيندو هو. ان جي باوجود ڏوڪري ۽ شهدادڪوٽ جا اڻکل به درزن کن ماڻهو اڄا تائين به کين پنهنجي مرشد جهڙي تعظيم ڏيندا آهن.

فيض علي فقير ڏوڪري شهر جي انهن اوائلي رهواسين منجهان هو، جن کي انگريزي ايندي هئي. اها هن ڪنهن مڪتب يا اسڪول مان نه پر پڑهيل لکيل ماڻهن جي ڪچهرين ۾ ويهي سکي هئي. چون ٿا ته سليم شاهه

سلطاني ۾ ڏوڪريءَ جو پورهيت ۽ سيلاني شاعر موريل زهراڻي انگريزيءَ ۾ ڪچهري ڪندا هئا، جن کي ٻڌي هي به انگريزي سکي ويو. سائين موريل زهراڻي به انگريزي گهمندي ڦرندي سکيو هو پر شاگردن کي ٽيوشن به ڏيندو هو. ان کان علاوه هن کي عربي ۽ فارسيءَ تي به چڱي خاصي دسترس هئي. ان وقت ٽرانسپورٽ جو وڏو ذريعو ريل گاڏي هئي. ڏوڪري اسٽيشن جو سرڪاري نالو موهن جو دڙو اسٽيشن آهي. موهن جو دڙو گهمڻ ايندڙ سياحن کي ٽانگي وارا اسٽيشن تان ڪٽي ڏوڪريءَ ۾ فيض علي فقير جي هوٽل تي ڇڏيندا هئا. فقير ڪانئن حال احوال وٺندو، مهين جو دڙو گهمائيندو ۽ آخر ۾ ماني کارائيندو هو جيڪا ڪين آسانيءَ سان هضم ٿي ويندي هئي. سياح سندس قرب کان متاثر ٿي ڪيس پنهنجي پنهنجي ملڪن مان خط لکندا رهندا هئا، جن کي باقاعدگيءَ سان جواب ڏيڻ به هن پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو هو.

موهن جي دڙي ۾ ڪنهن پراجيڪٽ تي ڪم ڪندڙ، هڪ فرينچ آرڪيالاجسٽ فقير جو دوست ٿي ويو. هو، پنهنجي آرڪيالاجسٽ گرل فرينڊ سان گڏ ڏوڪريءَ ۾ اچي رهيو هو. ولايتي ناري سنڌي عورتن وانگر هار سينگار ۽ ويس وڳا ڪري شهر ۾ ٿيندڙ ڪاڄن ۾ شريڪ ٿيندي هئي، عورتن جا سهرا ٻُڌندي ۽ انهن سان گڏ جهمريون پائيندي وتندي هئي. سنڌ ڇڏڻ وقت سڏڪا ڀري روئي رهيا هئا. واپس وڃي ٻنهي شادي ڪئي. ڪجھ سالن اندر طلاق به ٿي وين، ان جي باوجود ٻنهي جي، فقير سان خط و ڪتابت جاري رهي. فيض عليءَ جي هيٽائي ۽ بيماريءَ جو ٻڌي سندس ان فرينچ دوست فقير جي پٽن ڏانهن خط لکيو ته هو ڏيساور ۾ فقير جي علاج ۽ سفر جو خرچ ڀرڻ لاءِ تيار آهي...” پر فقير پنهنجي پرديسي دوست کي دعائون ڏيندي سندن مدد وٺڻ کان انڪار ڪيو.

شروع ۾ ذڪر ٿي چڪو ته فقير فيض عليءَ جو تعلق نصيري جماعت سان هو، جيڪي عليءَ کي الله چوندا آهن. اسان ننڍپڻ ۾ اهي ڳالهيون به ٻڌيون ته نصيري نئين چاول ٻار کي جبل تان هيٺ اڇلائي چوندا آهن: “عليءَ جو بندو هوندين ته بچي ويندين!” فقير اهڙين ڳالهين جي ترديد ڪندي چوندو هو “اهي هٿ ٺوڪيون ڪهاڻيون آهن۔ باقي رڳو اسان

نصيري ڇو، سڄي ڪائنات عليءَ جي آهي.” ڪن همراهن جو خيال هو تہ هي اصل نصيري نہ پر نصيري قلندري آهن. ان فرقي جو باني سليم شاهہ سلطاني آهي. نصيري ٽيڻ ڪان پوءِ فقير ڪان، ڏوڪريءَ جا شيعا توڙي سني سخت ناراض رهندا هئا. سندن چوڻ هو تہ “نصيري جاڻي واڻي قرآن شريف کي غلط اچارين ٿا. علي عليہ السلام کان سواءِ ٻين امامن توڙي معصومن کي گهرٻل اهميت نٿا ڏين. نماز کان انڪار جهڙيون غلط ڳالهيون ڪن ٿا. بندي کي الله سڏڻ شرڪ آهي. اهي نوجوان نسل کي ڀٽڪائي رهيا آهن... وغيره وغيره.

مذهبي رواداري وڃي پئي ختم ٿيندي، ان ڪري هر فرقو ٻئي فرقي جي وجود جو ويري نظر اچي ٿو. اسان جو اهڙين ڳالهين سان واسطو ناهي پر نصيري فقيرن جي ڪا نڪ سورج ونسين سان ضرور ملي ٿي، ڇاڪاڻ جو هي هڪ لحاظ کان سج پوڄاري بہ آهن. چوندا آهن: ڪائنات کي سج جو سهائو هلائي رهيو آهي. زندگيءَ جو دارو مدار سورج جي حرارت ۽ روشنيءَ تي آهي، ان ڪري سمورين تعظيمن ۽ بندگين جي لائق سورج آهي. اهوئي سبب آهي جو اهي اولهہ اوپر رخ ۾ دفن ٿيڻ پسند ڪن ٿا، جيئن سج اڀرڻ سان بندي جي ڇهري جو رخ پورب پاسي هجي.

فيض علي فقير جي نصيري ٿيڻ ڪري جڳ جهان تہ ناراض ٿيو پر سڀ کان وڏيڪ رد عمل سندس والد ڏيکاريو. هن اخلاق ۽ ادب سان مخالفن کي منهن ڏنو، جنهن ڪري اهي ڪائنس ڇڄي نہ سگهيا ۽ دنياداريءَ وارن مامرن ۾ ساڻس گڏ هلڻ تي مجبور ٿي پيا.

فيض علي فقير 35 ورهيہ ڏوڪري شهر ۾ هوٽل هلايو، جيڪو لوڪل گورنمينٽ جي ملڪيت هو. 1994ع ۾ مرحوم غلام حسين انڙ لوڪل بورڊ جي سموري ملڪيت وڪڻي ڇڏي. هن دڪانن جي قبضيدارن کي اها ملڪيت خريد ڪرڻ جي آڇ ڪئي. ڏوڪريءَ جي ڪيترن ئي ماڻهن دڪان ۽ پلاٽ خريد ڪيا پر فقير مال ميڙيو ئي نہ هو، تنهن ڪري هو اهو هوٽل خريد نہ ڪري سگهيو ۽ ڪيس هوٽل واري ڏنڊي تان هٿ ڌوئڻا پئجي ويا. ان کان اڳ 1980ع ۾ جڏهن فقير ڏوڪريءَ جي سونهري روڊ تي مئخانو قائم ڪيو تہ هاءِ اسڪول انتظاميا ۽ ايريگيشن کاتي وارن ڪيس داخل ڪرائي ڪيس

گرفتار ڪرايو پر هن اهو پلاٽ پيلي ڪاتي وارن کان ليز تي حاصل ڪيو هو، جتي پاڻ ابدي آرامي آهن.

فيض علي فقير 2008ع ۾ وفات ڪئي. فقير جي وصال پڄاڻا اهو مئخانو هن جا چارئي پٽ سنڀالي رهيا آهن، جتي نصيرين جي اجتماعن سان گڏ سياسي، سماجي ۽ ادبي تنظيمون به ميڙاڪا ڪنديون رهنديون آهن.

***

# سبحان شاهه

## آدم بيزار، جانور دوست سيلاني

سبحان شاهه وانگر جانورن سان محبت ڪندڙ ٻيو ماڻهو مون پنهنجي زندگيءَ ۾ نه ڏٺو. هن جي ماڻهن سان گهٽ پوندي هئي، باقي جانورن تي ساهه صدقو ڪندو هو، ڳگدامن سان وڏو چاهه ۽ قرب هئس. هن جون ڳالهيون، روح رهاڻيون، اندر اوراڻا سڀ ٻي زبانن سان هئا؛ ائين پاسندو هو ڄڻ هڪٻئي جي ٻولي سمجهندا هجن. سبحان شاهه سيلاني درويش هو، هڪ هنڌ ٽڪاڻو نه هئس، مختلف هنڌن تي سالن جا سال رهيو. جتي به ٽاڪ ڪندو ان هنڌ کي اصل چڙيا گهر بڻائي ڇڏيندو هو. ڪتن جي ته لوڌ هوندي هئس، ان ڪان سواءِ ٻولا باندر، رڇ، نانگ ۽ پانت پانت جا پکي به ڏاريل هوندا هئس، مجال آ جو اهي جانور هڪٻئي تي ڳِرن يا پاڻ ۾ وڙهن، سبحان شاهه وٽ سمورا جانور امن امان ۽ ميٺ محبت ۾ رهندا هئا، بلڪل شاهه سائينءَ جي سٽ جيان ته:

ڏسي نه ڏاڙهين شبان جي سڳ ڪي...

سبحان شاهه جو لباس سراسر قلندري جلالي فقيرن وارو هو: ڪارا ڪپڙا، مٿي تي ست رنگي فقيراڻي ٽوپي، بيراڳڻ يا ڪارو حيدري ڏنڊو هٿ ۾. شاهه صاحب منهن مهانڊن ۾ به سادو هو. قد جو نه بندرو نه ڊگهو. هئو ته الائجي ڪٿان جو پر سن شهر ۾ ڪي سال اچي رهيو هو. مون به ڪيس 88-1987ع ڌاري سن شهر ۾ ڏٺو، جتي سائين جي ايم سيد جي درياهه واري بنگلي جي پير ۾ رهندو هو. صوفي شاعر ۽ درويش صفت انسان سائين علي

محمد شاهه سنائي کيس سن ۾ آٽي ويهاريو هو. چون ٿا ته هي علي محمد شاهه کي لاهوت لامڪان واري ڪٽ جبل تي مليو هو جتي ماڻهن ڪان پري جبل جي هڪ ڇُر ۾ جانورن سان رنگ رهاڻين ۾ مشغول هو. ڪجهه ماڻهن جو چوڻ هو ته علي محمد سنائي سندس دست بيعت ۾ طالب هو، جو هنن سدائين سبحان شاهه کي ڪٽ جي سيراندي ۾ علي محمد سنائيءَ کي سندس پيرانديءَ کان ويٺل ڏٺو.

هونئن جانورن سان محبت جي حوالي سان لاڙڪاڻي جي درويش جمعي فقير جون ڳالهيون اڄ به ڳايون وڃن ٿيون. مون پنهنجي اکين سان جمعو فقير نه ڏٺو پر وڏڙا سندس ڳالهيون ٻڌائيندا رهندا آهن. چون ٿا ته پيرسن جمعو فقير اڪثر گڏه تي سوار هوندو هو ۽ پنيان ڪتن جي لوڏ هوندي هئس جيڪي پاڻ ۾ ڪڏهن نه وڙهيا، جمعو فقير انهن ڪتن جي کاڌي پيتي جو بندوبست ڪندو هو، باقي مٿس هر ڪم معاف هو. ڳالهه ٿا ڪن ته لاڙڪاڻي جا سياستدان، زميندار، سيٺيون توڙي عام ماڻهو جمعي فقير کي جهجهو پائيندا هئا، جن ۾ اڳوڻو وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽو به شامل هو. چون ٿا ته ڀٽي صاحب جي ڪابينا ۾ شامل لاڙڪاڻي سان تعلق رکندڙ هڪ وزير جمعي فقير جي گڏه جي پاسي ۾ پنهنجي ڪار بيهاريندي کيس دعا ڪرڻ لاءِ چيو، جنهن تي فقير چيس: دعائن جا حقدار غريب آهن، توکي دعا جي کهڙي گهرج، وزير آهين، هر گنج اٿئي، باقي پنهنجي ڪار مون کي ڏي ۽ منهنجي گڏه تي چڙه ته ڪوڙ دعائون ڪندين.” جمعو فقير هڪ ڀيري ڀٽي جي بنگلي المرتضيٰ هائوس پهتو، پرائيم منسٽر صاحب سڀ ڪان اڳ ڪانئس مسئلو پڇيو. جمعي فقير چيس: “سائين، منهنجي گڏهه ويچاري جهوني ۽ ضعيف تي وئي آهي، ٿورو پنڌ ڪري ٿي ته ٿڪجيو پوي، مهرباني ڪري مون کي ڪا تازي تواني گڏهه وٺي ڏيو.” اهو ٻڌي ڀٽي صاحب بروقت ايس پي پچل کي فقير لاءِ زيرو ميٽر گڏهه هٿ ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا.

جمعو فقير لاطمع ۽ غريبن سان محبت ڪندڙ درويش هو، ان جي ڀيٽ ۾ سبحان شاهه ٻئي قسم جو ماڻهو هو. ڪوئي نذرانو ڏيندو هئس ته ان سان تمام منو ڳالهائيندو هو باقي ٻين ماڻهن تي جڪون ۽ ڪرٿيون ڪائيندو

رهندو هو. سندس آستاني تي سوين ڪڪڙيون چڳنديون رهنديون هيون، جيڪي رڳو ڪتن جي مهمانيءَ لاءِ هيون. سبحان شاهه اهي ڪڪڙيون کهي ڪتن کي کارائيندو هو، مجال آ جو ڪنهن ماڻهوءَ کي هڪ ٻوٽي به ڏئي. ڪير جيترو به ملندو هئس، اهو ڪتن ۽ نانگن کي پياري ڇڏيندو هو پر فقراءَ کي چانهه لاءِ ڏيڻ تي به پيو ڪرڪندو هو، حالانڪ اهو مال سندس نه پر علي محمد شاهه سنائيءَ جو هو. وڏي واڪ چوندو هو: ڪتا ماڻهن کان ڀلا آهن، انهن وٽ وفاداريءَ وارو گڻ آهي. ماڻهو بي ڳڻا آهن، انهن سان چڱائي ڪڏهن نه ڪجي. علي محمد شاهه سنائيءَ کي مخاطب ٿي چوندو هو: هنن (مئخاني تي ويهندڙ فقراءَ ) کي کارائڻ ٻدران ڪو ڀلو يا نور ڏار، هنن کي تنهنجو قرب نه پر چرس ٿو هتي آڻي، اهو بند ڪرين ته هڪ به ماڻهو هيڏي نه ايندئي، اڪيلو ڪن ڪيو وينو هوندين.”

آدم بيزار هن شخص جو جانورن سان روح ريدل رهندو هو. ڪتن کي مٿي تي هٿ رکندو، ڀاڪر پائيندو ۽ منيون ڏيندو هو. جانورن کي به شايد هن مان خلوص جي بوءِ ايندي هئي جو شهر جا رولو ڪتا به هن کي ڏسي گرڻ بند ڪري ڇڏيندا هئا. محرابپور وارو سيد رکيل شاهه ايم اين اي سيد شبير شاهه جو ڊرائيور هو. مائٽن سان سڱاوتي تڪرار سبب ڳوٺ ڇڏي لڏي پنهنجن ڏوهٽن وٽ ڀلهڙيجيءَ ۾ اچي رهيو هو، تنهن ٻڌايو ته“اسان سن ويجهو لاکن جي ڳوٺ ۾ سيد امير حيدر شاهه جي ٻار توري رهيا هئاسين جو سبحان شاهه اتان اچي گذريو. ياعلي مدد ڪري اڳتي وڌي ويو، ڪجهه پرڀرو ٿيو جو اسان جي نظر لاکن جي ڪتي تي پئي. جيڪو ماڻهن کي هٿن مان کائي ويندو هو. اسان ڪائڻ هئاسين ۽ ڪتو سبحان شاهه جي اچي ويجهو پيو هو. اسان پريشان ٿي وياسين جو سيد سڳوري کي بچائي به نه پيا سگهون. ڪتو جڏهن ڏهن پندرهن وکن جي فاصلي تي سندس سامهون ٿيو ته ان جي ٿور ئي بدلجي وئي. ڪتي پنهنجون اڳيون ٻئي ٽنگون مٿي ڪري، پوين ٽنگن تي گوڏڙ رڙهڻ شروع ڪيو ۽ اچي پنهنجو مٿو سبحان شاهه جي قدمن تي رکيو ۽ شاهه ڪتي جي مٿي تي هٿ گهمائي چوڻ لڳو: “الي بابلو، نه شجاتو ڇا!!”

1987ع ۾ سبحان شاهه بابت اهڙيون ڳالهيون به ٻڌڻ ۾ آيون ته هو سيد

ناهي، شڪارپور جو ڪوري آهي، اهو علي محمد شاهه ڪي ڪهڙو فيض ڏيندو!؟ پنهنجي ئي شهر مان نيڪالي مليل اٿس تہ هتان وارن سان ڪهڙيون چڱايون ڪندو...“ وٽس گهڻا مريد بہ سنڌ سرائيڪي وسيب دنگ جا ايندا هئا. سندس اصل نالو امام بخش هو پر علي محمد سنائي عقيدت مان ڪيس سبحان سائين سڏيندو هو، جنهن ڪي ماڻهن شاهه ڪرڻ ۾ دير ئي نہ ڪئي ۽ هي سبحان شاهه ٿي ويو. علي محمد سنائي پنهنجي ڪجهه ڪافين ۾ بہ سبحان شاهه جو عقيدت سان نالو ڪنيو آهي پر بعد ۾ انهن ڪافين ۾ ڦيرڦار ڪئي ويئي ۽ خبر ناهي ڇو سبحان جو نالو گم ڪيو ويو.

سنڌ جي ڪنهن بہ ڪنڊ جو ماڻهو سن شهر ۾ پُڄهو نٿي رهي سگهيو خاص ڪري سن جي سائينءَ جي موجودگيءَ ۾. سو سبحان سرڪار جن بہ ليپي پيا. ڪن دوستن جو چوڻ آهي تہ علي محمد شاهه ڪي ان جي خبر هئي ڇاڪاڻ جو طريقت جي واٽ ۾ سيد امتيءَ جو ڪو سَنڌو نہ ٿيندو آهي. سنائي سيدن جو جد امجد سيد حيدر شاهه سنائي بہ سما ذات سان تعلق رکندڙ مخدوم بلاول جو خاص خليفو هو. سنائين جي اڄ تائين ان درگاه سان عقيدت برقرار آهي، ديش ڀڳتيءَ جي ڇُڪي بہ ڪين اتان نصيب ٿي آهي. سو، علي محمد سنائي ڪوري هئڻ ڪري سبحان سائينءَ سان لاڳاپا نہ ٽوڙيا. توڙي جو اڳتي هلي هُن تي ڪجهه اهڙا بہ الزام لڳا جيڪي سنڌ ۾ عيب سمجهيا ويندا آهن، ان ڪري هي هاڻ سندس نالو ڪڻڻ لاءِ بہ تيار ناهن. نوي واري ڏهاڪي ۾ سن جي خاڪروبن سبحان شاهه مٿان ڇوڪري اغوا ڪرڻ جو الزام لڳايو، ان وقت هن جي عمر 65 ورهين کان وڌيڪ هئي، چون تہ اهو ڪارنامو سندس هڪ مريد ڪرڻ فرمايو هو پر ان ۾ سبحان شاهه جي رضا بہ شامل سمجهي وئي، سو ان واقعي بعد سن ڇڏڻو پئجي ويس. سبحان سائين جي سن مان نڪرڻ ڪانپوءِ علي محمد سنائيءَ ڪي فقراءَ ۾ وڏي مشهوري ملي، ان جا نعرا ٿاهيا ويا پر اهي ڳالهيون بہ هلنديون رهنديون هيون تہ علي محمد سنائي ڪنهن بہ درگاه جي اندر نٿو وڃي، نہ پنهنجي مرشد جو نالو ڪٽي ٿو، بس ٻاهر ويهي دعا گهري ٿو.

سن کان پوءِ سبحان شاهه سيوهڻ ۾ چوٿنيءَ پرسان اچي رهيو جتي ڊي سي ڀاران ڪيس پلاٽ جا ڪاغذ ڏنا ويا. اتي بہ خاڪروبن سان ڦڏو ٿي

پيس، هڪبئي تي ڪيس داخل ڪرايائون، نيٺ مٿس ٻي ڇوڪريءَ جي اغوا جو ڪيس داخل ٿيو، گرفتار ٿيو پر الزام ثابت نہ ٿي سگهيو. جيل مان نڪرڻ ڪان پوءِ گُم ٿي ويو. 2015ع تائين زندھ رهيو. سن پرسان برهماٽي جتن ۾ پنهنجي هڪ مريد وٽ ايندو رهندو هو. هيءُ پراسرار آدم بيزار شخص آخر تائين جانورن جي محبت ۾ سرشار رهيو.

**

# الڪيف شاهه

## انگريزي دان پراسرار مست الست

سيد الڪيف شاهه مست اصل ڪٿان جو هو، ڪير هو، ڪٿي پڙهيو، ڪٿي ڪٿي گهميو ڦريو، ان بابت پڪ سان چئي نٿو سگهجي. ماڻهو ڪيس چريو چوندا هئا پر هن ڪڏهن به چرين وارو ڪو عمل نه ڪيو. نه ڪڏهن لٽا لاٿائين، نه ڏاڍيان ڳالهايائين، نه وري ڪنهن کان ڪجهه گهريائين. اڪثر خاموش رهندو هو، ڪير ساڻس ڳالهائيندو ته ان کي جواب ڏيندو هو، نه ته بس.

لڳ ڀڳ پنجتيهن ورهين جي عمر ۾ اسان جي علائقي واري ٻيلي ۾ ڪاڪي قادر بخش ممٽاڻيءَ کي هٿ آيو، جيڪو کيس اسان جي اوطاق تي ڇڏي ويو. اسان وٽ هفتو کن رهيو، ماني آڏو رکندا هئاسين ته کائيندو هو، نه ته زبان سان گهرندو نه هو. ٻارن سان محبت هئس، ساڻن کيڏندو هو يا وري ماٺ ڪيو ويٺو هوندو هو. جڏهن کانئس پڇندا هئاسين ته ڪٿي وينا آهيو ته جواب ڏيندو هو: “شاهوءَ جي ڳوٺ ٻوڙي ۾، جتي بندوقون هلنديون آهن، جوان ۽ ٻار مرندا آهن!”

پوءِ فقير يار محمد کيس ٻلهڙيجي وٺي آيو، جتي ٻه مهينا کن وٽس رهيو. اتي، گل شاهه کي جڏهن به ڏسندو ته چوندو هو: “سائين، هي چريو آهي، ڪو به نقصان ڪري سگهي ٿو، ان تي نظر رکندا ڪريو.” الڪيف شاهه غلامو ٻالي کي جڏهن به ڏسندو هو ته ان جي تعظيم ۾ اٿي بيهي رهندو هو. جڏهن کانئس ان جو سبب پڇبو هو ته چوندو هو: “سائين هي آسماني ايڪٽر آهي، ان کي ڪجهه نه چوندا ڪريو.” ڪجهه ڏينهن کانپوءِ اها به خبر پئي ته الڪيف شاهه انگريزي سميت ٻه چار ٻوليون ڳالهائي سگهي ٿو. انور

پيرزادي سان انگريزيءَ ۾ ڪچهري ڪندو هوءِ ڪاڪو انور سندس انگلش جي تعريف ڪندي چوندو هو ”افسوس جو يار پنهنجي وس ۾ ناهي.“ ڪجھ ماڻھو ڪيس ديسي /پرديسي ادارن جو جاسوس سمجهندا هئا، سندن خيال هو تہ هتي مست جي روپ ۾ پنهنجي ڊيوٽي ڪري رهيو آهي- پر وٽس پنهنجي سادي لباس جي پيو ڪجھ بہ نہ هو. هڪ ڍاڙي فقير يارمحمد جي مئخاني ۾ ويٺلن کي چوڻ لڳو: ”هاڻي مان موليٰ عليءَ جي غلام بنايل زجن جو اوهان کي ديدار ٿو ڪرايان، هُو اوهان کي ڏيکاري ڏئي واپس هليو ويندو، توهان ان کان ڊڄجو نہ، رڳو هن باھ ۾ ڏسو!“ ڪچهريءَ ۾ ويٺل همراهن کي اهڙي دهشت چڙهي وئي، جو ڪو بہ ماڻھو باھ ڏانهن ڏسڻ جي همت ئي نہ ساري سگهيو.

1982ع ڌاري مرزان جو لاشاري فقير الڪيف شاھ کي پنهنجي ڳوٺ وٺي ويو، جتان پوءِ سونهاري گاڏهيءَ ۾ وڃي رهيو. سونهارو گاڏهي ڳوٺ ڏوڪري تعلقي جي آخري حد واري ڪڇي ۾ آهي، جتي نانگي شاھ جي تمام پراڻي درگاھ آهي. هتي الڪيف شاھ جو مسڪن هڪ ڪکائين مسجد هئي. ڪڏهن ڪڏهن سگريٽ ڇڪيندو هو، باقي ڪنهن بہ نشي جو عادي نہ هو. 1980ع وارو سڄو ڏهاڪو سنڌ ڌاڙيلن جي نشاني تي هئي، جن جو وڏيڪ زور ڪڇي ۾ هو، جو اتي جهنگ ۽ ٻيلا هئا. ڌاڙيلن ڪڏهن بہ الڪيف شاھ سان ڪنؤس نہ ڪئي پر جڏهن آرميءَ آپريشن ڪيو تڏهن ڪيس پرڏيهي جاسوس سمجهي گرفتار ڪيو ويو، مٿس تشدد بہ ڪيائون. همراھ وٽ پاٽل ڪپڙن کان وڌيڪ ڪجھ هجي تہ برآمد بہ ٿئي، نيٺ هفتي بعد هن مان هٿ ڪڍيائون.

1995ع ۾ شاهن ممٽائي ڳوٺ تي ڌاڙيل حملو ڪري تيرهن ڄڻن کي گوليون هڻي ماري ڇڏيو، جن ۾ پوڙها، عورتون ۽ پندرهن کان ويهن ورهين جا نوجوان بہ شامل هئا. اهڙي قتلام کي الڪيف شاھ جي اڳڪٿي سمجهيو ويو، ماڻهن جو چوڻ هو تہ هو شڪارپور جي ڪچي واري علائقي شاهو ڪوٽ جو ويٺل هو، جتي بہ ذاتي جهيڙن سبب اهڙو ئي ڪيس ٿي چڪو هو ۽ هي هوش وڃائي اتان ڀڄي نڪتو هو. ٻنهي ڳالهين جي ڪا بہ تصديق نہ ٿي سگهي.

الڪيف شاھ منهن مهانديءَ ۾ سهڻو، رنگ جو ڀورو ۽ نيٺ سنڌي وصفن

وارو شخص هو، البت قد جو ننڍو هو. هن سن 2000ع ۾ وفات ڪئي ۽ اتي ئي مدفون آهي. ***

# غلام نبي شاهه مست

هڪ ڏهاڙي همراهن الائي ڪهڙي خيال سان هيءَ ڳالهه هُلائي ڇڏي ته "سائين غلام نبي شاهه مست پندرهين ڏينهن وفات ڪري ويندو، جنهن کي به دين دنيا ۾ سرخرو ٿيڻو آهي، اهو سائينءَ کان ڏاڳو وٺي وڃي!" بس اعلان جي دير هئي، هزارين ماڻهو ڏاڳا وٺڻ جي لاءِ پهچي ويا. ايترا ماڻهو اچي گڏ ٿيا جو ڏوڪري شهر مان ته ڪارا ڏاڳا ختم ٿي ويا پر ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي ڳوٺ بکي ديري کان وٺي ڪامريڊ سوڀي جي ڳوٺ بنديءَ تائين ڪنهن به دڪان ۾ ڪارو سڳو نه رهيو. مست جو ڏاڳن سان ڇا؟ هو پاڻ ته ڪنهن کي به ڏاڳو نه پيو ڏئي پر ڏنڊوڙي خليفا هن جي هٿ سان ڏاڳا گسائيندا، ڳنڍيون ڏيندا ماڻهن کي ڏيندا رهندا هئا. هڪ ڏاڳي جو هديو پنج رپيا، پوءِ به روز جي ايتري اوڳاڙي ٿيندي هئن جو ڳڻڻ کان ڳالهه ڇڙهيل هئي. پندرهن کان ويهه ڏينهن گذري ويا پر سائينءَ جن حال حيات رهيا. اصل ۾ ڏنڊوڙين مست جي طبيعت خراب ٿيندي ڏسي اهو اندازو لڳايو ته هيءَ بيماريءَ مان نه ڇڙهي سگهندو، ان ڪري آخري جهٽڪي ۾ جيترو هٿ هڻُو آسو هٽي ونجي پر مست جي صحت ويتر سڌرڻ لڳي. اهي همراهه ته ڪيس مارينديءَ به دير نه ڪن ها پر مراد وند عقيدتمندن جو انگ وڏي ڇڪو هو، جيڪي ڏينهن رات مست جي خدمت ۾ موجود رهندا هئا، ان ڪري واندن ۽ موالي مريدن جي ڪا به لڙهي نه لڳي. سائينءَ جن جو پيالي ڪرڻ وارو ٻُڌايل مدو پورو ٿيو، پوءِ به ماڻهن جي عقيدت برقرار رهي. هڪڙن چيو "برابر ملڪ الموت سائين جن وٽ آيو هو پر مست ان کي ايئن ڇئي موٽائي ڇڏيو ته اسان ڪجهه وقت اجا به هتي رهڻ گهرون ٿا." ڪن

ماڻھن جو خيال ھو تہ مست پنھنجي مرڻ جي ڪا بہ اڳڪٿي ڪانہ ڪئي ھئي، اھو صرف انھن پيداگيرن جو ٺڪساٽ ھو.

غلام نبي شاھ مست 1920/30 ڌاري وڪڙي ۾ پيدا ٿيو. ھنن کي لوڙھائي سيد سڏيو ويندو ھو. ھيءُ ماءُ پيءُ جو اڪيلو پٽ ھو. والدين وڪڙي ۾ ئي گذاري ويس. ورھاڱي کان اڳ سيد، وڪڙو ڇڏي مختلف ھنڌن تي وڃي ويٺا. ھي ۽ سندن سوٽاٽا سوٽ نازڻ شاھ، مصطن شاھ ۽ محمد شاھ تر ۾ رھيا، جن مان محمد شاھ کان علاوہ ٻيا سڀ مستانا ھئا. محمد شاھ پنھنجي پيءُن کي تہ پاڻ سان رھايو پر غلام نبي شاھ کي پنھنجي حال تي ڇڏي ڏنو ۽ ھن درويش وڃي وڪڙي جي قبرستان کي پنھنجو مسڪن بڻايو. ڪجھ سالن کان پوءِ اچي ڏوڪري شھر وسايائين. زندگيءَ جا چاليھارو ڪن سال ڏوڪريءَ ۾ خدا جي نيري ڇت جي ڇانوَ ھيٺ مٽيءَ سان ڪيڏندي گذريس ... الائي مٽي ساڻس ڪيڏندي رھي! ”اِھا مِٽي حڪم ڪريندِي ھزار...“

سياري توڙي سانوڻ ۾ پراڻي، گپ سان پريل رلھي ڪلھي تي ھوندي ھيس. مھيني ماسي شنان پروگرام ڪندو ھو. وڏي گپ گاري واري جاءِ ڏسي سڄي جسم کي ميٽ وانگر گپ ٿڦيندو ھو. جڏھن جسماني طور ھيٺو ٿي ويو تہ ھڪ ھوٽل مزدور احمد مگٽھار ۽ خانڻ سومرو ڪيس ريھي ريبي ھڪ دڪان ۾ وٺي آيا، جتي ھو رات گذاري صبح جو وري وڃي مٽيءَ ھاٽو ميدان وسائيندو ھو.

مست کي وصال ڪرائڻ واري منصوبي جي ناڪاميءَ کان پوءِ مال جا مشتاق مکڻ مان وار وانگر نڪري ويا ۽ انھن جي جاءِ اچي ٻين والاري. ھاڻي سيدن بہ وارثي ڪرڻ شروع ڪئي. ڪو چوي: اسانجي ڏاڏاڻڪي نُک مان ھو، ڪو چوي: اسانجي ناناڻڪي نک مان ھو. ايئن سيد محمد شاھ سندس وارث ٿي ويھي رھيو. غلام نبي شاھ مست فوتگيءَ جي اعلانيل تاريخ کان چوڏھن پندرھن ورھيہ پوءِ بہ زندھ رھيو البت جن سندس مرڻ جي ڳالھ ھُلائي ھئي انھن مان گھڻا تہ ڪانئس اڳ مري ڪپي ويا.

ڏوڪري ۽ آسپاس جو ھر ماڻھو مست کي سُڃاڻي. اڄ بہ ھِن تر ۾ غلام نبي شاھ مست جي وڏي ھاڪ آھي. پڙھيا اڻ پڙھيا، امير غريب، ھندو

مسلمان سندس معتقد ۽ مريد آهن. ڊگري ڪاليج جي ساڄي پاسي غلام نبي شاهه مست جو روضو شهر جي سمورين عمارتن کان اوچو ۽ پري کان ڏسڻ ۾ ايندو آهي. درگاهه تي روزانو سوين ماڻهو زيارت لاءِ ايندا آهن، جن ۾ ڪو به صنفي فرق ناهي. عورتون به سندس نام تان صدقو پيون ٿيندون آهن. غلام نبي شاهه مست مون سميت ڏوڪري ۾ پسگردائيءَ جي اٽڪل ڇئن نسلن ڏٺو. همراهه سرمد شهيد وانگر سدائين بي لباس رهيو. ڊگري ڪاليج ڏوڪريءَ ڪان وٺي چنا پل تائين سڄو ميدان سندس حد هوندي هئي. ڪنهن نه ڪنهن جاءِ تي مٽيءَ سان وينو ڪيڏندو هو. ڏسڻ وائسڻ ۾ صفا لِيڙ هو، جهڙو هڏائون پيرو. ان جو خاص سبب هيءُ هو ته ڪاڏو صفا گهٽ کائيندو هو. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڪنهن کان مانيءَ جي گهر نه ڪئي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪيس ماني آڻي ڏيندو هو ته هڪ ٻه گرهه وات ۾ وجهي هٿ ڪڍي ڇڏيندو هو. گهر رڳو ناس جي ڪندو هو. ناس جو وڏو مواليهو.

غلام نبي شاهه مست تمام گهٽ ڳالهائيندو هو. ڪير ساڻس ڳالهائڻ چاهيندو هو ته ان کي چوندو هو "وڃ وڃ ناس وٺي اچ." باقي هو اکين سان ڳالهائڻ جو قائل هو، ڪير به ڏانهس ڏسندو هو ته هيءُ به ان ڏانهن اک کٽي نهاريندو هو. جيترا پيرا به ڪوئي ڊِسيس، هِي به اوترا پيرا ساڻس اکڙي ضرور ملائيندو هو.

1980 واري ڏهاڪي ۾ هن سان هڪ هندو نوجوان هرداس جي عقيدت ٿي جيڪو هن لاءِ ماني ڪنيون سندس پويان هلندو وتندو هو، جتي به مست روح ۾ رحم پوي ته ماني وٺي ٻه گرهه وات ۾ وجهي وري پنڌ پوندو هو ۽ هرداس سندس بچايل ماني کائي واپس ورندو هو. 1990 کان پوءِ سائينءَ جي هينين ڌڙ ۾ طاقت نه رهي ۽ گهمڻ ڦرڻ بند ڪري ڇڏيائين. هن کي ته ڪنهن به شيءِ جي گهرج نه هئي، رڳو ناس جي گهر ڪندو هو، جيڪا ڪيس ڪلراٺي زمين ۾ به ملي ويندي هئي پر مت مُوڙهن ماڻهن کي هن جي گهڻي گهرج هئي، انهن مان گهڻن هيروئن ۽ ٻين فعلن ۾ پنهنجي سموريون ملڪيتون وڃائي ڇڏيون هيون. ٻار به جهجها هئڻ ته نشي جي هاڄ به پوري ڪرڻي هئي، ان ڪري هنن مست کي سائو جبو پارائي، پير ڪري شهر جي

هڪ خالي دڪان ۾ آڻي ويهاريو، جتي مست سچو سچو ڏينهن ستو پيو هوندو هو ۽ چوڌاري عقيدتمند ويٺا هوندا هئا. ايئن ڏسندي ئي ڏسندي رنگ رچي ويو.

غلام نبي شاھ جي جيئري ئي ماھ پهرين جمعي جي محفل شروع ڪئي وئي. مست کي جنهن دڪان ۾ آڻي ويهاريو ويو هو، مالڪن ان کي خالي ڪرڻ جي گهر ڪئي.ان تي سندس عقيدتمند هرداس پنهنجي سيلر اڳيان پلاٽ ڏنو ۽ ٻاهران جيڪي پاندا نهيل هئس، انهن تي به سيدن ۽ فقيرن قبضو ڪري ورتو. مست اتي ئي 2004 ۾ پيالو ڪيو، جنهن بعد محمد شاھ سندس گادي نشين ٿي وينو. درگاھ جي ڪمائي سندس هٿ هيٺ هوندي هئي. ڏوڪريءَ جي تاريخ ۾ غلام نبي شاھ جي وڏي ۾ وڏي جنازي نماز ٿي. ڪاليج ڪان ٻاهر واپڊا ڪالوني تائين سڄو ميدان ماڻهن سان ڀريل هو. سندس جنازي نماز قمبر واري نقشبندي بزرگ سيد حسين شاھ پڙهائي. ان وقت غلام نبي شاھ جي ڪفن دفن تان ڏوڪري ۽ وڪڙي جي ماڻهن ۾ ڦڏو ٿي پيو. سيد حسين شاھ پهريان چيو ته جيئن ته ڏوڪريءَ ۾ مست هندوءَ جي جاءِ ۾ ته رهيل هو پر ڪيس اِتي دفنائي نٿو سگهجي. ان تي ڪيس ٻڌايو ويو ته زمين واٽئي ڪان لکت ۾ ورتي وئي آهي. تڏهن شاھ صاحب به ڏوڪريءَ ۾ دفنائڻ جي ڳالھ ڪئي. وڪڙي جا ڪجھ ماڻهو پوءِ به نه مڙيا ۽ هنن مست جي ڪٽ ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تي جهيڙو به ٿيو، جنهن ۾ ڏوڪريءَ وارن جي سرسي ٿي. ايئن مست کي ان ئي ڪوٺيءَ ۾ دفنايو ويو جتي هن پساھ پورا ڪيا هئا. اتي نذراني جي پيتي به رکجي وئي جيڪا سيد محمد شاھ سنڀاليندو رهيو پر هن ستت رضا ڪئي. جيئن ته ڪيس ڪو به اولاد نه هو، ان ڪري مست جِي، گادي نشينن جي چڪر مان جند آجي ٿي. ان بعد ڪيترائي انچارج ۽ چاٻي بردار ٿيا. اڪثر چاٻي بردار پاڻ مال روڙي ويندا هئا. ان ڪري مست جا ٻيا مريد سندن مخالف ٿي بيٺا. نيٺ سڀ مريد هرداس جي نالي تي متفق ٿيا ۽ چاٻي سندس حوالي ٿي.هن درگاھ جي ڪمائيءَ مان مست جو روضو نهرائڻ شروع ڪيو، جنهن ۾ ڏوڪري ۽ آسپاس جي ڪيترن ئي ماڻهن جو سهڪار به شامل هو، جن ۾ فقير عابد علي ٻگهيو، نواب ڏيرو، اختيار پيرزادو ۽ ڪجھ ٻيا ماڻهو خاص ڊيوٽيءَ

۾ هوندا هئا. ائين روضو بہ ٺهي ويو. روضي اندر شيشي جو شاندار ڪم ڪرايو ويو آهي. هرداس، مست ڪي پونڊڙ نذرانو فقيرن ۾ مختلف ڪمن لاءِ ماڻهن ۾ ورهائيندو آهي. جيئن ئي روضو تيار ٿيو تہ پهريان ان تي “غلام نبي شاهہ جيلاني” لکرايو ويو. جيئن تہ مست تي ايندڙن جو وڏو انگ شيعن جو بہ هو، جيلاني لکڻ سان مست سني پيِ ٿيو، ان ڪري هنن نالي ۾ ترميم ڪندي “مست غلام نبي شاهہ بخاري” جي تختي هڻي ڪيس شيعو بڻائي ڇڏيو.

آخري ڏهاڪو ڪن سالن وارا سندن صحبتي ٻڌائيندا آهن تہ مست ڪڏهن ڪڏهن چوندو هو “فقير ڪي چاءِ پياريو” يا وري چوندو هو تہ “اٿو اٿو سيڪو پنهنجي گهر وڃي، ڪوري ڏاڍا آهن، توهان سان وڙهندا”. چون ٿا تہ ڪنهن وقت ۾ ڪوري ذات جي همراهہ ڪيس لکڻ هنيا هئا، جنهن بعد هي ڪورين کي ايئن ياد ڪندو هو. اها ڳالهہ بہ ڪن ٿا ڪجهہ وقت کان پوءِ اهو ڪوري چورن هٿان مارجي ويو ۽ ماڻهن ان واقعي کي غلام نبي شاهہ مست جي ڪرامت قرار ڏيڻ ۾ دير ئي نہ ڪئي. غلام نبي شاهہ جي درگاهہ تي صبح، منجهند چانهہ جو پيالو ۽ شام جو لنگر ٿيندو آهي جيڪو هندو، مسلمان توڙي پيل باگڙيءَ کي بنا تفريق ملندو آهي. ان سان گڏ رات گذاري لاءِ مسافرن کي هتي رلي گودڙي بہ ملي ويندي آهي. مست جي درگاهہ جي هڪ ڪنڊ ۾ ناس جو ڍير پيل آهي، جيڪا سندس عقيدتمند تحفي طور آڻيندا آهن. چون ٿا تہ بخار، مٿي جي سور، ڪنگهہ، زڪام کان مست جي ناس هڪ ٽِڪ آهي.

# الاهي فقير ڀِڏي

## نياڻي سياڻيءَ جو نگهبان نعريباز ملنگ

الاهي فقير سولا سکيا ڏينهن نہ ڏٺا تہ دنيا تياڳي بکن ۾ فاقن سان بہ پيچ پاتو. سيارو هجي يا سانوڻ، هر وقت مٿو ۾ پير اگهاڙا. هن جي سڃاڻپ نعريباز ملنگ واري هئي. پنهنجو هڪ نعرو ٺهيل هئس جيڪو ڪجھ ڏيگهارو ۽ لاڏ سان هو. الاهي فقير نعرو هن طرح هڻندو هو:

“يا علي حيدر، مولا، صبح جا آهيون سوالي، ڪڏهن نہ ويندا سين خالي، صبح جو سوال آ تہ بُري ۽ بيمان کان بچاءِ، سڄڻ پيو سامهون هردم هلاءِ، عليءَ جا مَندئِي، ڏندو... ۾ هجئي، هت هجين يا دبئي، حسنين جي بابي جا دشمن ٽڙ ٿي، نياڻي نماڻيءَ جا مندا ٽڙ ٿِي، اوڙي پاڙي جا بي شناس ٽڙ لعنت صبح شام پيچو بينو آهيانءِ، پيو ڪم گهٽ ڪندو آهيانءِ...!”

الاهي فقير جڏهن “ٽڙ” ڪندو هو تہ باقاعدي رائيفل جي گوليءَ واري ٽڙ ٿي ويندي هئي. وڻن وينل پکي ٺاهہ ڪائي اڏامي ويندا هئا. فقير پنهنجي انهيءَ نعري ۾ وقت بہ بوقت ضرورت پوڻ تي اضافا بہ ڪندو رهندو هو.

الاهي فقير 1940ع ڌاري ڳوٺ گاجي ديري ۾ پيدا ٿيو، جيڪو مهين دڙي کان ست ڪلو ميٽر ڏکڻ طرف آهي. سندس وڏڙن کي ڪلهوڙا دؤر ۾ سرائيڪي وسيب کان ميان گاجي خان ياڳت هتي لڏائي آيو هو. ڀِڏي سيالن جو پاڙو آهي.

الاهي فقير کي پنهنجي وڏڙن جي ورثي مان چڱو خاصو مال مليو. هن کي ديهہ گاجي ديري ۽ نصير آباد ۾ چڱي خاصي زمين هئي، ان کان سواءِ چوپايو مال بہ گنج هئس. مڙس ٺاڪ ٺوڪ وارو هو. وڏي اٿي ويٺي هئس. تر جي سمورن وڏيرن سان سنگت هئس پر اڳتي هلي هن، مضبوط ڪردار جي

مالڪ فقير منش، بدڪردار وڏيرن جا پرڪار ڏسي ساڻن اٺڻ ويهڻ ڇڏي ڏنو.

1980ع ڌاري موهن جي دڙي تي چوڪيدار مقرر ٿيو. اتي هن هڪ دڪان به کوليو، جيڪو ڄڻ ته مني مارٽ هو، جنهن ۾ ڪرياني ڪان وٺي ضرورت جو سمورو سامان موجود هوندو هو. مهين جو دڙو گهمڻ ايندڙ سياح به سندس دڪان تان سامان خريد ڪندا هئا ته ايئر پورٽ جا ملازم به گهر جو سيڌو سامان هن ڪان وٺندا هئا. همراهه ڏينهون ڏينهن ترقيءَ جا ڏاڪا طئي ڪندو ويو. ان دؤر ۾ ملازمن جي پگهار سَوَن ۾ هوندي هئي پر هن جي روز جو ڏنڊو هزارن ۾ ٿيندو هو. تن ڏينهن موهن جي دڙي تي ڪم ڪندڙ ڪنهن به ملازم وٽ موٽر سائيڪل نه هوندي هئي، تر جي تمام ٿورن ماڻهن وٽ اسڪوٽر هوندا هئا، جن ۾ الاهي فقير به شامل هو.

الاهي فقير توڙي جو رنگ جو سانورو هو پر سندس چهري جا نقش نگار انتهائي خوبصورت هئا. قد جو ڊگهو هو. دڙي ۾ ڪنهن پراجيڪٽ تي ڪم ڪندڙ هڪ يورپي آرڪيالاجسٽ عورت مٿس موهت هوندي هئي، اها هن سان دڙي جي مختلف سائيٽن تي گهمندي ڦرندي رهندي هئي. ساڻس ويجهو ٿيڻ جي ڪوشش ڪيائين پر الاهي فقير پنهنجي حد ۾ رهيو، ٻئي جي ننگ ڏي ڏسڻ هن لاءِ گناهه هو- باقي هن جون مس سلميٰ سان اکيون ضرور اڙيون ۽ ماڻهو چون ٿا ته دنيا ڪان لاتعلق ڪيس مس سلميٰ جي محبت ڪيو۽ اها انسيت يقيناً هڪ طرفي هئي. مس سلميٰ 1984ع ڌاري موهن جي دڙي تي ڪنزرويٽر ٿي آئي هئي. مائي ڪراچيءَ جي رهواسڻ هئي، آفيسرياڻي هئڻ ڪري ٿوري ڪڙڪي سڙڪي جي قائل هئي. حسن جو هٿيار به هئس ته هر ماڻهوءَ سان اکڙي ملائي ڳالهائڻ وارو گر به هئس. الاهي فقير تي اکين جي سيف سڌي ڪيائين ته همراهه سچو سارو شڪار ٿي ويو – نه مائيءَ جي ساهمون اکيون کڻي سگهيو، نه ئي ڪڏهن چپن مان پٽڪو پُٽي سگهيو. هيڏانهن واهڻ جو ويچارو سادو ماڻهو، هوڏانهن شهر جا سياڻا واپاري! مائي صاحبہ ڏڙاڏڙ سندس دڪان تان سامان کڻڻ شروع ڪيو. مهيني بعد ٻيا ملازم حساب ڪتاب ڪري ويندا هئا پر مس سلميٰ اهڙي ليکي وهنوار ڪان آجي هئي. الاهي فقير جو دڪان ته مس سملئ جي حوالي هئو ئي پر ڪچي توڙي پڪي جي فصلن مان به هُن جو باقاعدي حصو نڪرندو

هو. مائي جيترو وقت موهن جي دڙي تي رهي، ان عرصي دوران سندس گهر ياتين اڻي ونڻ جي بہ ڪڏهن تڪليف ڪانہ ڪئي! مس سلميٰ جڏهن بہ ڪراچيءَ وئي تہ پاڻ سان گڏ چانورن جو اٽو، سرنهن، چٽا، مٽر توڙي مکڻ ماکي ڪنيون وئي.

مائيءَ جي ڪراچي بدلي ٿي تہ الاهي فقير جي دنيا ئي بدلجي وئي، هن کي اهڙو رنگ لڳو جو هي عليءَ جو ملنگ بڻجي ويو. الائجي مس سلميٰ جي فراق جو نتيجو هو يا ڪو ٻيو حادثو، هن جِي، دنيا مان دل کڄي ٿي وئي. دڪان، ٻني ٻاري، مال رزق، نوڪري توڙي ٻارن ٻچن مان دلچسپي ختم ٿي وئي، ايتري قدر جو هڪ ڏينهن دڪان جي ڪنڌي وارو رجسٽر ساڙي اعلان ڪيائين تہ ”هاڻي نہ منهنجو ڪنهن ڏي حساب ڪتاب، نہ مون ڏي ڪنهن جو لهڻو ليکو!“ دڪان پريو پيو هئس، جنهن بہ عليءَ جو واسطو وجهي جيڪا شيءِ گهريس ”ياعلي“ چئي ان کي ڏئي ڇڏيائين. سڄو دڪان ختم ٿي ويس، جتي پائڻ ڇڏي ڏنائين، باقي رهيس موٽرسائيڪل. سندس خانداني مرشد کي جو الاهيءَ جي سخاوت واري جهان ۾ اچڻ جي خبر پئي تہ ان بہ موهن جي دڙي تي پهچي، عليءَ جي واسطي موٽر سائيڪل جي گهر ڪئي. الاهي فقير ياعليءَ جو نعرو هڻي چاٻي سيد سڳوري جي حوالي ڪئي. اهڙي نموني جنهن بہ عليءَ جي نالي تي ڍور ڍڳي جي گهر ڪيس، ان کي نعرو هڻي ڏئي ڇڏيائين. اها حالت ڏسي سندس سهرو فقير جي گهرواريءَ ۽ ٻارن کي باقراڻي وٺي ويو. هن جي جاين ۽ پلاٽ تي مائٽ ويهي ويا ۽ ٻني بہ انهن پاڻ ۾ ورهائي ڪنئي. فقير کي ڪنهن بہ شيءِ جي طمع نہ رهي. ان ڪان پوءِ بہ هن پنج ورهيہ ڊيوٽي ڪئي، نيٺ نوڪريءَ مان بہ دلچسپي ختم ٿي ويس پر آرڪيالاجي انجنيئر موهن لعل کيس نوڪري جاري رکڻ تي مجبور ڪيو. ڳڙهي ياسين جو موهن لعل پير فقير کي مڃڻ وارو انسان هو. فقراءَ کي قلندر لال شهباز ۽ ٻين درويشن جي ميلن ملاکڙي تي وٺي ويندو هو. هن ئي الاهي فقير ۽ ڪجهہ ٻين ماڻهن کي، موهن جي دڙي تي ڊيوٽي ڏياري هئي. ان جي موجودگيءَ ۾ الاهي فقير کان پڇا ڳاڇا معاف هئي، باقي جيئن ئي پگهار ملندي هيس تہ ڪو نہ ڪو ماڻهو عليءَ جو واسطو وجهي يا ٻچن جي بيماريءَ جو ڪوڙو سچو پٽڪو پٽي ڪانئس سڀ پئسا وٺي

هليو ويندو هو۽ الاهي فقير توڪل بر خدا مهينو ڪاٽي چڙهندو هو.

1990ع ۾ موهن لعل جي جيئڻ ئي بدلي ٿي ته ان وقت جي ڪنزرويٽر عرفان صديقي فقير جي نوڪري ڇٽ ڪري ڇڏي. پندرهن ورهيه نوڪري ڪرڻ باوجود ڪجھ نه مليس، نه ئي هن، ان لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪئي. ڪيترن ئي ماڻهن عدالت ۾ وڃڻ جو چيس، ان لاءِ وڪيل ڪري ڏيڻ جي آڇ به ڪيائون پر هن، ان سلسلي ۾ گهربل سرگرمي نه ڏيکاري. نوڪري ختم ٿي ويس پر موهن جي دڙي کي نه ڇڏيائين.

چاچي معروف ماڇي ۽ سندس ڀاءُ رستم علي کي شبستان هوٽل جو ٺيڪو هو، جتي الاهي فقير ڊيوٽي ڏيندو هو. گراهڪن کي چانھ وغيره پياريندو هو. اتي طرحين طرحين طعام پچندا رهندا هئا پر الاهي فقير ڪڏهن لوڻ به نه چکيو. موهن جي دڙي تي سياحن جا ٽولا اچي لهندا هئا، جن ۾ نوجوان ڇوڪرا ڇوڪريون شامل هوندا هئا. ڇوڪريون پارڪ ۾ ويهي چانھ جو آرڊر ڏينديون هيون، ڪي نوجوان ساٽن پوز بازي ڪن ته الاهي فقير ڪين تاڙي وني ۽ هڪدم نعرو بلند ڪري: ”هلا ٿِي نياڻي نماڻيءَ جا منڊا، ٿڙ لعنت ٿِي...“ هن جي نعري سان آڏو واري همراھ کي خبر پئجي ويندي هئي ته اها لعنت مٿس وسي رهي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڇوڪريون به کيس فرمائش ڪن: ”فقير اهو نياڻي سياڻيءَ وارو نعرو ٻڌاءِ!“ اهڙي نموني شبستان هوٽل ۽ ان جي آسپاس سندس نعرا گونجندا رهندا هئا. فقير کي جنهن به وقت نعري جي فرمائش ٿي ته، اها ضرور پوري ڪندو هو.

ڪنزرويٽر عرفان صديقيءَ کي هن جي نعرن تي ڏاڍي ڪٽ چڙهندي هئي، سو هڪ ڏينهن کيس آفيس ۾ گهرائي چيائين: ”الاهي بخش، نعرا درگاهن ۽ بارگاهن ۾ هٽبا آهن، سرڪاري جاين تي نه هٽبا آهن، توهان دڙي جي حد مان نڪري ڀلي نعرا هڻو، باقي ٻيهر هتي نعرو منهنجي ڪن نه پوي!“ فقير اها ڳالھ هڪ ڪن مان ٻڌي ٻئي مان ڪڍي ڇڏي. عرفان صديقيءَ جي صبر جو پيمانو لبريز ٿي ويو ۽ هڪ ڏينهن الاهي فقير جو اڳ جهلي کيس زوردار چماٽ وهائي ڪڍيائين. چماٽ لڳڻ سان ئي فقير نعرو بلند ڪيو: ”ياعلي!“ آفيسر ٻي چماٽ وهائي ڪڍيس، ان تي به هن ساڳيو نعرو هنيو. ڪنزرويٽر کيس هڪٻئي پٺيان ٽي چار چماٽون وهائي ڪڍيون پر هن

جي هر چماٽ تي ساڳي ڪار، ساڳيو نعرو: "ياعلي!" اهو لقاءُ سمورن ملازمن ڏٺو. صديقي هٿ مهٽيندو ۽ چپن ۾ بڙبڙائيندو آفيس روانو ٿي ويو ۽ الاهي فقير تهائين زوردار نعرا هڻندو وچي شبستان هوٽل تي وينو.

ڪنزرويٽر صديقي پٽ جي اولاد جو سڪايل هو. پنهنجي پوڙهي ماءُ، پنجن نياڻين ۽ گهرواريءَ سان دڙي تي رهندو هو. هن جي گهرواري انهن ڏينهن ۾ اميد سان هئي. عجيب اتفاق، جو ان واقعي جي ڪجهه ڏينهن بعد مائيءَ جو ٻار (پُٽڙو) ضايع ٿي ويو. صديقيءَ کي وهم ويهي ويو ته ڪيس الاهي فقير جي بددعا لڳي آهي. پوءِ ته هو پنهنجي پوڙهي ماءُ، گهرواري ۽ پنجن ئي نياڻين کي ميڙ وٺي الاهي فقير کي پرچائڻ آيو. فقير جو نياڻيون ميڙ ٿي آيل ڏٺيون ته روئي ويهي رهيو، چي: "امڙيون، اسان فقير نه ڪنهن کي پٽيندا آهيون، نه ڪنهن ڳالهه جو ڏک ڪندا آهيون!" پوءِ ته عرفان صديقيءَ جو سڄو گهر سندس مريد بڻجي ويو. هر جمعي رات مني ڪني ڪري فقير ڏانهن موڪليندا هئا. جڏهن صديقيءَ جي بدلي ٿي ته الوداعي پارٽيءَ ۾، الاهي فقير کي رنجائڻ جو اعتراف ڪيائين ۽ چيائين ته فقيرن جو حساب ڪتاب، وڻڻ وارو پاڻ وٺي ٿو.

الاهي فقير زندگيءَ ۾ پنج پيرا سيوهڻ واري لال باغ کان لاهوت تائين سفر ڪيو. پنج ئي سفر ريءَ سمر ڪيائين. 1996ع ۾ پهريون لاهوت ڪيائين. سيوهڻ جي حدن ۾ ئي پير رتورت ٿي ويس. پٽ جبل پار ڪرڻ ڪانپوءِ همراهه کي جنهن به ڏٺو، ان کي يقين ٿي ويو ته فقير نه بچندو. ڇهنگڻ واري منزل کان اڳ سندس قافلي جي سالار سيد يتيم شاهه (منهنجي دوست سيد احمد شاهه سوڍي ديري واري جو والد جنهن زندگيءَ ۾ 50 کان وڌيڪ لاهوت جا سفر ڪيا.) سمجهائيندي چيس: "الاهي فقير جبل جو اٽانگوءِ اوکو پنڌ آهي، ڏر ٽتل، ڪوساڪڪرا ۽ نوڪدار پٿر آهن، تنهنجا پير اڳ ئي ڦٽيل آهن. الائجي ڪيترا لاهوتي پنڌ ۾ پورا ٿيو وڃن. ڏاهو ٿي، ڇنگهڻ جي چاڙهي جُتي پائي چڙهه، پوءِ پلي اڳتي لاهي ڇڏجان." اهڙي مت ڏيڻ تي فقير سيد سان ناراض ٿي پيو. چي: "سائين، جتي جات نه پائيندس، باقي تو واري ڇُنگهڻ ڇِنگهندي رهندي ۽ مان اُن جي چوٽ تي پير ڏريندو هليو ويندس." گهڙيءَ کان پوءِ قافلي کي ڪُوچ ڪرڻ جو حڪم ٿيو. سمورا

لاهوتي هڪٻئي پويان هلي پيا. چنگهڻ جي چوٽيءَ تي الاهي فقير جي پچا ٿي. ڪو پتو ئي ڪو نه! سڀ لاهوتي چون: هلي ته اسان سان گڏ پيو، الائجي ڪيڏانهن غائب ٿي ويو! سڏ واڪا ڪيا ويا پر همراهه ليي ئي ڪو نه. سيد يتيم شاهه سميت هر ماڻهوءَ کي پڪ ٿي ته الاهي فقير پيالو ڪري ويو. چنگهڻ واري لاهين لهِي سيد يتيم شاهه الاهي فقير جي ايثال لاءِ دعا گهري. قافلي ۾ پائو لطف، انور ڏنگراڻي، ميهر ابڙي ۽ ميهر فقير سميت ڪوڙ سارا تر جا ماڻهو شامل هئا، جن سفر جي اڳين منزل لطيف جي کهيءَ تي ڏک ۾ ماني ئي نه کاڌي. ان کان پوءِ جڏهن سندن قافلو حاجي ڪنڙيءَ واري منزل تي پهتو ته الاهي فقير جا نعرا ڪن پين. الاهي فقير کي زنده ڏسي سڀ خوش ٿيا. فقير جو چوڻ هو ته "اسان واري قافلي ۾ سڀ زوراور مڙس هئا، اهي هرويرو جتي پائڻ لاءِ تنگ ڪن ها ۽ سفر جو مزو خراب ٿي وڃي ها، ان ڪري مان هڪ ٻئي قافلي سان نڪري پيس."

منهنجي الاهي فقير سان 1990ع ۾ دوستي ٿي. شاهه، سچل ۽ تر جا ڪيترائي ميلا گڏ ڪياسين. هڪ دفعي ته پورو هفتو ڀٽ شاهه جي مور نگر ۾ گڏ رهياسين. ڳوٺ هوندو هو ۽ ڪيس ماني کائڻ تي مجبور ڪندو هئس ته گهٽي ستائڻ تي چوندو هو: "مانيءَ جي اصل ڳالهه نه ڪر، باقي چانور هجن ته ٿورا کٽي آ." جڏهن کائنس ان جو سبب پڇندو هئس ته چوندو هو: "ماني کانوان ٿو ته زال سان صحبت جي سَڌ ٿي ٿئي، ان ڪري ماني کائڻي ئي ناهي." الاهي فقير چانهه جو وڏو موالي هو. آفيم ذري ۽ وزم ٻه چڪيندو هو. بک تي نشا ڪرڻ خودڪشيءَ جو سولو ۽ آسان طريقو آهي، جيڪو هو اختيار ڪري چڪو هو. لچارو ٻه اهڙو جو مرندو مري وڃي، ڪنهن کان ٻه ڪجهه نه گهري.

هڪ دفعي ڀٽ شاهه ۾ گهمندي ڪيس هوٽل تي چانهه پيارڻ وٺي ويس. اسان واري ٽيبل جي سامهون ڪجهه همراهه ويٺا هئا، جن مان ٻه ڄڻا شهري ۽ هڪ پسگردائيءَ جو معلوم ٿي رهيو هو ۽ پنهنجي سڄي ڏينهن جي ڪارگذاري بيان ڪندي پنهنجي دوستن کي چوڻ لڳو: "جڏهن ڪتان ٻه ڪم نه ٿيو، تڏهن سوچيم ته ڀٽ شاهه وڃي جنسي اڄ اجهائي اچان." اهي لفظ ٻڌندي ئي الاهي فقير تبرن ۽ نعرن ۾ شروع ٿي ويو: "تڙ تِپي نياڻي

نماڻيءَ جا مندا، درويش جي آستاني تي برائي ڪندڙ ٽڙ ٽي... اوڙي پاڙي، سيد پير جا بي شناس ٽڙ ٽي!" هوٽل ۾ هاهاڪار مچي وئي. همراهن ڪي چڱي طرح اندازو ٿي ويو ته اها عزت افزائي سندن ٿي رهي هئي. اوسي پاسي جي دڪاندارن ۽ ايندڙ ويندڙ ماڻهن جا ڪن ڪڙا ٿي ويا. همراهه ته مرم ۾ مري ويا. مان چانهه اڌ ۾ ڇڏي اٿي دخل تي پئسا ڏئي، فقير کي ٻانهن کان وٺي ٻاهر نڪري آيس. واپس ايندي چيومانس "فقير سائين! اوهان به صفا لاهي پاهي ٿا بيهو، جنهن تنهن تي تبرو، جنهن تنهن تي لعنت، هلا ٺِي نياڻيءَ جا مندا، اوڙي پاڙي جا بي شناس... اوهان به ته مس سلميٰ ۾ اکيون وڏيون هيون!" منهنجي گستاخيءَ تي ناراض ٿي پيو، جذباتي ٿي چوڻ لڳو "منهنجي مس سلميٰ ۾ ڪا ٻلي واري اک نه هئي، باقي توهان ڪنهن ڪان به پوڇا جو حق ڪسي نٿا سگهو. عشق ٻي شيءِ آهي، هوَس ٻي شيءِ آهي."

موهن جي دڙي تي ساڻس گڏ ڪم ڪندڙن هن کي زندگيءَ ۾ رڳو هڪ دفعو ڪنهن کي سڌيون گاريون ڏيندي ڏٺو. الاهي فقير شبستان هوٽل تي ٽيبل مين واري ڊيوٽي ڪري رهيو هو. موٽر سائيڪل تي سوار نوجوانن جو ٽولو ٽيبل تي اچي وينو. الاهي فقير سندن آڏو پاڻيءَ جو جڳ رکندي پڇيو: "بابا، حڪم ڪيو؟"هڪ نواجون پڇيس: "هتي ڇا ملندو؟" هن ٻاجهاري ٻوليءَ ۾ وراڻيو "بابا، چانهه، بوتل، ماني..." تنهن تي نوجوان چيس "اهي شيون ته اسان وٽ به ملنديون آهن، اسان کي ٻيو ڪجھ کپي." اهي لفظ ٻڌندي ئي فقير ڏمرجي پيو.

اهو منجهند جي مانيءَ جو وقت هو، دڙي جا ملازم ڪئنٽين اندر ماني کائي رهيا هئا، تن جو الاهي فقير جون گاريون ٻڌيون ته سمجهيائون ته ڪوئي فقير سان ٻي واجبي ڪري رهيو آهي. سڀ جا سڀ بورچيخاني مان سونٽيون کڻي نڪري آيا. نوجوانن ٽيهارو ڪن مڙس سونٽين سان جو ايندي ڏٺا ته ڪين سنڌين وارو پويون عقل اچي ويو ۽ هنن الاهي فقير جي پيرن تي ڪري ڪانئس معافي ورتي ۽ پنهنجي غلطي مڃي گوڙي ٿي ويا.

پڇاڙيءَ ۾آفيم ۽ چرس جي واهپي ۽ ٻکون ڪاٽڻ جي ڪري سندس صحت ڏينهون ڏينهن وئي ڪرندي. همراهه کي ويٺي ويٺي چڪر اچي ويندا هئا، هلندي هلندي ڪِري پوندو هو. جڏهن صفا هلڻ چلڻ جهڙو نه

رهيو تہ وارث ڪيس باقراڻي ڪٽائي ويا، جتي 2003ع ۾ وفات ڪيائين.

***

# ڏاڏو ڪلڪل فقير

## ڪِريءَ وارو فقير

ڏاڏو ڪريم بخش عرف ڪلڪل المعروف ڪلو فقير جلالي قلندري درويش هو. سندس سڄو خاندان درگاھ لواري شريف سان لاڳاپيل هو پر هن يار جا پنڌ پري هئا. ڪيئن ۽ ڪنهن جو طالب ٿيو، اها تہ خبر ناهي پر سيوهڻ جي اولادي امير ڪافيءَ ۾ سندس گهڻو اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. هن همراھ کي تر جا ماڻهو "ڪريءَ وارو فقير" ڪوٺيندا هئا. نشي پتي کان بلڪل پري، جتي بہ رهندو هو، اتي ڪنهن مُقام جي ڪنڊ تي آستانو ٺاهيندو هو. مختلف وقتن تي ٻلهڙيجيءَ جي سخي شاھ جمال واري مقام، لاڙڪاڻي پرسان اگهم ڳوٺ جي قبرستان ۽ ٻگيءَ ڳوٺ ٻاهران حمر پير جي درگاھ تي آستانا اڏيائين. پنهنجي مختصر اصولن تي سختيءَ سان ڪاربند رهيو: "ٻني ٻارو بہ ڪبو، سبزيءَ لاءِ واڙي بہ پاڻ ڪبي. پاڻ پچائبو، پاڻ ڪائبو. مسافر مڙي لاءِ مَٽي بہ سائي رکبي."

فقير هوندئن تہ وڏو محبتي ۽ مٽيادار ماڻهو هو پر زال ذات ۽ پنهنجي گهر ڀاتين سان هرگز نہ پيس. گهر ڀاتين ۽ عورتن سان هن جو رويو نہ رڳو سخت پر انتهائي جارحاڻو هو. هن جي ڪِري يا رک اها هئي تہ ماچين، ڪاسائين، موچين ۽ عورتن سان هٿ هرگز نہ مِلائبو. نہ ئي سندن هٿ جي پچايل ماني کائبي. بنا ڇلر واري مڇيءَ توڙي سهي ڏانهن ڏسبو بہ نہ. ڪنهن کي بہ ڪاٻي هٿ سان ڪا شيءِ نہ ڏبي نہ وٺبي. مچ تي ڪنهن کي بہ پير سيڪڻ يا ان ۾ ماچيس جي تيلي توڙي سگريت جو ٽوٽو اڇلڻ نہ ڏيندو.

ڪچهريءَ ۾ ڪنهن ڪي بہ ڪانپ ڪڍي ويهڻ نہ ڏيندو- ڪو هٿن جا مندا ڏئي وينو تہ ان ڪي اهڙي چڙپ ڏبي جو آڏو واري شخص جو هانءُ ڪاڇي ويندو. ڪوشش ڪري بازار جي شيءِ نہ واپرائبي. گيهہ مکڻ بہ ديسي ڪائبو، اهو بہ ڪوشش ڪري اتان وٺبو، جتان اها پڪ هوندي تہ مکڻ ٽاٽڻ وارا صفائي پسند آهن. ڪلڪل فقير ديسي گيهہ جا ٽين آٽي گهر ۾ رکندو هو پر سندس گهر واري جيئن ئي اُن گيهہ سان پاڇي ٿاهي، مکڻ سان مانيون مکي سندس آڏو رکندي هئي تہ هي رڙيون ڪري گهر متي تي ڪٽي ڪٽندو هو: “اڙي، ڏسو تہ رن جا ڪم، منهنجو سڄو گيهہ پاڻ ڪائي مون لاءِ وري ڊالڊا ۾ پاڇي ٿاهي آئي آ!” ائين چئي پاڇي هاري آڪاڙي ڏانهن پنڌ پوندو هو.

جهونڙي جيئن جيئن ڏاڏي ڪلي ڪي سک ۽ آرام پهچائڻ جا جتن ڪندي تيئن تيئن ويندي هئي ڦاسندي. ويچاريءَ جي جان تڏهن ڇٽي جڏهن سندس عمر پوري ٿي ۽ پوءِ ڏاڏي ڪلي بہ سک جو ساهہ ڪنيو. گهر واريءَ جي وفات ڪانپوءِ هن جو سڄو ڏينهن پنهنجي پاڙيسرياڻي مائي خيران سان جهيڙو ڪندي گذرندو هو. پاڙي وارا، فقير وارا اصول تہ اختيار نہ پيي ڪري سگهيا، البتہ فقير جو گلاس ۽ ٻيو سامان وغيره استعمال ڪري وجن پيا. مائي خيران سان جهيڙو چوٽان چوٽ هو، ايتري تائين جو ٻليءَ ڪي ڏسندو تہ ان ڪي بہ چوندو “سچاتو اٿم توڪي، خيران آهين، ٻليءَ جو روپ ڪري آئي آهين!” آستاني تي ڪا ڪٻر ٽيڪيندي تہ ا ن ڪي بہ مخاطب ٿي چوندو: “تون ڪٽي ڪيڏي بہ ڪوشش ڪر پر خيريءَ ڪي ٽيڪي ۾ ماري نٿي سگهين!” يا چوندو: “ڪٻر جي روپ ۾ آهين خيري نياڳي، سڃاتو اٿيمانءِ!”

چون ٿا تہ همراهہ سيوهڻ جي فقيرن لاءِ پنگ چپٽي وٺي رکي ڇڏيندو هو پر ٻئي ڪنهن ڪي همت نہ ٿيندي جو اها ڪانئس گهري سگهي. ڏاڏو ڪلو جيئن تہ قانوني ماڻهو هو ۽ پوليس وارن جي منهن پوڻ نہ چاهيندو هو، تنهن ڪري انتهائي ڪوٽ واري وقت ۾ ڪو شخص اچي اوپاريون لهواريون ڪندي ٻڌائيندو هوس تہ “ڏاڏا، ڳوٺ ۾ پوليس آئي آهي، لڳي ٿو ڪٽي ڇاپو هڻندي.” ان تي ڪلو پنگ سندس حوالي ڪندي رازداريءَ ۾ چوندو هو، “ابا هيءَ چپٽي مون وٽ پئي آ، انهيءَ ڪي تہ ڪٽي گم ڪر!” پوءِ همراهہ اها پنگ ڪٽي موج ڪندا هئا.

ڏاڏو ڪلو، فقير يارمحمد پاران ڳوٺ ۾ مئخانو قائم ڪرڻ تي ناراض ٿي بگيءَ ٻاهران حمر پير جي درگاھ تي آستانو اڏي ويٺو. اگھمن ۾ بگيءَ وارن لاءِ ڪلو فقير خدا جو پھتل بندو ۽ ڪاني ڪرامت وارو درويش هو. بگي ڳوٺ توڙي تر وارا اڄ بہ اها ڳالھ ڪندا آهن تہ هڪ پيري فقير ناري ۾ ٽپو ڏنو ۽ نيڪ ٽئين ڏينهن ساڳي جاءِ تان نڪتو. اها ڳالھ بہ ڪندا آهن تہ فقير ڪي هڪ پيري ڳوٺ جي ماڻهن مينهن وسائڻ لاءِ تنگ ڪيو. سندن زور پرڻ تي فقير چرين وانگر ڪپڙن ڪي لنيون هڻڻ شروع ڪيون. اوچتو بادل پرجي آيا ۽ ٺھ ٺھ مينهن ٺمڻ لڳو. ٽوپا، ترايون تار ٿي ويون تہ بہ بادل بس نہ ڪن. نيٺ وري ڳوٺ جا ماڻھو فقير وٽ پھتا ۽ کين مينهن بند ڪرڻ لاءِ عرض ڪيائون، جنهن تي فقير چينِ تہ مينهن بند ڪرائڻ منهنجي وس ۾ ناهي، اچو تہ گڏجي ڏٽيءَ ڪي ٻاڏايون. اهي ڳالهيون بگي، ٻنڊي ۽ آسپاس وارن ڪيترن ئي ڳوٺن جي رهواسين ڪي اڄ بہ زبان تي آهن. اهو اتفاق بہ ٿي سگھي ٿو، ڇاڪاڻ تہ اسان جا سادڙا سنڌي هر پير بزرگ يا درويش سان اهڙا معجزا منسوب ڪندي دير نہ ڪندا آهن. فقير ڪي بگيءَ جي هڪ عقيدتمند ٿي جريب زمين ڏني هئي، جنهن جي سالياني اُپت اَن جي صورت ۾ پهچندي رهندي هئي. هاڻي اها زمين سندس پونئيرن اصل وارثن ڪي وڪٽي ڏني آهي. اهڙي طرح اگھمن جي ڳوٺ ۾ بہ فقير ڪي عقيدتمندن چار جريب زمين ڏني هئي، جيڪا بہ سندس وارث وڪٽي چڪا آهن.

ڪجھ عقيدتمندن جو خيال آهي تہ سائڻ عابده پروين ڪي ڪلي فقير جي دعا هن منزل تي پهچايو آهي. عابده پروين جي امڙ ممتاز بيگم حمر پير جي درگاھ تي حاضري پرڻ ايندي هئي ۽ ننڍڙي عابده بہ ساڻس گڏ هوندي هئي، جنهن ڪي فقير گھڻو پيائيندو هو. ٻارن سان تمام گھڻو پيار ڪندو هو. ٻلھڙيجيءَ جي پيرزادن جا ٻار فصل جي ٻارين واري موقعي تي ڪانئس ان وٺڻ ويندا هئا. هر ٻار ڪان پيءُ جو نالو پڇي، ان ڪي بہ چار گاريون ڏئي ٻارن ڪي ان ڏيندو ويندو هو.

ڏاڏي ڪلڪل 1984ع ۾ اٽڪل پنجھتر ورهين جي جمار ۾ وفات ڪئي. کيس ٻلھڙيجيءَ ۾ سخي شاھ جمال جي روضي جي اوڀارئين پاسي جاءِ ڏني وئي.

***

# ڪاڪو پريمچند

## روادار سنڌ جو روح

ان ڏينهن منهنجي پياري دوست معصوم سنديلي جي والد چاچا حبيب الله فون ڪري هڪ ڪتاب “ڪالڪي اوتار” ڳولڻ لاءِ چيو. پاڻ رڳو ڪتاب جو نالو ٻڌايائون، ليڪڪ جو نالو شايد ان وقت کين ياد نه هو. خبر پئي ته اهو ڪتاب هڪ هندو ليکڪ پنڊت ويد شرما سرڪار دو عالم ﷺ جن جي شان ۾ لکيو آهي. فضلي سنز ڪراچيءَ پاران ترجمو ڪرائي شايع ڪيل اهو ڪتاب ته نه ملي سگهيو پر استاد خالد وٿان ايتري سا خبر ضرور پئي ته جاٽايل ڪتاب ۾ مسلمانن جي نبيءَ سڀوري ڪي ڪل عالم جو اوتار سڏيندي پراڻن گرنٿن ۾ سندن اچڻ جون اڳڪٿيون بيان ڪيون ويون آهن. هڪ هندو ليکڪ پاران ڪيل اهڙين ڳالهين تي مون ڪي گهٽي حيرت نه ٿي جو مون اها ڳالهه پهريون پيرو نندي لاڪر ڪاڪي پريم چند ڪان ٻڌي هئي.

ڪاڪو پريم چند چا ته شخص هو. ڳالهائي ته وينو ٻڌجيس. منهنجي سنڌ جو سيڪيولر روح سمايل هو منجهس. هو سيني مذهبي پيشوائن جو هڪجيترو احترام ڪندو هو. ان ڪري سيني مذهبي ڏڻن تي سرگرم رهندو هو سواءِ قربانيءَ واري عيد جي، جو ان ۾ رڳو ڪٽارو ۽ ڪوس آهي ۽ هن شخص ڪڏهن رت ڏٺوئي نه هو. گهڻو پڙهيل لکيل نه هو، صرف سنڌي فائنل پاس هو پر هن ڪي استاد اهڙا مليا هئا جن ڪيس انسانيت جو سبق ڏنو، جيڪو هن پنهنجي دل جي ڦرهيءَ تان ڪڏهن به ميسارجڻ نه ڏنو. ڪاڪو پريم چند 1925ع ڏاري ڳوٺ خير محمد آريجا ۾ پيدا ٿيو. جنس جو واپار

ڪندو هو، ان ڪري اسانجي تر واري ڪڇي جي ڳوٺن ۾ گهڻو ايندو هو ۽ رهندو اسانجي اوطاق تي هو. سراپا ويشنو هو، ڪڏهن نہ ماس چکيائين، نہ تہ گهڻا هندو دوست رڳو وڏي گوشت کان ٿارو ڪن، اهو بہ ننگر فقر ۾ هلي ويندو آهي پر ڪاڪو پريم چند آنو بہ نہ ڪائيندو هو. شايد اهو ئي سبب هو جو پڇاڙيءَ تائين ڳاڙهو ڳٽول ۽ هشاش بشاش رهيو.

ڪاڪو پريم چند ڪچهريءَ جو مور هو. ڳالهہ ڪرڻ جو ڏانءُ هئس. هر ڳالهہ تمثيل ۾ ڪبي. ڪچهريءَ ۾ مهاڀارت، رامائڻ جا قصا، روميءَ جون حڪايتون ۽ اڪبر ۽ بيربل جا ٽوٽڪا بہ ٻڌائيندو رهندو هو.

هڪ دفعي ارباب ممٽاٽيءَ ڪي سودي ۾ مينهن ڏنائين. ممٽاٽي مينهن ڪاهي رات جو گهر ٻڌي. صبح تي جو ساري تہ مينهن مئي پئي آهي. هن جا تاڪ نڪري ويا. چوراٽيون ستون سِٽڻ لڳو. وڏيرن ننديرن، پاڻاريدارن، ڪاٽڪن توڙي چڳن مَنن ڪي دانهن ڏنائين. سيڪو ڪيس چوي تہ سودو تي چڪو هو، ڳالهين ۾ اسان ڪٽل آهيون پر آڏو بہ ممٽاٽي هو. اسان جي تر ۾ مشهور چوڻي آهي تہ "ممٽاٽيءَ مان مُور واٽيو وٺيندو ڪين ڪي." نيٺ فيصلو ٿيو. فيصلي ۾ سيني ڪاڪي پريم ڪي سچو قرار ڏنو. ان جي باوجود ارباب آخري چال چلندي سامهون واري مسجد مان پلو سونهارو ڪٽي پهتو - ڪاڪي پريم قرآن ڪي ڏسندي ئي پنهنجي ڪنن ۾ ڪٽي هٿ وڌا ۽ وڏي آواز ۾ چوڻ لڳو: "اري! هن کان قرآن شريف وٺو- مان مينهن مان هٿ پٽيا!" پوءِ ڪاڪي پريم قرآن شريف جي مڃائيءَ لاءِ ڏهہ رپيا بہ ڪيي ڏنس. مرندي مري ويو وري اها ڳالهہ زبان تي نہ آندائين. ڪاڪو پريم گفتي جو پڪو هو. خام لفظ زبان مان نہ نڪرندو هئس. خوش مزاج ۽ ڪرو انسان هو.

هڪ پيري اسانجو هڪ ويجهو عزيز عشر ڪاميٽي جي اليڪشن ۾ بيٺو. تر جا همراهہ ٺهيل نہ هئس. ورڪ تي نڪتو، چي: ادا آيو ووٽ لاءِ آهيان، ڪنهن ڪي بہ ڪونہ پرچائيندس. ڪير ووٽ ڏئي تہ ڏئي، نہ ڏئي تہ وڃي "اٺ" تي چڙهي.... اليڪشن خير سان ٿي. همراهہ وڏي مارجن تان هارايو. ڪاڪي پريم چيس: "وڏيرا ڏي حوال، هاٿي اٺ تي تون چڙهي وئين يا ووٽر؟"

ڪاڪو پريم هئو بہ سخن بي ريا، جيڪا ڳالهہ دل ۾ آيس، اها چئي

ڏيندو، پوءِ پلي ڇا ته ٿئي. هڪ دفعي اسان جي تر جي هڪ وڏيري ڪيس بنگلي تي گهرائي چيو: "يار مان ٿورو ڪٽي پيو آهيان، ڪيسن هٽي ڪنگال ڪري ڇڏيو آهي. گهٽا نه فقط پنج ڇهه لک ڏي." ان وقت لک رپيا به وڏا هئا، ڪاڪي چيس: "بهرحال وڏيرا سائين! توهان ڪيترا به ڪنگال هجو، پوءِ به مون ڪان سگها آهيو... آئون پئسن ڏيڻ جهڙو ناهيان." وڏيري چيس: "مان توڪان اڌارا ٿو گهران، اوڌر جي ماءُ ناهي مئي." نيٺ سڌو جواب ڦهڪائيندي چيائين "وڏيرا پلي توهان اوڌر گهرو پر واپس نه ڪندؤ، فلاڻن فلاڻن ڪان پئسا وٺي واپس ڪيا اٿؤ؟ اهي ته وڏيراءِ ڏاڍا مڙس آهن، انهن جي پيٽ ۾ مان ته ڪچي پنڊي آهيان."

ڪاڪو پريم ڪجهه عرصو سڳين شهر ۾ به رهيو، اتي دڪان کوليائين. هي اهڙو وقت هو جو سڳين جي شهر ۾ دڪان کولڻ يا ڏنڌو ڪرڻ ڏکيو ڪم هو جو اهو شهر ڪچي پرسان هئڻ ڪري ڌاڙيلن جي نشاني تي هو. پر ڪاڪي پريم کي ڪوبه خوف نه هو. آخري پيرو ٻلهڙيجيءَ ۾ ساڻس ملڻ ٿيو. همراهه ڪجهه پوڙهو ضرور ٿي ويو هو پر ٽاڪنگ پاور ساڳيا ئي هئس. ان ڏينهن چوڻ لڳو ته "سچي زندگي مزي سان گذاري آ، باقي هڪ ڪمي رهجي ويئي، جو مون اجا تائين مرشد نه ورتو آ، ان سلسلي ۾ منهنجي مدد ڪيو. اهڙي ماڻهوءَ جو ڏس ڏيو جيڪو روحاني دولت سان سرشار هجي." تڏهن مون پنهنجي تر جي هڪ مشهور پير جو نالو ڪنيو ته ڪلي چيائين: "ان ڏانهن ويو هئس پر مطمئن نه ٿيس" هن ماهر ڳالهير وانگر قصو ڪٽندي چيو: "مان سائينءَ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، هٿ ملايائون. ان بعد مون ڪان تعارف پڇيائون. جڏهن مون پنهنجو نالو پريم چند ٻڌايو ته سائين جن ناراض ٿي چوڻ لڳا: "توهان مون کي اڳڀاڻ رکيو، مون کي خبر نه هئي ته اوهان هندو آهيو، ورنه مان اوهان سان هٿ نه ملايان ها. اصل ۾ آئون غير مسلمانن سان هٿ نه ملائيندو آهيان." تڏهن مون هٿ ٻڌي عرض ڪيو: "قبلا، اسان ٻڌو هو ته سائين جن جسماني طور هِٽ هوندي به نماز مڪي پاڪ ۾ ادا ڪندا آهن پر اوهان ته مون کي به سڃاڻي نه سگهيؤ ته آئون هٿ ملائڻ جي لائق به آهيان يا نه!"

***

# پنهل فقير ابڙو

## ملاڻڪي گهر ۾ مولائي

مان ملوڪ شاهه جي ميلي تي ملاکڙو ڏسڻ لاءِ وڃي رهيو هئس ۽ هو ميلي مان واپس ڳوٺ ڏانهن اچي رهيو هو. پڇيومانس "فقير، اهڙو شاندار ملاکڙو ڇڏي واپس وڃي رهيا آهيو، خير ته آهي!؟" چيائين: "يار! وڏي شوق سان ملاکڙو ڏسڻ ويو هئس پر ملهه هڪٻئي کي اهڙا ڏک ڏئي رهيا هئا، جو مان ڏسي نه سگهيس. ابا! ٻه جوان ته اصل ڏندڏچي ويا. توهان پهلواني ڏيکاري هڪٻئي کي ڪيرايو يا ڏک ڏيئي هڪٻئي جا هڏ گڏ ڀڃي ڇڏيو! هيءَ مولىٰ واري پهلواني ته نه ٿي، سراسر ظلم ٿيو!" پنهل فقير ڪنهن جو ڏک ڏسي نه سگهندو آهي. هر ماڻهوءَ سان پاڪر پائي ڪيس نور جهان جي ڳاني واري دعا ڏيندو آهي: "سلامت رهو ميري وطن ڪي نوجوان."

پنهل فقير ابڙو ٻلهڙيجيءَ جي ابڙا برادريءَ جي چڱي مڙس حاجي حسين ابڙي جو ننڍي ۾ ننڍو پٽ آهي. 1930ع ڌاري ڄائو. حاجي حسين 1984ع ۾ 120 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. وفات وقت ٻه سندس سمورا ڏند سلامت هئا. ساڳي وقت ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وارا حواس ٻه سالم هئس. پنهنجي ٻني ٻاري ۽ مال رزق وارو ماڻهو هو. سندس وڏو پٽ عبدالهادي هڪ مدرسي مان سند وٺي حافظ قرآن ۽ پنهنجي پاڙي واري مسجد جو پيش امام ٿيو. هن ڳوٺ ۾ مسلم اسڪول جو بنياد رکيو، جيڪي ان وقت ساليانې گرانٽ تي هلندو هو ۽ پوءِ سرڪاري پرائمري اسڪول ٿيو. استاد عبدالهاديءَ جي ڪري سڄو خاندان مُلان سڏجڻ لڳو، ڇاڪاڻ جو نڪاح ٻه اهي پڙهندا هئا ته جنازي نماز ٻه. ڳوٺ ۾ ختما ٻه ڪانئن ڏياريا ويندا هئا ته ٽڪيون ٻه اهي وٺندا هئا. سائين عبدالهاديءَ جو پٽ ملان لطيف پنهل فقير جو سن هو،

جيڪو اڳتي هلي پيءُ جو جانشين بڻيو. ملان عبدالهادي ۽ ملان لطيف ظاهري شريعت جا پابند هئا پر پنهل فقير دين ڌرم کان دور هو.

ملان عبدالهادي اعلان ڪيو ته ”هاڻ برادريءَ جي ڪنهن به ڪاڄ ۾ دهل نه وڄندو، جو اها بدعت آهي، شريعت ان کي حرام قرار ڏنو آهي، اڄ ڪانپوءِ جنهن به ڪاڄ تي مگڻهار گهرايا انهن سان ڪاٽڻ پيئڻ ختم!“

برادري ان علان تي ردعمل ظاهر ڪري ئي ڪري، ان کان اڳ ئي پنهل فقير اهڙي پابندي نه قبوليندي ان جي پرپور مزاحمت شروع ڪري ڏني- ڇاڪاڻ جوهن کي ننڍي کان ئي اهڙن فقيرن جي صحبت نصيب ٿي هئي، جن جو راڳ سان روح هو. پنهل فقير لاءِ به راڳ ويراڳ افضل عبادت جو درجو رکي ٿو ۽ ان سان ساز لازم ملزوم آهي. ان معاملي ۾ حاجي حسين پنهنجي ننڍي پٽ پنهل جو ساٿ ڏنو، ايئن دهلن دمامن تي پابنديءَ واري اعلان تي عمل نه ٿي سگهيو.

پنهل فقير 1930ع ڏاري پيدا ٿيو. غير فطري ورهاڱي وقت سترهن ورهين جو نوجوان هو. ورهاڱي کان اڳ جيڪي به ڳوٺ ۾ راڳ جون محفلون ٻڌيون هئائين، انهن جو ايئن ذڪر ڪندو هو جڻ هاڻي هاڻي ٻڌي آيو هجي. 1960ع کان اڳ واري ڪنهن فنڪار جي رڳو ”ها“ ڪن پويس، تڪ ان جو نالو ڪڻندو.

ڏاڏو پنهل قد ۾ ننڍو ۽ صفا سوتليءَ جهڙو مڙس هو پر جنهن ڪم ۾ هٿ وجهندو، ان کي پورو ڪري ساهه پٽيندو. سڄي ڄمار هارپو ڪيائين، گهر به هلايائين ته نشا پتا به واهه جا ڪيائين. جڏهن پرپور فقير ڳوٺ ۾ مئخانو قائم ڪري رهيو هو، تڏهن ملان عبدالهادي، ملان عبداللطيف ۽ ٻين سندس وڏي مخالفت ڪئي. همراهه هر حوالي سان پرپور کان ڏاڍا هئا، جڏهن ته شهر جا چڱا مڙس ۽ سيد به ملن سان ٻڌل هئا. ان وقت پنهل فقير پرپور جو پرجهلو ٿي بيهي رهيو، ايستائين جو صبح جو نند مان اٿي اڇي پرپور فقير سان مئخاني ۾ ويهندو هو ۽ رات جو دير سان گهر موٽندو هو. هي يار سڄو ڏينهن فقير سان رياضت ۾ هوندو هو. وٽن جا چلها ڪيڻ، ٻوٽا پوڪڻ، انهن کي پاڻي ڏيڻ، لوڙهو ڏيڻ جهڙن ڪمن جو پاڻمرادو ذمو کڻي ورتو هئائين. پرپور فقيرکي ڪير به ڪجهه نه چئي سگهيو، همراهه وفد ٺاهي وري حاجي

حسين وٽ پهتا، جنهن وري به پنهل جو پاسو ڪنيو ۽ پنهنجي وڏي پٽ عبدالهادي کي چيو "جيئڻ اوهان کي شرعي زندگي گذارڻ جو حق آهي، تيئن پرپور ۽ پنهل کي به فقيراڻي زندگي گذارڻ جو حق آهي!!" ان ڪان پوءِ ٻنهي فقيرن جي جند آجي ٿي.

پنهل فقير نشا به ڏاڍا ڪيا. آفيم ذري به واپرائيندو آهي ته ڦوڪڙي به پريندو آهي. هڪ ڏينهن سنگت کي چانهه پيارڻ جي صلاح ڪيائين. همراهه کي سرنهن به پوکٽي هئي. سرنهن جو ٻج ۽ ڪنڊ ڪٽي گهران نڪتو. ٿوري دير بعد چُنگيون هٽي واپس آيو ۽ چانهه ٺاهي سنگت کي پيش ڪيائين. همراهن چانهه جو ڍڪ پري چيس: "فقير چانهه مٺي ته ناهي!" نهه پهه وراڻيائين: "سرنهن ٻج سان چانهه مٺي ڪيئن ٿيندي! لڳي ٿو ڪنڊ جون چنگيون هٽي آيس." اوهان سمجهندا هوندا ته اهو رات جو ٽاٽو هوندو، ان ڪري فقير اوندهه سبب سرنهن ۽ ڪنڊ ۾ فرق نه ڪري سگهيو پر اهڙي ڳالهه نه هئي، اهو ڏينهن جو وقت هو پر پنهل فقير جون به شاهن فقير منگيءَ وانگر هر وقت اکيون ذري گهٽ ٻوٽيل هونديون آهن.

شاهن فقير جي به کهڙي ڳالهه ڪجي! هڪ ڏينهن ڏاڪو ڪن ماٿهو ڪٽ تي هڪ لاش ڪٽي ڪچي واري اسان جي اوطاق تي پهتا. خبر پئي ته اهي بگيءَ جا ابڙا هئا، جن وٽ رات جو شاهن فقير منگي پيالو ڪري ويو ۽ اهي سندس لاش وارثن کي پهچائڻ لاءِ سڀيئن ڪٽي وڃي رهيا هئا. شاهن فقير جڏهن لٺ هٿ ۾ ڪٽندو هو ته ايئن لڳندو هو جڻ لٺ کي هٿ ۾ لٺ هجي پر هن پيري فقير ڪانڊين کي صفا ساٽو ڪري وڌو. درياهه تي ڪين بُڪ به ڏاڍي لڳي. پنڌ به واريءَ جو هو. همراهه مانجهاندو ڪرڻ ۽ ڏينهن ٺارڻ لاءِ اسانجي اوطاق ڏي لڙيا. اجا به ڪين ڇهه ڪلوميٽر پنڌ ڪرڻو هو. بگيءَ وارا همراهه به واقفڪار هئا ته شاهن فقير سان به وڏن ڪان وٺي سنگت هئي، اسان وٽ اڪثر ايندو رهندو هو. هڪ پيري ته پورا ٻه سال اسان جي ڳوٺ ۾ آکهه سميت اچي رهي پيو. اسان جي ناني مرحوم موالي فتح محمد پيرزادي کٽ تي پيل مڙهه جو منهن ڏسي پنهنجا ڪيسا ڦتولڻ شروع ڪيا ۽ آفيم ذري ڪڍي ڳاري شاهن فقير جي وات ۾ وجهي جڻ انتظار ڪرڻ لڳو. وات ۾ پاڻي پوڻ سان فقير ٿورو چريو پُريو. نانو موالي ڍڪ پائي گهران ٻيو

آفيم بہ ڪٽي آيو، اهو بہ هن جي وات ۾ وڌائين تہ فقير چاپا ڏيڻ شروع ڪيا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي اٿي ويهي رهيو. ڪانڌين ڪي شاهن فقير جي بچڻ جي خوشي گهٽ پر پنڌ ڪان ڇٽڻ جو ڏاڍو اطمينان ٿيو. شام ٿيندي ئي همراهہ واپس وريا پر ڪٽ اسان وٽ ڇڏي ويا. شاهن فقير هفتو ڪن اسان وٽ رهيو پيو هو.

شاهن فقير منگي سڳين جو وينل هو. اهي ڏنبائي فقير سڌيا آهن ۽ پاٽي پڙهندا آهن. تر جي پاڳين جو مٿن اهڙو تہ اعتقاد وينل هو جو جڏهن سندن مال ۾ بيماري پوندي هئي تہ علاج بدران فقيرن ڪان وٽاڻ پڙهائيندا هئا. شاهن فقير کي هڪ اپري گهوڙي هوندي هئي، جيڪا ٻن ڪلاڪن جو پنڌ سجي ڏينهن ۾ مس ڪري سگهندي هئي. آفيم هوندو هئس تہ ٺيڪ ٺاڪ هوندو هو، ختم ٿيندو هئس تہ پاڻ بہ ختم ٿي ويندو هو. فقير وڏيڪ بہ ورهيہ زندهہ رهيو. پر شايد ويجهن عزيزن کي تڪليف ڪان بچائڻ جي خيال ڪان هن قسم ڪٽي ڇڏيو هو تہ درياهہ جي ساجي ڪنڌيءَ تي دم ڏيندو، نيت ٿيو بہ ائين.

پنهل فقيرن نشن ۾ هڪ دفعي "پير فقير يا علي مدد" چوڻ بدران "پير پير ڪدر" چئي سنگت ڪان موڪلايو، جنهن تي سندس حجائتا دوست ڪيس ڪارڙو تتر ڪوٺيندا هئا. اسان جي ڳوٺ ٻاهران ڪجهہ وقت پئرا ملٽري فورس وارن ڪئمپ قائم ڪئي. اهلڪار پتڻ تي ايندڙ ويندڙ مسافرن جي تلاشي وٺندا رهندا هئا. تر جي ماڻهن کي تنگ ڪندا هئا. ڏاڙيلن سان وڙهڻ سندن منشور ۾ ئي نہ هو، ڏاڙيلن ۽ ڳوٺاڻن ۾ بظاهر ڪو فرق نہ هو: روايتي سنڌي ڏاڙهيون، وڏا شهپر، ڊگهيون قميصون، وڏيون شلوارون، سنڌيءَ ڪان سواءِ ٻي ٻولي نہ ڳالهائين، نہ وري سمجهن. هڪ دفعي پنهل فقير دڳ تي ملي وين. ڪين هٿيار بہ ساڻ نہ هئا. هنن فقير ڪان پُڇيو، "چاچا! اهي فورس وارا ماڻهن کي تنگ تہ نٿا ڪن؟" پنهل فقير ڪين سجاڻي نہ سگهيو ۽ چيائين: "ابا ماڻهن سان انهن ڪيو آ آزار، اصل غريب غربي جو... پٽي ٿا وجن، اهڙا تہ بڪيا آهن، جو غريبن ڪان ڪڪڙيون بہ ڪسيو وٺن." اهي پنهل فقير جو سچ برداشت نہ ڪري سگهيا ۽ ڪيس ڏاڍي سخت تشدد ڪيائون.

ڏاڏو پنهل ٻارن وارا روپ ڪندو آهي، ڪڏهن رنگين ڪاغذن جي نهيل ٽوپي پائيندو آهي، ڪڏهن ڪاغذي هار ڳچيءَ ۾ پاتل هوندا اٿس. ڪڏهن

انتهائي سادن مٽين جي مالھا ڳچيءَ ۾ پيل هوندي اٿس. نوجوانن کي کيڏندو ڏسي مستيءَ ۾ اچي هڪ آئٽم پيش ڪندو آهي: منڍي هيٺ ڪري هٿن جون تريون زمين تي ڪُپائي ڄنگهون مٿي ڪري جيترو وقت چاهي بيهي سگهندو آهي. هن کي ڏسي ٻيا نوجوان بہ ايئن ڪرڻ جي وڏي ڪوشش ڪندا هئا پر ڪڏهن ڪامياب نہ ٿيا. پنهل فقير کي ٽي پٽ واحد بخش، الاهي بخش ۽ علي گل آهن، جن مان واحد بخش فوت ٿي چڪو آهي. فقير جا سمورا پٽ بہ پوٽن ڏوهٽن وارا آهن. ***

# مريد، جهانگي ۽ ميرل

## ماڇين ۾ معتبر

مريد، جهانگي ۽ ميرل ماڇي اسان جي ڳوٺ جا اوائلي فنڪار هئا. مريد فقير يڪتاري تي ڳائيندو هو. جهانگي پڪواز ۽ ميرل گھاگھر وڄائيندو هو. چوندا اُهي ئي صوفين واريون ڪافيون هئا. ٽنهي جي پنهنجي پنهنجي طبيعت هئي. مريد، فقير هئڻ سان گڏ واڍڪو ڪم به ڪندو هو ته ڳوٺ وارن جو مهاڙ تي مال به چاريندو هو. صبح جو اٿي مال ڪاهي نڪرندو هو، ڊڪاٽڪن اوزارن جي هڙ به پٺاڙن سان ٻڌل هوندي هيس. جهنگ ۾ مال ڇڏي، ڪنهن وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهي سڄو ڏينهن واڍڪو ڪم ڪندو رهندو هو. شام جو مال ورائي واپس موٽندو هو ته پاڻ سان گڏ ڏوئيون، مانڌاڻيون، دال منديئڙا ۽ ٻيون شيون ٺاهيون ڪنيون ايندو هو، جيڪي ڳوٺ جا ماڻهو ڪانئس گهران خريد ڪري ويندا هئا. ڊڪاٽڪي ڪم سان گڏ مريد فقير ڪارا به ٺاهيندو هو، ساڳئي وقت مڇيءَ جي شڪار جو به وڏو شوقين هوندو هو. ٻئي پاڻر مريد ۽ جهانگي پارئي سان گڏجڻ ماريندا هئا ۽ سڄي سڄي رات درياهه تي وينا هوندا هئا. پارئو گودي جهڙو هڪ قسم جو رڇ آهي، جنهن سان گڏجڻ جو شڪار ڪيو ويندو آهي.

مريد فقير مال تان موٽڻ ڪان پوءِ هٿ منهن ڌوئي فقير يار محمد جي مئخاني تي اچي ويهندو هو. ان وقت اتي ڪو نه ڪو شوقين ريڊيو چالو ڪيو وينو هوندو هو. هي گهڙي ڪن ريڊيو ٻڌي پوءِ چوندو: ”هاڻ جهٽ گهڙي ريڊيو بند ڪر ته مان به ڪافيون چئي وٺان.“ ايئن به چار ڪافيون ڳائي

حقو ڪٽي ڪنڌ وٺي ويهي رهندو هو.

فقيرن جا گهر سخي شاهه جمال جي درگاهه پرسان آهن. 1936ع کان اڳ اهي شاهه جمال ڳوٺ ۾ به درگاهه جي پرسان ئي وينل هئا، اهو ڳوٺ درياهه پائي ويو. اتي به درگاهه جا مقرر راڳي ڪريم بخش ڀعڻ ۽ مريد فقير هوندا هئا. مريد فقير انتهائي غريب هئڻ جي باوجود پنهنجي برادريءَ جو چڱو مڙس هو. هنن جا باقراڻي، ڀيڙي چانڊئي، حاجي مشوري، ڳيريلي ۽ ڍوڍن (هالاڻي) ۾ ويجها مائٽ وينل هئا، سيني جو چڱو مڙس مريد ماڇي هو. برادر ۾ جتي به ڪاچ ٿيندو اتي مريد فقير، اچو پٽڪو پائي ڏاڍا رنگ روغن ڪري، دهل ڪٽي پهچي ويندو هو. مايون سهرا ڳائينديون ۽ جهمريون هڻنديون رهنديون هيون ۽ مريد فقير سندن وچ ۾ بيٺو دهل وڄائيندو هو. مائين جي محفلن ۾ گهڻي دلچسپي ۽ مصروفيت جي ڪري برادر جي فيصلن ڦڙن ڪي  گهٽ ٽائيم ڏيئي سگهندو هو، ان ڪري هن اها چڱ مڙسي پنهنجي سؤٽ ميرل ولد هاشم جي حوالي ڪئي پر ڪاڄن تي دل سان دهل وڄائڻ واري ڪرت تيسين بند نه ڪيائين، جيسين سندس هٿن هلڻ نه ڇڏيو.

هاشم فقير جو پاءُ جهانگي به مريد فقير وانگر هڏڪاٺ ۾ هيٺو مڙس هو. اچو پٽڪو ٻڌندو هو. سڄو ڏينهن ٻنيءَ تي هوندو هو. صبح جو ڏسندا هئاسين ته حقو ڪٽي گهران نڪرندو هو، هڪ ٻڪري سندس پٺيان پئي ويندي هئي ۽ شام جو ساڳي جوڙ سان واپس ورندو هو پر جڏهن فصلن ۾ لابارا پوندا هئا ته ڪٽ ڪٽي ٻنيءَ تي رکندو هو. حقو به ساڻ هوندو هئس ته ٻڪري به. چانهه جي طلب ٿي ته ٻڪري ڏُهي اُتي ئي چانهه ڪبي. ماني گهران پهچندي هئي. زرعي مشينري اڃا ڪانه آئي هئي، لابارن کان وٺي ٻنئيءَ تائين جهانگي  فقير حقي ۽ ٻڪريءَ سان گڏ ٻنيءَ تي هوندو هو. مجال آ جو ڳوٺ اچي. ان دوران نڪمٽا دنگئي هاري پنهنجي ٻنين تي ويندا ئي نه هئا، ڪڏهن ڪڏهن چڪر هڻندا هئا. هيڏانهن جهانگي فقير وري ٻنيءَ مان نڪرندو ئي نه هو، جڻ ته سيني جي ٻنين جو سماءُ ڪندو هو. ان جي عيوض هن جي ٻڪريءَ کي هر ڪنهن جي پوک مان پيل جي اجازت هوندي هئي. جهانگي ڳوٺ موٽندو ته فقير يار محمد جي مئخاني تي اچي ويهندو هو.  جهانگي پڪواز وڄائيندو هو.

ميرل ماڇي سندن سؤٽ هو. هي بہ سنهڙو سيپڪڙو مڙس هو. ايريگيشن کاتي ۾ مقدم هو. بچاءَ بند تي ڊيوٽي هوندي هيس. بند سان ائين پيار ڪندو هو، جيئن ماءُ پنهنجي ٻار سان ڪندي آهي. ڪنهن بہ ڏنار کي جرئت نہ ٿيندي هئي جو بند تي ڍور چاڙهي، پلي ڪنهن پوتار جو ماڻهو ڇو نہ هجي.

بچاءَ بند جي هيٺان ڪچي سڙڪ هوندي هئي، جنهن تان سواريون گذرنديون هيون تہ رڳو ڌوڙ پئي وسندي هئي. موٽر گاڏيون نہ هيون. ويجهي سفر جو سؤکو ۽ سنو ذريعو ٽانگو هو. ٽانگن وارا ڪڏهن ڪڏهن عام سڙڪ ڇڏي، بند تي چڙهندي ئي اصل سنجي ويندا هئا. ميرل، اهو نہ ڏسندو هو تہ ٽانگي تي ڪو پوتار يا وڏيرو سوار آهي. لٺ جو ڦهڪو هوندو هئس، ان ڪري ٽانگن وارا ڪچي سڙڪ وٺي هلندا هئا. جيڪڏهن ڪين بند تي چڙهڻ لاءِ چئبو هو تہ ٽانگي وارن جو هڪ ئي جواب هوندو هو: ”پوڙهي ڏسي ورتو تہ مصيبت ۾ پئجي ويندا سين.“

اسان جي تر جو مشهور زميندار موسيٰ خان ٻگهيو بہ پيرا ايم پي اي بہ ٿي رهيو هو. هڪ پيري ٽانگي تي چڙهي گاجي ديري روانو ٿيو. ٽانگي واري جڏهن ڊسڙ منجهان ڪچي سڙڪ ورتي تہ وڏيري موسيٰ خان ڪيس بند تي چڙهڻ لاءِ چيو. ٽانگي واري لنوائيندي چيو: ”سائين، پوڙهو بيلدار ڪنهن کي سڃاڻي ئي نٿو، ڏک هڻي ڪٽي منهنجو نقصان نہ ڪري وجهي.“ وڏيري موسيٰ خان جي زور پرڻ تي ٽانگي وارو بند تي تہ چڙهيو پر اجا ٿورو ئي اڳتي مس هليو تہ ميرل ماڇيءَ جي نظر پئجي ويس. اتان ئي ٽانگي واري کي گاريون ڏيندو ڊڪندو آيو. هن کي ڏسندي وڏيري ٽانگي واري کي چيو: ”واقعي يار، هي ٻئي قسم جو ماڻهو ٿو لڳي، هاڻ تون سائيڊ سان ٽانگو بيهار تہ مان ٿو ڳالهايانس.“ موسيٰ خان ڪجهہ اڳتي وڌي ساڻس تعارف ڪرايو، جنهن بعد ڪين بند تان وڃڻ جي اجازت ملي. ڪاڪو ميرل هر روز صبح شام بند تي چٽڪار ڪندو هو. ان وقت سڃي تر ۾ ڏوڪري پوليس اسٽيشن هوندي هئي. پوليس وارا ٽانگن تي بند سان وڃڻ کي پنهنجو موروثي حق سمجهندا هئا پر ميرل ماڇي ڪين ڪڏهن بہ بند تان وڃڻ نہ ڏنو.

اڄ بہ ان دؤر جا ملازم ڪاڪي ميرل جون سارونٽيون سارينداا رهندا

آهن تہ هو ڪيئن نہ بيلدارن جي ڪري آفيسرن سان اٽڪي پوندو هو ۽ ڪين چوندو هو تہ اوهان جي عزت هي ننڍا ملازم بچايون وينا آهن، اوهان وري انهن جي بيعزتي ٿا ڪريو! ڪاڪي ميرل ڪان اڳ وارا ملازم برابر اهڙا هئا پر هيءُ ان دؤر جي جڻ تہ آخري نشاني هو، ان ڪان پوءِ تہ بچاءَ بند لاوارث، ڇورو ڇنو ۽ ندڙڪو ٿي پيو آهي. ميرل جي هوندي بند تي نمن مان ڪو ماڻهو ڏندڻ ڀڃڻ جي جرئت بہ نہ ڪري سگهندو هو. ان ڪان پوءِ تہ بيدرديءَ سان نہ رڳو وڻ وڍجي ويا پر انهن جا لاھ بہ ڪڍي وڪرو ڪيا ويا. ڪاڪي ميرل جي هوندي ڪو ڍور بچاءَ بند تي نہ چڙهندو هو. ان ڪانپوءِ تہ پاڳيا ڏٽن جا ڏڻ بندن تي ويهارڻ لڳا. تڏهوڪي دور ۾ بند مضبوط هوندا هئا، هاڻ تہ سڄو بند گهارا گهارا لڳو پيو آهي ۽ ان مٿان ڌوڙ اڏامندي رهي ٿي.

مريد فقير کي ٽي پٽ جاڙو خان، ڏٽي بخش ۽ جواڻ علي ٿيا، جيڪي هاڻي هن دنيا ۾ نہ رهيا آهن پر سندن خوش مزاجيءَ جا قصا هلندا رهندا آهن. جهانگيءَ کي بہ پٽ ملوڪ ۽ احمد ٿيا. احمد کي ايئرپورٽ سڪيورٽي فورس مان برطرف ڪيو ويو ۽ ملوڪ موهن جو دڙو اٿارٽيءَ مان ننڍي ملازم جي حيثيت ۾ رٽائر ڪيو آهي. ميرل کي بہ پُٽ محمد هاشم ۽ فيصل هئا، جن مان ننڍو فيصل وفات ڪري ويو آهي، جيڪو پيءُ وانگر گهاگهر وڄائيندو هو. وڏو ٽوٽائي مڙس هو.

اسان جي ڳوٺ ۾ ماڇي برادريءَ مان مريد، شريف ۽ گابر اڄ بہ ڪچهريءَ جا ڪوڏيا ۽ اڪابر مڃيا ويندا آهن، جيڪي اسان واري اڳين پيڙهيءَ ڏٺا، جن لاءِ اجا بہ هيءُ پهاڪو ٻڌڻ ۾ ايندو آهي تہ:

ماڇين ۾ معتبر اهڙا
مريد، شريف، گابر جهڙا.

# انو ابڙو

## تاندي تپڻو پکوازي

راڳ هلندي هن جي هٿن جون آڱريون وڄت مطابق حرڪت ۾ هونديون هيون. ڳُر تي ڪلهي ۾ ڪند جو اهڙو استعمال ڪندو هو جو سامهون ويٺل ڪان بي اختيار ڪل نڪري ويندي هئي. هن ڪي ڏسي ايئن لڳندو هو ڄڻ همراهه ڪڏهن به اَنُ چکيو ئي ناهي، جو هڏن تي ماس ئي ڪونهيس. نالو هئس علي انور ابڙو پر هڪ جيڏا "انو" ۾ اسان ڪيس "ڪاڪو انو" ڪوٺيندا هئاسين.

سر ۾ سنگيت جو شائق هي شخص نرالي طبيعت جو مالڪ هو. هئو ته هڏڙن جي مٺ پر هئس جانيي جا پاڙي! ٿوري ٿوري ڳالهه تي چاٻي ڪٽندو ۽ آپي مان نڪري ويندو، جيڪو لفظ زبان تي آيس ڦهڪائي ڪيندو پر ويرم نه گذرندي ته سڀ ڪجهه وساري ويهندو، ڄڻ ڪجهه ٿيو ئي نه هو... پر اسان کي لُڙ ۾ مزو، سو هُن جي غصي، غضب، ڪاوڙ ۽ ڪروڌ واريون ڳالهيون سندس ئي آڏو وينا ورجائيندا هئاسين. ڪاڪو انو سُر سنگيت ۾ مڱڻهارن جو ماڻهو هو. ورهيه گڏ گذريا هئا، سو ماضيءَ جي بي ضرر رنج رسامن جون يادون ڪڏهن ڪڏهن نيڻ آلا ڪري ڇڏينديون آهن.

انو، ٻلهڙيجيءَ جي وڏيري خاڪي ابڙي جو ننڍو پٽ هو. سندس هڪ ڀاءُ وڏيرو نواب ابڙو جوانيءَ ۾ ملهه پهلوان ۽ باقي عمر ملهه راند جو سرپرست ٿي رهيو. سندس ٻيو ڀاءُ قادن ابڙو ڪاٽڪو مڙس هو، جنهن سکر سينٽرل جيل ۾ پساهه پورا ڪيا. انو ٻنهي ڀائرن جي ابتڙ هاري، پورهيت ۽ مالوند ماڻهو هو.

ڪاڪو انو 1950ع ڌاري ٻلهڙيجيءَ ۾ پيدا ٿيو. سنڌي ٻه درجا مس پڙهي سگهيو، پوءِ پنهنجو مال چارڻ لڳو. ان وقت اسانجي ڳوٺ ۾ استاد

علڻ، ميهر فقير ۽ مزني فقير جو جوڙ هوندو هو، جن جي سنگت ۾ انو ٻه راڳ کي آڏا ابتا جاننا هٽڻ لڳو. فنڪارن کي پيچو ڳارائيندو هو. اڳتي هلي هن، ڳائڻ تان ڌيان هٽائي پکواز ۾ دلچسپي ورتي ۽ پکواز ٻه جوانيءَ کان پيريءَ تائين اهڙي وڄايائين جو نه وڄائي ها ته پلو! ان جي باوجود همراهه ڳائڻن جي مجبوري بڻيل هو، ڇاڪاڻ جو مزني فقير جي مُئي پڄاڻا ڳوٺ ۾ پيو ڪو پکوازي ئي نه ٿيو.

پهريان ئي عرض ڪيم ته همراهه هئو ٽانڊي تپٽو. هڪ دفعي ٻاهران آيل مهمان هن کي سندس وڏو پاءُ قادن سمجهي ساڻس چرچو ڪيو، جنهن تي هي چڙي پيو ته مهمان کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو، سو ڪيس صحيح سڃاڻي چوڻ لڳو: "اڙي ابا، تون طبلائي آهين، يار معاف ڪجانءِ! مون توکي قادن سمجهيو. ادا طبلائي، واقعي توسان پنهنجي اهڙي حجت ناهي." ان ڳالهه تي ڪاڪو انو ويتر باهه ٻڻجي اُلا اوڳاڇڻ لڳو، باقي سڀ ماڻهو کل ۾ ٻُٽيا پيا هئا.

ٻئي پيري پر واري ڳوٺ جو هڪ فنڪار يڪتارو ڪلهي تي ڪري ٻلهڙيجي پهتو. پيو ڪو سازيندو ساڻ نه هئس. ڪاڪي ان کي ساڻس سنگت ڪرڻ لاءِ راضي ڪيو. ان ڏينهن معمول جي ابتڙ ڪاڪي اني ٻه وڏا وس ڪيا. محفل ختم ٿيڻ تي فنڪار جي ٿي ڦِٽي، سو ڪچهريءَ وارن کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو: "اڃا وڄتو مزي وارو نه هو، نه ته محفل اور ٿئي ها!" هن جو اهو گفتو ڪيڻ ۽ ڪاڪي اني جو تِوائي ٿيڻ! چي: "تو وري کهڙيون تانون ويتي هنيون. جهڙي نموني مون ڪلها پٽي هنيا، اهڙي نموني تو ٻه ٻوٻراٽ پٽي ڪيا. بي سُرا، يڪتاور ڪنيو پنندا ٿا وتو. اڙي، هجو ها فنڪار ته هنڙيو ساڻ هجيوَ ها!" ويچاري فنڪار ڪٽي ماٺ ڪئي پر هي يار اصل جهلجي ئي نه.

هڪ دفعي گاجي کهاوڙ جو فقير حسين لاشاري اسان جي ڳوٺ ۾ آيو، جيڪو ڪنن کان گهبرو آهي ۽ ڳائڻ جو علم ٻه نه اٿس. نه ئي وري کي آواز ئي چڱا اٿس. ملوڪ شاهه جي درگاهه تي محفل جاري هئي. گُر گسڻ مهل حسين فقير چيس: "ڳالهه ٻڌ، اسان سان جيڪو پکوازي گر تي گسندو آهي، تنهن کي چماٽ وهائي ڪيندا آهيون!" ڪاڪو انو صفا ڳاڙهو ٿي ويو. ٻئي

هٿ حسين فقير جي ڳچيءَ ۾ وجهندي چيائين: “اسان کي ٻه جيڪو ائين چوندو آهي، ان جي ڳچي پڪڙيندا آهيون!” حسين فقير جا دوڏا نڪري آيا. نيٺ اسان وچ ۾ پئي کين ڇڏائي ورتو.

هونئن ڪاڪي اني جي هٿ ۾ بنھ مزو نہ هو پر ڳُر جو پڪو هو. هڪ ڏينهن استاد علڻ جي مئخاني تي ٻارهينءَ جو وار هو. ڪاڪو انو پکواز ڪٽي پھتو پر ڪو ڳائڻ وارو موجود نہ هو. نيٺ هڪ شوقيہ فنڪار ديدار انصاري ڳائڻ لاءِ تيار ٿيو. ڳائيندي، ديدار جو ڳُر تي نہ آيو تہ ڪاڪي کيس ڇڙٻ ڏئي چيو “اڙي، اهو ڇا ٿو ڪرين!” ديدار پنهنجي غلطي تسليم ڪندي چيو “انا، معاف ڪجانءِ!” “معاف ڪجانءِ” جا لفظ ٻڌندي ئي ڪاڪو پاٽيءَ مان نڪري ويو، چي: “ڪهڙو منهنجو خون ڪيو ٿِي، ڪهڙا ڏندا هنيا ٿِي جو معاف ٿو ڪرائين يا مان ڪهڙو توکان پنان ٿو جو معافي ٿو گهرين!” ويچاري ديدار جيئن تيئن ڪري جان ڇڏائي.

ڪاڪي اني ڏهاڪو ورهيہ ڳوٺ ۾ هوٽل بہ هلائي. 1985ع ۾ مهين جي دڙي تي واپڊا اسڪارپ جي هڪ پروجيڪٽ ۾ ڪچو ملازم ٿيو. اڳتي هلي ڪجھ ملازم واپڊا ۾ ضم ٿيا، باقي ماڻهن کي نوڪرين تان جواب ڏنو ويو. ڪجھ ورهين کان پوءِ ڪاڪي اني کي مُهين جو دڙو اٿارٽيءَ ۾ ٻيهر ڪچي ملازم طور پرتي ڪيو ويو. عمر گذري ويس پر پڪو نہ ٿيو، اها ٻي ڳالھ آهي تہ مستقل ٿيڻ لاءِ همراھ پنهنجي عمر بہ اٺ ورهيہ گهٽ لکرائي هئي. شادي دير سان ڪيائين، گهر واري جلد گذاري ويس. هن کي ٻہ پٽ ٿيا، جيڪي پنهنجي ناناڻن وٽ ٻير واري ڳوٺ ڊِنڊ ۾ رهيا ۽ هيءُ پنهنجي ياءُ ۽ ڀائٽن سان گڏ رهيو. هن آسودائپ بہ ڏٺي تہ غربت ۾ بہ گذاريو. عمر جي آخري حصي ۾ ٻہ ڪو نہ ڪو ڊور هوندو هئس، جنهن جي لاءِ گاھ پٽي جو انتظام ڪرڻ جڻ سندس ڊيوٽيءَ ۾ شامل هو. هڪ پراڻي سائيڪل هوندي هيس، جنهن تي چڙهي ڊيوٽيءَ تي ويندو هو ۽ اتان سنگت ساٿ سان ڪچهري ڪري ڪانئن گاھ وٺي سائيڪل تي رکي واپس ڳوٺ پهچندو هو.

هڪ ڏينهن اسان مئخاني ۾ ويٺا هئاسين جو ڪنهن ٻڌايو تہ ڪاڪو انو سائيڪل تان ڪِري بيهوش ٿي ويو آهي. استاد اختيارِ ممتاز موٽر سائيڪل تي چڙهي وٽس پهتا، تيستائين ڪاڪو انو سامت ۾ اچي چڪو هو پر

سائيڪل هٿ تي ڪاهيون پئي آيو. همراهن ڪانئس سائيڪل وٺڻ جِي ڪندي پرجهلو ٿيندي پڇيو: "ڪاڪا ڇا ٿيو؟"هن، سندن سهڪار قبولڻ بدران همراهن جي چڱي خاصي لفظي مرمت ڪئي: "اڙي، ڇاٿيو آ مونکي؟ تماشائي پيٽان. هاٽي وڃي سڄي ڳوٺ کي ٻڌائجو. بي حيا، بي شرم!" سائين اختيار ۽ ممتاز چڳائيءَ جي بدلي ڇڙپ ڪائي پيلڙو منهن ڪري واپس موٽي آيا.

ڪاڪي اني ٻه پيرا سيوهڻ کان لاهوت لامڪان جو پيادل سفر ڪيو. اسان سان شاهه، سچل، لال شهباز قلندر ۽ ٻين ميلن ملاکڙن تي هلندو رهندو هو. ڪلاسيڪل راڳ جو وڏو شوقين هو. شاهه، سچل ۽ مصري شاهه جي شاعريءَ جو شائق هو. ٻين نوجوانن جي ڀيٽ ۾ سائين اختيار ۽ مون سان سُٺو هلندو هو. اسان ڪيس پنهنجي پسند جي موضوع تي ڦيري ٽلهه ٻڌي پوءِ ڇرچا ڪندا هئاسين، جنهن کان پوءِ سندس ڇڙ ختم ٿي ويندي هئي ۽ ڪوڙي کاوڙ ڏيکاريندي اڪثر چوندو هو: "آهيو ماستر، باقي سڌريا ڏاڍا آهيو!"

2015ع جي آخر ڌاري قوم پرست شاگرد اڳواڻ حفيظ پيرزادي جي گرفتاريءَ تي ڳوٺاڻن ڀرپور احتجاج ڪيو. ٺيڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ رينجرز ڳوٺ تي وري ڇاپو هنيو. جمعي جو ڏينهن هو، ملوڪ شاهه تي جمعي جي محفل ٿي رهي هئي. رينجرز خوف پکيڙڻ لاءِ فائرنگ ڪئي، ڳالهه هُلي وئي ته سڄي ڳوٺ جي تلاشي وٺندا. ڪاڪي اني جي کيسي ۾ وزم ذري پيل هئي. همراهه جهنگ جي خيال سان اٿي روانو ٿيو. محفل ختم ٿي. خبر پئي ته ڳوٺ ۾ خير آ، رينجرز به واپس وڃي چڪي هئي. اني گهر وڃڻ بدران ڪٻڙ جاچڻ شروع ڪيا. صبح تي خبر پئي ته همراهه، ٻڌجڻ جي خوف کان اهو وزم، پنج هزار رپيا روڪ ۽ پنهنجو سڄاٽپ ڪارڊ ڪٿي پوري رکيا هئا، جيڪي ڪو شاهينگ اتان ڪڍي ويو. پوءِ ته جڏهن به اسان اها ڳالهه ڪندا هئاسين ته ڪاڪو انو ان چور جي ابن ڏاڏن کي پيو ياد ڪندو هو.

هڪ ڀيري ٻنڊيءَ جي موسن شاهه واري درگاهه تي ڪاڪي اني کي ڪنڊ هٽندي ڏسي ڪجهه شرارتي ڇوڪرن مذاق ڪرايس ته: "اوهان جي محفل ۾ وڏو مزو آيو، اسان کي ايڊريس ڏيو، اوهان جي دعوت ڪنداسين."

ڪاڪو انو بہ ڳالھ سمجھي ويو، ته پھ چيائين: “اسان بي سرن جي دعوت ناھيون قبوليندا.” آخري وقت تائين جوھر جھڪا نہ ٿيس، جنھن بہ پڇيس “انا ڪيئن آھين؟” ان ڪي چڙي جواب ڏنائين: “اڙي، ڪو نپٽ انڌو آھين، نياڳا! ڏسين ٿو تہ ڪٽ تان لھي نٿو سگھان، پاڻ ڪٽائي ٿو پھچان ۽ تون پڇين ٿو تہ ڪيئن آھين!؟” وصال کان ٿي ڏينھن اڳ اھڙي گفتگو ويھارو ڪن ماڻھن سان ڪري چڪو. مان جڏھن ساڻس مليس تہ اھي سڀ ڳالھيون ڪلندي ٻڌايائين، چوڻ لڳو: “يار! سمجھان ٿو تہ اھو غلط ٿو ڪيان پر پنھنجي وس ۾ ناھيان، ان ڪري پنھنجا چوڪرا ڀاڪرا بہ پڇي وڃن ٿا. ھڪ بہ پيرا ڪاوڙ ۾ پنھنجا وار بہ پٽيا اٿم. ڇا ڪيان، بس، ٿيو وڃي.” ان ڏينھن بہ اسان جي ڪچھريءَ جا موضوع حسن، عشق، سُر سنگيت ۽ پنھنجي ڳوٺ جا پراڻا فقير ۽ سندن قصا ھئا. آخر ۾ ھن مون کي چلم پياري وڃڻ جي اجازت ڏني.

4 جون 2016ع تي اسد جتوئيءَ جي ياءُ جي وھانءُ تي محرابپور ۾ مون کي ڪاڪو انو ڏاڍو ياد اچي رھيو ھو. پاڻ پلي کھڙو بہ وڃتو ھجي پر گند ڪندڙ فنڪار لاءِ شامت ھو ۽ ان جي سٺي “عزت افزائي” ڪري ڇاڻندو ھو. اسان رات جو اڍائي وڳي محرابپور مان اٿي ڊنڍ ڳوٺ ۾ صوفي سھڻي فقير جي محفل ٻڌي سج اڀاري نڪتاسين. ڳوٺ پھتاسين تہ ڪاڪي اني جو پاڻٽيو اعجاز مليو، جنھن ٻڌايو تہ چاچو اڳ جي پيٽ ۾ رات مزي سان ھو. ڏاڍا چرچا ڪري سڄي گھر کي ڪلايائين. اڌ ڪلاڪ نہ گذريو جو خبر پئي تہ ڪاڪو انو بہ ويو ڏيھ ڇڏي! مان اُتي سندس تدّي تي آيس. پنج منٽ ڪن وينو ھوندس تہ موبائيل جي مئسيج ٿون وڳي. علي حسن جو مئسيج ھو: “اڄ اسان کان اياز جاني جدا ٿي ويو!” ڪنھن ڏاھي واقعي صحيح چيو آھي تہ: “زندگيءَ جي گلستان جو مالھي موت آھي، وڻيس تہ پڪا پٽي، وڻيس تہ ڪَچا!”

***

# شير محمد ناجي ڀُٽ

## صوفي منش قانوني ماڻهو

ناجي ڀُٽ جا وارث سندس لاش ايڪسائيز پوليس لاڙڪاڻي جي آفيس مان ڪڻائي آيا. مرحيات جي جسم تي تشدد جا واضح نشان هئا. بي موت ماريل هي شخص پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن سان ٺڪي جي به بي واجبي برداشت نه ڪري سگهندو هو ۽ انصاف ڏيڻ تائين قانوني ويڙهه جاري رکندو هو.

شير محمد ناجي ڳوٺ جو سماجي ورڪر ۽ ايماندار سياسي ڪارڪن هئڻ سان گڏ فارسيءَ جو ڄاڻو، تصوف جي راهه جو پرخلوص پانڌيئڙو، علم ادب سان چاهه رکندڙ ۽ فقير دوست انسان هو. 1926 ڌاري ڏوڪري تعلقي جي ڳوٺ غلام حسين ڀٽ ۾ پيدا ٿيو. شروعاتي تعليم ڳوٺ جي ملا مڪتب مان ۽ فائنل جو امتحان ٿاڙين جي اسڪول مان پاس ڪيائين. شير محمد ناجيءَ جو تصوف سان خانداني تعلق هو، سندس وڏڙا درگاهه لواري شريف جا مريد هئا. ان حوالي سان هي به ناجيه جماعت جي رنگ ۾ رڇيل هو. سدائين سفيد ڪپڙا پائيندو هو ۽ جيڪا ٽوپي مٿي تي هوندي هيس ان تي ناجيه جماعت جو نشان "ڪل" لکيل هوندو هو. همراهه ناجيه جماعت ۾ به سرگرم هوندو هو ته سرڪاري آفيسن توڙي ڪورٽن جا چڪر به هڻندو رهندو هو. سدائين سائيڪل تي سوار هوندو هو. جيڪڏهن وڏيڪ پڙهي پوي ها ته پڪ سان بئريسٽر ٿئي ها پر ان جي باوجود ڪيس قانون جي وڏي ڄاڻ هئي. قانون جي ڪتابن جي مطالعي سان گڏ قانون جي عملي نفاذ جو مظاهرو به ڪندو رهندو هو.هر قسم جي ناانصافيءَ جي سخت خلاف هو. بيواجبي پاڻ

سان ٽئيس يا ڪنهن ٻئي سان، هن ڪان برداشت نہ ٿي سگهندي هئي ۽ ان جي سدباب لاءِ فورن عدالت سان رجوع ڪندو. رڳو خبر پويس تہ فلاڻي ماڻهوءَ فلاڻي سان بي واجبي ڪئي آهي. ڏٺيءَ ڪي ڪن نہ ڄَن، شيرمحمد ناجي ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏيندو. اڳتي هلي پلي تہ ٻئي ڌريون پاڻ ۾ ٺهي بہ وڃن پر هن يار جو سڪون قتل هوندو. ڪنهن دڳ سوريو، ڪنهن سرڪاري پلاٽ تي لوڙهو ڏنو، ڪنهن رستي تي گند اڇلايو يا پاڻي ڇڏيو تہ دبي درخواست ڪري ڇڏيندس. ان ڪري ڪي ماڻهو ڪيس ڪورٽ جو ڪينئون بہ سڏيندا هئا، جنهن جو اندازو هن مان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ هڪ ڳوٺ جا ڪتا بہ چار پيرا سندس پويان پيا تہ انهن جي مالڪن تي بہ ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيائين.

ورهاڱي ڪان پوءِ ڪيس دادو ڪئنال تي مقدم جي نوڪري ملي. همراهہ جيئن تہ صفا ايماندار شخص هو، هوڏانهن هندن جي وڃڻ ڪان پوءِ اهو ڪاتو رشوت جو ڳڙهہ بڻجي ويو هو. هن، اهڙي عمل خلاف سالن جا سال اڪيلي سر مزاحمت ڪئي. پنهنجي ڪاتي جي ڪيترن ئي آفيسرن مٿان درخواستون ڪيائين. ڪيترن ڪي ڪورٽن ۾ گهليائين پر وريس ڪجهہ بہ ڪونہ. نيٺ نوڪري ڇڏي ڏنائين، چي: ”پلي بک پرم جي، شل نہ وڃي شان.“ رشوت وٺڻ ۽ ڏيڻ ڪي ڪبيرو گناهہ سمجهندو هو. بس، هن اسلامي جمهوري ملڪ ۾ هاڻي تہ اهڙا چند انسان باقي وڃي بچيا آهن جيڪي بنيادي ۽ اخلاقي اصولن تي عمل ڪندا هوندا، نہ تہ گهڻائي ان جي بنهہ ابتڙ آهن.

صدر ايوب خان جي دور ۾ هيءُ پنهنجي ڳوٺ غلام حسين ٻٽ جي ڳوٺ سڌار تنظيم جو چيئرمين چونڊيو. ان پليٽ فارم تان هن ڳوٺ ۾ ميٽنگون ڪوٺايون، اسٽيج ڊراما ڪرايا، جنهن ۾ مختلف ڪاتن جي آفيسرن کي بہ گهرائيندو رهندو هو. ڳوٺ سڌار تنظيم کي ان دور ۾ مختلف جنسن جا ٻج، پاڻ ۽ ماڙا سانَ ڏنا ويندا هئا. هن کي جيڪو بہ ڪجهہ مليو، ان جو تنظيم کي مڪمل حساب ڪتاب ڏنو. ڪنهن ٻئي تي ڪا ذميواري رکي وئي تہ ان ڪان بہ چڪي حساب ورتائين. شير محمد ناجيءَ جي شروع ۾ سياست سان ڪا بہ دلچسپي نہ هئي. سڄو زور سماجي ڪمن ۽ ناجيہ جماعت

جي اجتماعن تي هوندو هئس. درگاهه لوار شريف جو آخري غير تڪراري گادي نشين پير گل حسن به ڪيس گهڻو پائيندو هو. هو ڪيس نالي سان سڏائيندو ۽ زيارت لاءِ ايندڙ سندن ڳوٺ جي مريدن کان شير محمد جو ضرور پڇندو هو.

سرائي شير محمد کي سياست ۾ ذوالفقار علي ڀٽي آندو. ايوب خان جي ڪابينا کي خيرباد چوڻ کان پوءِ ڀٽي عوامي رابطا مهم شروع ڪئي ته ڳوٺ غلام حسين ڀٽ ۾ به آيو. مرحبائي تقرير شير محمد ڀٽ ڪئي، جنهن ۾ هن تر جي ڪجهه مسئلن جو ذڪر ڪيو ته ڪي قانوني مسئلا به ڇيڙيا. تقرير ۾ هن هڪ فارسي شعر پڙهي، ان جي تشريح ڪئي ۽ تمثيلي نقطن کي نروار ڪيو. ڀٽو صاحب سندس تقرير مان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ هن پنهنجي خطاب ۾ ناجي ڀٽ جي تعريف ڪندي چيو ته "مون کي حيرت آهي ته ڪنڊاون لوڙهن واري هن ننڍڙي ڳوٺ ۾ هيڏي دماغ وارو ماڻهو رهي ٿو." ان موقعي تي هن ڀٽي صاحب کي سندس مرحوم پاءُ امداد علي خان ڀُٽي جا اُن ئي ڳوٺ جي هڪ ماڻهوءَ ڏانهن لکيل خط ڏيکاريا. ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي مرحوم پاءَ جا هٿ اکر ڏسي روئي پيو. چيائين "هي رڳو پ پ ڪارڪنن جو ڳوٺ ناهي پر هي منهنجي پائرن جو ڳوٺ آهي." ان کان پوءِ ناجي ڀُٽ کي پ پ يونٽ صدر مقرر ڪيو ويو. ڀٽو ملڪ جو صدر ٿيڻ کان پوءِ به سندن ڳوٺ آيو ۽ اُن پيري به هن ناجي ڀُٽ جي صلاحيتن جو اعتراف ڪندي ڪيس مخاطب ٿي چيو "چڱو جو مون سان اليڪشن خان بهادر کهڙي وڙهي، جيڪڏهن توڪي اميدوار بيهارين ها ته مان نه کٽي سگهان ها..."

4 اپريل 1979 کان وٺي زندگيءَ جي آخري ڏينهن تائين ناجي ڀٽ، ڀٽي جي ايثال ثواب جي لاءِ روزانو خيرات ڪندو رهيو. ائين نه هو ته ڪو هو روزانو ديڳيون لاهيندو هو، بس پاڙي جا ڪجهه ٻار گڏ ڪري انهن کي طاهري پَت ڪارائي دعا گهري گهر روانو ڪندو هو. ڀٽي جي ڦاهيءَ کان پوءِ ڇهن مهينن تائين روزانو قرآن جو ختم ڪيندو رهيو. چون ٿا ته قرآن پاڪ ناظره پڙهندو هو پر ايترو تڪڙو پڙهندو هو جو چوڏهن پندرهن سيپارا ٻن اڍائن ڪلاڪن ۾ پڙهي پورا ڪندو هو، باقي اڌ قرآن سڄي سنگت کي پڙهڻو پوندو هو. ڪجهه سيپارا حفظ به ٿيل هئس.

پڇاڙي وارن پنجن ورهين ۾ وڏي رنگ ۾ اچي ويو هو. اڪثر ماڻهو پوڙهائپ ۾ آدم بيزار ٿي پوندا آهن پر هن اچي نوجوانن تي آر رکيو: ڪچهريون، مارڪا ۽ ڊاڙ ٺڪاڙ ... نوجوانن جي خدمت ايئن ڪري جڻ اهي دس تان آيل هجن. هوندا سڀ پاڙيجا، پائنيا ۽ سوٽن ماساتن جا پٽ هئس يا انهن جا سنگتي ساٿي. ڪچهريءَ مان ڪو ماڻهو ڪٿل هوندو ته اصل وهلور پيو ويندو: "چو پلا فلاڻو همراهه اجا نه پهتو آهي، خير ته اٿس نه...؟" هر هر سندس پڇائون ڪندو. نوجوان اوطاق ۾ ويٺا هوندا، هي ماني ڪٽي ايندو. ڇوڪرا چوندس: ماما اسان جي گهر ماني رکيل آ، اها وڃي کائينداسين يا ڪو چوندس: چاچا، مان گهران کائي آيو آهيان ته هي چوندو: گهران کائي آيا آهيو ته به هتي کائو، جي گهر ماني رکيل اٿوَ ته اها به وڃي کائجو پر منهنجي ماني اوهان کي کائڻي پوندي.

ناجي بٺ پاڻ ته زندگيءَ ۾ ڪو به نشو نه ڪيو پر پڇاڙيءَ ۾ اهڙو موالي دوست ٿيو جو نه ڪو ٿيو، نه ٿيندو. مختلف قسم جون دٻليون کيسن ۾ پيل هونديون هيس. ڪنهن دٻيءَ ۾ ناس هوندي ته ڪنهن ۾ نسوار. ڪنهن ۾ پن جون ٻيڙيون پيون هونديون ته ڪنهن ۾ امل ۽ چرس ذري سانڍي رکيل هوندي. جنهن شيءِ جو موالي نظر آيس، ان لاءِ اها دٻلي کلندي هئي. جيئن ته ڳوٺ ۾ اڪثر موالي غريب هوندا هئا، جن لاءِ پنهنجن پئسن مان نشو وٺڻ مشڪل هوندو هو، اهڙن غريبڙن جا اصل ٺٺ ٿي ويا. ٻاڙائيءَ واري صورتحال ۾ اهي ڪو نه ڪو بهانو بڻائي صدا هڻندا هئا ته سندن مشڪل حل ٿي ويندي هئي. اها سخاوت ئي سندس اجل جو ڪارڻ بڻي. 1985 ۾ هن سائيڪل ڇڏي ياماها موٽر سائيڪل ورتي. ان تي لاڙڪاڻي کان ڳوٺ اچي رهيو هو جو چنا پل تي ايڪسائيز پوليس سندس تلاشي ورتي ته هن وٽان قسمين قسمين دٻليون هٿ آيون. هڪ دٻليءَ ۾ چرس ذري به پئي هئي، نه سير نه پاءُ، نه آنو، نه اڌ آنو. تن ڏينهن شهرن ۾ اڏا سرعام هلندا هئا، جيڪي مٽين مُنهن منشيات هلائيندا هئا پر قانون جي رکوال اهلڪارن کي ناجي ئي وڏو ڏوهاري سمجهه ۾ آيو، ان ڪري ڪيس گرفتار ڪري لاڙڪاڻي ڪٽي ويا. جيئن ته هي به ڊجڻ وارو ماڻهو نه هو ۽ اهلڪارن جي مودبانه گفتگو به جڳ کي ساري پئي آ. ٿي سگهي ٿو ته هن مزاحمت ڪئي هجي ۽ اهلڪار

جي ڪنهن ڳجهي ڏک ۾ سندس ساهہ جو پکيئڙو پرواز ڪري ويو.

هي اهو زمانو هو جڏهن پ پ اڳواڻ پنهنجون ضمانتون ڪرائڻ مان فارغ نہ هوندا هئا، تن هن غريب ۽ سچي ڪارڪن جي وارثن جي ڪا بہ مدد نہ ڪئي. سندن وارثن ايڪسائيز اهلڪارن خلاف ڪيس داخل ڪيو، جنهن ۾ هنن مشهور وڪيل محمود شاهہ جون خدمتون حاصل ڪيون. محمود شاهہ جوابدار ڌر کان پئسا وٺي هن صوفي منش جو خون ئي لوڙهي ڇڏيو.

# سرائي عبدالرحمان ٻٽ

## مشهور سگبان

سرائي عبدالرحمان ٻُٽ مشهور سگبان هو. پيٽ گذر لاءِ هارپو مجبوري، باقي سرس شوق شڪار سان هئس. ڪتن جي لوڏ هوندي هئس. عام ماڻهوءَ لاءِ ته اهي مڙيوئي ڪتا هئا پر شوقين فيصلو نه ڪري سگهندو هو ته سندس کهڙو ڪتو صفا پلوءِ کهڙو ڪتو ٻين ڪان ڪسو آهي؛ مطلب ته هن جي لوڏ جو هر موتيئڙو لک لهندو هو. هونئن هيءُ به چئن گهرن جو چڱو هو پر مالي حيثيت مستحڪم نه هئس. گذران تنگ نه هئس، تڏهن به ايترو سکيو هرگز نه هو، جيترا آسودا سندس صحبتي هئا.

سنڌ ۾ شڪاري ڪتن جا شوقين گهڻو ڪري مير، وڏيرا، پير، رئيس ۽ پوتار ٿيندا آهن، چاڪاڻ جو ڪتي ڪي ڪارائڻ پيارڻ ۽ ان جي ٽهل ٽڪور ڪرڻ غريب غربي جي وس جي ڳالهه ناهي ان جي باوجود جيڪڏهن ڪو غريب اهڙو شوق ڪري ٿو ته اهو وڏي دل گڙدي وارو ماڻهو چئبو. سرائي عبدالرحمان جو جنون جي حد تائين شوق ڏسي ڄاڻ سڃاڻ وارا شوقين ڪيس هڪ پل به پري نه ڪري سگهندا هئا. اهڙن امير شوقينن ۾ راڻيپور وارو مشهور شاعر بزرگ سيد صالح شاهه ۽ سيد احمد شاهه به شامل هئا. هونئن ته هي ڪنڊياري تعلقي جي پيپري ڳوٺ وارن پيرن جو مريد هو پر صالح شاهه سان سندس وڏو قرب هو. اهو تعلق شاهه صاحب جي وفات بعد سندس پٽ ميران سائينءَ سان به جاري رکندو آيو. ساڻن گڏ ڪڏهن ڪوٽ ۾ سوئر تي ڪتا ڇڏيندو هو ته ڪڏهن سير واري ٻڇ تي جهنگ ۾ هوندو هو.

ڪتا هن جون ڳالهيون سمجهندا هئا. چون ٿا ته هڪ پيري سندس

ڪڪڙ ڪو گدڙ ڪٽي ويو. اها ڳالهه جنهن وقت گهر وارن ڪيس ٻڌائي، ان مهل هو ڪتي ڪي ماني وجهي رهيو هو. گهر ڀاتين جي اها ڳالهه ٻڌي سرائيءَ چيو "اصل ۾ ڪتا پڙوا نه هجن ته گدڙ ڪي ڪهڙي طاقت آ جو گهران ڪڪڙ ڪٽي وڃي." اهو ٻڌي هن جو هڪڙو ڪتو مانيءَ مان منهن ڪڍي گهران نڪري ويو. رات ٿي پر ڪتو نه موٽيو. سرائي به وڃي سمهي پيو. صبح جو اٿي ڏسي ته گدڙ ٻنيءِ تي مئو پيو آهي. هن جي غيرتي ڪتي ان گدڙ کي ماري گهلي گهر جي ڪڙهه تي آڻي ڦِٽو ڪيو هو! شايد اهو ئي سبب هو جو ڪتا به ڪيس ڀاتين جهڙا پيارا هئا. سرائي ڪنهن به ماڻهوءَ کي پنهنجو ڏاريل ڪتو نه ڏنو. چون ٿا ته پاڪستان جي پهرين جمهوري دور جي هڪ وڏي وزير هن جو هڪ ڪتو ڪوٽ ۾ وڙهندو ڏسي ڪيس چيو "هن ڪتي جا پئسا ڳالهاءِ، ڪيترا ڏوڪڙ وٺندين؟" ان تي هن نهه پهه جواب ڏنس ته "صاحب، ڪتي جي قيمت سڱ آهي." اهڙو غيرمتوقع جواب ٻڌي حاڪم جا تاڪ لڳي ويا ۽ غصي مان وڃي پنهنجي گاڏيءَ ۾ چڙهيو. ڪن ڏينهن کان پوءِ سرائيءَ جو پنهنجن مائٽن سان ڦڏو ٿي پيو، جيڪي سنڌ جي ڪهنه مشق شاعر پير ذوالفقار راشديءَ جا مريد هئا. شاهه صاحب پنهنجي مريدن جو پاسو ڪٽندي هن مٿان ڪيس ڪري ڪيس گرفتار ڪرايو. همراهه جيئن ئي گرفتار ٿيو ته وڏي وزير کي به ڪنهن ڪن ۾ ڦوڪ ڏني ته ڪتي تي سڱ گهرڻ وارو ڏاڍو مڙس فلاڻي ڪيس ۾ گرفتار ٿي چڪو آهي. توڙي جو ان وقت اهو صاحب وڏو وزير نه رهيو هو تڏهن به سندس به سڄي سنڌ خاص ڪري پنهنجي اباڻي ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ته وڏو دٻدٻو هو، سو هن سرائيءَ کي ڏاڍو مارايو، توڙي جو هي ان وقت پوڙهو ٿي چڪو هو.

صبح واري ماني شام ۽ رات جي ماني ٻئي ڏينهن صبح جو کائڻ سندس سڄي زندگيءَ جو معمول رهيو. هي نيرن واري ماني ان ڪري نه کائيندو هو ته متان ڪو سنگتي ساٿي يا مهمان مسافر اچي نڪري، گهٽو بکيو هجي ۽ ترت انتظام ممڪن نه هجي ته پوءِ ڇا ٿيندو. گهر وارن وس ڪيس ته جي مهمان آيو ته ان کي ٻِي ماني پچي ملندي، هيءَ تون کاءُ...! پر هي چي: "مهمان آيو ته "توهان کي ماني پچائڻي پوندي باقي هيءَ ماني بڪايل جي آهي. توهان کي ماني پچائڻ ۾ ڪجهه وقت ته لڳندو ۽ مهمان ۾ بُک سهڻ جي

طاقت نہ هجي تہ پوءِ؟” اهڙي نموني رات واري ماني بہ رکيون وينو هوندو تہ کنهن بہ وقت سڏ ٿي سگهي ٿو. رات جو ڪو بہ مهمان وغيره نہ آيو تہ اها ماني صبح جو ڪائي ڇڏيندو هو.

سرائي عبدالرحمان وڏي جمار ماڻي. سندس پونئير ٻڌائين ٿا تہ “زندگيءَ ۾ هن هڪ ڪتو رکيو ڏاڍيل قادن سرگاٽيءَ ڪي خوشيءَ سان ڏنو، جيڪو ماضيءَ ۾ سندس شڪاري شاگرد ٿي رهيو هو. ان ڪان سواءِ هن ڪنهن کي بہ ڪتو نہ ڏنو. پنهنجي عمر 100 ورهين ڪان بہ مٿي ٻڌائيندو هو پر سندس ويجهن عزيزن جو خيال آهي تہ وفات وقت سندس عمر اٽڪل 85 ورهيہ هئي. ان حساب سان سندس پيدائش 1895ع ڌاري ٿي هوندي. پڇاڙيءَ ۾ همراهہ اکين ڪان ويهي ويو. تڏهن بہ بڇ تي ويندو هو. نظر تہ ڪا نہ پوندي هيس پر ڪتن جي ڇهڪارن مان ئي آسيس وٺندو هو. ماضيءَ ۾ اسان جي تر ۾ موسيٰ خان ٻگهيو وڏو زميندار هو، جنهن وٽ سڄي ملڪ توڙي ڏيساور ڪان شڪاري ايندا رهندا هئا.شڪار جي تڙ لاءِ ڪيترن ئي ڳوٺن جا ماڻهو پهچي ويندا هئا ۽ اهي ماني بہ پنهنجي ٻڌي ايندا هئا. غريب غربو تہ موسيٰ خان سان ڳالهائي نہ سگهندو هو پر سرائي عبدالرحمان ٻٽ ان کي بہ گارين ۾ رهڙي رکندو هو، جو شڪار ۾ گار ڪار آهي.

دلچسپ ڪردار جي مالڪ هن شخص 1985ع ۾ وفات ڪئي.

***

# محمد قاسم ٻٽ

محمد قاسم ٻُتسچيت هاري هو. لاباري کان اڳ ٻنيءَ ۾ بيٺل فصل ڏسي ٻڌائي سگهندو هو ته ٻار هيتري لهندي، ته برابر ايتري ئي لهندي هئي. ان ۾ ڪرامت جهڙي ڪا ڳالهه نه هئي، اهو سڀ حسابن جو علم هو، جيڪو هن سنڌي ٻئي درجي ۾ پنهنجي هندو استادن کان سکيو هو. سارين جو فصل لهڻ کان مرايون ڳٽي ويندو هو. پوءِ سنگ جا داڻا ڪڍي انهن جو وزن ڪندو هو. ان بعد ضرب ڪري ٽوٽل ڪندو هو پر ساريون ڊوئڻ دوران نقصان، هاروير ۽ جهار جهرڪيءَ جو اندازو هڻڻ ته سندس قابليت هئي. يقينا اهڙو سچيت شخص جيڪڏهن تعليم حاصل ڪري ها ته حسابن جو پروفيسر ٿئي ها پر ان وقت جا سنڌي مسلمان رڳو بنا معنيٰ جي قرآن پاڪ پڙهي عالم ٿي ويندا هئا ۽ هن سان به ايئن ئي ٿيو.

محمد قاسم جو پڙهڻ بند ڪرائي ڪيس ٻنيءَ جي ڪم سان لاتو ويو. هن جي سڄي عمر ڪيتيءَ ۾ گذري هئي، پڙهيو ته ڪي ٻه درجا پر هن، پنهنجي هندو استادن طرفان سچائي، ايمانداري ۽ انسانيت جو ڏنل سبق ڪڏهن به نه وساريو. دادو ڪئنال تي ٻيلدار مقرر ٿيو. ڪئنال جي سار سنڀال سندس ڊيوٽي هئي، ان ڪري ضروري هو ته ڪنهن جو به مال ڪئنال جي ٿاپ تي نه چڙهي. راڄ وارن جا ڍور چڙهيا ته انهن کي هڪلي ڇڏيائين پر پنهنجو مال ٿاپ تي چڙهيس ته اهو ورائي ڍڪ تي ڪاهي ويو ۽ ڏنڊ ڀري ڇڏرائي واپس موٽيو. ان کان پوءِ ٻين جا ڍور به ڍڪ حوالي ٿيندا هئا. سندس اهڙين ڳالهين جي ڪري ڪي ماڻهو ڪيس صفا سادو ۽ ديوانو ته ڪي وري داناءُ سمجهندا هئا. ڪاٽڻ پيٽڻ، لٽي ڪپڙي جي حوالي سان همراهه

صفا سادو هو. هن جي پوڳن ۾ بہ ساداڻپ سمايل هوندي هئي. هڪ پيري هن چٽن جو فصل ڪيو، هڪ همراهہ اچي چيس “چاچا قاسم اجازت هجي تہ پليءَ مٿ پٽيان!” هن رعبدار آواز ۾ چيس “بلڪل، مُٺ پلي پٽڻ جي توکي اجازت آ.” جڏهن همراهہ مٺ بدران چڱو خاصو ڪارو پليءَ جو پٽي ورتو تہ چاچا قاسم چيس “پائو، تو مُٺ پليءَ جي گهري هئي، ڪاري جي گهر نہ ڪئي هئي، هاڻي اها پٽيل پلي توکي ڪاٽي پوندي، ڪاڏ تہ آئون ڏسان.” ڪارو پليءَ جو ڪو ڪونهون ڪائي باقي ماڻهو ڪيئن ڪائي سگهندو! همراه بہ ٿوري پلي ڪائي باقي سپ هاري، چاچي قاسم ڪي اچي رپورٽ پيش ڪئي، “چاچا، مون پلي ڪائي ڇڏي، هاڻي گهر وڃان؟” چاچي چيس “چڱو، جيڪڏهن پلي ڪائي ورتي اٿئي تہ هاڻي ايتري پلي ٻيهر پٽي گهر ڪنيون وڃ.” پوءِ همراهہ هاريل پلي ميڙي گهر روانو ٿيو. چاچي قاسم جي وفات وقت عمر 90 ورهيہ تہ پڪ سان هئي. هڪ بہ ڏند سلامت نہ هئس پر قدن ۾ ايتري طاقت هئس جو انهن سان ٻير جي ڪکڙي پيچي ڇڏيندو هو.

محمد قاسم ٻٽ مهين دڙي جي ڏکڻ اولهہ طرف ڳوٺ غلام حسين ٻُٽ ۾ جائو، جيڪو ان وقت وڏو ڳوٺ هو، جو اتي سنڌي هندن جو بہ جهجهو انگ رهندو هو. ڳوٺ وارا پائرن وانگر هڪٻئي سان ميٺ محبت ۾ رهندا هئا. مذهب ڪڏهن بہ سندن وچ ۾ ويچو نہ وڌو. هڪ دفعي ڳوٺ جو هڪ هندو ڏرمداس سندس ٻنيءَ تي آيو، جيئن تہ هي بہ خوش طبع انسان هو، ان ڪري اڪثر ماڻهو ساڻس خشالي ڪندا رهندا هئا. ڪاڪي ڏرمداس ڪائنس گاهہ جي ستريءَ جي اجازت گهري، جيڪا هن خوشيءَ سان ڏنس. ڪاڪو گاهہ لٽندو هڪ هنڌ ڪوڙ ڪندو ويو. محمد قاسم ڏٺو تہ ڪم ستريءَ بدران پري ڪان اڳتي وڌي ٺاهوڪي گڏي تائين پهتو آهي تہ هن ڏرمداس ڏانهن ڏٺو، جنهن سندس نگاهن جو مطلب سمجهي چيو: “قاسم ڏس، مون رڳو هڪ ستري ڪئي آهي، توکي ٻيءَ جاءِ تي گاهہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو؟” هي ماٺ رهيو. جڏهنگاهہ پورو ڪري ٻڌي،آخر ۾ پري ڪٽائڻ لاءِ قاسم کي سڏ ڪيو تہ هن چيس “ادا ڏرمو، گاهہ جي پري لٽين ها تہ مان توکي بلڪل ڪٽايان هان پر تو تہ رڳو ستري لُئي آهي، اها پاڻ ڪٽبي آ. نہ مان ڪٽائيندس، نہ ٻي ڪو ٻيو ماڻهو ڪٽائيندءِ، اها ستري توکي پاڻ ڪٽڻي پوندي. جڏهن هن پنهنجو بيان

تبديل ڪندي چيس تہ ميان قاسم، هيءَ گاھ جي پري تہ ڪٽاءِ! تڏھن ڪلي ڪٽايائينس.

اھڙي نموني چاچي ورند بہ ھڪ دفعي ڪانئس گاھ لٽڻ جي اجازت ورتي. چاچو ورند ڪجھ جھونوءِ نفيس قسم جو ماڻھو ھو. ان ڪي بہ گايون ھيون. ھن ڏنو تہ گاھ لٽڻ ۾ ئي ھمراھ کي تڪليف اچي وئي آھي. ھن جيئن ئي پري ڀڌڻ لاءِ گاھ گڏ ڪرڻ شروع ڪيو تہ قاسم لڪي ويو. ڪاڪو ورند ڪيس ڳولڻ لاءِ اڳتي ويو تہ پويان هيءُ گاھ جي پري ڪٽي روانو ٿي ويو. موٽي اچي ڏسي تہ ڪاڪو ورند ارمان ۾ ٻني تي وينو آھي. ڏانھس وڌندي ڪاڪي ورند کي چيائين: ”واھ ڪاڪا، ڏاڍو جلديءَ ۾ گاھ گھر ڇڏي موٽيو آھين.“ ڪاڪو ڪيس ٻڌائي نہ سگھيو تہ ڪو ھن جو ڪيل گاھ بوڇڻ ۽ ڏاٽي سميت چوري ٿي ويو. ھن کي مناسب نہ لڳو تہ ھوڪانئس ٻئي گاھ جي گھر ڪري. باقي ارمان ڏاڍو ٿيس تہ اڄ گائين کي ٻک تي رھڻو پوندو! اھو سوچي پريشانيءَ ۾ گھر پھتو. ڏسي تہ ٻنيءَ مان ھن جي چوري ٿي ويلگاھ پري گھر جي ٿلھي تي پئي آھي. حيرت مان پتنيءَ کان پڇيائين تہ گاھ ھتي ڪنھن آندو؟ ھن چيس ”ميان، تو ئي تہ قاسم کي گاھ گھر ڇڏي اچڻ لاءِ ڏنو ھو.

ھي اھي ماڻھو ھئا، جن جي سڄي عمر پورھيو ڪندي گذري ھئي. اھي ڪنھن جي مدد ڪرڻ ۾ پنھنجي ڪا گھٽتائي نہ سمجھندا ھئا. محمد قاسم آخري عمر تائين ٻنيءَ جي ڪم ۽ حساب ڪتاب وارو عمل جاري رکيو. مڙس پوڙھو ٿي ويو، ڇھري ۾ گھنج پئجي ويس پر دماغ سدائين سالم رھيس. چاچي ويسر! چاچو غصو! چاچي ڪاوڙ..!! ڳائڻ ۽ نچڻ جو بہ وڏو شوقين ھو. اھي ٻئي شعل آخر تائين جاري رکيائين. مائين کان بہ وڏيڪ سھرا ياد ھئس. ساڳي وقت جھمر ھڻڻ جو بہ وڏو شوق ھوندو ھئس. اھڙا موقعا اڪثر شادين ۽ طھرن جي ڪاڄن ۾ ملي ويندا ھئس پر جيڪڏھن ڪاڄ ۾ ڪا دير ٿي تہ پاڻ ئي اھڙو رنگ رچائي وٺندو ھو: ڳوٺ جا نوجوان گڏ ڪري پاڙي وارن کان دھل وٺي لاڏا ڳائڻ شروع ڪندو. ھي ڳائيندو، نوجوان پيا نچندا ۽ انھن کي نچندو ڏسي پاڻ پلي نہ سگھندو ۽ ڳائڻ سان گڏ ساڻن ڊانس ۾ شروع ٿي ويندو.

نقش نگارن مان اندازو لڳائي پيو سگهجي ته محمد قاسم ته جوانيءَ ۾ ڪيڏو خوبصورت نوجوان هوندو. سڄي عمر لسي لولو ڪائي گذاريائين پر پيريءَ ۾ ٻه ڪڏهن بيمار نه ٿيو، نه وري ڪا جسماني محتاجي ڏٺائين. آخر تائين هن جي سماعت ۽ بصارت ڪمال جي هئي. هن 1972 ۾ ڪلندي ڪائيندي وفات ڪئي.

# معروف ماڇي

## ماهر بورچي، جهمر باز

محمد معروف ماڇي بهترين بورچي ۽ جهومري هئڻ سان گڏ هر مرض جو ڦيٽي ذريعي علاج ڪندو هو ۽ سندس ڦيٽو عام ٽوٽڪن ڦيٽن کان گهڻو مختلف هوندو هو. ڪاڪي معروف کي تڏهن نوڪري ملي، جڏهن هو اڃا پندرهن ورهين جو ڳڀرو جوان هو. هن کي نوڪري ۾ موهن جي دڙي کي سرڪاري نالو ساڳي ڏينهن مليو، نہ تہ ان کان اڳ سرڪاري رڪارڊ ۾ دڙي کي ڦتل شهر سڏيو ويندو هو. باقي مقامي ماڻهو ان کي ”مهين دڙو“ چوندا هئا. موهن جي دڙي جي سڄي کوٽائي سندس اکين آڏو ٿي. همراهہ ڄڻ مهين دڙي جي تاريخ هو. افسوس جو هيءُ شخص رڪارڊ نہ ٿي سگهيو ۽ سندس مُئي پڇاڙا ڄڻ تہ اها تاريخ بہ دفن ٿي وئي.

ڪاڪو معروف اصل ۾ ڏنڊ پر ڳوٺ جو وينل هو. اهو ڳوٺ هاڻوڪي حسڻ واهڻ پرسان هو، جنهن کي 1936ع ۾ درياهہ پائي ويو ۽ اتان جا رهواسي موهن جي دڙي جي اولهندي دنگ تي ساڳي نالي سان ڳوٺ ٻڌي وينا. جيڪڏهن ڪاڪي معروف کي نوڪري نہ هجي ها تہ اتي ڳوٺ ٻڌي نہ سگهن ها. همراهہ جي هٿ ۾ زبان ۾ اهڙي شيرين هئي جو جنهن بہ ساڻس ڪچهري ڪئي يا هن جي ماني کاڌي اهو سندس مطيع ٿي ويو. سر جان مارشل کان وٺي ڊاڪٽر ڊيلس ۽ مائيڪل جانسن تائين سمورا يورپي آرڪيالاجسٽ توڙي پنجابي، بنگالي ۽ پٺاڻ آفيسر سندس مانيءَ جا مشتاق هوندا هئا. موهن جي دڙي وارو شبستان هوٽل هي هلائيندو هو. آرڪيالاجي کاتي ۾ بطور ڪڪ ڀرتي ٿيو هو. آفيسرن ۽ اسٽاپ کي ماني

ڪارائڻ کان علاوه ڏيهي توڙي پرڏيهي سياحن جي به خاطر تواضع ڪندو هو. آرڪيالاجي کاتي ان جي ڪيس اجازت ڏئي ڇڏي هئي ته هو خرچ به پاڻ ڪري ته بل به پاڻ وصول ڪري، باقي رهائش سرڪاري هئي، جنهن جو بل آرڪيالاجي کاتو پاڻ وصول ڪندو هو. هي گوشت توڙي سبزيخورن جو پسنديده بورچي هو. ان ڪري موهن جي دڙي تي ايندڙ آرڪيالاجي آفيسر ڇڻ ته سندس ڪيسي ۾ هوندا هئا. نوڪري ملڻ کان پوءِ شادي ڪيائين. ان پٽن ۾ هڪ نياڻيءَ جو پيءُ بڻيو، افسوس جو انگريزن ۾ ٻين سڌريل قومن جي ماڻهن سان رهندي به پٽن کي تعليم نه ڏياري سگهيو، البته سندس اٺ ئي پٽ موهن جي دڙي ۾ ننڍن ملازمن طور ڀرتي ٿيا، جن مان سبحان کان سواءِ باقي سيئي رٽائر ڪري چڪا آهن.

ڪاڪي معروف سان گهٽيون ڪچهريون نه ڪري سگهڻ جو ارمان اٿم. هن سان مختلف موضوعن تي ڳالهه ٻولهه ته ٿيندي رهندي هئي پر موهن جي دڙي بابت پيرائتيون ڪچهريون نه ڪري سگهيس. ڪاڪو معروف ٻڌائيندو هو ته جڏهن گريٽ باٿ جي کوٽائي ڪئي وئي ته ڏسڻ سان ائين پيو لڳي ڄڻ ان کي سُڪي چند ڏينهن مس ٿيا هجن. پاڻيءَ جي سطح جا نشان به ظاهر هئا. ڪاڪو معروف آرڪيالاجي کاتي جي آفيسرن جا احوال به ٻڌائيندو هو. ٻڌائيندو هو ته نوڪريءَ واري عرصي ۾ ڪيترائي سخت آفيسر آيا پر ڊاڪٽر ايف اي خان جهڙو ڪڙڪ آفيسر نه ڪڏهن ٿيو نه ٿيندو. ايف اي خان ڪنهن به ملازم سان نه ڳالهائيندو هو. موهن جي دڙي تي فقط ڪاڪو معروف ماڇي ۾ سائيٽ اٽينڊنٽ اميد علي مشوري سان ڳالهائيندو هو. ٻنهي جي معرفت ڪيوريٽر ۾ انجنيئرن وغيره کي هدايتون ڏيندو هو. ڪاڪو معروف ٻڌائيندو هو ته "جيستائين ايف اي خان ڊائريڪٽر جنرل هو، تيستائين آفيسرن کي قرار نه هو. سيني کي ڦڦڙي لڳل هوندي هئي. سترهين گريڊ جا آفيسر به اسان ٻئي گريڊ جي ملازمن کان سفارشون ڪرائيندا هئا."

ڪاڪي معروف چواڻي "جڏهن موهن جي دڙي جي کوٽائي تي رهي هئي، ان وقت جهنگ ئي جهنگ هئا ۽ هي علائقو ته بگهڙن ۽ ٻين خطرناڪ جهنگلي جانورن جو آماجگاهه هو. اسان رات جو تيل واريون بتيون ٻاري ڪُکين تي پادر ٻڌي گهمندا هئاسين، متان اوچتو ڪو بگهڙ حملو نه ڪري!

بگھڙ گھٽو ڪري ماڻهوءَ جي ڪک ۾ چڪ هڻندو آهي. روشنيءَ کان ڀڄندو آهي، ان ڪري رات جو هر ملازم کي تيل واري هٿ بتي لازمي ساڻ هوندي هئي.“ ڪاڪو معروف ٻڌائيندو هو ته ”سر جان مارشل جيپ کان علاوه هڪ گهڙيال ۽ هڪ فرج (ڊيپ فريزر) به پاڻ سان آندا هئا. اسان ملازمن کي هر پنجن منٽن کان پوءِ گهڙيال کي چابي ڏيڻي پوندي هئي. ڪوتاهيءَ تي صبح جو آفيسر سخت پڇاڻو ڪندا هئا ۽ ٻڌائيندا هئا ته هن ڪي هيترا ڀيرا چابي نه ڏني وئي آهي. ان وقت بجلي ڪانه هئي. فرج جي هيٺان چمني ٻاريندا هئاسين ته اها پاڻي به ٿڌو ڪندي هئي ته برف به جمائيندي هئي ۽ اسان سڀ ملازم حيرت جي جهان ۾ غرق هوندا هئاسين.“ آئون سمجهان ٿو ته سنڌي چوڻي ”دهل وڄي، دوسو نچي“ ڪاڪي معروف جون محبوب ادائون ڏسي ٺاهي وئي هوندي. رڳو دهل جو ڏڌڪو ڪن تي پويس، جهمر هڻڻ شروع ٿي ويندو هو. رٽائرمينٽ کان پوءِ هڪ ڪاري رنگ جو جبو پائڻ لڳو جنهن سان سنڌس جهمر وڌيڪ مزو ڪندي هئي. جيستائين سَنڌن ۾ ساهه هئس، جهمر وارو شغل جاري رکيائين. تڏهن ڄڃون بيل گاڏين تي ويندڙيون هيون. ڪنواريتن جي ڳوٺ ويجهو پهچي مگٽهار گاڏين تان لهي پوندا هئا، جهمر وارا به ساڻن گڏ هوندا هئا. ڪاڪو معروف اهو نه ڏسندو هو ته ڄڃ ڪنهن جي آهي، بس دهل وڄڻ جي دير هوندي هئي.

ڪاڪو معروف هر مرض جو ڦيٽو رکندو هو. مريض کي بخار هجي يا مٿي جو سور، ڪن جو سور هجي يا ڏاڻ جي تڪليف، سور واري جاءِ تي هٿ گهمائي چوندو ”سور ڙي سور! الله جي حڪم سان هن بندي کي ڇڏي وڃ!“ ٻه ٽي ڀيرا ايئن چوڻ کان پوءِ مريض کان پڇندو ”هاڻي ڏي حوال، سور ڪيئن آهي؟“ مريض چوندو: ”ڪاڪا، سور اوتري جو اوترو آهي، في الحال ڪا جهڪائي ناهي ٿي!“ وري چوندو ”سور، الله جي بندي محمد معروف ماڇيءَ جي حڪم سان هن کي ڇڏي وڃ!“ پوءِ به سور جهڪو نه ٿيو ته بي عزتي ڪرڻ تي لهي ايندو. سور مٿان پوندڙ ۽ گارين سان گڏ پادرن جا وسڪارا پيا پوندا. سور تي اهي سٽڪا تيستائين جاري رهندا جيستائين مريض رڙيون ڪري نه چوندو ته هاڻي سندس درد دفع ٿي چڪو آهي. توڙ تائين سمجهه ۾ نه آيو ته مريض بي عزتي ۽ موچڙن کان تنگ ٿي چوندو هو ته

سور ڇڏي ويو يا انهيءَ جُٽ سان واقعي ان جو آزار ختم ٿي ويندو هو! هن جي مرڻ پڄاڻا به ڪي ماڻهو سندس پونئيرن ڏي ڦيٽي لاءِ ايندا آهن، جيڪي ساڻن ڪاڪي واري ساڳي ڪار ڪرڻ بدران رڳو پاٽي پياري روانو ڪري ڇڏيندا آهن.

ڪاڪو معروف 1973ع ۾ رٽائر ٿيو. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ اڪثر ماڻهو چيڙاڪ ۽ بخيل ٿي پوندا آهن پر هي ورائي سرائي ڪيسي ۾ رکڻ جهڙو شخص هو. ڪاڪو معروف ڳالهين جو ڳهير هو. جڏهن، اردو ٻولي سمجهي نه سگهڻ ڪري مقامي ملازمن سان ٿيندڙ مسئلن جو ذڪر ڪندو هو ته ڪلائي ڪلائي پيٽ ۾ سور وجهي ڇڏيندو هو. ٻڌائيندو هو ته هڪ ڀيري ڪنهن آفيسر هڪڙي ملازم کي چيو: "اندا لي آئو!" همراهه حڪم جي تعميل ڪندي ڪاسائين کان آنڊا وٺي صاحب جي گهر پهتو. هڪ ٻئي ملازم کي صاحب چيو "گوند لي آئو!" سادڙو سنڌي اول ته ڏاڍو پريشان ٿيو پر پوءِ "نوڪري جو ڪرٽي آ ته صاحب جو حڪم ضرور مڃڻو پوندو" واري ڳالهه ڳڻي تازي انساني ڪرڦتي ڪاغذ ۾ ويڙهي آڻي صاحب کي پيش ڪيائين! دلچسپ صورتحال ته ان وقت پيدا ٿي جڏهن هڪ آفيسر پنهنجي ماتحت کي چيو "مين بهت ٿڪ گيان هو، مجهي دبائو!" ڳالهه ٻڌي همراهه تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪتو ۽ ساٿي ملازمن کي اچي ٻڌايائين پاڻ وارو صاحب مشائخن واري علت رکندڙ آهي، مون کي پيو چوي "دبائو!" مان ته اهڙو ڪم زندگيءَ ۾ نه ڪيو آ، نه ڪندس، باقي ڪو همراهه ثواب ڪڻڻ چاهي ته ڀلي وڃي دٻيس."

ڪاڪي معروف جو ننڍو ڀاءُ رستم علي به ساڻس گڏ بورچي ٿيو، جنهن جو اولاد هاڻي به شبستان هوٽل هلائيندو آهي. ڪاڪو معروف تاش جو وڏو شوقين هو. راند ڪيڏيندي شوقين وڙهي پوندا هئا ته سندن فيصلو ڪاڪي معروف وٽ ايندو هو. هن جي نياءُ جي کهڙي ڳالهه ڪجي! جيتري ڏوهيءَ جي بي عزتي، اوتري بي ڏوهيءَ سان جُٽ! فيصلن ۾ جوابدار ڏر گهڻو ڪري سندس پٽ هوندا هئا. جهڙيون گاريون انهن کي، تهڙيون گاريون مدعين کي. پوءِ به ڳوٺ جا ماڻهو فيصلو خوشيءَ سان ڪاڪي معروف کان ڪرائيندا هئا. ڪاڪو معروف گفتي ۾ صنفي تفريق جو قائل هرگز نه هو. جهڙو ڀوڳ مردن سان اهڙو ئي ڀوڳ زالئن سان. هڪ ڏينهن پاڙي جون به عورتون هن

جي گهر آيون، ان وقت ڪاڪو معروف پنهنجي نُهرن ڪان لسيءَ جي گهر ڪري رهيو هو ۽ اهي ڪيس لسي نہ پيون ڏين، چون: ”نہ چاچا اڳ ۾ ئي سَنڌ وتا پيا ٿي، لسي پيئندين تہ ويتر ونجي ويندين!“ نهرن جي اهڙي جواب تي ٻنهي مان هڪ مائي ڪين ڪاڪي جي سفارش ڪندي چيو ”تہ چا ٿيندس! ڏيو چاچي ڪي لسيءَ ڍُڪ.“ اهڙي وٽندڙ سفارش تي ڪاڪو معروف گڏ آيل مائيءَ سان مخاطب ٿي چوڻ لڳو ”هيءَ سيبتي آ، هن ڪي هتي ڇڏي وڃ، باقي منهنجي ائن نهرن مان چونڊي ٻہ ڪاهي وڃ.“

ڪاڪي معروف ماڇي ايئن ئي کلندي ڳالهائيندي 1995 ۾ هيءَ جهان ڇڏيو.

***

# محمد معروف قريشي

## عرب سڳورن جو جانشين

ڪاڪي محمد معروف قريشيءَ جو خيال هو تہ دنيا ۾ خلفشار جو وڏو ڪارڻ ملان آهي. ان ڪري ملان هن لاءِ نحوست جي نشاني هو. صبح سوير ملان جي منهن پوڻ ڪان ڪيٻائيندو هو. آفيس يا دڪان تي ويندي جيڪڏهن ملان منهن پوندو هئس تہ اتان ئي موٽ ڪائيندو هو.

ڪاڪو محمد معروف 1925ع ڏاري ڳوٺ سخي شاهہ جمال ۾ پيدا ٿيو ۽ 1936ع واري ٻوڏ ۾ ٻين ڳوٺاڻن سان گڏ لڏي اچي ٻلهڙيجيءَ ۾ وينو، جو دريا شاهہ ڳوٺ شاهہ جمال جو وجود ئي وڃائي ڇڏيو. هيءُ، پاڻ کي پيرزادي ٻدران قريشي سڏائيندو هو. هن جو چوڻ هو تہ اسان جا وڏا عرب جي قريش خاندان مان هئا، ان ڪري وڏن جي ذات تبديل نہ ڪبي! سو، پاڻ محمد معروف قريشي سڏبو هو. هن ڪا گهڻي تعليم حاصل نہ ڪئي، بس سنڌيءَ جا ڪجهہ درجا پڙهيو. اڳتي هلي اينيمل هسبنڊري کاتي ۾ “بُل مين” واري نوڪري مليس. شروع ۾ ڍور کي آرٽيفيشل انيمينشن ڏيڻ ٻدران ڏاريل سانن ۾ ڍڳن کان ٻج ورتو ويندو هو. سانن کي فِٽ رکڻ لاءِ جانٻهہ ۾ ٻہ وهايو ويندو هو، جيئن مٿن چربي نہ چڙهي. ان ڪري ڍور کي پنهنجي چاري جيترو ڏارو ڏرٽو پوندو هو. اينيمل هسبنڊري کاتو مختلف سينٽرن تي ڏاند ۽ سانَ موڪليندو رهندو هو. سانَ جي چاري ۽ گاهہ پاڻيءَ جو سڄو ڪم بُل مين جي ذمي هوندو هو، ان کان علاوه هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ سانَ منتقل ڪرڻ واري ذميواري بہ بُل مين جي مٿان هوندي هئي.

هڪ ڀيري، هيڊ آفيس حيدرآباد کان ميرپورخاص لاءِ سانَ کاهي ويو پر اتان جي انچارج ڊاڪٽر ڪاڪي معروف کان ان ڪري سانَ وٺڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو جو وٽس ڊائريڪٽر صاحب جو اهڙو ليٽر نہ هو. جيئن تہ ان وقت اهڙن ڏورن جي گرانٽ منظوري ٿيندي هئي. ڊاڪٽر سمجهيو تہ چاري جو خرچ گهران ڏيڻو پوندو، تنهن ڪري ڦڏو ڪري ويهي رهيو، چي: ڊائريڪٽر صاحب جي ليٽر کان سواءِ آئون سانَ وصول نٿو ڪري سگهان. معروف قريشي حيدرآباد کان مال گاڏيءَ ذريعي سانَ ڪٽائي ميرپورخاص پهتو هو، جنهن لاءِ ٽڪيٽ وغيره ۽ ٻيا انتظام ڪاتي طرفان ڪيا ويا هئا پر هاٽي ڏور واپس ڪيئن پهچائي ۽ ان لاءِ چارو وغيره ڪٿان آڻي، ان ڳالهہ ڪيس منجهائي وڌو. هن ڇا ڪيو جو ڊاڪٽر کان اچو پنو وٺي، ڊائريڪٽر اينيمل هسبنڊريءَ جي نالي سان ليٽر ٺاهي، فار ڪري پنهنجي صحيح وجهي سندس حوالي ڪيو. ان وقت نہ تہ ڪمپيوٽر هئا، نہ ئي وري ڪاتن ڪي آفيشل ليٽر پيڊ ئي هوندي هئي. بهرحال ڊائريڪٽر صاحب جي بدران معمولي ٻُل مين پاران صحي ڪرڻ جو عالمي رڪارڊ ڪاڪي معروف وٽ ئي هوندو. وٽس آمد ۽ روانگيءَ جا ٻہ رجسٽر هوندا هئا. ڪو بہ خط ايندو هئس تہ اهو رجسٽر ۾ داخل ڪري ڇڏيندو هو تہ اڄ فلاڻي تاريخ تي آفيس مان فلاڻو ليٽر پهتو يا اڄ فلاڻي خان جو خط پهتو. اهڙي نموني پاڻ بہ جيڪا لک پڙهہ ڪندو هو، ان جو رڪارڊ رکندو هو تہ فلاڻي ڏانهن فلاڻي تاريخ تي فلاڻو خط روانو ڪيم. رجسٽرن جي گهڻي مطالعي سبب ڪيس نوڪريءَ دوران آيل سمورن سرڪاري ليٽرن جا آئوٽ ورڊ ۽ اِن ورڊ نمبر بہ ياد هوندا هئا.

ڪاڪي معروف سڄي عمر نوڪري پنهنجي ضلعي کان ٻاهر ڪئي پر 84_8519 ۾ رٽائر ڪرڻ کان پوءِ اچي ڳوٺ ۾ ٻچڙن ساڻ رهيو ۽ ڏوڪري شهر ۾ ڪرياني جو دڪان کوليائين. ان وقت اجا ڳوٺ کي روڊ نہ هو، بس موهن جي دڙي کان ملندي هئي. آسپاس جا ماڻهو پنڌ جهاڳي موهن جي دڙي پهچندا ۽ اتان ڪنهن سواريءَ ۾ چڙهي شهر پيڙا ٿيندا هئا. هي صبح جو تيار ٿي ٻلهڙيجيءَ کان مهين دڙي تائين پنڌ ويندو هو ۽ اتان اٺين بجي واري بس ۾ چڙهي ڏوڪري رسندو هو. ڏوڪريءَ ۾ سندس دڪان بس اسٽاپ کان

ٿورو پرڀرو هو. اسٽاپ کان دڪان تائين پنڌ وچٿو پوندو هئس. ان دوران جيڪڏهن ڪو ملان منهن پئجي ويندو هئس ته دڪان کولڻ بدران اتان ئي موٽ ڪائيندو هو. اهڙي سخت گير رويي سبب مهيني ۾ ڪي ويهه ڏهاڙا ڪن دڪان کولي سگهندو هو، جو گهر کان دڪان تائين ڪٿي نه ڪٿي ڪو وڏي ڏاڙهيءَ وارو شخص منهن پئجي ويندو هئس ۽ هي ان ڏينهن روزگار جو ارادو ترڪ ڪري واپس موٽندو هو. ان دور ۾ تفريح جو وڏو ذريعو ٽي وي هئي پر هن کي ٽي وي تي سخت اعتراض هو،ان ڪري نه ته ان سان ڪو بي پردگي يا بي حيائي پکرجڻ جو خدشو هو. اصل ڪارڻ اهو هوته ٽي وي ٽائيم جو گهڻو حصو مُلن کي ملي رهيو هو. هي، ٽي ويءَ تان بانگ نشر ڪرڻ جو به سخت مخالف هو. چوندو هو: بانگ رڳو مسجد ۾ ڏيڻ جائز آهي، گهر ۾ بانگ ڏيڻ گناهه آهي ۽ ٽي وي گهر مسيت بڻائي ڇڏيا آهن. پِي ٽي ويءَوارا هڪ ڪلاڪ ناٽڪ ڏيکاري باقي يارهن ڪلاڪ ماڻهن کي سزا ڏيئي رهيا آهن.

سنهڙو سيپڪڙو ڪاڪو معروف ڪڙڪي سان ڳالهائيندو هو، راءِ ڏيڻ وقت رياءُ ۽ رک رکاءُ جو قائل هرگز نه هو. ڳوٺ سڌار سنگت ٻلهڙيجيءَ جو بنيادي ميمبر ۽ عهديدار هو. ڳوٺ سڌار سنگت جو رڪارڊ هي ٺاهيندو هو. پروگرامن ۾ تقريرون به ڪندو هو. هن جي تقرير تي ماڻهن جا پيٽ ۾ هٿ هوندا هئا. ڪاڪو معروف هر ڳالهه کي لکت ۾ ڪرڻ جو قائل هو، ايتري قدر جو ڳوٺ جي درگاهن تي نذراني جي پيتيءَ ۾ پئسن سان گڏ چٺي به وجهندو هو، جنهن ۾مسئلو بيان ڪيل هوندو هو ۽ ان جي حل لاءِ مودبانه گذارش ٿيل هوندي هئي. ڪاڪي معروف جو خاندان درگاهه لواري شريف جو مريد آهي پر هيءُ، جماعتي ڪمن ڪارين ۾ ڪڏهن به گهڻو سرگرم نظر نه آيو، البته صوفين وارو ڪفر ضرور سانديندو آيو.

سندس هم عمر وڏڙا ٻڌائيندا آهن ته اهي پرائمري ڳوٺ غلام حسين ٻُٽ ۾ سائين خليفي محمود وٽ پڙهندا هئا ۽ رهندا به اتي ئي هئا. شاگردن توڙي معلمن جو گذارو ٽڪين تي هوندو هو، جيڪي ڳوٺ وارا ونڊ ۾ ڏيندا هُئن. ٽڪيون وٺڻ لاءِ شاگردن جا وارا ٺهيل هوندا هئا. واري وارا شاگرد رڳواستاد لاءِ سنو ڀوڙ آڻيندا هئا. چگڙي پاڇي پاڻ ڏگ تي ئي چٽ ڪري

باقي سادو ٻوڙ اچي سائينءَ جي حوالي ڪندا هئا. ڪير ٻه رستي ۾ پِي، مڪتب ۾ اچي ٻڌائيندا هئا ته اجا ڏاچي ڪانهِ مِڙي هئي. رات واري ٻچيل ماني شاگرد صبح جو اٽي ڪائيندا هئا. اهو پاروٿو ٽڪر ٻه فقط سوير اٿندڙ ٻارن کي نصيب ٿيندو هو، نيندين لاءِ گرهه ٻه نه ٻچندو هو. اهي ٻه ننڊ مان اٿي پهرين جاچ مانيءَ جي وٺندا هئا پر تيستائين ميدان صاف ٿي چڪو هوندو هو. جيئن ته هي همراهه اڪثر دير سان اٿندو هو، ان ڪري ڪيس منجهند جي ٽڪين تائين بک تي رهڻو پوندو هو.هڪ ڀيري هن پور پڇايو ته صبح جو سوير اٿڻ مون کان نه ٿيندو، ان ڪري اچ ماني رات جو ئي ڪائي ڇڏبي. اهي سانوٽيءَ جا ڏينهن هئا. سيئي ڪچي ڪوٺي جي ڇت تي سمهندا هئا. هيٺ هڪ پاسي ٻڪرين جي واڙ هئي، جنهن کي لوڙهو ڏنل هو. محمد معروف ٻچيل ماني ڪٽي ڪوٺي جي هڪ ڪنڊ وٺي ڪائڻ لڳو. ڪنهن مهل ننڊ جو جهوٽو اچي ويس، سڌو وڃي لوڙهي ۾ ڪريو. اوچتي دانهن تي اوڙي پاڙي جي ماڻهن ۾ رڙيون پئجي ويون: "ڳورپٽ ڙي ڳورپٽ!" گوڙ تي سائين خليفوءِ شاگرد ٻه جاڳي پيا. پڇڻ تي ماڻهن ٻڌايو ته "سائين، لوڙهي ۾ ڳورپٽ آهي!" سائين خليفي چين: "پوءِ ڳورپٽ توهان کي کهڙو نقصان ڏيندو؟ وڃي ڏسو، متان ٻيو ڪجهه هجي." وڃي جو ڏسن ته محمد معروف ڏنگهرن ۾ وچڙيو پيو آهي.

اهو ٻه ڪو زمانو هو، شايد اڄ ڪاڪو معروف پنهنجي اصولن تي اٽل نه بيهي سگهي ها، ڇاڪاڻ جو اڄ گام گام تي ملان منهن پوي ٿو. اها مخلوق ڪيس پاڙي ۾ ته ڇا، پنهنجي گهر ۾ ٻه نظر اچي وڃي ها. ڪاڪي معروف کي پنجن پٽن جو اولاد ٿيو. خالد، راشد، طارق، زاهد ۽ نديم، جن مان سندس پٽ راشد اُن ئي ڪاتي ۾ پي ايچ ڊي ڊاڪٽر آهي، جتي سندس پيءُ ٻُل مين هو.

***

# غلام شبير پيرزادو

مران، مٿو پٽيان، نهاريان نيڻانِ
صحبت جا سنديانِ، آئون نہ جيئندي ان ري.

هل! اهي مڙس بہ ويا جن جي صحبت سراسر سون جهڙي هئي؛ جن جي ڪري اوطاقون آباد ۽ ميڙا متل هوندا هئا. اهڙو ئي اوطاقي مڙس ۽ ميلا مچائيندڙ مڙس هو اسان جو مامو غلام شبير پيرزادو جنهن کي ننڍو توڙي وڏو پائو شبير ڪوٺيندو هو. هي شخص ڪچهريءَ جو مور ۽ لوڪ ادب جو پندار هو. سنڌ جي سمورن ثقافتي وکرن کان واقف ۽ مٺن ساه صدقي ڪرڻ وارو،گفتي جو پڪو، خوش مزاج، ڪتاب دوست ۽ راڳ جو شوقين. ڳوٺ جي هر ماڻهوءَ جو جورت پائي. ننڍي توڙي وڏي سان هٿ جوڙ، نياز نوڙت، سين کي عزت ۽ مان ڏيڻ وارو. توڙي جو رڳو پرائمري پنج درجا پڙهي سگهيو پر ڳالهائڻ ٻولهائڻ توڙي سندس پرهڻ ڏسي سيڪو ايئن چوندو تہ هي ڪو اعليٰ تعليم يافتہ شخص آهي.

مامي غلام شبير 1952ع ۾ فتح محمد پيرزادي جي گهر ۾ جنم ورتو جيڪو تر ۾ موالي ڦٽن جي نالي سان مشهور هو. نانو فتح محمد طبلو بہ وڄائيندو هو تہ ڍولڪ بہ. وٽس سڄو فقيري ڪشڪول جهڙوڪ بيراڳڻ، ڏنبو، ناد، ڪنڻا ڪولابا سانديل سنپاريل هوندا هئا. هن وٽ هڪ ننڍڙو حقو بہ هوندو هو. سندس حقي جهڙو حقو پوري تر ۾ ٻئي ڪنهن وٽ نہ هو. نہ ئي هن جهڙي جست جي بيراڳڻ ئي ڪنهن وٽ هئي. پائو شبير جي راڳ سان دلچسپيءَ جو سبب سندس والد ئي هو جنهن وٽ تر جا ڳائڻا ۽ فقير پيا پيرا پريندا هئا جن سان موالي ڦٽن طبلي يا ڍولڪ تي سنگت ڪندو رهندو هو.

پائو شبير جي تربيت اوطاق ڪئي. ان وقت اوطاقون، اوطاقون هونديون هيون، هاڻوڪا ڊرائنگ روم نہ هئا جتي فقط مخصوص ماڻهو ئي براجمان ٿي سگهن ٿا. تڏهين اوطاق ڪنهن نہ ڪنهن ماڻهوءَ جي نالي سان هوندي ہ جڻ ڳوٺ جي گڏيل ملڪيت هوندي هئي جتي ڪنهن ہ ڳوٺاڻي جو مهمان اچي ٽڪندو هو. ان اوطاق جي سيوا ڪير ہ ڪري سگهندو هو ، جنهن ۾ ٻهاري ڏيڻ، مَٽي سائي ڪرڻ، ايندڙ مهمان ڪي سندس واقفڪار سان ملائڻ ۽ ان جي ماني ٽڪيءَ جو بندوبست شامل هوندو هو. ساڳيءَ طرح ٻلهڙيجيءَ ۾ اوطاقون تہ ٻين جي نالي سان هونديون هيون پر انهن ڪي هلائڻ وارو پائو شبير هو.

پائو شبير سنڌيءَ جا پنج درجا ٻلهڙيجيءَ جي حاجي لعل بخش شيخ پرائمري اسڪول ۾ پڙهيو جتي سندس هم ڪلاسي لطف پيرزادو هو، جنهن سان مرڻ گهڙيءَ تائين دوستيءَ جي ڌاڳي ۾ پوئيل رهيو. پائو لطف ٻڌائيندو هو تہ ”شبير هوشيار شاگرد هوندو هو پر اڪثر مار شرارت تان کائيندو هو. هڪ دفعي سائين خليفي ڏنڊا هڻي هٿ جو آڱوٺو پيچي وڌس. پائو شبير وٽ ڪمال جي مزاح واري حس هئي. سندس حاضر جوابيءَ تي حيرت ٿيندي هئي. اسان جديد شاعري پڙهون يا ڪلاسيڪل؛ هڪ سِٽ پڙهي مڪمل مس ڪيون تہ ساڳئي وزن ۾ پنهنجي في البديهہ سٽ ٺهڪائي ڏيندو، جيڪا وزن بحر ۾ ہ پوري هوندي هئي تہ قافئي رديف ۾ ہ تز؛ باقي ان جو مطلب اور هوندو هو. هن جي سِٽ پيش ٿيندي تہ ڪچهريءَ ۾ ٽهڪ گونجي پوندا هئا.

هڪ دفعي پائو شبير جو نِنڊپڻ جو دوست نور محمد پنهنجي پٽ جي شاديءَ جي ڪانڌ ڏيڻ آيو. هڪٻئي کي ڀاڪر پائي وڏي سڪ سان مليا. نِنڊپڻ جا قصا ڪٽي ڪوليائون، ايتري ۾ ماني اچي ويئي. پائو شبير مهمان کي مخاطب ٿيندي جڻ نعري واري انداز ۾ چيو: ”آءُ نورا کاءُ!“ ان تي اسان جو ڪلياسين تہ نور محمد وٽي چاٻي ڪنئي. پائو شبير وڏيون وضاحتون پيش ڪيون تہ ادا نورا، مون ٻي ڳالھ ڪئي، چورن ڪجھ ٻيو سمجھيو، منهنجو ڪو ڏوھُ ناهي ... پر آڏو ہ نورل نہ ڪي نَو ڪوٽ ڏئي ٻيهي رهيو. ماني نہ کاڌائين. پائو شبير مهمان جي اوچتي ضد آڏو مجبور ٿي چيو ماحول کي

خوشگوار رخ ڏين جي ڪوشش ڪندي چيو: ”ادا نورا، پلا پٽ جو سڌ ڪڏهن آهي؟“ نورل ويتر توائي تي چيس: ”منهنجي پاٽپي آ وڏن سان، اهي ته اوطاق تي آهن ڪونه، باقي توهان ڪهڙا چڱا آهيو جو پٽ جي ڪاڻ ڏيانوَ!“ ايئن چئي نور محمد عرف نورل دعوت ڏيڻ بنا ئي واپس هليو ويو ۽ پئي ڏينهن وري ڪاڻ ڏيڻ پهتو ۽ ڪجهه لڄي ٿيندي چيائين: ”ڪالهه وڏي اسپيڊ ۾ هئس, اڄ پيهر ڪاڻ ڏيڻ پهتو آهيان.“

پائو شبير جواني ڪڇي ۾ گذارِي جتي اسان جا چار پنج گهر هئا.ان اوطاق جو مني پائو شبير هو. هي اوطاق جي بلي هوندو هو. سندس سياءُ ۽ قرب ڏسي وڃڻ وارو ماڻهو ٻه رهي پوندو هو. 1982ع ۾ شادي ڪرڻ کان پوءِ اچي ٻلهڙيجيءَ رهيو. ان وقت بچاءُ بند تي پٽرن جو اسپر ڏنو پئي ويو جتي هي منشي ٿيو ۽ ڪجهه سال غلام رسول پيرزادي جي اٿي واري چڪيءَ تي ٻه بطور منشي ڪم ڪيائين، باقي وقت اوطاق جي حوالي. وڏيري اِمن جي وفات کان پوءِ هن اوطاق جي سيوا ڪئي ۽ اهڙو مندل مچائي ڏيکاريائين جو وهوا!

پائو شبير نشا ٻه ڏاڍا ڪيا پر آخر ۾ نشا ايئن ڇڏي ويو جڻ ڪو ٻه نشو ڪندو ئي نه هو. ڪڇي ۾ رهندو هو ته وٽس معلومات جو ذريعو ريڊيو هوندو هو پر جڏهن ٻلهڙيجيءَ آيو ته هن اخبار پڙهڻ شروع ڪئي. خبرن سان گڏ ايڊيٽوريل پيج ٻه پڙهندو هو ۽ اخباري ڪالمن تي ٽيڪا ٽپڻي ٻه ڪندو رهندو هو. پائو شبير دين ڌرم کان دور هو باقي هن وٽ هر مذهب جو احترام واجب هو.

پڇاڙڪن ڏينهن ۾ سندس ڪمپني انور صاحب، سيٺ قاسم ۽ طارق صاحب سان رهي. هڪ ڏينهن عيد جي موقعي تي ڪو دوست سَئيُون ڪٺي آيو ته انور صاحب پائو شبير ڏي متوجه ٿيندي معلوم ڪيس: ”ادا شبير توهان روزا رکندا آهيو؟“

”نه ادا!“ پائو شبير وراڻيو.

ڪاڪي انور ٻيو سوال ڪيس:۔”پلا نماز پڙهندا آهيو؟“

”نه ادا!“ پائوءَ جو ساڳيو جواب.

انور صاحب پڇيس: ”پلا عيد جون سَئيون کائيندا آهيو؟“

وه ڙي وا ادا انور، صفا ايڏا ٻه ڪافر ناهيون!“

پائو شبير جا چرچا جنهن تنهن سان جاري رهندا هئا، البت پرپور قسم جي موت ملڻ تي ڪڏهن ڪڏهن چڙي ٻه ويندو هو. هن 11 مئي 2010 تي وفات ڪئي.

# انور ڏنگڙائي

## ڏوتي منهنجي ڏيهه جو

ڏوڪري شهر جي آسپاس، چشمي پاتل ڪرڙ وڏي شخص کي ڪنهن وڻ هيٺان وڇايل رلي تي ڪتابن سان پلتي ماري ويٺل ڏسو ته ان کي نجومي عرف پروفيسر سمجهڻ جي غلطي نه ڪجو، پڪ ڄاڻو ته اهو انور ڏنگڙائي آهي، جنهن جي اول آخر سڃاڻپ پتائيءَ جي پانڪ واري آهي، باقي ته هُو شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامانويس سان گڏ سنڌي ادبي سنگت ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سرگرم ڪارڪن به آهي. همراهه جي شڪل صورت ۽ سنجيدگيءَ هن لاءِ غلط اندازا قائم ڪرايا آهن. پهرين نظر ۾ اوهان کي ائين لڳندو ڄڻ هاٿي هاٿي ڪنڌ جو جهاز ٻڏي ويو هجيس. محفل ۾ هن کي ماٺ ڏسي هر ڪو اها راءِ قائم ڪرڻ ۾ دير نه ڪندو ته همراهه انتهائي مغرور، خود غرض ۽ بور شخص آهي.

مان انور ڏنگڙائيءَ کي 1986ع کان سڃاڻان پر سدائين سنڌس مک تي ڏپهري ڏسي حجت وڌائڻ جي همت نه ڪري سگهيس ۽ ساڻس تعلقات نه جڙي نه جڙيا. اهو زبردست نظرياتي ۽ سياسي ڇڪتاڻ وارو دؤر هو. هن جون جيءَ جڙون ڪميونسٽ پارٽي سان هيون ۽ منهنجي من جا پيچ جيئي سنڌ تحريڪ سان پيل هئا. ٻه مختلف انتهائون. توڙي جو ڪيس ان وقت ادبي جراثيم لڳي چڪا هئا، هن نه رڳو سياسي ۽ ادبي ڪتابن جو مطالعو شروع ڪري ڏنو هو پر شاهه سائينءَ جي شاعريءَ کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ به لڳو هو. اهي سڀ ڳالهيون اسان کي هڪٻئي جي ويجهو آڻڻ لاءِ ڪافي هيون پر هن جو لي آئوٽ ۽ منهنجي فصاحت واري گفتگو ديوار بڻي رهي ۽ اسان 1994ع تائين هڪٻئي سان رڳو هٿ ملائڻ جي جسارت ئي مس ڪري

سگهياسين.

انور بگيءَ کان ناري جي متئين ڪپ سان ڏوڪري ويندڙ رستي تي ايندڙ ڳوٺ ڏنگڙي جو رهاڪو آهي. ڏنگڙو ۽ ٻداٽي ابڙن جا ٻه جاڙا ڳوٺ آهن. سندن مائٽ منهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ به وينل آهن. تڏهن هي به انور ابڙو سڏائيندو هو، پران وقت ٻيو انور ابڙو اسري چڪو هو، سو هن پنهنجي نالي سان ڳوٺ جي نسبت ڳنڍي پنهنجي الڳ حيثيت مڃائڻ جو اعلان ڪيو. لکڻ جي شروعات ان وقت ڪيائين، جڏهن 1988ع وارين عام چونڊن ۾ ڪامريڊ ڄام ساقيءَ جي اليڪشن مهم لاءِ ٿر ويو، جتي هن ڊائري لکي ۽ ان کي "ڏوٿي انهيءَ ڏيهه جا" جي نالي سان شايع ڪرايو جنهن کي ٿر جو سفرنامو به چئي سگهجي ٿو. انهيءَ اليڪشن ورڪ ۾ مشهور ڪميونسٽ، پورهيت، هاري ۽ شاگرد اڳواڻ به شامل هئا. تڏهن ٿر جي حالت اڄ واري نه هئي. نه بجلي، نه سولر سسٽم، نه موبائل، نه ئي روڊ رستا... رڳو واريءَ جو پنڌ. همراهن جي اچڻ جو ٻڌي ڏڪار به چوي ته هيل نه پوان ته ڪڏهن پوان! ٿرجي چلڪي واري واريءَ تي مڙسن جيئن ئي پير ڏريا ته ڪانئن دانهن نڪري وئي. ستت ئي خبر پئجي وين ته ٿر ڇا آهي؟ متان جهڙو ڪامريڊ ڄام ڪنگال تهڙي ڪميونسٽ پارٽي، ان ڪري لاڳيتو ڇيڙن جي پاڇي ڪائي شاگرد اڳواڻ بيزار ٿي پڄڻ جون ستون سٽڻ لڳا. "انقلابين" جي ڏاڙ گهوڙا ڪان تنگ ٿي پارٽيءَ کين واپس وڃڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي ۽ همراه اليڪشن کان اڳ ئي واپس پهچي عوام کي وصال جون واڌايون ڏيڻ لڳا. انور ڏنگڙائي هڪ ايماندار صحافيءَ وانگر اها وارتا جيئن جو تيئن بيان ڪري آخر ۾ تبصري طور ڀٽائيءَ جو هي بيت لکيو:

جانڪِي جوڳي ٿيءُ، ناته نرجا ونءُ نڪري،
ڪُههُ ٿو ڪن ڪپائين، جان نه سهين سِيءُ
پڇ پرانهون ٿيءُ، متان ٻيا لڄائين!

سفرنامو شايع ٿيو، پنهنجي ڪارگذاري پڙهي شاگرد اڳواڻن انور ڏنگڙائيءَ جا پيرا کڻڻ شروع ڪيا. نيٺ هڪ ڏينهن هيءُ کين ڏوڪري ڪاليج ۾ منهن پئجي ويو، پوءِ ته همراهه اڳ پُٺ ڪري گهيري بيهي رهيس

پر وچ ۾ چار چڱا اچي ويا ته بچي نڪتو.

اهڙو سفر هن ٻيو به ڪيو. 1997ع ۾ هيءُ پيائو لطف، مامي ميهر ابڙي، مرحوم علي شير ٿهيم ۽ ٻي سنگت سان سيوهڻ جي لال باغ ڪان لاهوت لامڪان روانو ٿيو. جيئن ته اهو سفر عقل وارن بدران عقيدتمندن ڪي ڪرڻ جڳائي، ان ڪري هن جي عقلي دليلن فقراءَ کي ڪاوڙائي وڌو. اهو مامرو ته جيئن تيئن نبري ويو پر هنن جو ننڍڙين ڳالهين تي هڪٻئي سان اهڙو ٽڪراءُ ٿيو جو وري ڪڏهن نه نهيا.

سوويت يونين ٽٽڻ ڪان پوءِ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ وڏو ڀونچال آيو. رات وچ ۾ ڪاياپلٽ ٿي وئي. ڪن وڏيون سونهاريون رکرايون، ڪي تبليغي جماعتن ۾ شامل ٿي آخرت جو توشو گڏ ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويا. ڪي چلا ڪڍڻ لڳا، ڪن وجي مسجدون وسايون. ڪي اين جي اوز ۾ شامل ٿي سماجي انقلاب جا سانباها ڪرڻ لڳا پر انور ڏنگڙائي جيئن جو تيئن رهيو.

2001ع ۾ اخباري نوڪري ڇڏي ڳوٺ واپس وريس. ان وقت سنڌي ادبي سنگت ٻگي ۽ ٻلهڙيجي شاخون پنهنجو وجود وڃائي ويٺيون هيون ۽ انور سنڌي ادبي سنگت ڏوڪري شاخ ۾ ڪم ڪري رهيو هو. هڪ ڏينهن ٻلهڙيجيءَ ۾ پيائو لطف سان مليو. اتي مون پنهنجي ڪجهه ڪميونسٽ دوستن لاءِ پيار ڀريا شبد اچاريا ته همراهه ٻنهه ناراض ٿي ويو ۽ مون ڪٽي ماٺ ڪئي. سوچيم: هن همراهه سان پنهنجي ڪڏهن نه پوندي، پر پوءِ 2002ع ۾ مهين جو دڙو ميوزيم مان تيل چوريءَ خلاف هن عيسيٰ ميمڻ، ادل سولنگي، حاڪم مگرئي، غفور زهراڻي ۽ ٻين جي سان گڏجي جدوجهد هلائي منهنجي دل ڪٽي ورتي. هڪ ڏينهن منهنجي دوست احمد جتوئيءَ مون کي چيو: "اچ ته پنهنجي استاد سان ملايانءِ." احمد سان گڏجي سنوڪر جي هڪ دڪان تي آيس، جتي خبر پئي ته مون واري دوست جو استاد انور ڏنگڙائي هو. ان ڏينهن اسان شاهه جي بيتن ۽ ٻين غير سياسي موضوعن تي ڳالهايو ۽ پوءِ مان به ادبي سنگت ڏوڪري شاخ جو ميمبر ٿيس. ائين هن سان نئون تعلق جڙيو.

ڳالهين ۾ زماني جي بي قدريءَ جو پٽڙو پٽيندو رهندو آهي. اها ته خبر هئي، ته هن جو غريب گهراڻي سان تعلق هو. هن کي پنهنجي وڏڙن جي

ملڪيت مان رڳو ڏيڍ جريب زمين ملي. شروع ۾ جڏهن شاهه سائينءَ جو ڪلام پڙهڻ شروع نه ڪيو هئائين تڏهن وٽس رسالي وٺڻ جي سگهه به نه هئي. هن پائو لطف ڪان شاهه جو رسالو وٺي اهو سڄو نوٽ بوڪ تي اتاريو. اهڙي صورتحال باوجود هن جا چار ڪتاب شايع ٿي چڪا هئا، جنهن ۾ ٽر ڊائري ”ڏوٽي انهيءَ ڏيهه جا“، ڪامريڊ مانڌل شر جي زندگي ۽ جدوجهد تي ”............“، ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي تي: ”موهين جو ماڻهو“ ۽ شهيد پڳت ڪنور رام تي مرتب ڪيل ڪتاب ”اسان جو ڪنور“ شامل آهن. پوءِ به اسان سان زماني جي ناقدريءَ جي شڪايت ڪندو هو ته، ڪيس چوندا هئاسين: ”تون ٿاڪ جو سچو آهين، تڏهن به تنهنجا چار ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، ٻيا پل اهڙي شڪايت ڪن پر توکي ائين چوڻ بدران شڪر ڪرڻ گهرجي.“

تڏهن به هن وٽ پنهنجا دليل:

صبر ۽ شڪر ڪي، ڪاڏي آئون ڪندي
آهيان جنهن سندي، سو ته گهرجي ساڻ مون.

هن مطابق سندس اصل ڪم شاهه جي ڊڪشنري آهي، جنهن تي هن 20 ورهيه وهايا. ڊڪشنري شايع ڪرائڻ لاءِ هن وڏا پنڌ ڪيا. پاڪستان جو ڪو به ادارو نه ڇڏيائين پر ڪٿان به سر وارو جواب نه پئي مليس، ان وقت هو ٻن ڄيرن جي وچ ۾ هو. ساڻس به وڏا مسئلا لاڳو هئا. هڪ ڊڪشنري ڇپرائڻ، ٻيو مهاڳ لکرائڻ. مهاڳ لکرائڻ  لاءِ وڏا وس ڪيائين پر ڪنهن به ناميارِي ليکڪ سندس گذارش تي غور نه ڪيو، جنهن ڪري ڪيس انهن بابت پنهنجي راءِ تبديل ڪرڻي پئي. مهاڳ نه لکندڙ همراهن جي وڏي واڪ مخالفت ڪرڻ سبب انهن جي پرستارن جا جواب به ٻڌڻا پوندا هئس. ويهن ورهين جي لڳاتار ڪوشش ڪان پوءِ جڏهن صفا مايوس هو ته سندس ٻئي مسئلا حل ٿي ويا. آصف رضا مورئي پنهنجي خرچ تي پٽائي ڊڪشنري به ڇپرائي ڏنس ته ان جو مهاڳ به لکيو. به اکر بدر ابڙي به لکيا.

2005ع ۾ سنڌي ادبي سنگت ڏوڪري شاخ جي سيڪريٽريءَ لاءِ سڄي سنگت منهنجي نالي تي متفق ٿي پر ڪائونسلر جي عهدي تي هن ۽

ادل سولنگيءَ ۾ تڪرار ٿي پيو. ان وقت ڏنگڙائي سنگت جي زور پرڻ تي ادل سولنگيءَ جي حق ۾ هٿ کنيو. مرڪزي چونڊون ٿي رهيون هيون. سنگت جي هڪ ميمبر تجويز ڏني ته مرڪزي چونڊ ۾ ووٽ ڏيڻ جو فيصلو به جنرل ڪائونسل ڪري، جنهن تي مون چيو ته "ان جو اوهان کي ڪو به حق ناهي، اهو سيڪريٽري ۽ ڪائونسلر جو اختيار آهي." منهنجي اهڙي جواب تي دوست مانڙي ڪري روانا ٿي ويا. ڏنم ته انور جي اکين ۾ پاڻي هو. چيائين "هن جي دور ۾ به اهڙي تجويز آئي هئي ۽ فيصلي ۾ اهڙي اميداوار جي حمايت ڪئي وئي، جنهن کي هوُ ووٽ ڏيڻ نه پيو چاهي، تنهن ڪري هُو ووٽ ڏيڻ ئي نه ويو هو."

2006ع واري مرڪزي اليڪشن ۾ اسان جون همدرديون سرڪش سنڌي پئنل سان هيون ۽ انور ڊاڪٽر ذولفقار سيال جو حمايتي هو. انور ڏنگڙائي ووٽر نه هوندي به اليڪشن جو ڇهچٽو ڏسڻ اسان سان گڏ هليو. جڏهن سيال جي ڪاميابيءَ جو اعلان ٿيو، تڏهن ڏنگرائيءَ جي خوشي ڏسڻ وٽان هئي، واپسيءَ تي اسان کي ڄامشوري مان ٽرين تي چڙهڻو هو، سو حيدرآباد مان ڄامشورو ويندڙ سوزوڪيءَ جي ڇت تي چڙهياسين. انور چئي "هيٺ سيٽن تي ويهو، مون کي پڪ آ ته اوهان هار جو صدمو سهي نه سگهندؤ ۽ ڄامشوري پل تان ٽپو ڏئي پنهنجو انت آڻيندؤ." ان تي ناراض ته عيسيٰ کي ٿيڻ گهربو هو، جيڪو ضلعي رابطا سيڪريٽريءَ جي چونڊ هارائي چڪو هو. هو به مون وانگر ڪلي پيو پر اسان جو هڪ ٻيو دوست صفا جذباتي ٿي ويو. پوءِ ته انور کي موقعو ملي ويو ۽ هن باڍهه اسٽيشن تائين بلڪل بس نه ڪئي.

انور ڏنگڙائيءَ سان هاڻ ٻيو مسئلو درپيش آهي، هن جي شاعريءَ جو مجموعو تيار آهي پر وڏي رڪاوٽ وري به مهاڳ آهي. هن جي دلي خواهش آ ته سندس ڪتاب جو مهاڳ ڪا حسن بانو شاعره لکي. همراهه وڏا وس ڪيا. اصل حيلا هلايا پر ناڪامي پلئہ پيس. ان جو ذميوار هن پنهنجي شاعريءَ بدران سچائيءَ کي قرار ڏنو ۽ پوءِ نقادن جو پاسو جهليو، جن جي سنڌ ۾ جهجهائي آهي پر هاءِ ڙي قسمت! انهن به مختلف بهانا بنائي مسودو موٽائي ڏنو.

انور کي عمر جو پنجاهون سال يعني 2014ع واهه جو لڳو، جنهن ۾ “پٽائي ڊڪشنري” شايع ٿي. ٽي وي تي ڊراما نشر ٿيا ۽ شاهه جي حوالي سان هن مختلف پروگرام ڪيا.

هن جي “ٻاجهاري صورت”، حد کان وڌيڪ سنجيدگي ۽ مارڪس ازم سان عقيدت جيتري محبت ڏسي مون ائين سمجهيو هو ته هي دل جو ماڻهو ناهي. ڪنهن حسين سان ملي نه جهومي سگهي ٿو ۽ نه ڪنهن جي ڇڄڻ تي تڙپي سگهي ٿو. اهو خيال تڏهن غلط ثابت ٿيو، جڏهن هڪ رات انور ۽ قربان جتوئي اوچتو منهنجي ڳوٺ پرگهٽ ٿيا ۽ توقع جي ابتڙ مون کان ڪڙي پاٽيءَ جو مطالبو ڪيائون. اها فرمائش پوري ڪيم ته هن مون کي پٽائي ٻڌائڻ لاءِ چيو، مون بيت پڙهيو:

تارا ترارين، نيزا نيڻ پرين جا،
هڻن منهن پارين، سانگو ڪن نه ساهه جو!

بيت ٻڌڻ سان هن اهڙي دانهن ڪئي جڻ سندس سيني ۾ نيزي جي نوڪ کپي وئي هجي. اها رات به رات هجي. هڪ جاءِ جي ڇت تي اسان ٽئي ڇتا ويٺل هئاسين. مان بيت پڙهي رهيو هئس، انور روئيندو ۽ قربان کلندو رهيو. ان کان اڳ مون کي اها به غلط فهمي هئي ته هن جي نظر ۾ قوپرست ڪجهه به نه آهن، اهي مرن يا جيئن، تنهن ۾ هن جو ڇا؟ پر جڏهن بشير قريشيءَ جي شهادت تي سنگت ڏوڪري ميڙاڪو ڪوٺايو، دوستن قرب ڪري مون کي ڪاروائي هلائڻ لاءِ چيو ۽ مون جڏهن “آئون نه گڏي پرينءَ کي” وارا بيت پڙهيا ته انور جي اکين جا آگم پرجي آيا ۽ ڪجهه دير بعد جڏهن اسٽيج تي آيو ته پنهنجي جذبن تي ڪنٽرول نه ڪري سگهيو ۽ ڊڪندڙون ڏئي روئي وينو.

انور ڏنگڙائيءَ جا ٻئي پٽ هوشو ۽ هيمون توڙي جو اعليٰ تعليم حاصل نه ڪري سگهيا پر هُو پنهنجي ڪم جا سٺا ڪاريگر آهن، جن رڳو گهر جو بار کڻي ورتو آهي پر پيءُ کي به خرچو ڏين ٿا. اهي ڪيس ڏنگڙي مان ڏوڪري لڏائي آيا آهن، جتي هو صبح جو ڪتاب کڻي ارباب فقير جي آستاني تي انب جي وڻ هينان رلهي وڇائي جو لکڻ پڙهڻ واري ڪم ۾ لڳي

ٿو ته وري شام جو ٿو اُٿي، ان کري چيم ته ڏوکري شهر جي آسپاس اوهان، چشمي پاتل کراڙي شخص کي کنهن وڻ هيٺان وچايل رليءَ تي، ڪتاب ساڻ ڪري پلٿي ماري ويٺل ڏسو ته ان کي نجومي عرف پروفيسر سمجهڻ جي غلطي نه ڪجو، پڪ ڄاڻو ته اهو انور ڏنگڙائي آهي.

***

# يارل سومرو ۽ سندس خاندان

## مٽيادار ماڻهن جو ويڙهو

ٻلهڙيجيءَ جي جامع مسجد ۾ جمعي جي نماز پڙهندي ناني غلام الله پيرزادي کان خدائي واءُ وهي ويو. ڏماڪو وڏو هو، آواز سڀن جي ڪن پيو. ان کان اڳ جو ٻيو ڪوئي ڳالهائي، ڏٺيءَ پاڻ هيڏانهن هوڏانهن نظر ڦيرائي پرسان نماز پڙهندڙ ڪاڪي يارل سومري کي مخاطب ٿي چيو: ”يارل اٿي ٻيهر ٻوضون (وضو) ڪري آ-“ جيئن ته يارل ان ڏوهه جو ڏوهاري نه هو، ان ڪري نه مان نه مان ڪرڻ لڳو، تنهن تي ناني غلام الله وڏي آواز ۾ چيس: ”واهه ڙي پڪا مسلمان! هڪ نماز ۾ ٽٽ ڏيو، مٿان وري مسيت ۾ ڪوڙ هڻو. ميان ڪجهه خيال ڪيو.“ ايڏي پراعتماد دڙڪي تي ڪاڪي يارل کي ٿورو شڪ پيو ته شايد اها غلطي ڪانئس ئي سرزد ٿي وئي ۽ هن کي خبر نه پئي- وري به شڪ دور ڪرڻ لاءِ هن جماعت کي مخاطب ٿي چيو: ”ڀائرو اوهان به نماز ۾ هئا- سچ ٻڌايو ته اهو آواز ڪيڏهون آيو؟“ جماعت مان هڪ ڄڻي چيو: ”سائين آيو ته ادي يارل جي پاسي کان، باقي وڌيڪ خبر ناهي-“ هاڻي شڪ جي ڪابه گنجائش نه هئي. ڪاڪو يارل پنهنجي جاءِ تان اٿي، شرمائيندو شرمائيندو وضو ڪري ٻيهر نماز پڙهڻ ٻيهي رهيو، پوءِ ته اهو مسجد جو دستور ٿي ويو، واءُ ڪنهن کان به وهي، ٻيهر وضو ڪاڪي يارل کي ڪرڻو پوندو هو. ان ڳالهه مان ئي هن جي سادگيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

ڪاڪو يارل ٻنهه سِڌو سادو انسان، مسجد جو مؤذن ۽ ڏنار هو. صبح جو اٿي ڳوٺ وارن جو مال ڪاهي جهنگ ويندو هو ۽ موٽي اچي مسجد

وسائيندو هو. آواز وڏو ۽ مٺو هئس. ان وقت مسجدن ۾ لائوڊ اسپيڪر نہ هوندا هئا، ڳوٺن ۾ ماڻهن وٽ گهڙيون ۽ گهڙيال بہ نہ هئا. رات جو ستارا ۽ ڏينهن جو پاڇا ڏسي وقت جو تعين ڪيو ويندو هو. ڪاڪي يارل جي سُريلي ٻانگ ڪوهن تي ٻڌبي هئي. ويجهن ڳوٺن جي ڪيترن ئي هارين نارين ۽ پورهيتن جي چوويهن ڪلاڪن جي شيڊول جو دارومدار ڪاڪي يارل جي ٻانگ تي هو. اهي ٻانگ ٻڌي ڪم ڪار لاءِ نڪرندا هئا.

ڪاڪي يارل کي ٽن پٽن جو اولاد ٿيو. سڀ کان وڏو عبدالرشيد، ٻيو پنهل ۽ ٽيون محمد چام. هن جو وڏو پٽ رشيد ڪي ٻہ درجا پڙهيل هو ۽ ڪيس ڳوٺ ۾ ننڍڙو دڪان هو، سنهڙو سيپڪڙو مڙس هو. ڪاڪي يارل جو ٻيو پٽ محمد پنهل سومرو پرائمريءَ واري وقت کان ئي هوشيار شاگرد ليکبو هو. والدين جي معاشي حالت پٽ پڙهائڻ جهڙي نہ هئي. پُٽس هوشيار هو، ان ڪري سندس ڪجهہ گهٽگهرن ان سلسلي ۾ سندس حوصلہ افزائي ڪرڻ سان گڏ هن جي مدد بہ ڪئي پر گهٽي ٽيڪ وڏي پٽ عبدالرشيد جي هئس، هي اسانجي ڳوٺ جو پهريون گريجوئيٽ هو. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ستت نوڪري ملي ويس. سندس ننڍي ۾ ننڍو پٽ محمد چام انتهائي سادو ۽ درويش قسم جو ماڻهو هو. هر شخص کي سچي نالي سان سڏيندو هو، يا عمر ڪنهن کي اڌ نالي سان نہ سڏيائين. موصوف هڪ درجو بہ پڙهيل نہ هو، تڏهن بہ "خودرو بيٺ عملدار" جي حيثيت سان روزانو اسڪول جو دورو ڪندو هو. سندس ٻجڪي ٽافين، قلمن ۽ ٻئي سامان سان ڀريل هوندي هئي ۽ اهي شيون شاگردن ۾ ورهائيندو رهندو هو. جيئن تہ هو پاڻ کي صاحب سمجهندو هو جنهن کي ڳوٺ وارن قلب سان قبوليو بہ هو ۽ "صاحب" سندس نالي ۾ شامل ڪري ڇڏيو هو. اڄ تائين چام صاحب ئي سڏجي ٿو. قد جو هلڪو، ننڍڙي چاپئين ڏاڙهي.... فقير يار محمد جي سامهون ٿيندو هو تہ، چوندو هيس: "چام صاحب ياعلي مددا!" تڏهن هي جواب ۾ چوندو هو: "سائين! اسان اهڙا ناهيون."

پنهل نوڪري ملڻ کان پوءِ پنهنجي کاتي جي هڪ آفيسر جي ڌيءَ سان شادي ڪئي ۽ ڳوٺ سان ناتو ٽوڙي ڇڏيو. مختلف هنڌن ۽ عهدن تي رهيو. جتي جتي بہ نوڪري ڪيائين اتي فيملي سميت رهيو. جيئن تہ غربت

واري جهان ۾ مائٽن مان ڪنهن به سندس مدد نه ڪئي، ان ڪري هن پنهنجي مائٽن سان ڪنهن به قسم جو تعلق نه رکيو، البت ڪاڪو رشيد ٻلهڙيجيءَ ۾ رهيو پر پوءِ 1980ع ڌاري هي به ڏوڪري لڏي ويو جتي ڪيس ننڍڙو دڪان هو. ڏوڪريءَ ۾ ڳوٺ جي ڪنهن به ماڻهوءَ کي ڏسندو ته ڪائنس حال احوال ضرور وٺندو هو- ڪاڪي يارل اتي ئي وفات ڪئي. ڏوڪريءَ جي قبرستان ۾ جاءِ مليس. پنهل کي مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن نه ڏٺو، البت ڳوٺ جي انوکي ڪردار محمد چام سان ملڻ ٽيو جنهن کي هڪ دفعو ڪاڪو رشيد ڳوٺ وٺي آيو هو- ڏهاڪو سال اڳ، پنهل ۽ اُن بعد ڪاڪو رشيد به وفات ڪري ويو- مون سمجهيو ته هاڻي ڪاڪي يارل جي خاندان جو ڳوٺ سان تعلق ختم ٿي ويو هوندو پر ائين نه هو- پنهل جي پٽ فهيم سومري پيءَ جا سپ مٽ ڳولهي لڌا. هن ڏوڪريءَ جي ٻاهران چنا پل جي ساڄي پاسي پنهنجي پيءُ جي نالي سان پنهل آباد ڪالوني قائم ڪئي آهي ۽ پنهنجي آسڻ کي سنڌ جي ثقافتي ماڊل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

اڄ ڪاڪو يارل مٽين مٽيءَ هيٺ آرامي آهي پر ڳوٺ جا جهونڙا اڃا به چون ٿا ته هن جي نمازن ۽ هر هر وضوءَ جو ئي نتيجو آهي جو اڄ ڪاڪي يارل جو خاندان گهڻن ڪان آسودو آهي.

# مائي ٿمي ابڙو

## جفا ڪش هارياڻي

سنڌ جي هر ڳوٺ توڙي واهڻ وستيءَ ۾ اوهان کي مردن سان گڏ زائفائون به ڪيتن ۾ ڪم ڪندي نظر اينديون. اهي پورهيت عورتون هر ڪاهڻ، رونبو ڪرڻ، جهار هڪلڻ، گُڏ ڪيڻ، لاباري ۽ ڳاه ڳاهڻ تائين هر ڪم ۾ مردن سان گڏ گڏ هونديون آهن پر هتي جنهن ڪردار جو ذڪر ڪري رهيو آهيان، ان جا اڻ ئي پهر هارپي جي حوالي هئا. ڊگهو قد، منهن توڙي بت ۾ پريل، سدائين ور ڪُنجيل، اصل گوڏن تي شلوار، پير اڪثر اگهاڙا ۽ مٽيءَ سان پريل، ڪِهرو سانورو رنگ، ڪڙڪيدار آواز: اها هئي بگيءَ جي رهواسڻ مائي ٿمي ابڙياڻي. مون جڏهن ڪيس ڏٺو ته هوءَ پوڙهي ٿي چڪي هئي پر تڏهن به ديهه لانهياري جو ڪوبه هاري هن جيڏي ڳاه جي پري نه ڪٽي سگهندو هو. ها باقي سندس هم عمر ٻڍائيندا هئا ته جوانيءَ ۾ ڪوبه جوان مڙس هن جي ٻڌل ڳاه جي پريءَ جو هڪ پاسو به نه پٽي سگهندو هو.ڪيڙيءَ ڪان ميڙيءَ تائين هارپي جي هر ڪم ۾ پڙ هئي ۽ تر جا جفاڪش هاري به ساڻس مقابلو نه ڪري سگهندا هئا.

ماسي ٿميءَ جون ڪچهريون ۽ حال احوال مردن سان هوندا هئا. هن نندپڻ ۾عورتن سان گڏ سهرا لاڏا ڇيا هجن ته ڇيا هجن پر جيئن ئي ٻنيءَ سان پيچ پيس ته هن عورتن جي محفلن ۾اٿڻ ويهڻ ئي ڇڏي ڏنو. شادين، ڪاڄن ۽ ٻڪين تي ته هار سينگار جا مقابلا ٿيندا آهن: اُتي پيلا اهڙي عورت ڪيئن وڃي سگهي ٿي جنهن جا گوڏن تائين ور ڪُنجيل هجن، جنهن جي چولي جي ٻنهي پاسن کي ڳنڍ ڏنل هجي ۽ جنهن جي بدن مان پائوڊر ۽

پرفيوم بدران پگهر بوءِ ايندي هجي.

هڪ اندازي مطابق اندازي مائي ٿمي 1930ع ڌاري بگي ڳوٺ ۾...... جي گهر ڄائي. پندرهن سورهن ورهين جي ڄمار ۾ سندس شادي ڪرائي وئي. هن جو مڙس حسن فقراءَ سڌو سادو شخص هو، جنهن کي ڪن رڳ جي سور جي آئڊ ڏيڻ کان سواءِ ٻيو ڪو ڪم نه ايندو هو ۽ پاڙي وارن جو مال مهاڙ تي چاريندو هو. ٻني ٻاري جي ڪم سان اڃيس نه وڃيس، ان ڪري ٻه ماسي ٿميءَ کي هارپو ڪرڻو پئجي ويو پر پوءِ پوکي راهيءَ سان اهڙو پيچ پئجي ويس جو هيءَ ٻنيءَ جي ٿي وئي، باقي دنيا سان هن جي ڪڏهن ڪانه پئِي.آڌي مانجهي هن جي ڊوڙ ٻنيءَ تائين هئي.

اسان جي معاشري ۾ اڪيلي عورت لاءِ گهر کان ٻاهر نڪرڻ ئي وڏو مسئلو هوندو آهي پر ماسي ٿمي لانهياري ديهه ۾ ائين گهمندي هئي ڄڻ پنهنجي گهر ۾ هجي. آسپاس جا ڪتا اڃي گڏ ٿيندا هئا، انهن جي ٻاهوڙ پئي پوندي هئي جو چڱا ڀلا ٻه اڪيلي زمينن تي وڃڻ کان ڪئِ ڪائيندا هئا پر ماسي ٿميءَ کي ڪڏهن به پئِ پولو نه ٿيو. ونس خوف جو نالو نشان ئي نه هو. هن کي سدائين ڏاٽو، پاهوڙي، ڪرپي، ڪوڏر، ڪهاڙي؛ مطلب ته ڪونه ڪو هارپي جو هٿيار ساڻ هوندو هو. هن جو اڪثر مٿو اگهاڙو هوندو هو يا وري گاهه وارو بوڇڻ مٿي تي ايئن ويڙهيل هوندو هئس جو پهريون پيرو ڏسندڙ تڪڙ ۾ نه سمجهي سگهندو ته هي مرد آهي يا عورت! پنيون قنديل هونديون هيس جنهن مان واضح ٿيندو هو ته هن جي سڄي عمر پورهيو ڪندي گذري آ. ماسي ٿمي پن جي ٻيڙين جي موالڻ هوندي هئي. ان کان علاوه پوڳائڻ به وڏي هئي, جهڙي پوڳائڻ هئي. اهڙي ئي ڏنگي به هئي. هڪ ڀيري اسان جي ڳوٺ جا ٻه نوجوان سندس ٻنيءَ مان چوريءَ گاه لٽي رهيا هئا جو ماسي ٿمي اڇي مٿن ڪڙڪِي. همراهه سڄ ايرڻ کان اڳ واردات لاءِ آيا هئا پر آڏو ٻه ماسي ٿمي هئي جيڪا ٻه وڏي اسر سان اٿي ٻنيءَ تي آئي هئي. هن ڪڙڪيدار آواز ۾ هڪل ڪري کين للڪاريو. هڪل سان همراهن جا ڊِڊر ڊرا ٿي ويا. ماسيءَ جو ڏاٽو ڏسي هنن کان ڀڄڻ ئي وسري ويو. ماسي ٿميءَ ٻنهي ڄڻن کان گاهه جون ڀريون ڪٽائي ڏيڍ ڪلوميٽر پنڌ ڪرائي بگيءَ وٺي آئي.

ماسي ٿميءَ جي سخاوت جون ڳالهيون اجا بہ پيون ڳائبيون آهن. گهران ٿهو مانين ۾ لسيءَ جي گهاگهرڪٽي نڪرندي هئي. رستي سان ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ هر هاريءَ کان پڇندي ويندي: "ابا ماني آئي اٿوَ." اهي چوندس: امان، اڃي ويندي. تڏهن هيءَ چوندن: "ابا هڪ ڊ ڳڙي ۾ لسيءَ ڏيک ڏيانءِ. جيستائين گهران ماني اچئي تيستائين ٻل ڪرا" ماسي ٿمي محنت ڪري گهر ٺاهيو. مڙسهنس سدائين پرايا ڍور چاريا پر هن پنهنجون مينهون ۽ ڳئون ڌاريون. مال کي پاٽي پيارڻ لاءِ دادو ڪئنال تي ايندي هئي تہ اتي ڌنارن جي محفل مچي ويندي هئي. ڪچهري اهڙي مزيدار ٿيندي هئي جو ڌنارن کان اٿڻ نہ ٿيندو هو.

ماسي ٿمي اڌ عمر کان پوءِ هڪ بيک ڪيو. شايد ڪا بيماري هيس پر ماڻهو چوندا هئا تہ ڪيس جن آهي ۽ هن بہ مجيو تہ ها مون کي فقير آهي. هن جي اعلان جي دير هئي، ويساه وڪوڙيل ڳوٺاڻن کي اعتبار اچي ويو. سندن ڪا بہ شيءِ گم ٿي ويندي هئي تہ ماسي ٿميءَ سان رجوع ڪندا هئا. فقيرياڻي ڪڏهن ڪا درست پيشنگوئي نہ ڪئي، مڙئي اونڌا ابتا اندازا، جن جي نتيجي ۾ ڪڏهن ڪڏهن وڏا ڏچا بہ ٿي پوندا آهن. شڪر جو هن سان اهڙي ڳالهہ نہ ٿي. مائي صاحبہ سائل جي ڳالهہ ٻڌي پاڻ کي اچي چادر ۾ ويڙهي جڻ استخارو ڪندي هئي ۽ ٿوري دير کان پوءِ چادر مان نڪري "اصل حقيقت" جو انڪشاف ڪندي هئي. چون ٿا تہ هڪ ڀيري ڌنگڙي ڳوٺ جا ڪجھ ماڻهو ڪو مسئلو ڪٽي وٽس پهتا. مائي ڪا ٻنيءَ تان ٿڪجي موٽي هئي. جيئن ئي چادر ويڙهي ويٺي تہ ڪيس ننڊ وٺي وئي. همراه بہ ٿي ڪلاڪ انتظار ڪري ماندا ٿي پيا. نيٺ سڏ ڪيائون. خبر پين تہ مائي ننڊ جي واديءَ ۾ وڃي پهتي هئي.

هن کي هڪ پٽ بگن عرف بگو ٿيو جيڪو بہ هاڻي هن دنيا ۾ ناهي رهيو. مائي ٿمي 2005ع ۾ وفات ڪئي

# استاد بچل خان جتوئي

## ڪلاسيڪل جيپ ڊرائيور

بچل خان جتوئي هئو تہ ڊرائيور پر ٺاڪ ٺوڪ ۽ ڪپڙي لٽي ۾ ڪنهن نواب کان گهٽ هرگز نہ هو. لاڙڪاڻي ضلعي جي محراب پور ڳوٺ جو ويٺل هو. هِن ئي ڳوٺ جي مولوي غلام رسول جتوئيءَ جا سنڌيءَ ۾ لکيل خطبا سڄي سنڌ جي مسجدن ۾ اڄ بہ پڙهيا ويندا آهن. محراب پور جي جتوئي خاندان جو وڏو، رئيس حاجي غلام مصطفيٰ جتوئي هزارين ايڪڙ زمين رکندڙ شريف زميندار آهي. ان کان علاوه پنجاهہ کن اهڙا خاندان ٻيا بہ هوندا جن وٽ 100 کان 500 ايڪڙ زرعي زمين ٿيندي پر بچل خان وٽ هڪ ويسو بہ ٻنيءَ جو نہ هو پر ڳوٺ جو ڪو بہ رئيس ۽ وڏيرو ڪپڙي لٽي ۾ ساڻس مقابلو نہ ڪري سگهندو هو. رئيس غلام مصطفيٰ جتوئي تہ سادگي پسند انسان هو، سدائين سنهو پهراڻ ۽ بوسڪيءَ جو پٽڪو ٻڌندو هو ۽ هميشہ رڪ (ڪِري) واري ماني کائيندو هو، جڏهن تہ سندس ڊرائيور بچل خان چيئرمين جي ڪپڙي وارو پيچي لڳل ٻن طرن وارو پٽڪو ٻڌندو هو. جيپ هلائيندي پٽڪي جو هڪ طرو جيپ جي دريءَ مان ٻاهر جهنڊي وانگر ڦڙڪندو رهندو هو. پيرن ۾ مهانگو ولايتي بوٽ سو بہ ڪپڙن جي ميچنگ تي ۽ ڪپڙن جي سلائي بہ اهڙي جو ٻيا ماڻهو ويٺا حسرت ڀريل نظرن سان ڏسن! پنهنجي تر ۾ تہ خير جهڙي ڳالهہ هئي، ڪيس سيڪو سڃاڻندو هو. رئيس وڏي جون سنڌ جي مختلف علائقن ۾ زمينون هيون. اوڏانهن جڏهن بہ گڏجي وڃن تہ ماڻهو رئيس کان وڌيڪ بچل خان سان جهڪي ملن پر پوءِ جڏهن کين اصل حقيقت جي خبر پوندي هئي تہ اهي خوشگوار حيرت ۾ پئجي ويندا هئا.

ٻئي ڪنهن ته ڪڏهن ٻه نه چيس پر هڪ ڀيري شڪارپور ۾ پنهنجي ذات واري هڪ همراهه ڪيس اهڙي پٽڪي نه ٻڌڻ جي صلاح ڏني ته ٻچل خان جذباتي ٿي ويو، چي: ”پنهنجي پئسن مان پٽڪو ورتو اٿم، کهڙو پٺين جو پاتو اٿم، جو توکي ڳالهه نٿي وڻي!“ رئيس غلام مصطفيٰ خان به ٻچل جو پاسو ڪٽندي ان همراهه کي سٺي چنڊ پٽي. اٿين مختلف علائقن ۾ ٿيندڙ دعوتن تي رئيس کي ڪارن مرچن ۾ رڌل دال نصيب ٿيندي هئي پر ڊرائيور ٻچل خان موچاري مانيءَ کي چڱي خاصي چِٽ ڏئي اٿندو هو. ان جي باوجود سندس ڏيل اهڙو جو جڻ مهيني کن کان ڪجهه نه کاڌو هجيس.

ٻچل خان کي جيئن ته وِچ جا پاٽي هئا، ان ڪري نوڪريءَ کي لت هڻندي دير نه ڪندو هو، ان جي باوجود ڪيس بيروزگار نه رهڻو پوندو هو. ڪو نه ڪو ننڍيو وڏو رئيس ڪيس پاڻ وٽ ڊرائيور رکي ڇڏيندو هو، چاڪاڻ جو ذات وارو هئڻ ڪري سندن عورتون به هن کان پردو نه ڪنديون هيون. ان ڪري ڪڏهن ڪنهن رئيس جو ته ڪڏهن ڪنهن رئيس جو ڊرائيور هوندو هو پر مجال آ جو سندن اوطاق تي وڃي. هن جي ٻيڪ سرائي شير محمد خان جتوئيءَ جي اوطاق هئي، جنهن کي پنهنجو زمين ٽڪر ۽ ماهيو مال هو. تر ۾ سندس وڏي واقفيت ۽ رهائي رسائي هئي. هن جي پٽن محمد خان، قربان جتوئي، قطب جتوئي، احمد خان جتوئي ۽ طارق جتوئي قومپرست سياست توڙي علمي ادبي کيتر ۾ سڄي سنڌ اندر سٺي سڃاڻپ پيدا ڪئي آهي. سرائي شير محمد خان جي اوطاق سندس پٽ محمد خان هلائيندو هو، جيڪو ان وقت ڳوٺ جي باغي نوجوان طور ڄاتو ويندو هو. پڙهيل لکيل هئڻ سان گڏ قومپرست ۽ ترقي پسند خيالن وارو نوجوان هو. ان سان گڏ شاعري ۽ راڳ سان بي انتها پيار ڪندڙ شخص هو. هن جي اوطاق ۾ مڏ جون محفلون به ٿينديون هيون ته سلفي لاٿون به هونديون هيون. خاصڳالهه ته اتي غريب ۽ امير ۾ ڪو فرق نه هو، ان ڪري ٻچل خان هن ئي اوطاق تي ايندو هو، جتي ڪيس پنهنجي پسند جا ٻئي نشا ملي ويندا هئا، چوندو هو: ”وڏيرن جي اوطاق تي اهي وڃن، جن کي ڪو به ڪم نه هجي، اسان کي پنهنجي گهر جوئي ڪم گهٽو آ، بيڪار ناهيان جو بيگر وهان!!“

ٻچل خان صوفي غلام سرور جتوئيءَ جو به مختلف وقتن تي ڊرائيور

ٿي رهيو. صوفي صاحب، سائين چيزل شاهه ڀاڳناڙيءَ واري جو طالب هو. گيڙو ويس ڪندو هو، باقي هئو صوفياڻي مزاج کان ڪوهين ڏور. سال ۾ هڪ ڀيرو دفعو پنهنجي مرشدن جي شاندار دعوت ڪندو هو. ان پروگرام ۾ راڳ رنگ ۽ ننگر فقير هلندو هو، باقي سڄو سال عوام لاءِ آزار هو. ڏگ سان ڪنهن سلام نه ڪيس ته پوليس کي پنج رپيا ڏئي همراه کي قلم 109 يا 110 ۾ چالان ڪرائي ڇڏيندو هو. ماهه رمضان ۾ سڄو ڳوٺ تراويحن جو انتظام ڪندو هو. ڳوٺاڻا مولوي ۽ نعت خوان گهرائيندا هئا، انهن جي ڪاڌي پيتي لاءِ حلوي جون ديڳيون لاهيندا هئا پر صوفي صاحب سدائين سندن رنگ ۾ ڀنگ وجهندو رهيو. صوفي سرور وري برڪت ڀريو مهينو شروع ٿيندي ئي ٻير گهرائي وٺندو هو. سج لٿي جي نماز کان وٺي فجر جي آذان تائين سندس اوطاق ۾ پير وڄندي رهندي هئي. مجال آ جو ڪو ڳوٺاڻو ننڊ ڪري سگهي يا ڪو مسلمان مولود ٻڌي سمجهي سگهي. سڄي رات ڳوٺاڻن جي ننڊ ڦٽائي پاڻ روزو رکي سڄو ڏينهن لت ڪوڙيون ستو پيو هوندو هو. وري شام ٿيندي ئي ساڳيا لاٿون ساڳيا چگهه. سيني کي جڪون ته ڏاڍيون ايندڀون هيون پر مائٽي ۽ وڏن جو واسطو ڏسي سيڪو ماٺ ٿي ويندو هو. اهڙي شخص سان جالڻ جنجال کان گهٽ نه هو. بچل جهڙي من موجيءَ لاءِ ته نسورو عذاب هو. بچل خان ڪم ڪار کان واندو ٿي سڌو ڀِرا محمد خان جي اوطاق تي پهچندو. صوفي صاحب ڏانهن ڪو به ماٺهو لڙندو ئي نه هو. سو، نيت پنهنجي اوطاق واري تنهائي کيس به محمد خان جي اوطاق تي اچڻ لاءِ مجبور ڪري وجهندي هئي.

ڪچهريءَ ۾ هڪ ڏينهن صوفي غلام سرور صاحب ڀِرا محمد خان کي صلاح هڻندي چيو: "سياڻي مرشد ڪريم سائين رڪيل شاهه جن جو ميلو آهي، هلو ته اوهان کي پنهنجي ڪار ۾ گهمائي اچان، باقي اتي شراب جي اجازت ناهي، نه ڪو ملي سگهندو، اها ڪس توهان کي ڪاٽي پوندي." ڀِرا محمد خان چيس: "اسان توسان ميلي تي گڏ هلون ٿا، اتي توکي شراب لاءِ نه چونداسين، باقي جي ملي ويو ته پوءِ اسان جي مرضي آهي." ان ڳالهه تي صوفي سرور راضي ٿي ويو. همراهه جيئن ئي ميلي ۾ پهتا ته کين پنهنجي سنگت ملي وئي، جن خدمت چاڪريءَ کان پوءِ کين مڌ جون ڪجهه بوتلون

ٻہ ڏنيون. هنن پنهنجي بينڪ تي پهچي گلاس پرڻ شروع ڪيا. صوفي صاحب محمد خان ۽ دوست ڪي تہ ڪجھ نہ چئي سگهيو، البتہ ٻچل خان ڪي پيئڻ کان منع ڪيائين تہ همراھ مچرجي پيو. ڪار جي چاٻي مالڪ جي منهن ۾ هڻندي چوڻ لڳو: “وٺ پنهنجي چاٻي، مان بس ۾ چڙهي ڳوٺ پهچندس، مان تنهنجو ڊرائيور آهيان، ڪو زرخريد غلام ناهيان. پنهنجي پورهئي جي ٿو پگهار ڊِين. زندگي منهنجي آهي، اها پنهنجي مرضيءَ سان جيئندس.” صاحب في الحال تہ چاٻي پاڻ وٽ رکي. هوڏانهن ٻچل خان ويو گلاس مٿان گلاس چاڙهيندو. ٻئي ڏينهن ٻنهي کي اچي ڳٽيءَ ورايو تہ ڳوٺ تائين ڪار ڪير پهچائيندو. ان مجبوريءَ سبب صوفي صاحب کي گهٽ ٽيڙو پيو. هن ٻچل خان سان پنهنجي رويي تي معذرت ڪئي. اهو ٺاهہ رڳو ڳوٺ پهچڻ تائين هو، واپس محراب پور پهچي ٻنهي هڪٻئي کان رستا ڌار ڪري ڇڏيا.

هڪ ڀيري ٻچل خان جو ننڍڙو بيمار ٿي پيو. وٽس ڊوڪڙ نہ هئا. سرائيءَ کان ڊوڪڙ وٺڻ لاءِ بنگلي تي پهتو پر هن سندس ڳالھ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪندي چيو “اسان ڪي ٻارن سان هينئر ئي لاڙڪاڻي وڃڻو آهي، اسان کي لاڙڪاڻي ڪٽي هل.” ساڻن رئيس وڏو، سندس گهر واري ۽ ڪجھ صغير ٻار بہ وينل هئا. ٻچل خان ٿورو اڳتي هلي، جيپ جي اسپيڊ وڌائيندي رئيس کي چتاءُ ڏيندي چيو: “هي توهان جو آخري سفر آ، هاڻي ڪلمو پڙهي وٺو. هٽان ٿو جيپ کي رائيس ڪئنال ۾، مان تہ مرندس پر توهان جهڙين جزائن مان بہ خلق جي جند ڇٽي پوندي. اڙي، منهنجو ٻچڙو بخار ۾ پيو مري، اوهان لاءِ ڪا ڳالھ ناهي. توهان کي جڏهن منهنجي ٻچن جو احساس نٿو ٿئي تہ مون کي توهان جي ٻچن تي ڪهڙي ڪهل پوندي. بس، اڄ مرڻ لاءِ تيار ٿيو!” هن جا اهي سخن جيپ ۾ وينلن جي دلي تي ويهي ويا. ان مهل تہ ڪنهن بہ هن سان ڪجھ نہ ڳالهايو. البتہ هڪٻئي کي اهو چوندا رهيا تہ ٻچل خان صحيح ٿو چوي. لاڙڪاڻي پهچي هنن تڙ تڪڙ ۾ گاڏي خالي ڪري ٻچل خان جي حوالي ڪئي ۽ کيس چڱا خاصا پئسا ڏئي واپس روانو ڪيو.ٻچل خان 2005ع ۾ اٽڪل 65 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي.

***

# ماڇين جا پوڳ

منهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ جي ماڇين جي پوڳن تي ڪيترائي ڪتاب لکي سگهجن ٿا. سڀ جا سڀ زنده دل انسان آهن. ڏکن ڏوجهرن ۾ به منهن تي مرڪ هوندي اٿن. غمن گوندرن ۾ ڪلڻ ته جيڪر هنن کان سکجي. ماڇين جي شادي هجي يا قضيو، ان ۾ چرچا ضرور ڪن. هنن وٽ چرچن جي معاملي ۾ ننڍ وڏائيءَ جو لحاظ ڪار ناهي. نهي آيو ته پُٽ، پيءُ ڪي پوڳ وهائي ڪيندو. ان ۾ ڪنهن سان به ڪا رعايت نه ٿيندي؛ رڳو مڙس ڊاک تي چڙهي اچي، اصل متو متي تي ايندس. گفتو نڪرندي ئي ڪچهريءَ ۾ موجود هر ماڻهوءَ جا پيٽ ۾ هٿ هوندا، اصل کُرڙيون پيون لڳنديون پر مجال آ جو پاڻ ڳالهه پوري ڪرڻ کان اڳ کِلن. جيئن ته شادين ڪاڄن تي اڄ ڪلهه ٻيا خفڙتال گهڻا ٿيندا آهن، ان ڪري اتي اهو ڀرپور حظ حاصل نه ڪري سگهبو آهي، باقي اها ڪسر سندن تڏي تي پوري ٿي ويندي آهي جو اتي سڀ هڪ هنڌ هٿيڪا هوندا آهن. ڪيترن جا نالا ڳڻائجن. زندگيءَ جو سفر جاري آهي. هڪڙا پُوڻءِ پيڙا ٿين ٿا ته ٻيا اچي سندن جاءِ والارين ٿا. ايئن وڏڙن واري زنده دلي به نئين نسل ڏانهن منتقل ٿيندي رهي ٿي. وڏن جي وڏي ڳالهه هئي پر ننڍا به گهٽ هرگز نه آهن.

خانصاحب محبوب عرف ڪڪو ماڇي، مولا بخش عرف مولائي ماڇي، سعيد خان عرف سعدو ماڇي ۽ سهراب ماڇي هڪ هنڌ گڏ ويهن ته پوڳ نگر جڙي ويندو آهي.

سهراب جي وڏي ڀاءُ محراب 23 فيبروري 2018ع تي وفات ڪئي. هن جو پٽ گاجي ماڇي به وڏو چرچائي آهي. هڪ ڏينهن ڪاڪو محراب

شهپرن کي خضاب ڪري پُٽ جي هوٽل تي اچي وينو. همراهه پنهنجي ليکي نهي سنبري آيو هو پر سندس ڏاڙهي تورو وڏيل هئي ۽ شهپرن واري رنگ سان ميچ نہ پئي ڪري.گاجي پيءُ جو جائزو وٺڻ کان پوءِ هوٽل تي ويٺل گراهڪن کي مخاطب ٿيندي چيو: ”اچيوَ ٿي، پيءُ ڳجهارت: اچو بوٽ ڪاريون کهيون ...“ ڪجهہ ماڻهن ڏک هنيا پر ڪاڪو محراب پُٽس جي معنيٰ خيز مرڪ مان ئي ڳالهہ سمجهي ويو ۽ گاجيءَ کي هڪ عدد پيار ڀري گار سان گڏ گهروڙي پوندو ڏئي هوٽل مان نڪتو هليو ويو.

محراب جي لاڏاڻي تي تعزيت لاءِ اسان ڏاڏي وريل فقير جي مئخاني تي پهتاسين. دعا گهرڻ کان پوءِ ماڇين جي نوجوان اسان کي اک پچي سهراب سان ڪچهري ڪرڻ لاءِ چيو. حفيظ ۽ آئون سندس سامهون ٿي ويناسين تہ هن سُر سمجهندي چيو: ”يار، متان اڄ گهٽيون ڳالهيون ياد نہ پون، ان ڪري مولائيءَ کي بہ سڏائي وٺو.“ مولائيءَ کي سڏايوسين تہ سعدو بہ اچي سهڙيو. ٽيئي همراه 60 ورهين جي جمار کان چڙهي هليا آهن. منهن مهانڊي ۽ قد بت ۾ هڪبئي کان مختلف پر ٽنهي کي مها داستان گو چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. ان ڏينهن ڪلي ڪلي کيرا ٿي پياسين. ها، ڪلڻ سان گڏ ڪنهن وقت اکين جا آگم بہ ڇلڪي ٿي پيا. ڪچهريءَ ۾ جيڪي ڳالهيون ٿيون، جيڪي قصا بيان ڪيا ويا؛ دل تہ چاهي ٿي تہ اهي سڀ ويهي لکان پر ڇا ڪجي جو سندن اڪثر ڳالهيون اخلاقيات جي ماءُ پيڻ هڪ ڪري ڇڏينديون.

سهراب پنهنجي ويجهي مائٽ محمد يوسف عرف جوسي ماڇيءَ جو قصو ڪنيو (جوسو ماڇي قد جو پِستڙو ۽ بت ۾ پريل هوندو هو. ڏاندن جي گوءِ جو شوقين هئڻ ڪري سدائين وٽس ڪونہ ڪو پتارو بيٺل هوندو هو. هن جي سيني ڏاندن ڪتيو گهت ۽ هارايو گهٽو) ”هڪ ڀيري لاڳيتو پنج گويون هارائڻ کانپوءِ مامي جوسي ڇهين گوءِ بڌي تہ جوڻس ڪاوڙ جي پيس، چي: مئا، ڪٿين تہ هڪڙي بہ گوءِ نٿو، اجايو ڏاند پتاري کي ڊوڙائي ماريو اٿئي...! مامي جوسي اهڙي اعتراض کي بدسئوڻ سمجهندي زال کي پيرين پوندي چيو: هروڀرو وهم نہ وجهہ، تون رڳو دل سان دعا ڪر، مولٰي ستائي ڪندو... مائي ويچاري مڙس جي پيرين پوڻ تي صفا ميڻ ٿي ويئي. مڙس جي پٺي

نپيندي چيائين: چڱو وڃ، دستگير سوپ ڏيندئي... گوءِ تي. معمول جي ابتڙ هن پيري مامو جوسو سوپارو تي موٽيو. همراه ڪپڙن ۾ نه پيو ماپي. ميدان کان ڳوٺ تائين نعرا هڻندو آيو. گهر پهچڻ شرط زال کي ٻڌا پاڪر وجهي، ملهن وانگر مٿي پٽي، ڦيرائي ڦيرائي، خوشيءَ مان گد گد ٿيندي چيائين: صدقو وڃانءِ، شريعت ۾ زال تي پئي آهين، باقي دعا ماءُ واري ڪيئِي!"

سهراب ٿوري ساهيءَ ڪانپوءِ هڪ ٻيو قصو ڪنيو: "هڪ ڏينهن هن ئي جاءِ تي ويهي رسو وٽي رهيا هئاسين. ٽاڪ منجهند جو ٽاٽو هجي. اصل ڪانوَ جي اک پئي نڪتي جو وڏيرو اِمن اچي پهتو ۽ اچڻ سان ئي پڦڙ قائم جي پڇا ڪيائين. جڏهن ڪيس ٻڌايوسون ته اهو شهر ويو آ ته وڏيري کان ٽڏو ساهه نڪري ويو. اسان به پريشان ٿي وياسين. پڇيوسين: وڏيرا خير ته آهي، پڦڙ قائم ۾ ڪهڙوڪم هُيوَ؟ وڏيري چيو: يار، اڄ هن مهل تائين ڪوبه اهڙو ماڻهو نه ٽڪريو آهي جنهن کي چيڙايان. ان ڪري هيڏي آيس ته قائم هوندو پر اهو به ناهي، هاڻ منهنجو ڏينهن ڪيئن گذرندو! وڏيري اِمن جي اها ڳالهه ٻڌي ڪيس مشورو ڏنم ته مامي جوسي کي سڏائي وٺ. وڏيري پڇيو: جوسو چاٻي به ڪٽندو الائي نه! چيومانس ته اوهان رڳو نياپو ڪري ڪيس گهرايو، باقي ڪم منهنجو آ... وڏيري ڪنهن ٻار هٿان ڪيس نياپو موڪليو ته مامو جوسو انگوڇي جي گوڏ سان نڪتو آيو، جنهن کي روايتي طرح پويان ڳنڍ ڏنل هئي. وڏيري اٿي ڪيس پاڪر پاتو ۽ پنهنجي سامهون وهاري ساڻس اوپاريون لهواريون ڪرڻ لڳو ته ان دوران مان وڏي احتياط ۽ ڪاريگريءَ سان مامي جوسي جي گوڏ جي ڳنڍ کولي ويس. اهو ڪم ڪري، ٿورو پريرو وڃي نديڙو پٽر وهائي ڪيومانس ته همراهه جيئن چال ڏئي اٿيو ته گوڏ اچي پيرن ۾ پيس. پوءِ ته جهڙي گار اسان کي تهڙي وڏيري کي."

سهراب ڳالهه پوري ڪئي ته حفيظ، مولائيءَ کان معلوم ڪيو: "يلا، اها نانگ واري ڳالهه ڪيئن؟" مولائي قصو بيان ڪندي چيو: "سورهن ورهين جو هئس. تڏهن اسان جي ڳوٺ جا ٻه همراه ٻن ڏينهن اندر ڪڪجي فوت ٿيا ته خوف پکڙجي ويو. تڏهن ملڪ مٿان موت جو راڄ نه هو. ڪڏهن ڪو خون ٿيندو هو يا حادثي ۾ ڪو ماڻهو فوت ٿيندو هو ته سڄي تر ۾ هراس پکڙجي

ويندو هو ۽ مهينن جا مهينا اها ڳالهه پئي هلندي هئي. ٻن ڏينهن اندر ٻن ماڻهن جي اوچتي موت واري واقعي سڄي ڳوٺ کي ڳڻتي ڏيئي ڇڏي هئي. جاتي ڪاتي اها پچار هجي. اسان (بابو، ڀائو ۽ مان) ٻصرن جي پنيري پٽي رهيا هئاسين جو مون ڏٺو ته مار، بابي جا گابا ته ڏڪ تي پيا وڃن! اتي مون نانگ واري ڳالهه ٻه چوري ڇڏي. بابي جو خيال هو ته ٻنهي همراهن کي ساڳئي نانگ ڪاڏو آ ۽ ان جي هوڙ ۾ ماڻهوءَ جو رت لڳو آ، تنهن ڪري جيستائين اهو نانگ مرندو نه تيستائين ٻين ماڻهن کي به ڳولي ڳولي ڪائيندو...! بابي جي ڳالهه جاري هئي جو مون هڪ ڪانو سيري ورتو، جنهن کي ٿوري ڇهنب به نڪتل هئي. بابي کان نظرون بچائيندي، اهو ڇهنبارو ڪانو سندس آلت ۾ چُپائي ڏنم ته هلڪو چرڪ ڀري هيٺ جو ڏٺائين ته رت وهندو ڏسي دانهن نڪري ويس:”اڙي، مون کي نانگ ڪائي ويو!“دانهن ڪري ٻاريءَ ۾ ڦهڪو ڪيائين ته اسان ٻئي ڀائر وٺي ڀڳاسين. پنيان بابا جي دانهوڙ پئي پوي.پرسان ٻنيءَ ۾ بيٺل همراه هن جي رڙين تي ڀڳو آيو. پڇڻ تي بابي ٻڌايس ته کيس نانگ ڪکي ويو آهي. همراهه پڇيو: ڪٿي؟ بابا چيس: ڏيکارڻ جهڙي جاءِ ناهي. ان تي همراه ٻاريءَ مان ڪانو ڪڍي ڏيکاريندي تسلي ڏنس ته نانگ نه ڪاڏو اٿئي. تو وارا ڇورا هي ڪانو هڻي پڄي ويا اٿئي... اهو ٻڌي ابو ڪجهه سامت ۾ آيو ۽ چوڻ لڳو: مون سمجهيو ته نانگ مون کي ڪکي هاڻي منهنجي ڇورن جي پنيان پيو آهي ۽ اهي ڊپ کان ڀڳا ٿا وڃن...“ رات جو بابا امان کي دانهن ڏيندي چيو ته ”تو وارو مولو مون کي ماري چڪو آهي، رڳو هٿ اچي... ڏسجان، ڪيئن ٿو لنين مان ڪڍانس...“

هنن جون ڳالهيون ٻڌي مون کي پري ماچياڻي ياد اچي ويئي جيڪا وڏي چرچائڻ هئي.”جن سين لنئون لاڳي“ ۾ سندس خاڪو شامل آهي. مائي پري سعدوءَ جي ماءُ ۽ مولائي ۽ سهراب جي ڦڦي هئي. سهراب کان پڇيم: ”يلا، ڦڦي پريءَ جي جوڙ جي ٻي ڪا چرچائڻ مائي به ڳوٺ ۾ ٿي يا نه؟“ ان تي سهراب ٻڌايو ته ”مائي قائمه خاتون جي آڏو ڦڦي پري ڪجهه به نه هئي. ان کان سڄو ڳوٺ ونءُ ويندو هو. هڪ ڀيري پنهنجي ڏنار پٽ لاءِ ماني ڪنيو پئي وئي ته ڊگ ۾ هڪ هاريءَ چرچو ڪندي چيس: ماسي قائمه، پٽ لاءِ

ڪير نٿي ڪٽي وڃين، وهڪجي وئين آهين ڇا؟ ان تي ئـه پـﻬ جواب ڏيندي چيائين: ابا، مون کي تہ وهڪئي ورهيہ ٿيا، باقي جوٽهين ڏهٽي ڪري آندي هئم پر اها بہ لڳ تي آهي...“

مولائي اسڪول واري دور جون ساروٽيون سارينديـ چيو ”اسان واري زماني ۾ استاد پنهنجي سڄي گهر جو ڪم شاگردن کان ڪرائيندا هئا. ڪم بہ اهڙو جو چڱو ڀلو مزور بہ نہ ڪري سگهي. اسان تہ غريب جا ٻار هئاسين پر وڏيرن جا پُٽ بہ استادن جو ڪم نوڪر وانگر ڪندا هئا. اصل مالڪن جي منهن تي، استاد ڪين گڏهہ وانگر وهائيندا هئا پر ڪنهن کي اعتراض جي جرئت ڪانہ ٿيندي هئي. جيئن تہ مان پڙهڻ ۾ بہ جڏو تہ ڪم ۾ بہ ڏُڏو هوندو هئس. استاد چٽن جي پلي پٽڻ لاءِ تہ موڪليندو رهندو هو. مون کان پلي پٽِي نہ ٿيندي هئي، ان ڪري چنبو ڪن پلي پٽي اچي لئيءَ جو پاسو وٺندو هئس ۽ لئيءَ جو ٻُور روڙي ٽبٽو ٽبٽار ڪري، پليءَ جو ٻُڪ ڪن مٿان وجهي اچي اسڪول پهچندو هئس. ڪجهہ ڏينهن تہ ايئن ڪم پئي هليو. نيٺ استاد کي گهران رپورٽ ملي تہ پليءَ ۾ اڌ کان وڌيڪ لئيءَ جو ٻور بہ اچي ٿو. هڪ ڏينهن جيئن ئي اسڪول پهتس تہ پلي وٺڻ بدران در وٽ چُپ ڪري بيهڻ لاءِ چيو ويو. ان جو سبب پڇڻ تي خبر پئي تہ اڄ پلي چيڪ ٿيندي! اهو ٻڌندي ئي ٽبٽو اچلائي ڪٽي ڪڙين تي زور ڏنم...“

”ٻئي ڀيري استاد ڪنهن کان گارو ڪرائي اهو شاگردن کي ڍوئڻ لاءِ چيو. گارو ڏسندي ئي ٻرو چڙهي ويو. ساٿي شاگردن کي چيم: ٻيلي، هي گارو گهڻو آهي، سڄو ڏينهن ڍوئينداسين تڏهن بہ نہ کٽندو. منهنجي صلاح مڃو تہ هتي ئي کڏو کٽي گارو ان سان ڀري مٿان مٽي وجهي ٿا ڇڏيون. استاد پڇي تہ چونداسين: سائين گارو ايترو هو جيڪو اسان ڍوئيو. صلاح سڀني کي وڻي. هڪدم ان تي عمل شروع ٿي ويو. گهڙي نہ گذري تہ اڌ گارو کڏي ۾ پئجي ويو ۽ اڌ کڄي ويو. استاد بہ اچي ويو، ڪيس ٻڌايوسين تہ جيڪو بہ گارو هو اهو ڍوئي وياسين. استاد ڳالهائيندي ڳالهائيندي کڏي ڏي وڌڻ لڳو جنهن کي مٿان سڪي مٽي وجهي صفا من ڪري، واردات لڪائي ڇڏي هئي سين. استاد کي رنڊائڻ ۽ کڏي ڏي وڌڻ کان روڪڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي سين پر هن دڳ نہ مٽيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سيني تائين

گاري ۾ گپجي ويو. ان مهل سائين جن ٻہ ڏسڻ جهڙا هئا پر سيڻ کي سر جي لڳل هئي. جيئن تيئن ڪري ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ سائين ٻين کي ٽوري مار ڏني پر مون کي سنهي ٻُڌ مان ڪڍي ساهہ پٽيائين جو سڀ همراه منهنجي مٿان بيهي ويا تہ اها پلاننگ مولوءَ جي هئي.”

***

# ڀهروپيا سيد

سنڌ جا سادا لوڪ هونئن تہ ٻاهران ايندڙ هر ماڻهوءَ کي جيءَ ۾ جايون ڏيندا آهن پر جنهن سيد سڏايو، ان جي خاص خدمت ٿيندي. سنڌي هندو هجن يا مسلمان، سيد جو خاص خيال رکندا. ان کي ٻين کان سٺو بسترو ڏيندا، ٻار ڪٽندا تہ ٽويو سيد سڳوري لاءِ ضرور ڪڍندا. ان کان سواءِ ساڻن هر طرح جو ونڊ ڪندا رهندا. جيڪڏهن سيد ۾ ڪا اوڻائي هوندي تہ بہ ان کي ڊڪيو پيا ڍڪيندا. واندن خليفن جا بار بار بيان ڪيل معجزا، پهاڪا ۽ چوٽيون ور ور پيا ورجائيندا: ”سيد ميرو تہ بہ پنج سيرو.“ سادڙن سنڌين جو اهو ويساهہ آهي تہ جيئن ڪنو پاٽي بہ ٻاهہ وسائي ڇڏيندو آهي، تيئن عيبدار گناهگار سيد بہ سندن پرجهلو ٿي سگهي ٿو، سندن دوزخ جي ٻاهہ کي ڇنڊو هڻي سگهي ٿو! سنڌي لوڪن جي اهڙي سادگي ڏسي ٻاهران ايندڙ ڏنڊوڙي بہ اڪثر سيد سڏائي مفت جو مال ڪُٽي روانا ٿيو وڃن. اسان جي تر ۾ مختلف وقتن تي ڪيترائي شاطر شخص ٻاهرون آيا، جن هتي اچي سيد سڏايو. هونئن تہ انهن جي وڏي لسٽ آهي پر ڊيگهہ کان بچڻ لاءِ اهڙن ٽن ڄڻن (سيد) رڦڙ شاهہ، (سيد) ايوب شاهہ ۽ (سيد) خضر شاهہ جو ذڪر دلچسپيءَ کان خالي نہ هوندو.

(سيد) رڦڙ شاهہ: سنگل ٻاڊي ۽ وچولي قدر وارو هي همراهہ هئو تہ پنجاب جي ڪنهن علائقي جو پر گهڻو وقت سنڌ ۾ گذاريائين. سائينءَ جو پڪو سانورو رنگ حبشين کي بہ شهہ ڏيون بينو هوندو هو. رات جو ڪپڙا تن تي اوڍيل نہ هجنس تہ ڪنهن کي نظر ئي نہ اچي. همراهہ حڪيم ۽

سنياسي هو. ماڻهن جو خانگي موبائيل ڊاڪٽر وانگر علاج ڪندو وتندو هو. دوائن ناهڻ ۾ جيڪي ڪم ايندڙ جڙيون ٻوٽيون مفت ملي ويندڻيون هئس. اسان جي تر جي هڪ ڳوٺ ۾ اچي رهندو هو. سڀ ڳوٺاڻا سندس تعظيم ڪندا هئا. سائين جيڪو ڪمائيندو هو، اهو پنهنجي اصل ڳوٺ ڪٽي ويندو هو، باقي ماني ٽڪي ڳوٺ وارا ڪارائيندا هئس. ڪپڙو لٽو به اهي ڏورائي ڏيندا هئس. دوائن ناهڻ لاءِ اڪ، ٿوهر ۽ ٻيا جهنگلي وکر به کيس نذراني طور ملي ويندا هئا. ان وقت ماڻهن وٽ پئسو به گهٽ هوندو هو، ان ڪري حڪيم سڳوري کي علاج جي فِي طور ڪو ڍور ڍڳو ڏئي ڇڏيندا هئا ۽ اهو به ڳوٺاڻن کي ئي چارڻو پوندو هو. سيد سڳورو ايندي ويندي ٻلهڙيجيءَ ۾ پهر کن ضرور گذاريندو هو.ٿورو آفيم جو موالي به هو، ان ڪري ٻلهڙيجي گهٽو ايندو هو، جو هِتان سندس نشي جو پورائو ٿي ويندو هو.

ڪنهن ڳوٺاڻي جي نياڻي چمڙيءَ جي بيماريءَ ۾ ورتل هئي.پٽهس حال سارو ڏيءَ جو علاج ڪرايو پر ڪتان به فائدو نه پيس. لاڙڪاڻي جي ڊاڪٽرن به جواب ڏئي ڇڏيو، سو هن اچي سيد سڳوري کي عرض رکيو ته "سائين منهنجي ڏيءُ به توهان جي آهي، ان جو علاج ڪريو، سڄي عمر توهان جي غلامي ڏيندا سين." رڦڙ شاهه ان جو علاج ڪيو ۽ ڇوڪري چاڪ ٿي وئي. هڪ ڏينهن ڳوٺ وارا وينا اوطاق تي ڪچهري پيا ڪن جو رڦڙ شاهه اوچتو اچي ڪڙڪيو، چي:"ڇوڪريءَ جو مان علاج نه ڪيان ها ته مري وڃي ها. هاڻ اها مون کي ڏيو ته ڳوٺ وٺي وڃانس." اهڙي ڳالهه همراهن کي ٻتال ڪري ڇڏيو.هنن سوٽيون ڪٽي رڦڙ شاهه ڏي وڌڻ شروع ڪيو. هڪ اڌ لٺ لڳڻ ڪان پوءِ هن پچڻ ۾ ئي عافيت ڄاتي. کيس پيرين اگهاڙي پورو ميل پنڌ جو پچڻو پيو. ٿاڪ منجهند جو ٿاڻو هو، ڌر تتل هئي، ڪجهه ٽڪرو ڪلراٺي زمين ۽ ڪوٻاڪڙ هئي، ته ڪتان ڪانديرا ڦتل هئا پر رڦڙ کي باهه ۾ ڪا خبر ئي نه پئي. فقير يارمحمد جي مئخانيءِ ۾ پهتو ته سندس پير سڄيل ۽ رتورت هئا. پيرن ۾ پُرڪٽا ۽ لڦون پئجي ويون هئس. فقير، سندس اهڙي حالت ڏسي ان وقت ئي گُلي گهرائي پاڻيءَ ۾ وجهي، کيس اُن ۾ پير ٻوڙڻ جو چيو ۽ ان بعد هن کان حال احوال ورتا. رڦڙ شاهه ٻڌيو ته هنن جي هڪ همراهه مون کي پاڻ علاج عيوض اُن ڇوڪريءَ جو سڱ ڏيڻو ڪيو هو. ان تي فقير يارمحمد چيس

“اها ڳالهہ صحيح هوندي، باقي جنهن طريقي سان اوهان گهر ڪئي، اهوطريقو نامناسب هو.” ايتري ۾ وڏيرو اِمن ۽ استاد علڻ بہ مٺخاني ۾ پهتا. استاد علڻ رقڙ شاهہ کي ڏسندي ئي ڪل ۾ ٻُنجي ويو ۽ وڏيري اِمن سان مخاطب ٿي چوڻ لڳو: “وڏيرا، هو ڏس! نيرا ٿس پير ۽ ڪارو ٿس منهن ...” ائين چئي استاد وري ڪل ۾ ويڙهجي ويو. ان واقعي کان پوءِ رقڙ شاهہ جيئن جو ويو تہ وري خبر نہ پئي تہ ويو ڪيڏانهن.

(سيد) ايوب شاهہ: ايوب شاهہ بہ ائين ئي اچي اسان جي تر ۾ پرگهٽ ٿيو. همراهہ ڪٿان جو هو، ڪير هو؟ ان جي ڪا بہ خبر نہ پئي، باقي هئو سرائيڪي وسيب جو. ٻڌائيندو هو: “لال شهباز قلندر جي ميلي تي آيو هئس، هاڻي دل سنڌ ڇڏڻ نٿي چاهي. اصل سبب شايد اهو هو تہ هتي بنا ڪنهن محنت مزدوريءَ جي مانَ ۽ مانيءَ سميت گهڻو ڪجهہ ملي رهيو هو، جيڪو سندس پنهنجي ديس ۾ ملڻ ناممڪن هو. همراهہ جو تڪيہ ڪلام هو: “چٽڙي پڌر تي دل لُٽائي بيٺي هون” ان ڪري “چٽڙي پڌر وارو سائين” سڏبو هو. همراهہ ٻلهڙيجيءَ جي درگاهن ۽ مختلف ماڻهن جي اوتارن تي رهيو پيو هوندو هو، جن ڪڏهن بہ ڪانئس ڪنهن ڪرامت ڏيکارڻ جي تقاضا نہ ڪئي پر همراهہ جيئن تہ ڪاني ڪرامت جو صاحب هو، ان ڪري پنهنجي ڪرامت جي مظاهري لاءِ بي قرار رهندو هو. هڪ ڏينهن هن اعلان ڪيو تہ هو سياڻي رات مري ويندو، جنهن کي بہ ساڻس ڪچهري ڪرڻي آهي، اهو پير باغ علي جي اوطاق تي اچي. اسان جا بہ همراهہ غلام سرور ولد فتح محمد پيرزادو ۽ شبير ولد خدا بخش پيرزادو سندس وڏا عقيدتمند ٻڌجي ويا. اهي سڄي ڳوٺ کي ڪانڌ ڏئي آيا تہ “سائين چٽڙي پڌر وارو اڄ رات پيالو ڪري ويندو، سو سائينءَ سان الوداعي ڪچهري ڪرڻي اٿوَ تہ اچو.” اهڙي ڳالهہ ڪي ڪو غلط سڏي پيو تہ همراهہ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي پي ويا. چون: ”اوهان الله کي ئي ناهيو مڃيندا، سيد کي ڪيئن مڃيندا! پيٽانءِ،هھڙا تهڙا...!

نيٺ اها پلاري رات بہ آئي. ايوب شاهہ کي سائي چادر تي ويهاريو ويو. اڇي سڄو ڳوٺ گڏ ٿيو. جيئن تہ سائين چرس سان بہ وڏو چاهہ رکندو هو ۽ ٿوري امل ذري بہ واپرائيندو هو، ان ڪري ماڻهن پاڻ سان آفيم ۽ چرس بہ آندو هو.

اگربتيون ٻري ويون. ڪو پاڻ سان حلوو ڪنيو پئي آيو ته ڪو سَئيون، ڪنهن گوشت جي پاڃي آندي ته ڪو چانهه لاءِ کير ڪنيو آيو. ائين ڪاٺين جو ٻه ڊڳ گڏ ٿي ويو. سلفين جي دونهين سان سڄي رات شغل جاري رهيو. ايوب شاهه جي مُک تي سَرهائيءَ جا آثار واضح هئا.

“يار مرڻ وارو ماڻهو هيئن خوش نه ڏٺوسين!” ڪنهن سُرٻاٽ ڪيو.

“اڙي مرڻ ڪان ڊڄندا آهن تو مون جهڙا ماڻهو، سائينءَ جو ته هي ٻه پنهنجو گهر آ ته هو ٻه پنهنجو گهر! مرضي تُس، هتي رهي يا هُتي!” ڪنهن عقيدتمند دل جي ڳالهه ڪئي.

جڏهن رات لڙي ته اڌ ڳوناٽا اُتي ويا، باقي ماڻهو معجزو ڏسڻ لاءِ ترسي پيا. سائين پنهنجي مٿان چادر تاڻي سمهي پيو. سين سمجهيو ته هاڻي شاهه صاحب جي دم پرواز ڪرڻ جو ٽاڻو اچي پهتو آهي پر سائينءَ جن زنده رهيا. سائينءَ جي علي الاعلان وصال تي عمل نه ٿيڻ جو سڀ ڪان گهڻو ارمان سندن وڏي عقيدتمند غلام سرور جن کي ٿيو. نيٺ تنگ ٿي ايوب شاهه جي ڪٽ جي مٿان ٻيهي چوڻ لڳو: مرشد، وڏو انتظار ڪرايوٿي، هاڻ آخري هڏڪي ڏي يا ته مان گهٽو ڏئي ساهه ٿو ڪيانءِ.” شاهه صاحب پهريان ته منهن تان چادر هٽائڻ لاءِ تيار نه هو پر وڏي عقيدتمند پارانبي ادبيءَ واري ڌمڪي ٻُڌي اٿي ويهي رهيو. جيڪڏهن ايوب شاهه مري وڃي ها ته سرورءِ شبو سندس اولين مجاور ٿين ها پر هاڻي هي مٿس تي ٻري رهيا هئا جو هنن ئي سڄي ڳوٺ ۾ سندس مرڻ جو پڙهو گهمايو هو. نيٺ شاهه صاحب کي پاڙي جا پئسا ڏئي رقوچڪر ٿيڻ لاءِ چيو ويو پر هو ڳوٺ مان نڪرڻ ڪان پڙ ڪڍي ٻيهي رهيو: “اسان آيا ٻه پنهنجي مرضيءَ سان آهيون، ويندا سين ٻه پنهنجي مرضيءَ سان!” ان تي هڪ همراهه اکيون ڳاڙهيون ڪندي چئي ڏنس “سرڪار، جڏهن توهان پنهنجي مرضيءَ سان مري نه سگهيا ته پنهنجي مرضيءَ سان هتي رهي ڪيئن سگهندئو! هاڻي توهان کي هتان ٽپڙ گول ڪرڻا پوندا.” پوءِ ته وڏا پوڳ ٿيا. همراهه لاءِ سڀ در پورجي چڪا هئا، ان جي باوجود هتان وڃڻ لاءِ تيار هرگز نه هو. اڳ ۾ جيڪي ماڻهو ايلاز ڪري اوطاقن تي وٺي ويندا هئس، اهي ٻه منهن مَٽي ويا. ڪنهن ڏي اوطاق تي لڙي وڃي ته ڪوئي ڪيس هٿ ڏيڻ لاءِ ٻه نه اُٿي، نه ڪو مانيءَ جي پڇا

ڪريس! اهڙي طرح، مئخاني تي وجي ته موالي نشو پتو لڪائي ڇڏين. سلفي ٺاهين ته پاڻ ڇڪي وجن ۽ هي ڏسندو رهي، نه ته اڳ ۾ سلفي سَر ٿيڻ بعد ڀِريان سيد ڇڪيندو هو، پوءِ ٻِي اُمت. همراهه ڄڻ آسمان تان سڌو اچي کُوهه ۾ ڪِريو هو. عقيدتمندن جي ٻي رخي هن جا هوش خطا ڪري ڇڏيا، هاڻ هو چرين وانگر پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندو وتندو هو. ان دوران هڪ ٻن نوجوانن سان جهيڙو به ڪري وڌائين. ڪنهن وڏي نقصان جي خدشي سبب نيٺ ڪيسپڪڙي پوليس جي حوالي ڪيو ويو. اتي هن کي پنهنجا وارث ۽ انهن جا فون نمبر ياد اچي ويا، جيڪي ڪيس ڇڏائي پاڻ سان وٺي ويا. اهي ڏينهن هي ڏينهن، ايوب شاهه وري هن پاسي موٽ نه ڪئي.

(سيد) خضر شاهه المعروف قيدي شاهه:همراهه جڏهن اسان جي ڳوٺ ۾ پرگهٽ ٿيو ته هن جو سڄو جسم لوهه جي زنجيرن سان جڪڙيل هو. پيرن ۾ وزني ڪڙا پيل هئس. ان سان گڏ سيني تي هڪ وڏو تئو به ٻڌل هئس، جنهن تي "سيد خضر شاهه" اسم اُڪريل هو. اٺ ئي پهر اڌمڻ لوهه ڪٽي هلڻ ڪا گهٽ سزا ڪانه هئي. ان حوالي سان همراهه سيد قيدي شاهه يا قيدي سائين به سڏبو هو. اسان وٽ باقراڻين جي ابڙن سان گڏجي آيو هو. ڪي به سال ڪن وٽن به رهيو. همراهه جي زنجيري پوشاڪ ڏسي ماڻهو سندس عقيدتمند بڻجي پيا ۽ هي به انهن جو قرب ڏسي هتي رهي پيو. قيدي شاهه جسم تي سنگهرون سجائي گهٽين ۾ گهمندو هو ته ماڻهو عقيدت مان سر جهڪائي ڇڏيندا هئا. ناد وڄائي ان جي ٻوليءَ ۾ "هُو هُو" ڪندو وتندو هو. رنگ جو پڪو سانورو، زڻڪو، قد درميانو، مهينو ڪن باقاعده فقيرن وانگر چپ رهيو، پوءِ آهستي آهستي کُلڻ لڳو. خبر پئي ته همراهه سيد ۽ فقير هئڻ سان گڏوگڏ ڳائڻو، ڊانسر، ذاڪر ۽ گهوڙي سوار به آهي. اسان جي ڳوٺ ۾ راڳ ويراڳ ٿيندو رهندو هو. ٻين جو راڳ ٻڌي ٻڌي هڪ ڀيري هن جي روح به ست ڪاڏي ته استاد جانو ماڇيءَ کي چوڻ لڳو: "مان ڳايان ٿو، تون باجو وڄاءِ."سندس ڳائڻ مان اندازو ٿيو ته هن ڪنهن استاد فنڪار کان راڳ جي سکيا ضرور ورتي هوندي، جو ديسي راڳ راڳڻين سان گڏ پڪو راڳ به ڪري ويندو هو. آواز صفا سٺا نه هئس پر ٻي سرو به نه هو. ڊانسر به اهڙو جو "ڪيا بات هَي!" هيڏو سارو وزني مڙس هو پر رقص ڪندي انگ انگ وري ويندو هئس.

مهينو بہ ڳوٺ جي آسودن ۾ چرس ڪپائيندڙن جي خرچ پُکي تي هليو پر پيا ڪيترو ڏيندا؛ اها ڳالهہ ڳٽي هن ڳائڻ شروع ڪيو. اهڙو فنڪار نہ هو، جو سڄي محفل ڪٽي وڃي پر تر ۾ ڪٿي بہ ڪنهن شادي وهانءَ ۾ محفل ٿيندي هئي تہ سائين جن بہ اتي پهچي ويندا هئا: "بابا، سيد جو ٻچڙو آهيان، پهريان مون ڪي بہ ٻول چوڻ ڏيو." اهڙي نموني پنهنجي ڪيسي خرچي ڪڍي وٺندو هو.

قيدي شاهہ ذاڪر بہ هو. محرم جي مهيني ۾ مجلسون پڙهندو هو. وڏن اجتماعن ۾ تہ نہ باقي ننڍي پيماني تي تر ۾ جيڪي مجلسون ٿينديون هيون، اتي دعوت ڏئي وٺي ويندا هئس.اهو بہ اعلان ڪيل هئس تہ هو جِن ڪڍندو آهي. هونئن تہ اسان جي تر ۾ جِن ڪڍڻ وارا ڍونگي هزارين، جيڪي جِن ڪي موج ۾ آڻڻ لاءِ سُرندي جو استعمال ڪندا آهن. سرندي جي لئي تي همراهہ جي لهر پئي لڳندي آهي پر خضر شاهہ ان ڪم لاءِ هارمونيم ڪم آڻيندو هو. هڪ دفعي تہ اهڙو تماشو مون بہ پنهنجي اکين سان ڏٺو. هڪ همراهہ آيو، جنهن ٻڌايو تہ سندس چڪڻ واري حِس ختم ٿي وئي آهي. هو ڪٽي، مني، ڪاري ۾ ڪڙي جو ڪو بہ فرق نٽو ڪري سگهي، شايد مٿس غيبات جو اثر آهي. ٻلهڙيجيءَ ۾ وڏيري نواب ابڙي جي اوطاق تي جِن ڪڍڻ جو پروگرام رٿيو ويو هو. باجي جا سُر گونجي رهيا هئا.لوبان ۾ اگر جي بوءِ ۾ ساهہ ٻوساٽجي رهيو هو. مون ڪي تہ ڪجهہ بہ نظر نہ آيو، البت منهنجي دوست اختيار ٻڌايو تہ هن ڪا شيءِ قيدي شاهہ جي جسم ۾ ويندي محسوس ڪئي ۽ ان وقت ايتري بدبوءِ آئي جڻ ماٺهو چمڙي جي ڪارخاني ۾ موجود هجي. استاد اختيار ٻڌايو تہ قيدي شاهہ وٽ جيڪا جنڙي آهي، اها ڪا باگڙياڻي آهي، جنهن ۾ رڳو ڏپ ئي ڏپ آهي. سائين اختيار جي ڳالهہ ٻڌي مون ڪان ڪل چڏائجي وئي. قيدي شاهہ ڪي جِن ڪڍڻ جي نذراني طور ڪاري رنگ جو وڏو چيلو مليو ۽ مريض بہ ٻڌايو تہ هاڻ هو پاڻ ڪي صحتمند محسوس ڪري رهيو آهي. مهيني ڏيڍ ڪان پوءِ قيدي شاهہ آزاد ٿيڻ جون ڪوششون ڪرڻ لڳو.هن، آهستي آهستي ڪري سڄو قيد لاهي ڇڏيو، باقي وڃي ناد ۽ نالي وارو تئو بچاياڻين.

ڪجهہ وقت ڪان پوءِ فقيري ترڪ ڪري باقاعده دنياداريءَ ۾اچي ويو.

بدن تان لاٿل لوهي قيد ۽ ڏوڪڙن تي ڪپائي ڇڏيائين. همراهه ٻلهڙيجي ڇڏي درياهه پار ڪچي ۾ هڪ ننڍڙي زميندار جو ڪمدار بڻجي ويو. سڄو ڏينهن هارين تي حڪم هلائيندو رهندو هو. هڪ گهوڙو ڏاريائين، جنهن تي چڙهي سڳين ڪان ٻلهڙيجيءَ ايندو ويندو هو. اتي همراهه ۾ سنڌين واريون عادتون ٻه اچي ويون: هڪ هاريءَ جي خوبرو نينگر سان اک اڙائي وينو. جڏهن اُن نوجوان جي شادي جي تاريخ ٻڌي پئي وئي، تڏهن قيدي شاهه سندن وارثن کي ڏاڍا ايلاز ڪيا ته ڇوڪرو اجا ڪچو آ، هن کي ٻه اڍائي سال نه پرڻايو پر هنن سيد جي صلاح کي امتيءَ جي ڳالهه جيتري ٻه اهميت نه ڏني. هڪ ڏهاڙي زميندار جي ڇِني ڪٽي سڳين ۾ جنس جي واپاريءَ ڪان ٻه ٽي لک وٺي جو غائب ٿيو ته وري نظر نه آيو.

# اسان جي ڳوٺ جا سيد سڳورا

اسان جي ڳوٺ ۾ سيدن جا چار پاڙا آهن. پراڻي ڳوٺ وارن جيلاني ۽ متارن جي پنهنجي تر ۾ وڏي مريدي خادمي آهي. نئين ٻلهڙيجيءَ ۾ لکياري ساداتن جو وڏو ويڙهو آهي. هنن جا پنهنجي تر ۾ مريد نہ آهن. سندن ٻيا مائٽ رشتيدار سکرنڊ ۽ ٽنڊي الهيار ۾ وينل آهن. مريد سانگهڙ ضلعي ۾ اٿن. لکياري سيدن جون بچاءَ بند جي اندرئين پاسي ڪچي ۾ ٻنيون آهن جن ۾ ٻيرين جا وڏا وڏا وڻ آهن. ان سان گڏ چٽڻ ۽ مترن جا فصل بہ ڪندا رهندا آهن.

سائي ٻنيءَ ڏي سپ ڪولڙي پوندو آهي پر سيد اهڙي قسم جي ڪشٽ سهن ئي ڪونہ. ڪنهن ٻير ميڙيا يا ٿاري پٽي تہ اُهو سنئين لڳين نہ موٽندو. سيد پري ڪان ئي اهڙي گار ڏيندا جيڪا باقاعدي محسوس ٿيندي، پوءِ جي همراهہ ڊڄٽو يا صفا صابرين هوندو تہ مانڙي ڪري هليو ويندو پر جي ٿورو ڪٽو هوندو ۽ جواب ڏنائين تہ جهيڙو شروع ٿي ويندو. بس هڪل جي دير هوندي. ٻنيءَ ڪان وٺي گهرن تائين پکڙيل سمورا سيد "نہ ويندو، پهتو پهتو" ڪندا گڏ ٿيندا ويندا. پوءِ وفد ڪري ٿاڻي پهچندا. ڦُر جو ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ رڙيون واڪا ڪندا. گهڙي نہ گذرندي تہ ڳوٺ ۾ رُڳو پوليس ئي پوليس هوندي. ڳوٺ جا وڏڙا تہ سيدن جي زمين ڏي لڙندا ئي نہ هئا پر ٻار ڪٿي ٿا مڙن! ٻارڙا ٻير ميڙڻ ۽ پلي پٽڻ جو ڪوشش ڪندا هئا پر گار ٻڌندي ئي رڪندا هئا ڪڙين تي زور. رُڳو ايئن نہ هو تہ سيد سڳورا سدائين اُمتين سان جهيڙا ڪندا هئا. پاڻ ۾ بہ پاٽي ٿيندا رهندا هئا. جهيڙي جو سبب ٻنين جا دنگ هئا. هر چماهيءَ تي تپيدار گهرائي ٻنين جي نئين سر ماپ ڪرائڻ سندن معمول ۽ محبوب مشغلو آهي. اهي سيد سڳورا پهريان حسن واهڻ

پرسان ڳوٺ ڍنڍ پر ۾ ويٺل هئا. ديھ ٻگي ۽ ديھ ابڙي پوٽا ۾ سندن ڪجھ سروي نمبر هئا. ڍنڍ پر ڳوٺ پائجڻ کان پوءِ 1947ع ۾ ٻلھڙيجيءَ مان لڏي ويل هندن جي جاين ۾ اچي وينا. ورهاڱي کان پهرين سيد ڪمال شاھ، سيد امام علي شاھ، سيد قاسم شاھ ۽ سيد جيئندل شاھ جا گهر هوندا هئا، هاڻي تہ ڪٽي مان ڪيچ ٿي ويا آهن. مون وڏڙن ساداتن مان فقط سائين ڪمال شاھ ڏٺو، ٻيا منهنجي جمڻ کان اڳ گذر ڪري ويا. ڪمال شاھ ۽ جيئندل شاھ گهڻا آسودا ۽ وڏي ڳالھ وارا هئا. ٻنهي کي ٻنيون هيون، جيڪي نار وسيلي آباد ڪندا هئا.

## سيد ڪمال شاھ:

قدآور ۽ ٻُت ۾ پريل مڙس هو. عربن جي جبي جهڙا وڏا پهراڻ پائيندو هو. سندس ڪنن جي سائيز عام ڪنن کان ٻيڻي ٽيڻي هئي. سائينءَ کي هڪ ڪُميت گهوڙو هوندو هو.

هڪ ڏينهن ڪو اوپرو شخص سندس پُڇا ڪندي اچي ڳوٺ پهتو. حال احوال ڪندي سائينءَ کي چيائين تہ : “اوهان جي ڪُميت جهڙو ڪنهن وٽ گهوڙو ئي ناهي، پر ان جي چال ۾ ٿورو ڦير آهي، جيڪو مان ڪڍي سگهان ٿو.” ان ڏينهن گهوڙي جي چال ڏسڻ لاءِ سڙڪ تي سڄو ڳوٺ اچي گڏ ٿيو. اوپري سوار گهوڙي تي چڙهي، ان کي اُتر طرف ڊوڙايو. ٻہ چار فرلانگ اُتر وڃي وري واپس موٽيو. چوٿين پنجين ڀيري شروعاتي قدمن تي پهچي وري جو اُتر ڏي آءُ ڪيائين تہ ڌوڙ اُڏائيندو اکين کان اوجهل ٿي ويو. حالانڪہ سوار کي ڏسندي ئي وڏيري اِمن ڪمال شاھ کي ڪي ڪن ڪٽايا هئا تہ “سوار ٺڳ ٿو لڳي!” جنهن تي هيءُ چوي تہ “ڪمال شاھ سان ڪير ٺڳي ڪري سگهندو!” پوءِ تہ شاھ صاحب اٺو ٻڌي چور جي پُنيان لڳو ۽ پورن ڇهن مهينن کان پوءِ نيٺ جيڪب آباد مان پنهنجو ڪُميت واپس ورائي آيو. سيد سڳوري ڳوٺ جي سمورين برادرين ابڙن، سارين، ماڇين، پيرزادن، ممڻاڻين ۽ جيسرن سان جهيڙا ڪيا. هن کي ٽي پُٽ مکڻ شاھ، سيد شهنشاھ ۽ سيد سبحان شاھ ٿيا. سندس پوٽن جو انگ ايڪويھ کن ٿيندو. ڪمال شاھ جي پُٽ سيد مکڻ شاھ ٻنيءَ مان گاھ ڪرڻ جهڙي معمولي ڳالھ تان ماڇين جي

هڪ نوجوان کي قتل ڪري وڌو. پوءِ راجوڻي فيصلي ۾ معافي ملي ويس. ڪمال شاهه 1982ع ۾ وفات ڪئي، ان وقت سندس عمر 80 ورهيه هئي.

## سيد جيئندل شاهه:

مون سيد جيئندل شاهه نه ڏٺو، باقي سندس ٻئي پُٽ سيد ڪوڙل شاهه ۽ سيد صابن شاهه ڏٺا. منهنجي سمجهه ۾ اچڻ تائين ٻئي ڪراڙا ٿي چڪا هئا. وڏڙا ٻڌائين ٿا ته سيد جيئندل شاهه سنهڙو، سانورو ۽ قدآور مڙس هو. اڪثر سُرخ رنگ جي پلي گهوڙي تي سوار هوندو هو، مٿي تي سدائين پٽڪو ٻڌل هوندو هئس. اسپين جي دونالي بندوق هر وقت ساڻ هوندي هيس. سائينءَ جي ڪرائيءَ ۾ بهترين واچ ٻڌل هوندي هئي پر ڪيس ٽائيم جي خبر نه پوندي هئي. جڏهن ڪو ڪانئس ٽائيم پڇندو هو ته واچ ان جي آڏو جهلي چوندو هو: چڱو، مون کي به ٻڌاءِ ته ٽائيم گهڻو ٿيو آهي!

سيد جيئندل شاهه جو پُٽ ڪوڙل شاهه ۽ قاسم شاهه جو پُٽ حاجن شاهه دڪاندار هئا. ٻنهي جي دڪانن جو چلتو گهٽ هو، ان ڪري سڄو ڏينهن هڪ ٻئي سان وات ٺُڪاٽيءَ ۾ گذاري ڇڏيندا هئا. حاجن شاهه وڏو چرچائي ۽ کلٽو مڙس هو، ان جي ڀيٽ ۾ سيد ڪوڙل شاهه چيڙاڪ ۽ جذباتي هوندو هو. ٻئي جڻا هڪٻئي ڏي گراهڪ ايندو ڏسي هوڪو ضرور ڏيندا هئا. ڪوڙل شاهه تاش ۽ داڻيءَ تي جوا به کيڏندو هو. ان وقت جواري ڪنهن اوطاق ٻدران جهنگ يا ڪامن ۾ لڪي راند ڪيڏندا هئا. سيد ڪوڙل شاهه گلاسڙيءَ ۾ داڻو وجهي چوندو ”آ ته پُٽ ڇڪوا“ ان وقت حريف رڙ ڪري چوندا: ”ٽِري!“ ٽِري ٻڌندي ئي سائين چڙ مان گلاسڙي زور سان پنهنجي نرڙ تي وهائي ڪڍندو هو. سيد سڳوري جو نرڙ به مون وانگر ميدان هو، ان ڪري ڌڪ لڳڻ سان رت ٽيڏيون ڪري وهي هلندو هئس. راند ختم ٿيڻ تي جڏهن همراهه ڳوٺ ۾ داخل ٿيندا هئا ته پاڙس حاجن شاهه ٺوڪيندي چوندو هئس: ”ٻيا همراهه راند تان موٽيا آهن، باقي ڪوڙل شاهه جن جڻ ماتام تان موٽيا هجن.“ ان تي ڪوڙل شاهه جذباتي ٿي چوندو هيس: ”نياڳا، تو ته برائي ڏٺي آهي!“

سائين حاجن شاهه ٻين سيدن وانگر اڳ ۾ ٻنا ۽ ٻاريون وڻندو هو، پوءِ اهو ڪم ڇڏي ڏنائين، ان جو سبب اهو ٻڌائيندو هو ته ”هڪ دفعي هڪ ٻار

تي ويس. ٻار جي چوڏاري پاٽي ٻيٺل هو، جنهن هاريءَ کي صفا تنگ ڪري وڌو هو. مون هاريءَ کان پڇيو: ابا ڪيڏهون اچان؟ جواب ۾ هاريءَ چيو: سائين، ٻيو ته ڪو ڏيڳ ڪونهي باقي مان پنهنجو لام لڪڻ ڏکھو ٿو ڪريان، اوهان ان تي چڙهي هليا اچو! اُهو ڏينهن ڏهاڙو، وري ڪڏهن ٻار يا ٻني تي نه ويس.“

سيدن سگورن مان امام علي شاھ جو پُٽ دلاور شاھ پهريون ماڻهو هو، جيڪو مولوي محمد قاسم مشوريءَ جو چڳ وڏيو مريد ٿيو. هڪ اهلبيت امتيءَ جو مريد ٿئي، اها ڳالھ سيدن لاءِ ڏاڍي ڏکي هئي پر جماعت جي مدد سبب دلاور شاھ ٻين سمورن سيدن کان آسودو ٿي ويو. هن پنهنجو وڏو دڪان ڪوليوءِ پوءِ ان جاءِ تي مسجد جوڙ ايائين جتي سندس پيءُ جو مئخانو هوندو هو. دلاور شاھ ساليانو جلسو به ڪرائيندو هو، جنهن ۾ بريلوي جماعت جا خطيب، نعت خوان ۽ مداحي وڏي انگ ۾ شريڪ ٿيندا هئا. باقي ٻين سيدن جي خبر ئي نه هئي ته اُهي سُني هئا يا شيعا. مسجد ۾ ايندا ئي نه هئا جو خبر پوي ته نماز هٿ ٻڌي ٿا پڙهن يا ڇوڙي. نه ڪي اُهي مجلسون يا ماتم ئي ڪرائيندا هئا. البته محرم ۾ گهرن تي علم پاڪ ضرور چاڙهيندا آهن. سيد ڪوڙل شاھ 1990ع ۾ وفات ڪئي، سيد حاجن شاھ 1982ع ۾ هي جهان ڇڏيو.

اعجاز شاھ: ڪوڙل شاھ جو پائٽيو سيد اعجاز شاھ ساڳيو ئي سندس سر آهي. منهنجو هم عمر ۽ هم جماعت رهيو آهي، اسڪول ۾ اعجاز شاھ جنهن تي ناراض ٿيو، تنهن کي مصيبت ۾ وجهي ئي وجهي. ڪيس ناهڻ لاءِ ڊوڙي ڊوڙي پٽ کي ٽڪر هڻندو، مٿو ڦاٽي پوندس، پوءِ ته ويچارا ماستر به مصيبت ۾ اچي ويندا هئا. رتو واھ تي گهر پهچي ٻڌائيندو هو ته ڦلاٽا ڦلاٽا وڙهيا آهن. پوءِ همراھ سڌو ٿاڻي تي پهچي فرياد داخل ڪرائيندا هئا ته ڦلاٽا بدمعاش اسان جي ڇوڪري کي زخمي ڪري ڪانئس به هزار رپيا روڪ، منڊي ۽ واچ ڦري ويا آهن! مون وارو هم ڪلاسي جڏهن ست اٺ اهڙيون وارداتون ڪري چڪو، تڏهن وارثن کي به ڳالھ سمجھ ۾ اچي وئي. ان کان پوءِ هِن جي مٿي ڦاٽڻ جو وارثن ڪڏهن نوٽيس نه ورتو. اعجاز شاھ جو والد سيد صابن شاھ بادشاھ سدائين ٻنيءَ تي هوندو هو پر هي يار اوڏانهن لڙي

ئي نہ. چي: ان ڪم ۾ محنت وڏي ۽ اُپت گهٽ آهي. ان ڪري پاڻ سائيڪل تي گهور ڪرڻ سان گڏ ٻنا بہ وڻندا رهيا. ان مان ڪين ايتري بچت ٿي جو هاڻي موٽر سائيڪل ورتي اٿن، جنهن تي چڙهي اڄ ڪلهہ پري پري تائين ٻاريون وڻڻ وڃن ٿا. ڪجين جي مند ۾ خيرپور تائين پهچيو وڃن. ڪجھ سال پهريان سائين اعجاز ڪي سجاڻپ ڪارڊ ٺهرائڻ جي وڏي ڳڻتي هئي، جڏهن چيوسين تہ سيد، اوهان ڪي سجاڻپ ڪارڊ جي ڪهڙي ضرورت! تڏهن چڙي چيائون: ”توهان ڪي ڪهڙي خبر، پري جا ماڻهو وندڻ گهرڻ تي شناختي ڪارڊ ڏسن ٿا، جو اڄ ڪلهہ پيل ٻاگڙي بہ سيد سڏائي وندڻ ورتيون وڃن، ڪنهن جي نرڙ تي تہ سيد لکيل ناهي!“ سائينءَ جو سگهارو دليل ٻڌي اسان ڪٽي مات ڪئي.

***

# سيد ڪاشل شاهه

## چنڊ مور نہ سڪيا

سيد ڪاشل شاهه اسان جي تر جو اهڙو بزرگ هو، جيڪو دعا ۾ بہ گار جي برڪت شامل ڪري ڇڏيندو هو ۽ گار ڏيڻ ۾ ڪڏهن بہ جنسي تفريق روا نہ رکيائين: جهڙي گار مرد کي تهڙي مائيءَ کي. ماڻهو وڏي چاهہ ۽ چاڳ سان سندس گاريون ٻڌي فرحت محسوس ڪندا هئا. مرشد جي ماٽ کين ماندو ڪري وجهندي هئي، ان ڪري ڪا نہ ڪا اهڙي حرڪت ڪندا رهندا هئا، جيئن دعا جو در بند نہ ٿئي ۽ سائين جن جا لبِ شيرين هر وقت حرڪت ۾ هجن.

سائين ڪاشل شاهه سماج سان پير پريندڙ ۽ سڀ جو سڄڻ شخص هو، ٻن برادرين جي وچ ۾ اختلاف هجن يا ٻن ماڻهن ۾ اڻبڻت هجي، جيستائين سندن ناهہ نہ ڪرائي تيستائين ننڊ حرام هونديس. گفتو ئي اهڙو ڪيندو، جنهن سان ڳالهہ ڇڄي. ڳالهہ حَق سچ واري ڪبي، رياءَ ڪنهن سان نہ ڪبو.

1936ع کان اڳ اسان جي وڏڙن ۽ سائين ڪاشل شاهہ وارن جو ساڳيو ڳوٺ هوندو هو، جيڪو هاڻوڪي گاجي ديري سامهون انگريزن پاران ڪوٺايل واهہ جي ڪنڌيءَ تي آباد هو. 1936ع واري ٻوڏ بعد سائين ڪاشل شاهہ ڏوڪريءَ پرسان ڇتو واهڻ وجي وسايو، جتي سندس مائٽ وينل هئا پر پيرزادن کان پيرو نہ ڀڳائين. ضعيفيءَ ۾ بہ ٻلهڙيجي توڙي ڪڇي ايندو رهيو. ٻلهڙيجيءَ جا پيرزادا سندس مريد تہ نہ هئا، البتہ هن سان پائپيءَ وارو رستو هئن ۽ سائين ڪاشل شاهہ پيرزادن جي ٻنهي ويڙهن لاءِ خاندان جي بزرگ واري حيثيت رکندو هو. وڏيري حسن علي پيرزادي (قربان صاحب جي

والد) سان سندس دوستي هئي. ڊاڪٽر پيرزادي جو والد شفيع محمد عرف ملان جمن مريد ته دربيلي وارن مخدومن جو هو پر ڪاشل شاهه تي جڻ عاشق هوندو هو. سندس خدمت ۾ اڳيان اڳيان هوندو هو. شڪار تي به ساڻس گڏ ويندو هو. ڪاشل شاهه وڏو شڪاري ۽ سگهان به هو. شايد ان ڪري به گاريون سوايون ڏيندو هو جو شڪار ۽ گار جو پراڻو ۽ انتهائي گهاٽو تعلق آهي.

سائين ڪاشل شاهه، وڏيرو حسن علي ۽ ملان جمن ٽيئي ڏوڏي پياڪ هئا. رات جو ڪاٽ جي وڏي ڪونڊي ۾ ڏوڏي پسائي رکندا هئا. صبح جو اٿڻ شرط پيالو پي، ٻي ڏوڏي ڪونڊي ۾ پسائي ڇڏيندا هئا. همراهه ڪٽن تي آهليا پيا هوندا هئا. نشڙن ۾ نيڻ سدائين ٻوٽيل. ڏوڏيءَ سان ڀريل ڪونڊو گهڙامنجيءَ تي پيو هوندو هو. ملان هارون سومرو نماز پڙهي، پير پير ۾ ڏيندو سندن مٿان اچي بيهندو ۽ هيڏي هوڏي ڏسي، ڪونڊي مان ڏوڏيءَ جو گلاس ڏوگهي، اوتروئي، گهڙي مان پاڻيءَ جو گلاس ڀري ڪونڊي ۾ وجهي، واردات ڊاهي روانو ٿي ويندو هو. هيڏانهن هي همراهه پريشان ته ڏوڏي نشا چو نٿي ڪري! جيتري ڏوڏي هي پيئن ٿا ايتري هاٿيءَ کي پيارجي ته ان کي به نشا ٿي وڃن. الائي وٽ ڪوڙا آهن يا ڦودني ۾ ڦير آ! يا ته ڏوڏي خصلت مَٽائي وئي آ يا ڪو چور لڳل آهي! نيٺ هڪ ڏينهن سائين ڪاشل شاهه ملان هارون کي واردات ڪندي ڏسي ورتو ۽ سنگت کي خبردار ڪندي هڪل ڪيائين: ”ابا هو پيڻ چوٽ اندو ته ڏسو، اسان سڄن کي ڦريو ٿو وڃي...“ سنگت بس ايتري سجاڳي ورتي جو چور پڪڙجڻ تي پاڻ ۾ تبصرا تبرا ته ڪندا رهيا پر سُرورن ۾ ملان هارون کي ڪجهه چئي نه سگهيا ته ڇا ٿو ڪرين!

ملان جي ڳالهه تان ياد آيو ته ان وقت اسان وٽ تنگ نظريءَ وارو اسلام نه هو، ڳوٺ ۾ نماز پڙهائڻ، ڪفن دفن ۽ ختما ڏيڻ جي ڊيوٽي ڪو نه ڪو ماٺهو پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيندو هو. نه مسلڪ هئا، نه فرقا. اسان جي مسجد جو پيش امام ملان جمن اڪثر اهڙو ته خمارن ۾ هوندو هو جو ڪڏهن ڪڏهن ته بانگ ڏيڻ به وسري ويندي هيس ۽ نورجهان جو گانو ڳائڻ شروع ٿي ويندو هو. رمضان شريف جي مهيني ۾ نماز گهر اندر پڙهندو هو. ڇاڪاڻ

جو روزا بلڪل نہ رکندو هو، ان ڪري مسجد ۾ بہ نہ ويندو هو تہ متان ڪو اهڙو سوال ڪري وجهي. هن لاءِ سچو ڏينهن ماني پاڻيءَ کان سواءِ رهڻ ايڏو مسئلو نہ هو پر اصل آزمائش اِها هئي تہ هو ڏينهن جو ڏوڏي پيئڻ واري قرباني نتي ڏئي سگهيو.

سائين ڪاشل شاهہ 1990ع ڌاري جائو. ٻُت ۾ پريل ۽ سهڻو جوان هو. ٻوسڪيءَ جو پڪو پڌندو هو. وڏو طاقتور ۽ قدآور مڙس هو. ڪُتن جي بہ لوڏ هئس. سير ٻچ جو وڏو شوقين هو. ٻہ ٻہ ڪُتا جهلي سگهندو هو. ٻدائين ٽا تہ شڪار تي ٻن ڪُتن جون رسيون چيلهہ سان ٻڌي هلندو هو. هڪ ڏينهن ڪاشل شاهہ کي ڏسي ميان رسول بخش بہ ايئن ڪيو. ڪُتن جا ڇهڪار ۽ سوئرن جا ٻهڪار شروع ٿيا تہ همراهہ گهلبو سهلبو ٻن ڪُتن سميت وڃي کوهہ ۾ ڪريو. ميان رسول بخش سائين ڪاشل شاهہ جي محبت ۾ شڪار تي ويندو هو، نہ تہ هو لوڪ ادب جو وڏو شائق هو. چون ٿا تہ هڪ ڏينهن ڪو گهوڙي سوار ڪيس ڳجهارت ڏئي گهوڙو ڪاهي روانو ٿيو تہ ميان رسول بخش ان جي پويان پڄندو، ڳجهارت کي ڏڪ هڻندو رهيو. نيٺ گهوڙي سوار دانهن ڪئي: "وئي!" ميان رسول بخش ڊوڙندي ڊُڪندي ڪانئس ڳجهارت سڌي ڪرائي واپس موٽيو. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو بہ هن سان رهاڻ رچائڻ ۽ لوڪ ادب بابت معلومات وٺڻ ايندو هو.

چون ٿا تہ سائين ڪاشل شاهہ جوانيءَ ۾ سائي ٻوٽي بہ واپرائيندو هو جيڪا ٻين نشن جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ محنت ۽ وقت وٺي ٿي. سائين صبح جو چڱو خاصو ڀنگ جو چپٽو ڪٽي اوطاق تي اچي ويهندو هو تہ من ڪو گهوٽڻ وارو اچي وڃي پر مجال آ جو ڪو ماڻهو ظاهر ٿئي. نيٺ مجبور ٿي سائين پاڻ ڀنگ گهوٽڻ شروع ڪندو هو. ڀنگ گهوٽي بس ڪندو تہ ٻہ چار ڄڻا پهچي ويندا ۽ سائينءَ کان صافو وٺي ڇاڻڻ لڳندا. ڇاڻڻ وارو عمل اجا جاري هوندو تہ ڏسندي ئي ڏسندي اوطاق ماڻهن سان ڀرجي ويندي ۽ هر ڪو سائينءَ کي ڇُڪي پيارڻ جي گذارش عرض رکندو. موٽ ۾ سائينءَ جي مخصوص صدا محفل کي معطر ڪري ڇڏيندي هئي. سائين نعرو هڻي چوندو:

"گهوٽڻ ويل ڪير ڪو نہ، ڇاڻڻ ڪاڻ ڇتا،

پيئڻ مهل ايئن پهچن، ڄڻ ڪاشل شاهه جا ڪُتا.“

سائين راڳ ويراڳ جو به وڏو شوقين هو، ڪيس روح جي غذا جي باقاعدي طلب ٿيندي هئي. جوانيءَ ۾ پاڻ ۽ وڏيرو حسن علي صوفياڻيون ڪافيون ڳائيندا هئا پر هاڻ پوڙها ٿي چڪا هئا، ان ڪري هفتي ۾ هڪ به ڀيرا ميهر فقير ۽ مزني ماڇيءَ ڪي اوطاق تي گهرائي به ٻول ٻڌي وٺندا هئا. هڪ ڏينهن راڳ لاءِ ميهر فقير کي گهرايائون پر ان جي پهچڻ کان پهريائين سائينءَ کي پنڪي اچي وئي. ميهر فقير يڪتارو ملائي سائينءَ جي ڪن تي منهن رکي وڏي آواز ۾ ”ها“ جو ڪئي ته سائين ڇرڪ ڀري اٿيو ۽ گار ڏيندي چيائين: ”نياڳا، هانوَ ڦاڙيو هُيئي، راڳ آ روح جي راحت يا ڏمڇرا ڪاسائي سوئي ڪاسائي!“

سائين سان ڏاڍو ڪن نوجوانن جو جٿو ساڻ هوندو هو، جن ۾ وڏيرو بالڻ ۽ ٻيا شامل هوندا هئا. الهداد عرف جلاليءَ کي سڱ نه پيو ملي، جنهن ۾ وڏي رڪاوٽ ڪنوار جو چاچو هو، جڏهن ته ڪنوار جو پيءُ سڱ ڏيڻ ۾ راضي هو. ڪاشل شاهه ڪنوار جي چاچي سان مليو، چيائينس: ”ابا جڏهن ڇوڪريءَ جو پيءُ راضي آهي ته توکي ڪهڙو اعتراض آهي؟“ اُن تي هُن وراڻيو: ”نه سائين، مان ڇو اعتراض ڪندس، ڀلي ڏين، مان راضي آهيان.“ تڏهن چيائين: ”ڇڱو سڀاڻي وهانءُ جي تاريخ طئي ڪنداسين. مٺائي توکي ورهائڻي آهي، اچجانءِ ضرور.“ اهڙو ڪو هڪ واقعو ناهي، هاڻ ته اسان وٽ چوڻي آهي ته ”ويو ڪاشل شاهه مري، نه ته تون ڪيئن نه پرچين ها!“

سائينءَ کي پُٽ پوٽو اولاد نه ٿيو. مشهور قومپرست اڳواڻ سيد اصغر شاهه سندس ڏوهٽو آهي. سائين ڪاشل شاهه 1974ع ۾ وفات ڪئي. ڪيس ڇتي واهڻ ۾ سيد ٻچل شاهه بُخاريءَ ڀرسان جاءِ ڏني وئي. ***

# دريا خان ماڇي

## انجمن بي نام جو روح روان

سنڌ جي ڪنهن به حصي ۾ هاڻ اهي جهنگ نہ رهيا آهن، نہ تہ ٽيهارو ورهيہ پوئتي مُڙي ڏسبو تہ هر هنڌ خاص ڪري ڪڇي ۾ تہ جهنگ ئي جهنگ هئا، مال جي جُوءِ هئي، ٻيلا هئا، جتي ڀٽاريون ڇيڪ چرنديون وتنديون هيون. جهنگ جي جهانگين ڏنارن جي پنهنجي دنيا هوندي هئي. اهي شهر جُو منهن ئي نہ ڏسندا هئا. جهنگ ئي سندن ننگ ۽ ڍڪ هو، البتہ شهر جي پسگردائي ۾ وڏن ڳوٺن ۾ رهندڙ ڏنارن جي زندگي شام ٽيڻ ڪانپوءِ ساڳي نہ رهندي هئي. اهي سڄو ڏينهن جهنگ ۾ مال چارڻ ڪانپوءِ، شام جو تيل ڦليل ۽ ويس وڳا ڪري اچي هوٽل تي ويهي جلال جا ڪلام ٻڌندا هئا پر ڪڇي جي ڏنارن جي زندگيءَ ۾ تبديليءَ جي رفتار سست هئي. ان بي رنگ زندگيءَ ۾ رنگ ڀرڻ جا جتن جاري رهندا هئا. ڏنار، مال چاري منجهند جو ڇانو ۽ پاڙيءَ واري جاءِ تي ڍور ويهاري هڪٻئي سان حوالن جا تاڪيا ڪولي ڇڏيندا هئا. سيئي پنهنجو پنهنجو فن پيش ڪري هڪ ٻئي کي وندرائيندا رهندا هئا. ڪو نڙ وڄائيندو تہ ڪو بين بانسري، ڪو چنگ تہ ڪو بوڙينڊو وڄائيندو. ڪو ڪافي چوندو تہ ڪو مولود ٻڌائيندو. ڪو لاڏو ڳائيندو تہ ڪو مورو.... اهڙي نموني ملهہ ، ڪوڏي ڪوڏي، ٻلهاڙي ۽ ٻين راندين جا مقابلا بہ ٿيندا هئا.

دريا خان ماڇي اهڙي ئي سائي ڍائي ڪڇي جو اهو ڏنار هو جنهن زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪنهن شهر جو منهن نہ ڏٺو. جهنگ، چوپايو مال، ٻنيون

۾ درياهه ئي سندس ڪل ڪائنات هئي. پنهنجين عجيب ۽ اجهل حرڪتن سبب هڪ لحاظ کان دريا خان ئي پاڙ ڪي ان ماحول جو محور بڻائي ڇڏيو هو. هو مهين جي دڙي سامهون ڪچي جو ويٺل هو. سندس پيءُ بولو ماڇي هاري ۽ جت هو. هن جا ٻئي پائر اسماعيل ۽ سليمان پوري رنگ جا قداور مڙس هئا پر نقش نگارن ۾ دريا خان ڪانئن وڌيڪ هو پر ڳالهائڻ ۾ اهڙو هٻڪندو جو منٽ واري ڳالهه ڏهن منٽن ۾ مس مڪمل ڪري سگهندو هو. سندس ٻئي پائر شهر جو چڪر هڻندا رهندا هئا پر هي ڪچي کان ڪڏهن ٻاهر نہ نڪتو. دريا خان ڏنارن جي بي نام انجمن جو روح روان هو. هئو باقي سڄو ڏينهن ڪشٽ. هر وقت شرارت لاءِ تيار. ائين سمجهو تہ اڳوٽي دور جي درسي ڪتاب واري ڪهاڻي "جعفر ڪوڙي" جو سراسر سر هو. ڪهاڻي موجب جعفر ڪوڙو جهنگ ۾ "بگهڙ ڙي بگهڙ" جون رڙيون ڪندو رهندو هو. ماڻهو ڊوڙي اچي پهچندا هئا تہ خير لڳو پيو هوندو هو. اهڙين ٻن ٽن مشڪرين بعد ماڻهن کيس ڪوڙو قرار ڏيئي سندس ڳالهہ ٻڌڻ ڇڏي ڏني. هڪ ڏينهن سچ پچ بگهڙن جو ٽولو اچي ڌڻ ڪي لڳس. هن وڏيون دانهون ڪيون: "بگهڙ ڙي بگهڙ" ماڻهن هن جون رڙيون ٻڌيون تہ سهي پر ڪير بہ مدد لاءِ نہ پهتس. سيني سمجهيو تہ جعفر ڪوڙو اجايو خوار ڪندو. ڪو بہ ماڻهو واهر لاءِ نہ پهتو. ايئن هن سڄو ڌڻ بگهڙن ماري ڇڏيو. دريا خان ماڇيءَ جون بہ ساڳيون ئي حرڪتون هونديون هيون پر جعفر واري انجام کان پناهہ ۾ رهيو. دريا خان بہ جهنگ ۾ "چور چور" جون رڙيون ڪندو هو. اصل وٽن ۾ واڪا پئجي ويندا هئا. هن جي دانهن تي جڏهن سڄي جُوءِ جا ڏنارَ ڳوناٽا اچي پهچندا هئا تہ خبر پوندي هئن تہ اها اجائي ڌاڙ گهوڙا هئي. پوءِ سيئي ماڻهو کيس بہ چار گاريون ڏيئي واپس روانا تي ويندا هئا. ماڻهن کي چرڪ پرائڻ هن جو محبوب مشغلو هو. ڏسندو تہ ڪو ماڻهو شهر کان موٽيو آهي ۽ نڪر جا ٽاڪوئان ٽانو ڪنيو پيو وڃي، واٺهڙو پنهنجي خيال ۾ گم هوندو تہ اوچتو هن جون رڙيون پئجي وينديون، "ڪتو ڪتو ڪتو" "هلا هلا هلا!" راهرُو اوچتين رڙين تي پنهنجا حواس قائم نہ رکي سگهندو ۽ سندس مٿي تي پيل هڙ ڦهڪو ڪري هيٺ ڪرندي ۽ هڪ بہ ٽانوَ سلامت نہ رهندو هو. اهڙو ڪم ڪنهن چيڙاڪ ماڻهوءَ سان ٿيندو هو تہ دريا خان کي پڇي جان

بچائڻي پوندي هئي، نہ تہ هر ڪو ڪلي ويهي رهندو هو ۽ ڳالهہ آئي وئي تي ويندي هئي.

هڪ ڀيري اسان جي پاڙي جي بليدين جي هڪ پوڙهي گيهہ جي پريل گهاگهر کپائڻ لاءِ وڃي رهي هئي، ساڻس ہ ٻارڙا بہ هئا. پوڙهيءَ جي نظر بہ ويئل هئي. دريا خان هنن کي پري کان ڏسي وچ رستي تي چادر وجهي سمهي پيو. پوڙهيءَ ڏٺو تہ ڪو مڙس مئو پيو آهي، ڪيس ڏاڍو ارمان ٿيو. اٿلائي پٿلائي ڏٺائين پر سڃاڻي نہ سگهي. بظاهر مڙس ۾ ساهہ هئو ئي ڪين. پوڙهيءَ ارمان مان ٻارن کي چيو: ”ڏاڍو سهڻو ۽ جوانيءَ سان هو ويچارو، الائي ڇا ٿيس؟“ ائين چوندي گهاگهر ڪٽي رواني ٿي تہ دريا خان دانهن ڪري اٿي ويهي رهيو. حيرت ۽ ڊڄ مان پوڙهيءَ جي هٿن مان گهاگهر ڇڏائجي هيٺ ڪِري اونڌي ٿي پئي. گيهہ جو ڦڙو نہ بچيس. گهاگهر هارجڻ کان پوءِ پوڙهيءَ چتائي ڏسي چيس: ”مئا تون دريا خان آهين، شل خدا جي مار پوندءِ، شل ڪاريءَ تي پير پوندءِ، منهنجو سڄو گيهہ هاري ڏنئي. هل ٻليون تہ ماڻهين کي ٿي وجهانءِ.“

دريا خان پنهنجي ساٿي ڏنارن کان عمر توڙي قد بت ۾ پڪو هو، ان ڪري پاڻ کي اُٺ سڏائيندو هو. اٺ وانگر پيڪيون ڏيندو ۽ داقوڙا هڻندو هو. رڳو ”هُولي هُولي“ چوڻ جي دير هوندي هئي، پوءِ تہ صفا مست ٻڻجي ويندو هو. مست اُٺ جي آڏو ڪير اچي، جيڪو آڏو اچي سو سٽجي وڃي. ڪنهن کي مُڪ تہ ڪنهن کي ٺيلهو، ڪنهن کي مٿي ڪٽي ڦيرائي ڦيرائي اڇلي، ڪنهن کي چڪ هڻي تہ ڪنهن کي گوڏا ۽ ٺُڏا... مست اُٺ جو ٿيو.

تنهن وقت ڪچي جي سواري بہ اُٺ هوندي هئي، نہ تہ پنڌ ئي اچڻو پوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪي آفيسر وزٽ تي ايندا هئا تہ انهن لاءِ وڏا انتظام ڪيا ويندا هئا، باقي تپيدار ۽ ڪوٽوال پنڌ ڪري پهچندا هئا. هڪ دفعي تپيدار ۽ ڪوٽوال جيئن ئي ڪچي ۾ داخل ٿيا تہ آڏو پاڻي سندن رستو روڪيون بيٺو هو. درياهہ جي وهندڙي وهي آئي هئي، ان ۾ پاڻي وڏو تہ نہ هو پر چيلهہ جيترو ضرور هو. همراهن پاڻيءَ ۾ لهڻ جو جوکم نہ ڪنيو ۽ ڪنڌيءَ تي ويهي رهيا. هيڏي هوڏي جائزو ورتائون تہ ڪين ڏنار نظر آيا. ڪوٽوال ڪين سڏي چيو تہ تپيدار کي پاڻيءَ مان ٽپائڻو آهي، اوهان مان اهو

ڪم ڪير ڪندو؟ ڏنارن دريا خان ڏي اشارو ڪندي چيو: ”هي اسان جو اٺ آهي، بار ڪڻڻ وارو ڪم هي ڪندو آهي.“ دريا خان دير ئي نہ ڪئي. تپيدار کي ڪلهو ڏئي وهندڙيءَ ۾ گهڙيو تہ آسپاس بيٺل ساٿي ڏنار ڪورس جي انداز ۾ ”هولي هولي“ ڪرڻ لڳا. اٺ کي مستي چڙهي ويئي، سو هن جنگهہ پوئتي ورائي داڦوڙو هڻي پيڪي ڏني ۽ سوار کي ڦيرائي ڦيرائي ڪٽي پاٽيءَ ۾ ستيائين. تپيدار گپ ۾ ليٽڙجي ويو. پوءِ چئن چڱن جڏهن دريا خان کان ان ڳالهہ جو پڇاڻو ڪيو تہ هن ان جو ذميوار ”هولي هولي“ ڪندڙ ڏنارن کي قرار ڏنو.

دريا خان سان گڏ مال چاريندڙ ٻيا ڏنار ڪانئس عمر ۾ ننڍا هئا، ان ڪري هي جڻ تہ سندن سردار هوندو هو. ٻن ڏنارن جي وچ ۾ تيل ڦڏي جو فيصلو هي ڪندو ۽ جنهن تي ڏوهہ ثابت ٿيو، ان مٿان ماني ڪارائڻ جو ڏنڊ رکندو هو.

ڏنارن کي سڄو ڏينهن جنگهون هٽيون پونديون آهن، ان ڪري جڏهن اهي ٿڪجي سمهي پوندا هئا تہ دريا خان وجهہ وٺي ننڊ پيل ڏنارن مان ڪڏهن ڪنهن جو شهپر، ڪڏهن پرون تہ ڪڏهن اڌ مٿي جو ڪوڙي پڇي ويندو هو. مڇون ڪوڙڻ هن جو پيو محبوب مشغلو هو. ڪڏهن ڪڏهن ساٿي ڏنار بہ اهڙي ئي تعدي ڪندا هئس، بهرحال اهڙن مامرن جو ڪڏهن بہ ڪو جرڳو نہ ٿيو. دريا خان ڏنارن سان گڏ چڙهہ پروگرام ڪندو هو. هي ساٿي ڏنارن مان ڪنهن تي  ڪڪڙ، ڪنهن تي مڪڻ، ڪنهن تي چانور تہ ڪنهن تي کهڙي شيءِ رکندو ۽ پاڻ تي سدائين لوڻ رکندو هو. ڏنارن ۾ اهڙي لئي هوندي هئس جو گهران شيءِ نہ ملندي هئن تہ چورائي بہ سندس آڏو پيش ڪندا هئا. انهن ڏنارن مان پوءِ ڪيترائي نامي گرامي چور ٿيا ۽ اهي ٻڌائيندا هئا تہ هنن پهرين چوري دريا خان جي لاءِ پنهنجي گهران ڪئي. اڪثر ڏنارن ڏانهن گهران ماني ايندي هئي جيڪا ننڍي عمر جو ڪو ٻالڪ ئي آڻيندو هو. دريا خان اڳ ڏئي ٻار ڪان ماني کسي پڇي ويندو هو. اهو ڦريل ٻالڪ ڪلاڪ ڪان پوءِ ڏنارن وٽ پهچي ٻڌائيندو هو تہ ماني درو ڪسي ويو.

ڪنهن ڏنار کي رلائٽو هوندو هئس تہ ان جي مال کي گهٽو پري

هڪلي ايندو هو. ڊورن کي اتر ڏانهن ڇڏي ايندو ۽ جي ڏنار مال جو پڇيس ته ان کي ڏکڻ جو ڏس ڏيندو، پوءِ ته همراهه کي مال ڳوليندي ڏينهن گذري ويندو هو.

جهنگ ۾ ڪٿي ماکي ڏسڻ ۾ ايندي هئس ته ڪنهن ڏنار کي وڻ تي چاڙهي ماکي لاهڻ جو حڪم ڏيندو هو. وڻ تي چڙهيل همراهه کان، هيٺ لهڻ کان اڳ ڪنهن طرح ماکي وٺي ٿاپي ڏيندو. پڇڻ ۾ دريا خان کي ڪير پُڄي. سڄي ماکي چٽ ڪري پوءِ ظاهر ٿيندو ۽ وڏي تڪليف سان ماکي لاهيندڙ همراهه کي چوندو: ”وٺ پنهنجي ٿاري!“

چون ٿا ته جڏهن ويهن ورهين جو نوجوان هو ته عيد نماز پڙهڻ لاءِ پر واري ڳوٺ ويو، جتي مسجد ڪانن جي ٺهيل هئي. پيش امام ۽ پهرين صف جا نمازي مسجد جي اندر ۽ باقي جماعت مسجد کان ٻاهر هئي. امام صاحب جي مٿان ئي ڪکرن جو مانارو هو جنهن تي اوسٽائين ڪنهن جي نظر ئي نه پئي هئي. سجدي مهل دريا خان پنهنجي جاءِ ڇڏي ٻاهر آيو ۽ ڪکرن کي پيندڻ هٽي گولي تي ويو. پيش امام جيئن ئي سجدي مان اٿيو ته ڏينڀو چنبڙي ويس. ويجهين ٻن صفن جي نمازين مان ڪنهن جي اک دٻلي ته ڪنهن جو نرڙ سڄيو پيو هجي پر ڪنهن جي به ايمان ۾ خلل نه پيو. ڪنهن به مٿس ڪفر جي فتويٰ ' نه ڏني.

دريا خان 1975ع ۾ پنجيتاليهن سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي.

***

# جهنڊو ممٽائي

ٽڙياسون دامنِ صحرا ۾، خوشبوئي اجائي وئي!

شيخ اياز جو مٿيون شعر پڙهي مونکي پنهنجي ڳوٺ جو فنڪار جهنڊو ممٽائي ياد اچي ويندو آهي. هو فطري اداڪار هو؛ اها ٻي ڳالهه آهي ته همراه کو ٽي وي ڊرامو ڪيو ته ڇا پر ڪڏهن ڏٺو به نه هوندو. اوطاق هن جو اسٽيج ۽ تر ۾ ٿيندڙ ڪا نه ڪا وارتا هن جي ڊرامي جو اسڪرپٽ بڻجي ويندي هئي، مثال طور هو خيرات جي پيت تي ٿيندڙ جهيڙي کان وٺي ناه تائين سڄي وارتا پنهنجي ڊرامي ۾ پيش ڪندو هو. سڀ ڪردار اڪيلو پاڻ ئي نڀائيندو هو.ايترن گهڻن ڪردارن باوجود مجال آ جو ڪنهن به ڪردار سان ناانصافي ٿئي.

جهنڊو ممٽائي 1985 ڌاري پراران لڏي اچي ٻلهڙيجيءَ ۾ وينو. ان کان اڳ ٻلهڙيجيءَ سامهون درياه جي ڪاپي ڪنڌيءَ تي ڪچي ۾ وينو هو.تڏهن زندگي انتهائي ڏکي ۽ بي چسي هوندي هئي پر جهنڊي جهڙا زنده دل انسان اتي به ٿهڪن جا ٽانگر ٽيڙي ڇڏيندا هئا. جهنڊو پنهنجي تر جي هر مرد توڙي مائيءَ جي آواز جو نه رڳو نقل ڪري سگهندو هو پر پنهنجو چهرو به هوبهو ڪردار جهڙو ٺاهي سگهندو هو، ان جو سبب اهو هو جو هو ننڊي لاڪر تر مان لسي وٺڻ ويندو هو جنهن ڪري سمورن ڪراڙن توڙي ڪراڙين کان واقف هو.

جهنڊي ممٽائيءَ جا ڪجهه ڊراما مون پنهنجي اکين سان ڏٺا. همراه کي ڪنهن شادي ڪاج ۾ رڳو لائوڊ اسپيڪر جي مائيڪ هٿ اچي پوءِ ”جو آيو سو ڳايو“ وارو ڪم ٿيندو هو. ڪنهن جو به لحاظ نه ڪبو، پلي کو ناراض

ٿئي ته ٿئي. ڪيترا ماڻهو جهنڊي جي ڪري وهانءُ وارن سان ڪاوڙ جي پٽ پاڻپي ئي چڙي ويا. هڪ دفعي ممتاڻين جي هڪ چڱي مڙس جي قلندر لال شهباز تي سُک باسيل هئي، جنهن ڪري هن سڄي برادريءَ کي ساگهري ڪانڊ ڏني. وڏي بس پاڙي ڪرائي ويئي. عورتون اندر سيٽن تي ۽ مرد ڇت تي وهاريا ويا. ڄاڃين ۾ هڪڙو مولوي صاحب به شامل هو جيڪو پنهنجي گهر واريءَ سميت ٻئي ڳوٺ کان پهتو هو. همراه صبح جو ڪو گهڻو ڪائي بس ۾ چڙهيو هو ته مٿان ڇت ۾ دير ٿيڻ تي بک ڪاٽڻي پوي. بس هلي ته مائين لاڏا ڳائڻ شروع ڪيا ۽ مٿي مرد هڪٻئي سان ٽوڪ چرچا ڪري رهيا هئا. هڪ جهنڊو نه هو، اهڙا گهڻا ڇنيل هئا. ڪجهه دير کان پوءِ سندن مولوي صاحب کي ضروري حاجت جو خيال آيو ته هن بس روڪڻ لاءِ دانهن ڪئي، پوءِ ته همراهن کي رونشو لڳو. سڀ بس کي بيهارڻ لاءِ ڏڪ هڻڻ ۽ رڙيون ڪرڻ لڳا. جهنڊو اهڙي هند تي ويٺل هو جتي ڊرائيور جي نظر فقط مٿس پئجي رهي هئي. رڙين تي ڊرائيور مٿي ڏسي ته جهنڊو اشاري سان ڪيس بس هلائڻ لاءِ چوي ۽ پوءِ مائٽ سان مخاطب ٿئي:"ادا مان هن ڊرائيور کي سڃاڻان، صفا گهل ٻوڙو آهي، ڪجهه ٻڌي ئي نٿو ته بس ڪيئن بيهاريندو. تون هيئن ڪر جو پنيان ڏاڪڻين تان لهي هينئين ڏاڪي تي ويهي روڊ کي رنگ ڏي." هوڏانهن سندن مائٽ گهڻي دٻاءَ سبب ليٽڙيون پائي رهيو هو. جهنڊي جڏهن ڏٺو ته هاڻي مورڳو سڄي بس ڪِنُ ڪندو تڏهن هن، ڊرائيور کي بس روڪڻ جو واضح اشارو ڪيو. رستي جي پاسي کان ڪاما هئا جن ۾ پن به بيٺل هئي. بس بيٺي ته ملان گوليءَ جي اسپيڊ سان پن ۾ لهي ويو. ان وقت مايون به بس مان لهي پسار ڪرڻ لڳيون. مولويءَ جي گهر واري به انهن سان گڏ لٿي.ڪجهه دير بعد ملان حاجت پوري ڪري جو پن مان نڪتو ته جڻ ساڳيو مڙس هئوئي نه. پن جو ٻُورو سندس سونهاريءَ سان رلمل ٿي چڪو هو. همراه جا ڪپڙا سڄا پن جي ٻُوري ۽ دز ۾ خراب ٿي چڪا هئا. جهنڊي ملان تي نظر وجهي مائين سان مخاطب ٿي سهروڳائڻ شروع ڪيو:"ڏسو ڏسو ڙي، آيو ٿوَ صاحبزادو بنڙو ...!" پوءِ ته مايون جو ڪلڻ ۾ ڇتڪيون، هجي ڪو جو ڪين بس ڪرائي. ملان سيوهڻ کان واپسيءَ تي اڌ مان لهي پنهنجي ڳوٺ روانو ٿي ويو ۽ ڪيترا سال ساڻن پٽ پاڻپي ختم

ڪري ڇڏيائين، نہ پاڻ اچي نہ سندن نياڻيءَ کي مائٽن ڏي وڃڻ ڏي. وڏا حيلا هلائي ڪيس پرچايائون پر پوءِ بہ همراه وٽن نہ آيو، البت سندن نياڻيءَ کي موڪل ڏيندو هو. هڪ ڀيري سندن برادريءَ جو وهانءُ هجي. اتي هن جو سوٽ سومر خان بوسڪيءَ جو پٽڪو ٻڌي اچي پهتو. سومر خان هوندو بہ ڪجھ ڇيڙاڪ هو. انکي پٽڪي سان ڏسي جهنڊي طئي ڪيو تہ چا بہ ٿئي اڄ سومر جو پٽڪو لهرائڻو آهي. بس ان وقت اکيون لڳي ويون. هڪ همراه رڙ ڪري چيو”منهنجا ڏه رپيا ڪِري پيا آهن.“ جهنڊي پڇيس،”ڪنهن تي شڪ اٿئي؟“ نوجوان چيس، ”شڪ نہ مونکي پڪ آهي تہ سومر منهنجا ڏه رپيا پنهنجي پٽڪيءَ ۾ لڪايا آهن، مونکي تلاشي وٺي ڏيو.“ هاڻ سڀ چون تہ سومر کي تلاشي ڏيڻي پوندي. سومر چوي تہ ”مان هاڻي گهران پٽڪو ٻڌي آيو آهيان، ڇو تلاشي ڏيان.“ نيٺ چڱي مڙس جي چوڻ تي هن پٽڪو لاهي کين تلاشي ڏني ۽ ڏيڍيءَ تي بيهي پنهنجي گهر واريءَ کي سڏائي چيو ”بس هل گهر، هنن پڙون سان ناهي پائپي.“ هاڻي سڀ نندا وڏا ميڙ تي سومر جي گهر پهتا. اچڻ سان انن ڏهن همراهن پنهنجا پٽڪا لاهي مامي سومر جي پيرن تي اڇليا پر سومر نري ئي نہ، چي: توهان سڀ لوسي آهيو، چوري جي چوڻ تي منهنجي بي عزتي ڪئي اٿوَ، ناهي توهان سان پت پائپي. پيٽيان ههڙا تهڙا، نڪرو منهنجي گهر مان تہ کهاڙين مان نہ ڪيدانوَ! نيٺ وري بہ جهنڊي هڪ پوڙهي مڙس کي اک هڻئي تہ توائي ٿي سومر تي ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويو، ”اڙي نهين ٿو يا لاهيان جوتو ...“ مامو سومر ڪلي ويهي رهيو. نعرا لڳي ويا. مامو سومر وري زال سميت ڪاڄ تي پهچي ويو. هاڻي تہ اهڙا يوڳ بہ نہ رهيا آهن، جهنڊو ممٽاٽي ڪائڻ جو بہ سڄر هوندو هو، تر ۾ ماني ڪائڻ جا مقابلا ڪندو هو. وات سان دهل ۽ شرناءِ وڄائيندو هو. جتي بہ هوندو اتي ٿهڪن ٽاڙهيا هوندا هئا. هي ڪلڻ ۽ ڪلائڻ وارو ماڻهو اندر ۾ غمن سان چُور هو. هن جي زال بہ چري هئي تہ سندس سس جو بہ ذهني توازن درست نہ هو. ساڳي حالت سالن ۽ سالين جي هئس.سالم ۽ صحتمند شخص سان گهارڻ عام ڳالھ آهي پر گهٽن ناچاڪ ۽ معذورن کي منهن ڏيڻ ڪيڏو مسئلو هوندو ان جو هر ماڻهو تہ اندازو بہ نٿو ڪري سگهي. شابس هجي هن مڙس کي جنهن نڀايو ۽ ڏهاڪو کن ٻار بہ پيدا ڪيا. سنڌ جو وڏو الميو بي جوڙ

شاديون ٻه رهيو آهي. ڪٿي ڪا پدمڻي ڪنهن ڪَک پوڙهي سان پرڻائي وينديءَ ته ڪٿي وسن جهڙي مڙس کي ڪنهن رڍ جهڙي رن سان لائنون ڏياريون وينديون. اهڙيون شاديون ماڻهن لئه عمر جون روڳ ٻنيل هونديون آهن. جهنڊي خان جهڙا نياڻ وارا گهٽ ماڻهو ٿيندا آهن. وڏن جي فيصلي کي قبول ڪري ان کي لڪئي جو ليک سڏيندو رهيو .جهنڊي سان ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون. وڏا احوال ڪندو هو جن مان گهٽا ته لکڻ جهڙا ئي ناهن. هڪ ڀيري ٻڌايائين ته، ”اسان درياهه تي مال چاري رهيا هئاسون جو تو واري ڏاڏي شاهه مراد پيرزادي تي نظر پيئي. مٿي تي درزن ڪن دانگيون ڪنيون پئي آيو. درياخان مون کي چئلينج ڏيندي چيو: وڏيري جون اهي دانگيون ڀڃي ڏيکار ته جوان مڃانءِ! مون ان وقت پاڻ سان مال چاريندڙ محمد خان کي ٻه مڪون وهائي ڪڍيون. محمد خان ٻڪ ڀري شاهه مراد وٽ پهتوءِ دانهن ڏيندي روئي چيائين: بابا، مون کي جهنڊي ماريو آ... چاچي شاهه مراد دير ئي نه ڪئي، مون کي پهلوانن وانگر مٿي ڪٽي گهمائڻ لڳو ته مون دانگين کي ڏکو ڏنو. ايئن سڀ جو سڀ دانگيون ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويون. پوءِ ته مون پيرن تي زور رکيو ۽ تو وارو ڏاڏو ڪلاڪ کن گاريون ڏيئي چلتو ٿيو.

جهنڊو چور نه پر ڪچي جو رهواسي هئڻ ڪري پوليس/ فوج هٿان گرفتار ٿيندو رهندو هو. هي اڪيلو نه هو، اهڙا سوين ماڻهو بيگناهه ٻڌبا رهندا هئا. هڪ طرف ڌاڙيل، ٻئي طرف فوج ۽ پوليس؛ ماڻهو جڻ جانڊهه جي ٻن پُڙن وچ ۾ پيسجندا رهندا هئا. عمر جي آخري حصي ۾ حج ٻه ڪري آيو. ويو ته ڪمائڻ جي خيال سان هو پر ڪيس سنڌيءَ کان سواءِ ٻي ڪابه ٻولي نه آئڙي، ان ڪري حج پڙهي ستت ئي وطن واپس وريو. هنحج تي وڃڻ لاءِ پنهنجي هڪ مائٽ شادي خان کان اڌارا ڏوڪڙ ورتا هئا جيڪي ڪانئس ادا نه پئي ٿي سگهيا. نيٺ هڪ ڏينهن شادي خان سندس پٽ ملوڪ ڪانئس اوڌر وارن پئسن ۾ ڏاڍي ڪسي ويا. صحيح خبر پوڻ تي ماڻهن ۾ ٺهڪ پئجي ويا. پوءِ ڳوٺ وارن ڪيس ساڳي ڏاچي واپس وٺي ڏني. جهنڊو هڪ درجو ٻه پڙهيل نه هو پر ڪيس خدائي ڏات مليل هئي. ان جي باوجود ڪيس نه ته ٽي ويءَ تي موقعو مليو، نه ئي ريڊيو وارن گهرايو. هن جو فن رڪارڊ نه

ٿي سگهيو، جيئن استاد بخاريءَ چيو هو ته

ٺَڪر ۾ گل ٽڙيو ته ڇا ٿيو
ڪڪر ۾ چنڊ ڪڙيو ته ڇا ٿيو!

هن جو فن پاڻ سان گڏ دفن ٿي ويو. اهو رڳو هڪ جهنڊي جو الميو ناهي پر اهڙا سوين ماڻهو اڄ به موجود آهن جن کي ڪو موقعو نه مليو سگهيو. هي ڪچي جو اڻ پڙهيل ڳوٺاڻو هو جنهن جي صلاحيتن ڏي ڪنهن جي نظر ئي نه وئي. جيڪڏهن هن کي اهڙو ماحول مليو ها ته يقينن هنڌين ماڳين سندس هاڪ هجي ها. جهنڊو ممٽاڻي اڄ اسان ۾ موجود ناهي پر سندس ڳالهيون هلنديون رهن ٿيون. هن 2018 ۾ اٽڪل 68 سالن جي ڄمار ۾ هيءُ جهان ڇڏيو، ڪيس ٻلهڙيجيءَ جي صالح سوائي قبرستان ۾ جاءِ ڏني وئي.

# حافظ شمس ڇهواڻ

## چند ڪارنامن جو مختصر وچور

حافظ شمس الدين ڇهواڻ اسان کي ننڍي هوندي قرآن پڙهايو. اڪين کان "وڏو " آهي، ان ڪري عربي قاعدو نه پاڻ پڙهيو، نه وري شاگردن کي پڙهايائين. شروعات ٿي ٽيهين سيپاري کان ڪندو آهي. آئون چوٿين درجي ۾ پڙهندو هئس، عربي اعرابن وقوفن جي خبر نه پوندي هئي. ٻه چار ڏينهن ته ڏکي تي ڪم هلي ويو. هڪ ڏينهن "خناس الّذي" کي ڳنڍيندڙ شد ڀُلجي ٻئي لفظ ڏار ڏار ڪري پڙهيم ته حافظ صاحب سمجهائڻ بدران سونٽيون هٽي ڏورا ئي چاڙهي ڇڏيا. ان ڏينهن جيئن مسجد مان ڀڄي نڪتس ته وري اوڏانهن منهن نه ڪيم. مهينو کن ڏورن ۾ سور برقرار رهيو.

حافظ شمس اسان جي ڳوٺ جي معروف شخصيت آهي، خدا کيس ننڍي لاڪون نور کان محروم ڪري ڇڏيو، نه ته الائي ڪهڙا ڪهڙا ڪارناما سرانجام ڏئي ها. انهيءَ معذوري باوجود همراهه وڏي دنيا ڏٺي، وڏن ماڻهن سان مليو. قرآن جو حافظ هئڻ سان گڏ بي بي سي ريڊيو جو ريگيولر سامع، ڪرڪيٽ راند ۽ راڳ جو به وڏو شوقين آهي.

حافظ شمس الدين 1951ع ڌاري ٻلهڙيجيءَ ۾ ڄائو، اڃا پنجن ڇهن مهينن جو مس هو جو ماتا جي بيماري سندس بينائي ختم ڪري ڇڏي، ان ڪري سندس والد چاچي حمزي قرآن جو حافظ ڪرڻ لاءِ هن کي ڍنڍ ڳوٺ جي مولوي عبدالرحمان ڏيري وٽ ڇڏيو. چون ٿا ته مولوي عبدالرحمان عرف ملان عدر جڏهن شمس کي ڪٽيندو هو ته هن جا ٻرڙاٽ پر وارن ٻن

چئن ڳوٺن تائين چٽا پٽڻ ۾ ايندا هئا. پاڙي واريون توڙي آسپاس جون عورتون هن جون دانهون ٻڌي، اُٻ ڏي هٿ اُيا ڪري ملان عدر کي پٽينديون هيون. شمس الدين پڙهڻ تان گهٽ پر شرارت، حرڪتن ۽ جاسوسيءَ تان خوب مار کائيندو هو ۽ مار ٻه اهڙي جو موليٰ ڏئي پناهه! هن جا هم ڪلاسي ٻڌائين ٿا ته ملان عدر مسجد ۾ هوندو ته شمس بلڪل ماٺ کيو وينو هوندو پر هُن، جيئن ئي مسجد مان پير ٻاهر ڪڍيو ته هِن جون مستيون ۽ حرڪتون شروع ٿي وينديون: ڪنهن کي چُهنڊي هڻندو ته ڪنهن کي ڀاڪر، ڪنهن کي ڌڪو ته ڪنهن کي نيلهو. مسجد ۾ جيڪو ٻنڊ آيو، اهو ٻئي ڪتابيءَ کي ڪائڻ نه ڏيندو. نظر کان محروم هوندي به هم ڪلاسين جي سمورين سرگرمين تي "نظر" رکندو ۽ پيو سندن جاسوسي ڪندو. سائين عدر ڪنهن شاگرد سان پيار سان ڳالهائي ته هي چوي "ڪو چڪر ضرور آهي!" جيئن ته ٻين طالبن کان عمر ۾ ڪجهه وڏڙو هو، ان ڪري سائين عدر بانگ ڏيڻ لاءِ شمس کي چوندو هو. ڇوڪرا هن کي اوڀر رُخ تي بيهاري ملان کي وڃي ٻڌائين ته "سائين! هو ڏسو، شمس اوڀر ڏي منهن ڪري بانگ پيو ڏئي!" پوءِ ته ملان عدر سندس ڪل اڌيڙي ڇڏيندو هو. اڪثر ائين ٿيندو هو ته ٻيا طالب ڪانئس ڪو ڏوهه جو ڪم ڪرائي واردات هلندي ئي ملان عدر کي اچي مٿان بيهاريندا هئا. همراهه سدائين لنين جي منهن ۾ هوندو هو سو، ڊنڊ جي رحمدل ڳوٺاڻن چاچي حمزي کي اچي ٻڌايو ته "شمونءَ تي رڳو لنين جو وسڪارو آ، ان کي ملان عدر وٽ نه پڙهاءِ! اجايو مار ۾ مري ويندو." چاچو حمزو چئي: "شمون کي فقط ملان عدر سڌاري سگهي ٿو، اسان جي پيٽي ناهي، ڀلي ماري وجهيس، مان ان کي ڪجهه به نه چوندس."

ملان عدر درٻيلي جي مخدومن جو خانداني مريد هو، مهيني ٻئي سندن زيارت لاءِ ويندو رهندو هو. هڪ ڏينهن درٻيلي وڃڻ کان پهريان شمس کي ٻارن جي سبق ٻڌڻ جو تاڪيد ڪري مسجد مان نڪري ٻاهر دريءَ کان ٿي بينو. ٻيا ٻار ته ملان کي ڏسن پيا، شمس ڪيئن ڏسي!؟ سو پنهنجي ليکي سائينءَ جي روانگيءَ تي سک جو ساهه ڪڻندي وڏي آواز ۾ نعرو بلند ڪيائين: "الله ڪندو جيئرو واپس نه ايندو! ڇورا، سڀ چئو الله آمين!"

ڇوڪرا تہ ماٺ ٿي رهيا پر سائين عدر ڪيس وارن ڪان وٺي دريءَ ڏي گهلڻ شروع ڪيو. همراهہ جي منڊي ٻاهرين پاسي، جنگهون اندر ۽ ڏڙ دريءَ تي. اهڙي حالت ۾ ڏهاڪو ڪن لڪڻ پڳائينس. شمس پاڻ ان ڏينهن واري مار تہ زندگيءَ ڀر وساري نہ سگهيو هوندو پر جنهن بہ ڪيس ايئن سٽجندي ڏٺو، ان ڪان بہ اها سيڪت اڄ ڏينهن تائين نہ وسري هوندي.

1980ع ۾ راولپنڊي وچي پاڪستان جي صدر آمر جنرل ضياءُ الحق سان ملاقات ڪيائين، جنهن ڪيس پنج سؤ رپيا خرچي ۽ 16 ايڪڙ زمين ڏني. اها زمين ڏنگن زميندارن جي پرسان هئي، ڀيو تہ اتي پاٽيءَ جو انتظام ڏڪيو هو، تنهن ڪري اها سستي وڪرو ڪري ڇڏيائين. ضياءَ سان ملڻ لاءِ ڳوٺان 50 رپيا ڪٽي هليو هو. اتي امام بريءَ جي مزار تي رهندو هو، جتي ڪيس ننگر پاٽيءَ سان گڏ گرم سگريٽ بہ ملي ويندو هو.

حافظ شمس 1991ع ۽ پوءِ 1998ع ۾ وزير اعظم نواز شريف سان بہ اسلام آباد وچي ملاقاتون ڪيون پر هُن، ٻنهي ڀيرن ڪيس جنرل ضياءَ واري لئي نہ ڪرائي، البت ڪجھ وٺ ضرور ڪرايو. حافظ، بي بي سي اردو سروس جو مستقل ٻڌندڙ هئڻ جي ناتي سياست ۽ دنيا جهان جي تازي صورتحال تي گفتگو ڪرڻ سان گڏ، هر ننڍي وڏي مسئلي تي راءِ ڏيڻ پنهنجو پيدائشي حق سمجهندو آهي، پوءِ ڪنهن کي ڳالھ ڏکي لڳي تہ لڳي.

هڪ دفعي درويش صالح سوائيءَ جي فقير مراد ماڇيءَ کي چئلينج ڪيائين تہ "اها صالح سوائيءَ جي قبر ناهي، تو هٽ سان ٺاهي آهي، صالح سوائي قبرستان جي اوڀر پاسي نہ پر ڏاڪٽي پاسي رکيل هو." مراد فقير چيس "اها ئي صالح سوائيءَ جي مزار آهي،" جنهن تي حافظ چيس: "چڱو قبر کوٽيون ٿا، جيڪڏهن اتان هڏا نڪتا تہ جيڪا وٺئي اها مون سان ڪجانءِ پر جي هڏا نہ نڪتا تہ پوءِ منهنجي مرضي آ." مراد فقير چيس "ٺيڪ آهي پر حافظ، قبر مان نہ کوٽيندس." حافظ چيو "قبر مان پاڻهي ٿو کوٽيان، تون رڳو هلي اتي ويھ!" حافظ ڪوڏر ڪنئي، ٻئي ڄڻا قبرستان ڏي روانا ٿيا. پنيان ڪنهن وچي چاچي حمزي کي ٻڌايو تہ حافظ، درويش صالح سوائيءَ جي قبر کوٽڻ لاءِ ڪوڏر ڪنيو پيو وڃي. اها ڳالھ ٻڌي پٺس ڏنڊو ڪٽي تڪڙو تڪڙو سندن پويان روانو ٿيو. هو ٻئي ٽپي رهيا هئا تہ چاچو حمزو هڪلون

ڪندو وڃي ڪين پهتو. مراد فقير پڇي ويو. چاچي حمزي، شمس ڪي هڪڙي لٽ هنئي، ٻي هنئي ٽين لٽ جي ڦهڪي ڪان اڳ، حافظ ڏانهس رومڙ ڪندي هڪل ڪئي: ”هاڻي بچائي توکي صالح سوائي!“ ائين چئي پيءُ کي اهڙو تہ سنڌائتو چڪ هنيائين جو مڙس جا جنڊا مڙي ويا. ٻن چئن همراهن وات ۾ ڪانيون هڻي پٺهس کي آجو ڪرايو.

ڳوٺ ۾ چوري ٿي، پاڳيا جاڳي پيا، چور چور جون رڙيون ٿيون. شمس بہ گاسليٽ واري بتي هٿ ۾ ڪٽي ”پهتو پهتو“ ڪندو گهٽيءَ ۾ نڪري آيو. تڪڙو اڳتي نڪرڻ جي ڪوشش ۾ وڃي ڪڏ ۾ ڏُو ڪيائين. همراهہ جي ٽنگ ٽن هنڌن تان ٽٽي پئي. بہ چار مهينا تہ کٽ تي پيو هو. ان ڪان پوءِ ٻڍ گهيون مسافريون ڇڏي ڏنائين. رمضان ۾ تراويحون پڙهائڻ لاءِ ويندو هو، اوڏانهن وڃڻ بہ ڇڏي ڏنائين. چاچي حمزي ۾ پاٽرن ڪي شاديءَ لاءِ ڏاڍو تنگ ڪيائين. نيٺ لايو سجايو ٿيو. گهر واري ۾ ٻار جو ٿيس تہ سائين امير بخش پيرزادي 1980ع ۾ ڪيس موهن جو دڙو هاءِ اسڪول ۾ ٻارڙن کي قرآن شريف جو پيرڍ ونڻ لاءِ مقرر ڪيو، جنهن تي هن کي معمولي پگهار بہ ڏيندو هو ۽ مهيني تي ٻار بہ ونڍ ڪرائيندا هئس. سائين امير بخش جي رٽائر ٿيڻ ڪان پوءِ حافظ کي اتان جواب ڏنو ويو ۽ بعد ۾ سائين علي مردان ڪيس مڊل اسڪول حاجي لعل بخش شيخ ٻلهڙيجيءَ ۾ ساڳي ذميواري ڏني، جيڪا اڄ تائين نباهيندو پيو اچي.

حافظ شمس الدين ڇهواڻ صوفياڻي راڳ جو شائق بہ آهي، ان ڪري جمعي تي سيد ملوڪ شاهہ جي درگاهہ ۾ ڪڏهن ڪڏهن شبيني يا ختمي تي بہ پهچي ويندو آهي. اتان موٽي اچي ملن جي ڳِلا شروع ڪندو، چي: ”هر هر وضو ڪندا، انهن کي دين جي گهٽ خبر آهي... مڙيوئي ڦلاٽي جو ايلاز ڪيا تہ وڃڻو پيو، ورنہ ڪير انهن ملن سان گڏ ويهي... آئون انين ڏينهن وضو ڪندو آهيان ۽ وضو اندروني واءُ نڪرڻ سان ٿوروئي ٽُٽندو آهي، ماڻهو جو وهنجي سهنجي ٿو تہ وضوءَ جي کهڙي ضرورت. ريگستاني عرب مهينن جا مهينا نہ وهنجندا هئا، ان ڪري انهن لاءِ نماز ۾ وضو ڪرڻ جو حڪم صادر ٿيو، اسان لاءِ اهو ضروري ناهي!“

اسان جڏهن حافظ جون اهي ڳالهيون سائين امير بخش کي ٻڌايون تہ

ڪيس اعتبار ئي نہ اچي. چئي ”ايئن ڪيئن هوندو، اوهان ڪوڙ ٿا ڳالهايو.“ نيٺ هڪ دفعي سائين امير بخش کي پاڻ سان گڏ ويهاري سندس موجودگيءَ جو احساس ڏيارڻ بغير حافظ کي ڇيڙيو سين تہ سائين امير بخش تي ڪوڙ سارا انڪشاف ٿيندا ويا، نيٺ سندس صبر جو پئمانو لبريز ٿي ويو ۽ شمس کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو: ”حافظ، توهان ئي اهڙيون ڳالهيون ڪندؤ تہ پوءِ هنن ڇورن تي ڪهڙي ميار! اڇو منهن ئي اوهان جو آ! مون سمجهيو تہ ڪين سياستدانن ان پنڌ تي پهچايو آهي، پر اوهان جا ئي اهڙا افعال آهن...“ حافظ ڪٽي ماٺ ڪئي پر سائين امير بخش جي وڃڻ کان پوءِ اسان کي چوڻ لڳو: ”يار! منهنجي ڪائڻ پيئڻ وارا دڳ تہ بند نہ ڪيو، باقي جيڪا ڳالهہ هوندي، اها تہ پئي ڪبي.“

ڏوڪريءَ جو رڪيو ڏيرو موسمي ڇريو هو، جڏهن بہ ڇريائپ واري رنگ ۾ هوندو هو تہ سنڌيءَ بدران اردوءَ ۾ ڳالهائيندو هو. ٺاهوڪو ڇور هو. ڪيترائي ڀيرا جيل ياترائون بہ ڪيائين. هڪ ڏينهن حافظ جي اوطاق ۾ اچي رهيو. مينهن بہ ڏاڍو پيو وسي. حافظ ۽ رڪئي کان علاوه ٽيون ڪو بہ ماڻهو اوطاق تي ستل نہ هو. صبح جو اُٿي حافظ جو بوٽ پائي روانو ٿي ويو. حافظ کي باهيون هجن، چي: ”رڪئي کي رڳو هڪ ڀيرو مون سان ملايو، پوءِ اوهان ڇٽل آهيو. مان ڇاڻان رڪيو ڇاڻي.“ هڪ ڏينهن روڊ پرسان وينا هئاسين، جو رڪئي اچي سلام ڪيو. هو ٻي ڪا ڳالهہ ڪري ان کان اڳ حافظ جو ٻڪ لڳي ويس. ٻلا مڙس کي دسي سندس مٿان چڙهي ويهي رهيو. رڪيو چئي: ”حافظ خدا ڪو مانو، ايسا نهين ڪرو!“ پر حافظ ڪٿي ٿو جلد هٿ ڪڍيس. ڇيتاڙي ڇِلهي ساٽو ڪري رڪيائينس.

ملان مٺاڻ جا شوقين پر حافظ جي مٺاڻ سان هرگز نہ پئي. نہ شيرو ڪائي، نہ ئي حلوو، نہ سئيون ڪائي، نہ ئي طاهري يا ٻي ڪا مني شيءِ واپرائي.

حافظ شمس الدين کي پٽاٽو اولاد نہ ٿيو، بہ نياٽيون اٿس جن کي مئٽرڪ تائين تعليم ڏياريائين. هاڻي انهن کي بہ شينهن ڪلهي چاڙهي ڇڏيو اٿائين.

قرآن جو پهريون پيرڊ ونڻ لاءِ وقت تي اسڪول پهچي وڃي ٿو، البت ٻارن کي سخت سزا ڏيڻ ڇڏي ڏني اٿائين، ڇاڪاڻ جو هاڻي زمانو بدلجي

ويو آهي ۽ هو، هن عمر ۾ عورتن جون گاريون کائڻ نٿو چاهي.

***

# غفور موچي

## چالاڪيون، چرچا، ٺهڪ

عبدالغفور چنو اسان جي ڳوٺ جو دلچسپ ڪردار هو. سندس وڏا موچڪو ڪم ڪندا هئا، ان نسبت سان ڪين موچي سڏيو ويندو هو. جتي غفور هوندو اتي ٺهڪ هوندا، چرچا هوندا ۽ ڪا نه ڪا شرارت هوندي هئي. سوين ڏندا ۽ ڪم ڪيائين پر سندس پسنديده پيشو خرڪاري هو. جوانيءَ ۾ سرن جو قالبي ۽ خرڪار رهيو. ڪڏهن پراوا گڏهه هڪليندو هو ته ڪڏهن پاڻ وٽ به ڏهه ڏهه گڏهه هوندا هئس ۽ سيٺ سڏبو هو. جتي به هوندو چوري يا ٺڳيءَ کان نه مڙندو. ائڊوانس رقم مليس ته مري وڃي ڪم پورو نه ڪري ڏيندو. نه ڪندو. ٺيڪيدارن جا پئسا کائڻ ۽ خرڪارن جا پلا پلا گڏهه چورائڻ هن جو محبوب مشغلو هو.

سندس پيءُ جو ڳوٺ الهيار ساريو ۽ ناناڻڪو ڳوٺ گاجي ديرو هو. ٽي ڀائر ڀيا هئس. ننڍي لاڪون کائنئن جدا رهيو ۽ شاديءَ کان پوءِ اچي ٻلهڙيجيءَ ۾ رهيو ته اتان جو ٿي ويو. همراهه اڳ ئي ”ونتي“هو، ويتر ٻلهڙيجيءَ ۾ ماچين جي پر ۾ وينو ته رهيل کسر به پوري ٿي وئي. جيترو ڦڏائي ۽ ڏنگو هو، ايترو ئي ڳالهه ڪرڻ جو ڏانءُ هئس. پنهنجي ڦڏن فسادن ۽ شرارتن وارا ڪارناما وڏي تفصيل سان بيان ڪندو هو. ڳالهه ڪرڻ جو ڍنگ اهڙو جو ٻڌندڙن جا پيٽ ۾ هٽ هوندا هئا پر مجال آ جو پاڻ کِلي.

غفور موچي 1952ع ڏاري گاجي ديري ۾ ڄائو. 1974ع ۾ اچي ٻلهڙيجيءَ ۾ رهيو. ان کان اڳ ڪجهه ورهيه ڍنڍ ڳوٺ ۾ به رهيو پر پنهنجي

مائٽن کان پري ٿي رهيو. ان وقت ترقياتي ڪم هلي رهيا هئا، بچاءَ بندن کي بہ مٽي وجهي مضبوط ۾ مٽي ڪيو پئي ويو. ڪوڙ سارا پيا ڪم بہ جاري هئا. مٽيءَ جو وڏو ڪم هو. ٽريڪٽر ۽ ٻِي مشينري ڪانہ هئي، خرڪارن جو وڏو مانَ هو. غفور اوڏن، پناڻن ۽ ٻين ٺيڪيدارن وٽ ڪم بہ ڪندو هو تہ هر وقت سندن گڏهہ چورائڻ جي تاڙ ۾ رهندو هو، هن جو اصول هو تہ اڳواٽ رقم ملڻ ڪان پوءِ اهو ڪم ناهي ڪرڻو، نہ ٿي پئسا موٽائي ڏيڻا آهن. ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن ڪيس بہ ٿيندا هئس، پوليس گرفتار بہ ڪري ويندي هئس پر هن پنهنجي ڪرت جاري و ساري رکي. ٻلهڙيجيءَ ۾ مٽس وڏيري امام بخش پيرزادي عرف وڏيري امن جو هٿ هو ۽ هو، هن جي سيني عادتن ڪان چڱيءَ طرح واقف هو، ان جي باوجود وڏيري پنهنجو ڪم هر ڀيري غفور کان ئي ڪرايو، ٻئي ڪنهن بہ خرڪار کي نہ ڏنو. غفور موچيءَ وڏيري امن سان بہ ٺڳيءَ جون وڏيون ڪوششون ڪيون پر ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿي سگهيو، سدائين سندس چوري پڪڙجي ٿي پئي، جنهن ڪري ڪيس ٻيٽو ٽيٽو خفو ڳچيءَ ۾ پئجي ويندو هو.

هڪ ڀيري وڏيري امن پنهنجي پراڻي چڙائي پيسائيءَ واري مشين جو دڪو ڍهرائي ان جون سرون ڪڍي ٻي هنڌ پهچائڻ وارو ڪم غفور جي حوالي ڪيو. ٽيوب ويل جي پرسان پاٽيءَ جي ڪڏ هئي، غفور اڌ سرون صاف ڪرڻ کان سواءِ ڪڏ ۾ غرق ڪري ڇڏيون، باقي اڌ سرون صاف ڪري مقرر جاءِ تي پهچائي ڏوڪڙن جي تقاضا ڪئي. پئسن ڏيڻ کان اڳ وڏيرو امن ڪيل ڪم جو جائزو ضرور وٺندو هو، سو وڃي ڏسي تہ واقعي ميدان صاف لڳو پيو آهي. باقي سرون ڪاڏي ويون؟ وڏيري کي شڪ پيو تہ پهتل سرون دڪي وارين سرن کان گهٽ آهن. ان ڪري هن پنهنجي هڪ هاريءَ کي ڪڏ ۾ لهڻ لاءِ چيو. هاريءَ ڪڏ ۾ لهي وڏيري امن جي شڪ جو ثبوت پيش ڪندي چيو: “سائين، واقعي ڪڏ سرن سان ڀري پئي آهي.” غفور کي سموريون غرق ڪيل سرون ڪڏ مان ڪڍڻيون پئجي ويون. اهڙي ريت همراهہ کي ٻيٽي ٽيٽي محنت ڪرڻي پئجي وئي. ٻئي دفعي وڏيري امن ڪيس زمين جو ٽڪرو ڏيندي تاڪيد ڪئي تہ ان کي کوٽي، سموري مٽي سندس اوطاق تي پهچائي. ٻنيءَ جي پرسان واهہ وهندو هو. غفور هڪ چڪر گڏهہ ڀري وڏيري

جي اوطاق تي مٿي پهچائي ته ٻه پيرا مٿي وچي واهه ۾ پيو لاهي. اهڙي نموني تڪڙو ڪم پٽي وڏيري وَٽ پهتو ۽ ڪانئس اجرت طلب ڪيائين. وڏيرو تسلي خاطر ڪم ڏسڻ لاءِ سر زمين تي پهتو. هن، آثارن مان اندازو لڳائي ورتو ته اطاق تي پهتل مٽي، ڪوٽي ڪڍيل مال ڪان ٿوري هئي. وڏيري وري ٻه پنهنجي هڪ هاريءَ کي واهه ۾ لهڻ لاءِ چيو. همراهه هڪ پاسي ڪان جو واهه ۾ لٿو ته اتان ڪيس سيني تي پاٽي اچي رهيو هو، ٿورو اڳتي جو آيو ته پاٽي گوڏن تائين مس ٿي آيو. غفور تڪڙي واردات ڪندي ذري گهٽ واهه ئي لٽي ڇڏيو هو. پوءِ ته هن سان ڏاڍي ٿي. اهو سڄو ڪم ٻيهر ڪرڻو پئجي ويس، همراهه کي سود ته نه مليو، الٽو "ٻُود" تڪليف ۾ اچي ويس.

هڪ ڀيري سندس ماءُ ۽ ناني گاجي ديري ڪان ساڻس ملڻ آيون. ٻچاءَ بند تان هڪ ٻڪري ٻه سندن پويان لڳي آئي. غفور ماءُ ۽ نانيءَ ڪان پڇيو ته "هيءَ ٻڪري ڪنهن جي آهي؟" مائين جي نيت ٻه پنهنجي وياءَ ڪان مختلف ڪانه هئي، چوڻ لڳيون: "پنهنجي آهي تڏهن ته اسان جي پويان لڳي ٿي اچي." غفور ٻه صفا سڄائيءَ ۾ هو، سو چيائين ته "يلا اها ٻڪري مون کي ڏيو ته سياٽي حلال ڪري گوشت ڪپايان، ٻه ٿي ڏوڪڙ ملي پوندا." زائفن بسم الله ڪري ٻڪري سندس حوالي ڪئي. غفور ٻه تياريون شروع ڪري ڇڏيون. ڳوٺ جي سرندي وارن ماڻهن کي ٻڌائي آيو ته سياٽي ٻڪري ڪهندم، ڪنهن کي ٻه گوشت ونڊو هجي ته هليو اچي. هي، اهڙي ڳالهه وڏيري امن سان ٻه ڪري آيو. شام جو جڏهن وڏيري جو مال موٽيو ته سندس هڪ ٻڪري غائب هئي. پڪ ٿيس ته همراهن کي چيائين: غفور کي چئو ته اها ٻڪري ڪاهي منهنجي اوطاق تي اچي ڪوس ڪري. غفور جيئن ئي ٻڪري ڪاهي اوطاق تي پهتو ته وڏيري امن ٻڪري هٿ مان وٺندي دڙڪو ڏنس: "چور پيش ڪر!" پوءِ ته غفور کي ٻه رؤنشو لڳو. گهر وڃي ماءُ ۽ نانيءَ کي چوڻ لڳو. "توهان مون سان ٺڳي ڪئي آهي، ٻڪري ٻه وڏيري امن جي چورائي اٿوَ! هاڻ وڏيرو چوي ٿو ته چور پيش ڪر. وڏيرو ٻاهر ويٺو آهي، هلي صفائي ڏيو!" زائفائون ڪيئن پيش ٿين. غفور کي ڏڪا ڏئي ٻاهر ڪڍي پاڻ قائم ماچيءَ جو لوڙهو ٽپي ڳوٺ روانيون ٿي ويون.

هڪ پيري ڪنهن ڳوٺ ۾ مٽيءَ جو ڪم ڪري رهيو هو. ليبر بہ ساڻس گڏ هو. اتي سندس ڪا ڄاڻ سڃاڻ نہ هئي، تنهن هوندي بہ هڪ دڪان تي چڙهي ويو ۽ دڪاندار کان اٽو، چانور، کنڊ، پتي، ڳڙ، گيهہ، سگريٽ مطلب تہ ضرورت جو چڱو موچارو سامان اوڌر تي طلب ڪيائين. دڪاندار ڪانئس ضمانت گهري. هن، فورن دڪان ۾ ٽنگيل قرآن پاڪ ڏي اشارو ڪندي چيو: “ابا منهنجو ضامن تہ قرآن پاڪ آهي، باقي توکي الائي ڪنهن جي ضمانت کپي!” دڪاندار بہ ڪو دين ايمان وارو هو. هر شيءِ ڪٽي ڏنائين. ٻن ٽن ڏينهن بعد جڏهن غفور کي ٺيڪيدار وٽان سني رقم ملي، تہ ان ئي رات پنهنجا گڏهہ ڪاهي گم ٿي ويو. سال ٻن کان پوءِ ساڳئي دڪاندار کي ڪٽي هٿ اچي ويو. دڪاندار اول تہ ڪيس صفا سڃاڻن تي ڪٽي ڏنو، ان جي باوجود هي سندس داڀي ۾ نہ آيو، الٽو ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويس؛ چي: “تنهنجي جڏهن مون سان سڃاڻپ ئي نہ هئي تہ توڪنهن جي چوڻ تي مون کي ايترو سامان ڏنو؟” دڪاندار چيس: “ياڻو قرآن پاڪ ضامن هو!” غفور نهہ پهہ وراڻيس: “تہ پوءِ ڏوڪڙ بہ ان کان وڃي وٺ، مون مسڪين جو مٿو ڇو کاڌو اٿئي، مان غريب توکي ايترا پئسا ڪاٿي ڏئي سگهندس.” دڪاندار پنج رپيا منائيءَ جا ڏئي هن مان هٿ ڪڍيا.

غفور ڪڏهن ڪڏهن ڪڇي مان ڪاٺيون ڪرڻ بہ ويندو هو. تن ڏينهن پتڻ تي ايف سي اهلڪار مقرر هوندا هئا، جيڪي هر مسافر کي سڃاڻپ ڪارڊ ڏسي پوءِ ٻيڙيءَ تي چڙهڻ ڏيندا هئا. ان ڪري هن رات جوئي ڪارڊ هٿيڪو ڪري رکيو تہ جيئن صبح جو ڳولڻ ۾ دير نہ ٿي وڃي. جيئن ئي پتڻ تي پهچي اهلڪارن کي ڪارڊ ڏنائين تہ هنن ڪانئس پڇيو: “تمهارا نام کيا هئي؟” چيائين: “عبدالغفور” ان تي اهلڪار چيو: “اس پر تو غلام فاطمہ لکا هوا هئي!” همراهہ ڀُل ۾ گهر واريءَ جو ڪارڊ کڻي نڪتو هو، پوءِ تہ اهلڪار هن جو نالو ئي غلام فاطمہ رکي ڇڏيو.

اهو ڪو پهريون پيرو نہ هو. هڪ پيري تہ جهونجهڪڙي جو اٿي گهر واريءَ جو تار تي ٽنگيل چولو پائي ڪاٺيون ڪرڻ نڪري ويو. مرد ۽ عورت جي ڪپڙن ۾ فرق هوندو آهي ۽ مرد بہ غفور جهڙو ساڃن ڇهن فوٽن جو پر اونداهہ ۾ هن کي خبر ئي نہ پئي. جڏهن ڪڇي ۾ ڪنهن ڪيس ٻڌايو تہ

اوهان ڀاڄائيءَ جو چولو پائي آيا آهيو، تڏهن اهو لاهي ڪاٺين ۾ لڪائي ۽ پاڻ پُنن اگهاڙو گهر پهتو.

غفور سوين ڪم ڪيا پر پڇاڙڪا ويهارو سال ٻلهڙيجي مين روڊ تي پڪوڙا ڪپائيندي گذاريائين. دڪان ۾ ڪڏهن ڪڏهن سبزي به رکندو هو، هڪ ڏينهن مڙس سنگت ساڻ ڪان قرض پڪو ڪٽي گيهه، ٽماٽا، مرچ، پٽاٽا ۽ بيسڻ وٺي جيئن ئي دڪان کوليو ته مائٽاٽي ڳوٺ جي هڪ ماڻهوءَ اچي ٽڪاءُ ڪيو ۽ اچڻ سان ڪيس هڪ رشتيدار جي فوتگيءَ جو اطلاع ڏنائين. مرحوم، هن ڪان وڏيڪ سندس گهرواريءَ جو ويجهو مائٽ هو. جيئن ته غفور قرض ڪٽي دڪان کوليو هو. کلهي ڪانڌي ٿيڻ لاءِ وڃي ته دڪان بند ڪرڻو پويس، اچڻ وڃڻ لاءِ ڏوڪڙ الڳ خرچ ٿين! اهو سوچي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ آيل رشتيدار کي چوڻ لڳو: ”پُٽي جهڙا بادشاهه به مري ويا، هي مئو ته کهڙو سنڌ کي لوڏو اچي ويندو، مري ويو ته پوري ڇڏيوس، مان ڇا ڪيان؟“

غفور موچيءَ کي جواني ۾ ڪوڏي ڪوڏي ڪيڏندي به ڏٺوسين ته ملهه وڙهندي به ڏٺوسين. همراهه جيئن ته چرس جو موالي هو، ان ڪري سهڪي پوندو هو. سهڻن جو عشق به ڪيائين. اسان سان ميلن ملاکڙن تي گڏ هوندو هو. هي گڏ هوندو هو ته ڪڏهن به بوريت جو احساس نه ٿيندو هو.

همراهه کي ٽن پٽن ۽ ٽن نياڻين جو اولاد ٿيو. سندس وڏو پُٽ سراج ذهني مريض بڻجي ويو، ٻيو پٽ مجو هڪ جنگهه کان معذور آهي، جنهن کي معذور ڪوٽا تي تعليم کاتي ۾ پٽيوالي جي نوڪري ملي، جنهن ڪري گهر جو ڪجهه بار ڪٽڻ جهڙو ٿيو.

سدائين مرڪون ونڊيندڙ غفور موچيءَ جا آخري ڏينهن ڏاڍا ڏکيا گذريا، هڪ طرف ڪيس بيماريءَ سوڙهو ڪري وڌو ته ٻئي طرف سندس پاءُ احمد کي مائٽن لنيون کهاڙيون هٽي بي دردي سان قتل ڪري ڇڏيو. احمد صفا مڙس ماڻهو هو، ڪيس ڪو به ڏپ ڏاءُ نه هو. جن ڪيس خون ڪيو، اهي به ساڻس گڏ هوندا هئا، بس ماڻهن جي ڳالهين ۾ اچي مڙس ماري وڌائون. بيماريءَ جي بستري تي پيل غفور جڏهن احمد جو لاش ڏٺو ته ڪجهه به ڳالهائي نه سگهيو ۽ هفتي اندر گذاري ويو. هن کي اباڻي قبرستان الهيار سارئي ۾ دفن ڪيو ويو، جتي جمعي جي رات راڳ ويراڳ به ٿيندو

آهي. توڙي جو غفور جا هڏڙا ٻلهڙيجيءَ ۾ نہ آهن پر هن جي ياد هر ٻلهڙيجائيءَ جي سيني ۾ ٿهڪ جيئن نڙيل آهي. اهڙن ڪردارن کي سدا گونجندڙ ٿهڪ چئجي تہ غلط نہ ٿيندو.

***

# قادن سرڳاٽي

سنڌ ۾ هاٺو ۽ ڌاڙيل ايامن کان موجود رهيا آهن. عربن جي سنڌ تي حملي جو جواز بہ اهڙن قذاقن کي ڄاڻايو ويندو آهي جيڪي وشال سمونڊ جي سيني تي ترنڊڙ غورابن جو گهيرو ڪري ڦرلٽ ڪندا هئا. برهمڻ دور کان وٺي پاڪستان ٺهڻ تائين هاٺو هميشہ موجود رهيا آهن، جن حڪمرانن کان وٺي لشڪرين تائين، ڪنهن کي بہ سک سان سمهڻ نہ ڏنو. هونئن سکيو ستابو هئڻ ڪري منهنجو ديس سدائين ڦورن جي نشاني تي رهيو آهي. هر دور ۾ نوان نادر شاهہ سنڌ کي ڦرڻ لٽڻ لاءِ ايندا رهيا آهن. ٻيو تہ هتي گهڻو ڪري ڌارين جون حڪومتون رهيون آهن جن جو ڪم عوام کي ڦرڻ، لٽڻ ۽ پنهنجا پِيٽ ڀرڻ رهيو آهي. اهڙين حالتن ۾ هتان جا ماڻهو باغي بڻجي وڃي جهنگ ۽ ٻيلا وسائيندا آهن. جڏهن رياست مان انصاف جي اميد ختم ٿي ويندي آهي تڏهن ماڻهو باغي ٿي اهڙا عمل ڪندا آهن ۽ ان مان وڏيڪ نقصان وري بہ عام خلق کي رسندو آهي.

سنڌ ۾ بهرحال سندن ڳالهيون ڳائبيون رهنديون آهن. اوطاقي ڪچهرين ۾ جتي رومانوي داستان ۽ سورهيہ سرويچن جا قصا بيان ٿيندا آهن، اتي زورآور جوانن ۽ هاٺُن کي بہ هرگز نہ وساريو ويندو آهي. سندن وارداتن، سفاڪين، بهادري توڙي بزدليءَ ۽ پاڙيائپ جون ڳالهيون هلنديون رهنديون آهن. اسان جي تر ۾ ڪيترائي هاٺو پيدا ٿيا. گهڻي مشهوري ماڻيندڙن ۾ قادن سرڳاٽي بہ هڪ هو. همراهہ ملڻ جلڻ جو ڏاڍو ڀلو هو. جيئن تہ ان دور ۾ ماڻهو پوليس گرديءَ جو شڪار هئا، ان ڪري اهڙن ڪردارن لاءِ نرم گوشو رکندا هئا پر تاريخ شاهد آهي تہ ڌاڙيل انقلابي نہ ٿيندا آهن، انهن

مان وري به تڪليف عام ماڻهن کي رسندي آهي.

قادن سرگاڻي منهن مهانڊي ۾ ملوڪ هو: ويڪري پيشاني، وڏيون اکيون، ٿهندڙ پريل بت، چاپئين ڏاڙهي، ڊگهو قد. بدنام ڌوهاري هوندي به کلڻو ملڻو شخص هو. غريب ۽ هاري ناري به پوڳ ڪندا هئس ۽ ڪڏهن ته ڪچيون گاريون به ڏيندا هئس. قادن دادو- لاڙڪاڻي دنگ تي ڳوٺ گهاري جو وينل هو جيڪو انتظامي طور دادو ضلعي ۾ آهي. همراهه پنهنجي ٻني ٻاري ۽ مال رزق وارو هو پر جيئن ته ان وقت چوراٽو راڄ هو، تنهن ڪري سنڌ ۾ وڏي شهرت ملهن ۽ چورن جي هوندي هئي. ٻيو ته ٻيلن ۾ اهڙي شخص جا ئي ڀور ڇيڪ چري سگهن پيا جيڪو پاڻ به ڏاڍو مڙس هجي.

قادن نندي هوندي کان ئي چوراٽڪي صحبت ۾ رهيو. ڌوهه ڪير به ڪري، ڪيس هن تي لڳندو هو ۽ سدائين پوليس ڪيس پڪڙي ويندي هئي. پوليس جي مار به قادن وانگر ڪير نه پچائي سگهندو هو. اهو ئي سبب هو جو نندي کان ئي همراه جي هاڪ پئجي ويئي ۽ ڪيس مختلف هنڌن تان سنيهڙا ملندا رهندا هئا.

اسان جي تر ۾ قادن سرگاڻي پنهنجي دوست نوري ڦرڙي جي معرفت آيو، جيڪو ڪلهوڙا ذات سان تعلق رکندڙ هو. پوءِ ته سڄي تر سان سندس واسطا ٿيا ۽ هتان جوئي ٿي ويو. هڪ دفعي ڪا ٻانهن ڪٽي آيو ۽ اها نوري ڦرڙي وٽ ڇڏي پاڻ ڪيڏانهن هليو ويو. مهيني کان پوءِ جو واپس پهتو ته مائيءَ ميار ڏيندي چيس: ”مون کي کهڙن دوستن جي حوالي ڪري ويو هئين، هِنن مون سان زبردستي ڪئي آهي.“ مائيءَ نوري ڦرڙي جي نندي ڀاءُ جو نالو کنيو، جنهن تي ڪلهوڙن قادن سرگاڻيءَ کي چيو ته: ”اهڙي ڳالهه آهي ته ائين هو اسانجي ڪڙم مان ئي ناهي. تون اسان جو ڀاءُ آهين، هن توسان دوکو ڪيو آهي ته سياڻي پنهنجين سڱين ڀاچائين سان به ائين ڪري سگهي ٿو. تون هن کي جهڙي به سزا ڏيندين، اها اسان کي قبول هوندي.“ اهڙين ڳالهين ڪانپوءِ قادن سرگاڻي نوري ڦرڙي جي ڀاءُ کي بندوق جا فائر ڪري ماري ڇڏيو. اهو 1971 ع جو زمانو هو. ڪلهوڙن ماٺ ڪري لاش دفنائي ڇڏيو، نه ايف آءِ آر داخل ٿي، نه مقتول جو تذڪرو ڪيائون، ڇڻ ڪجهه

ٿيو ئي نہ هو. هيڏانهن قادن سرگاٽيءَ سان ساڳي پائپي برقرار رکيائون. ان کانپوءِ قادن اسانجي تر ۾ هوندو هو تہ ڪلهوڙن ڏانهن پيرو ضرور پريندو هو. مقتول جون پينرون بہ ڪيس پاءُ سڏينديون هيون ۽ چونديون هيون تہ: ”اسان کي پنهنجو مارجي ويل پاءُ قادن ۾ نظر اچي ٿو. اهو ڏوهي هو يا بي ڏوهي، اسان اهو مامرو خدا جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي.“ ڪجھ ماڻهن جو خيال آهي تہ مقتول بي گناھ هو، اصل ۾ مائي صاحبہ پاڻ ان کي گناھ جي دعوت ڏني هئي پر همراھ جي انڪار تي ساڙ ۽ حسد ۾ اچي معاملي کي اهڙو رنگ ڏنائين. ڪجھ ماڻهو چوندا آهن تہ مائي سچي ڳالھ ڪئي هئي! وڏيڪ خدا کي خبر، دلين جا راز اهو ئي بهتر ڄاڻي ٿو. باقي مون پنهنجي ڄمار ۾ اهڙو واقعو ۽ اِن نوعيت جي لاڳاپن جو ٻيو ڪو مثال ناهي ٻڌو. ها، اهڙي الزام هيٺ آيل ماڻهوءَ جا وارث گهڻو ڪري زباني ڪلامي تہ ڏوهاريءَ جي ننڊا ڪندا آهن پر اندروني طور جوابدار کي بچائڻ لاءِ وڏا وس ڪندا آهن. البت تاريخ ۾ سامن تي سر گهورڻ جا ڪيترائي مثال ملن ٿا ۽ امانت ۾ خيانت ڪندڙ کي بہ سنڌ ۾ سنو نہ سمجهيو ويندو آهي.

قادن جو ستر وارو سڄو ڌاڪو پوليس سان لڪ لڪوٽيءَ ۾ گذريو، ڪڏهن هِن ٽاٽي تي تہ ڪڏهن هُن ٽاٽي تي، ڪيس هجي نہ هجي گرفتار هن کي ڪرڻو آ. اهڙين حالتن ڪيس باغي بنائي ڇڏيو. نيٺ 1983ع جي آخر ۾ همراھ ڇتو پِتو ٿي رائيفل ڪلهي ڪري وڃي ٻيلو وسايو. ساڳئي سال جي شروعات ۾ هن جا پاور مون پنهنجي اکين سان ڏٺا. اجا هي باضابطا ڌاڙيل نہ ٿيو هو. اسان جي ڳوٺ پوليس بابا کي گرفتار ڪرڻ آئي. نہ ڪو ڪيس هئس، نہ ڪا اهڙي واردات ٿي هئي. بابا پنهنجي اوطاق واري مسجد ۾ نماز پڙهي رهيو هو جو هنن ڪيس هٿ وڌا. بابا زبرو مڙس هو، ساڻن وڙهي پيو. اهلڪار درزن ڪن هئا. اوطاق ۾ قادن سرگاٽي بہ ٽڪيل هو ۽ وٽس هڪ نالي بندوق هئي. گوڙ تي جاڳي پيو، ٻاهر نڪري اهلڪارن تي بندوق سڌي ڪري هڪل جو ڪيائين تہ سمور اهلڪار هٿيار ڦٽي ڪري ڪکڙ تي ٻيهي رهيا. قادن بابا جو دوست هو. دوستيءَ واري معاملي ۾ سر چٽ مال نيلام هو. گهڻيون وارداتون سنگت جي پلاند ۾ ڪيائين. رڳو دوست اچي دانهين ٿئي، دير نہ ڪندو هو. گهڻا ڪيس بہ دوستيءَ ۾ ٿيس. هن جي وڏي

رهائي سهائي هئي. گادي نشين، پير وڏيرا سيئي واسطي وارا هئس. جائز ناجائز سندن مدد ڪيائين، ويندي انهن لاءِ خون به ڪيائين. هن جو اهڙو ئي هڪ زميندار دوست چامن سامٽيو هو، جنهن جي ڪري هن ٻن ڏرين سان خوني جهيڙا ڪيا پر ساڳئي دوست ڪيس پنهنجي اوطاق مان ٻڌي ملٽري فورس جي حوالي ڪيو. هي ته اتي ڪيس مارائي رهيو هو پر چامن جي ماءُ پٽ کي پلو سونهارو ڏئي قادن کي مرڻ کان بچائي ورتو. ان کان اڳ 1984ع ۾ سندس ٻن مقابلن جو ذڪر ضروري ٿو سمجهان، جن مان هڪ ٿاڻڙين پرسان سراج گاڏهيءَ جي زمين تي ٿيو. گاڏهيءَ جو هڪ سيٽلر سان زمين تي تڪرار هو ۽ اُن کي سرڪاري مدد به حاصل هئي. ٻيو ته گاڏهيءَ سان ڏوهاري به ساٿ ۾ هئا. هڪ ڏينهن 100 کان مٿي فوج جون گاڏيون ڪين چوڌاري گهيرو ڪري ويون. سراج گاڏهي پيش پيو پر قادن سرگاٽي پنهنجي ڪجھ ساٿين سان گڏجي ساڻن مقابلو ڪيو. هڪ طرف دنيا جي مڃيل ۽ تربيت يافته پروفيشنل فوج هئي ته ٻئي پاسي ڪچي جا ڏڦير چور هئا. همراهن ڪارتوسي بندوقن سان ڪمانبوز ڪي هڪ جاءِ تي ٻيهاري ڇڏيو ۽ سندن گهيرو ٽوڙي نعرا هڻي رمندا رهيا. جن به لشڪر کي مقابلي لاءِ ويندي ڏٺو هو انهن جي خيال هو ته ڪو به ماڻهو زندھ نه بچندو پر قادن سڀ همراھ ڪڍي ويو.

اهڙي طرح 1984ع جي آخر ڏاري اسانجي تر واري موسىٰ ٻگهئي ٻيلي ۾ به قادن جي ٽولي جو پيڙا ملٽري فورس سان مقابلو ٿيو. اهلڪارن گاڏيون ڇڏي ڪڙين تي زور ڏنو. هنن فوجين جون به گاڏيون ساڙي ڇڏيون ۽ انهن جي وائرليس ۽ واڪي ٽاڪي قبضو ڪري ورتي. ان جهيڙي ۾ نادر جسڪاڻي به ساڻس گڏ هو جنهن کي ڏاڙيل "ميانجي" سڏيندا هئا. چامن سامٽئي وٽان گرفتار ٿيڻ کان پوءِ قادن تي تمام گهڻو تشدد ٿيو ۽ فوجي عدالت ڪيس ڦاهيءَ جي سزا ٻڌائي. هي جيل ۾ هو جو ڏاڙيل اسماعيل جوٽيجي قادن جي پلاند ۾ چامن سامٽئي جي ڳوٺ تي حملو ڪيو ۽ سندس پاءُ سميت ٻن ڄڻن کي ماري ڇڏيو. 1986ع ۾ سکر جيل ٽٽو جنهن ۾ قادن سميت ٽيهارو کن ڏاڙيل ڀڄي نڪتا. ان تي به تحقيق جي ضرورت آهي ته اهو جيل ڪنهن جي مدد سان ٽوڙيو ويو. سياسي ڏريون ان حوالي سان ان

وقت جي وزير اعليٰ سنڌ سيد غوث علي شاهه جو نالو کڻن ٿيون. بهرحال جيل تي حملو ڌاڙيل يعقوب چانڊيي جي اڳواڻيءَ ۾ ڪيو ويو ۽ ان ۾ سمورا مقامي ڌاڙيل ملوث هئا، جن جا عزيز ڦاهي گهاٽ ۾ موت جو انتظار ڪري رهيا هئا.

سکر سينٽرل جيل مان نڪرڻ کانپوءِ قادن سرڳاٽي اسانجي تر ۾ باقاعده ڇانوٽي هڻي ويهي رهيو. سنڌس نوجوان پهريتي پٽ پنهل به اچي ساڻس گڏ رهيو. هي ته ڏوهن تي نه ويندو هو پر پنهل ويندو رهيو ۽ نيٺ مقابلي ۾ مارجي ويو. هي جيل مان نڪتو ته وڏيري ڇامن سامٽئي ساڻس ناهه لاءِ وچ وارن دوستن کي ستائڻ شروع ڪيو ۽ چيو ته "قادن مون کان حساب ڪتاب ته وٺي ويو آهي پر وري به مون سان قرآن تي فيصلو ڪري. مون تي جيڪو به ڏوهه ڏنڊ پيو اهو مان ادا ڪندس." قادن دوستن کي مان ڏيندي وراڻيو ته "مان هن مهل تائين ڇامن سان ان ڪري نه وڙهيو آهيان جو سنڌس ماءُ جون اڪيون آڏو اچن ٿيون، جنهن مون کي موت جي منهن مان ڪڍي ورتو هو. آئون قرآن پاڪ تي چوان ٿو ته ساڻس ڪڏهن نه وڙهندس، باقي مون کي ساڻس ڀائپي ناهي رکڻي، ان ڪري هن سان ڪو فيصلو به ناهي، باقي ڪيس چئو ته بي ڪٽڪو ٿي گهمندو رهي، ساڻس ڪوبه نه وڙهندو."

قادن کي اڌ رنگ جي سٽ به آيل هئي. آخري وقت ۾ ڌاڙيلن جا پاڻ ۾ جهيڙا ٿيا. هن جو پرو ڪلهوڙي سان وڏو جهيڙو هليو جنهن ۾ قادن جا گهڻا مڙس مارجي ويا. ڌاڙيل سهراب چنيي ۽ حاجي ڪوريءَ سان جهيڙي کانپوءِ اسان جي جُوءِ ڇڏي پنهنجي علائقي ۾ وڃي رهيو. هاڻ گهڻا ٽٽا ساٿي مارجي ويا هئس. بيماريءَ به هن کي هڻي نستو ڪري ڇڏيو هو ۽ وهي به ڪافي هليو هو. سنڌس ذات وارا همراهه پوليس ۾ هئا، جيڪي سرڪاري هٿيار ڪڻي وٽس پهتا ۽ چيائون ته اسان پوليس ڇڏي پاڳيلا ٿيا آهيون. ائين هفتو ڪن رهي، ڪيس ويساهي ننڊ ۾ ننڍ ڏئي ڪم پورو ڪري ڇڏيائون.

***

# سچل ممڻائي ۽ سندس پائر

## ڪوڙيءَ ڪي ئي گهمرو

محمد سچل ممڻائي هڪ پير زمين تي ڪوڙي ڪنهن ٻه ڏور ڪي پاڪر هٽندو هو ته اهو ڪانئس ڇڏائي نه سگهندو هو. سچل ست فوٽ ڏ گهو ٻلا مڙس هو. جهڙو قدآور اهڙو ئي بت ۾ پريل. اجا ته سندس هڪ جنگهه ماريل هئي. نندپڻ ۾ ڪو نانگ ڪائي ويو هئس. ڪچي جو علائقو هو. علاج معالجي جي ڪا به سهولت ڪانه هئي. جهاڙ ڦيٽي تي ڪم هلندو هو. پوءِ جي همراه بچي ويو ته معجزو، نه ته مريض پاڻ ڇاڻي-سچل جو به شايد ترت علاج نه ٿيو ۽ همراه جي هڪ ٽنگ سجي ويئي ۽ ان ۾ اُها طاقت نه رهي. سچل وارا ڪيڏٽ ڪاليج لاڙڪاڻي جي اوير ۾ درياهه جي ڪاٻي ڪنڌيءَ تي وينل هئا.

اسان جي تر ۾ ممڻائي برادري جهجهي رهي تي بلڪ ممڻائي آهن ئي اسان جي تر ۾، ٻي هند ٻڌڻ ۾ نه آيا. هي ٻگهين جو پاڙو آهي. انگريز دور کان وٺي اسان جي تر ۾ ٻگهين جي وڏي زمينداري رهي آهي. خانصاحب عبدالمجيد ٻگهيو، موسيٰ خان ٻگهيو، واحد بخش خان ٻگهيو، نذير خان ٻگهيو ۽ حزب الله خان ٻگهيو سنڌ ۽ مرڪزي اسيمبلي جا ميمبر رهندا آيا آهن. ممڻائي برادري سندن هر هاري آهي، ان ڪري ٻگهيا ڪين اليڪشن وارن ڏينهن ۾ مائٽ سڏڻ واري ڪس ڪائيندا پيا اچن.

ممڻائين جا پاڻ ۾ جهيڙا جهٽا اڪثر ٿيندا رهندا هئا، جن جو ڪارڻ اسهپ کان علاوه ٻيو ڪو به نه هوندو هو. هڪٻئي کي نه سهندا هئا. چوراٽڪو راڄ هو. هڪ ٻئي جا ڏور به ٻڌندا رهندا هئا. هئا به پنهنجو پاڻ ۾، هڪٻئي جو رت ۽ چم. جهنگ جو قانون هو. هڪ ٻئي سان جهيڙن جا باقاعدي وار رکندا هئا ته فلاڻي ڏينهن ميدان ڪرڻو آهي. ان ڏينهن ٻنهي

ڳوٺن جا ماڻهو سري ايندا هئا ۽ وچ تي پڙ ڪڍيو ويندو هو. ان ڳالهه جو خاص خيال رکيو ويندو هو ته ميدان اتي ٺئي جتي پاڻيءَ جي سهولت موجود هجي. پوءِ ڌرين ۾ لٺ لنيئڙو شروع ٿي ويندو هو. مايون مرد جهيڙي ۾ شامل هوندا هئا. صبح کان شام تائين جهيڙو جاري رهندو ۽ سج لٿي جهيڙي جي نئين تاريخ رکي هرڪو وٺاڻين ورندو هو. جيئن ته ٻڳهين زميندارن وچ ۾ ٻنين تي قٻذا هلندا ئي هئا ۽ ممڻاڻي وري سيني ڌرين جا هاري هئا. وڏيرا هڪٻئي سان سڌا نه وڙهندا باقي هارين جا وڏيرن جي ڪري هڪٻئي سان جهيڙا جاري رهندا هئا. ممڻاڻين سان به اهو مسئلو هو.

محمد سچل وارا ست ڀائر هئا: شاهن، ٿوهه، صالح، پنجل، سچل، هاشم ۽ حمزو، ست ئي ڀائر قداور مڙس. هنن جا به مائٽن سان جهيڙا جهٽا جاري رهندا هئا جنهن ۾ ڌريون اڌو اڌ پونديون هيون پر جڏهن سچل ساماڻو ته هنن جو پاسو ڳرو ٿي ويو. -پنهنجي ذات وارن سيني ماڻهن سان جهيڙا ڪيائون. سيني کي ڏنڊا هنيائون. مٽن مائٽن جي ٻنين تي قبضا ڪيائون. هاشم چالباز ۽ سچل جهيڙي ڪار هو. هر چڙهتُو وڏيري کي سلام. هاشم جي پاليسي هئي. مرحيات غلام محمد مهر وانگر سدائين حڪومتي ڌُر سان گڏ. جڏهن ڏوڪري تعلقي جي لٽي اُپرئي جو مالڪ موسيٰ خان ٻگهيو ٿيو ته هي سندس ساٿاري ٿي بيٺا. جڏهن جمهوري دور ۾ واحد بخش خان ايم پي اي ٿيو ۽ ٽاٽو سندس هٿ ۾ آيو ته هنن وفاداري بدلائيندي دير ئي نه ڪئي ۽ وچي سندس سلامي ٿيا. وڏيرن کي به اهڙن ماڻهن جي ضرورت پوي ٿي جيڪي ڪُت خلق کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪم اچي سگهن. ممڻاڻين کي به سچل وارن جو ڊور هٿ ايندو هو ته چورائي وٺندا هئا پر سچل وارن جي ڳالهه ٻِي هئي. اهي ديناداستي مائٽن جا ڊور ڪاهيندا هئا. هنن جي رڳو ٻنيءَ پرسان ڪنهن جو مال گذري، اهو ورائي واڙي ڇڏيندا. پنهنجي ذات جي غريب ماڻهن لاءِ ته سراسر آزار هئا پر ممڻاڻين جي چڱن مڙسن وڏيري علي محمد ۽ نبوڙي خان سان به اڇايائون جن جي سندن برادريءَ ۾ نيڪنامي هئي.

سچل سدائين بيل گاڏيءَ تي سوار هوندو هو. ڪنهن مخالف تي نظر پوندي ئي گاڏيءَ مان اڏو ڪڍي شروع ٿي ويندو، جنهن کي به هن جو

ڏنڊو لڳندو تنهن کان وڙهڻ ئي وسري ويندو ۽ اُن جي ڪوشش هوندي ته ڪيس سچل جو ڏنڊو ٻيهر نه لڳي.

هڪ پيري هنن جو پنهنجي ذات وارن سان جهيڙو ٿي پيو. سچل اتي موجود نه هو. سندس پائر وڙهي به رهيا هئا ته سچل کي سڏي به رهيا هئا: "وارو سچل...!" سچل جيئن ئي پهتو، ڏسي ته جنگاڻ متل آهي. هڪٻئي تي لٺين جا وار آهن. سچل هڪ هڪ ماڻهو کي ڏنڊو هڻندو ڪيس پٽڪي سان ٻڌندو ويو. ائين هنن 12 ڄڻن کي ٻڌي پوليس حوالي ڪري 109 قلم ۾ چالان ڪرائي ڇڏيو. هي ڪنهن به ذات واري کي نه پائيندا هئا البت عبدالڪريم عرف عدلو ممڻاڻيءَ مان خوف ضرور ٿيندو هئن، جيڪو ساڻن چوراڻي گوريلا ويڙهه وڙهندو هو، ان جو ذڪر پنهنجي اڳئين ڪتاب "جن سين لنئون لاڳي" ۾ ڪري چڪو آهيان.

عبدالڪريم جي گوريلا ويڙهه جو ڪين اهڙو ڍپ ويٺل هو جو هڪ ڏينهن سندن پاڻ صالح زمين تي پيرن جا نشان ڏسي سين کي خبردار ڪندي چيو: هي ڍڳها ۽ ڪارا پير ڏسو، لڳي ٿو عدلو جُوءِ ۾ اچي ويو آهي- جنهن تي سچل چيس: برابر ڍڳها پير تو ڏٺا هوندا پر ڪارا ڪيئن ڏٺئه؟

پائرن ۾ صالح ئي ٻين کان ڪمزور هو جيڪو مخالف مائٽن کي ڪٽي هٿ اچي ويندو هو ته سيني پائرن جون ٻاهيون منجهائنس ڪيندا هئا. اهو وقت اهڙو هو جو جهيڙي کي مڙسي تصور ڪيو ويندو هو. وڏيرن جي ونگار ۾ هِنن مائٽن سان ڏاڍيون ٻي واجبيون ڪيون.

اسانجي تر ۾ شنباڻي ٻروچ اچي رهندا هئا جن کي ٻوجا ڪوٺيو ويندو هو. ٻروجن کي ڳائوءِ ماهيو مال جهجهو هو. ٻوجن جو مال سچل جي ٻنيءَ ۾ پيو ته هن مال کي لنيون هڻي ڊوڙائي ڇڏيو ۽ ڌراڙن کي به ٺاهوڪي ملٽي ڏني. ان ڳالهه کي هفتو نه گذريو جو ٻوجن جو مال وري سچل جي پوک ۾ پيو. هن ڏنڊو کڻي سندن گهرن تي ڪاهه ڪئي. ٻوجن کي هن جا ڏنڊا لڳل هئا سو ويجهو ئي اچڻ نه ڏنائونس ۽ پري کان بندوق جو سڌو فائر ڪري همراهه کي ماري وڌائون. ٻوجن جو هڪ همراهه ممڻاڻين کي هٿ اچي ويو جنهن کي مار ڪٽ ڪري پوليس جي حوالي ڪيو ويو، باقي ٻيا همراهه گهر خالي ڪري ويا. شنباڻين جي عورتن گهر جي ٻي ڪابه شيءِ نه ڪنئي باقي

پنهنجو سمورو مال ڪاهي روانيون ٿيون. ممٽاٽين جا ماٺهو مال ڪسڻ لاءِ سندن پويان پيا ته بوجن جي هڪ ويڙهاڪ مائي گوڏو ڪوڙي مٿن سڌا فائر ڪيا. اهڙي طرح مايون حفاظت سان جُوءِ مان مال سميت نڪري ويون.

سچل جا ٻه پٽ ڏاڙيلن سان جهيڙي عيوض پوليس ۾ڀرتي ڪيا ويا جن مان سندس ننڍو پٽ انور مقابلي ۾ مارجي ويو، جنهن جا پٽ ٻلهڙيجيءَ ۾ ويٺل آهن. جڏهن ته سندس وڏو پٽ علي حسن قد بت ۾ منهن مهانڊي ۾ پنهنجي پيءَ سچل جي فوٽو ڪاپي آهي. سندن پونئير ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻي جي ڀر ۾ سنڌوءَ جي ساڄي ڀر تي وينا آهن جن هاڻي محسوس ڪري ورتو آهي ته وڏن واري ويڙهه جي واٽ غلط هئي ۽ محبت ۾ ئي مزو آهي.

***

# ڪريم بخش پيرزادو

ٻلهڙيجيءَ ۾ پير صاحب پاڳاري جو اڪيلو عقيدتمند فقط ڪريم بخش عرف ڪمون پيرزادو هو. مهينن جا مهينا حرن سان هوندو هو، ان جي باوجود هن پنهنجا مسلڪي عقيدا پنهنجي ٻارن تي نہ مڙهيا. ان ڪري سندس پٽ حر جماعت ۾ شامل نہ ٿيا. ڪاڪو ڪريم بخش قد جو ڊگهو، لڪ چيتي وانگر، ڇا تہ همراه جي ڏِڪ هئي. وڏين اکين واري هن سهڻي جوان کي اسان سدائين چاپئين ڏاڙهيءَ سان ڏٺو. هميش پٽڪو ٻڌل هوندو هئس.

ڪاڪي ڪريم بخش ٻاروتڻ کان ئي ڏاڍا ڏک ڏٺا. اجا ننڍڙو هو جو سندس والد گل حسن پيرزادو گذاري ويو. سندس امڙ جي ان وقت عمر 18 ورهيہ بہ نہ هئي، ان ڪري جلد ئي اُن جي ٻِي شادي امام بخش پيرزادي سان ڪرائي وئي. تنهن ڪري ننڍڙي ڪريم بخش کي پنهنجي ڏاڏيءَ ۽ پڦين پاليو. ڇوڪراٽي ۾ ئي اهڙن ماڻهن جي صحبت ۾ اچي ويو جيڪي سنڌوءَ جي لهرن ۾ لڙهندا ڪٽان کان ڪٽي وڃي نڪرندا هئا ۽ اتان ڳائو ۽ ماهيو مال هٽي واپس اچي جُوءِ ۾ پهچندا هئا. هيءُ ڏاڍو سياڻو ۽ سُڇيت چور هو. چوريءَ کي بہ پورهيو ئي سمجهيائين ۽ عام چورن وانگر لئي ۾ نہ پيو، ان ڪري هن نقصان گهٽ برداشت ڪيو ۽ حاصل گهڻو ڪيائين.

ڪاڪي ڪريم بخش جا ورهاڱي واري وقت کان پيا جيل جا چڪر لڳندا هئا. ان وقت حرن جي آزاديءَ واري جدوجهد هلندڙ هئي جنهن ڪري هِنن لاءِ هيءَ ڌرتي رڻ بڻائي وئي هئي. مٿن هر قسم جو ظلم روا رکيو ويو هو. ڪيترا حر ڦاهيءَ چاڙهيا ويا، ڪيترا جيلن ۾ تشدد کي منهن ڏيندا رهيا. گهڻن کي تہ هندستان جي ڏورانهن جيلن ۾ رکيو ويو، پوءِ بہ هنن جا

حوصلا هيٺا نہ ٿيا ۽ هر ظلم جي جواب ۾ ”پيج پاڳارا“ جا نعرا هڻندا اڳ کان اڳرا نظر ايندا هئا. حرن جي ثابت قدمي ۽ حوصلو ڏسي الاهي سارن قيدين جون بہ ساڻن همدرديون ٿي ويون هيون. ڪاڪي جي جي بہ جيل ۾ ساڻن ياري ٿي جيڪا آخري وقت تائين قائم رکيائين.

ڪاڪو ڪريم بخش پيرزادو درياه جو شاهہ تارُو هو. تڏهن درياه شاهہ بہ هيئن نہ هو، اڄ ٿي اڄ هوندي هئي. ڪُنن جا ڪڙڪا ٿي ماڻهوءَ جو ساه سُڪائي ڇڏيندا هئا. هي ٽوليءَ ۾ شڪار ڪرڻ جو قائل نہ هوندو هو، اڪيلو واردات ڪندو هو. اهڙي وقت ۾ درياه ٿي سندس ساٿي ۽ صلاحڪار هوندو هو جنهن سدائين ڪيس ڍڪيو، بچايو ۽ اُڪاري پار پهچايو. 1977 ۾ منهنجي پڦڙ الهورائي وفات ڪئي هئي. تڏهن اسان ٻلهڙيجيءَ جي سامهون ڪچي ۾ وينا هئاسين. بچاءُ بند جي ٻنهي پاسن کان پاڻي ٺي پاڻي هو. نہ ملاح، نہ مڪڙي. اطلاع ڏيڻ بہ لازمي هو، جو فوتيءَ جي ڏيءَ ۽ ٻيا احباب اتي هئا. سج لهي چڪو هو، تڏهن فون ۽ اطلاع واري ٻِي ڪا سهولت بہ ڪانہ هئي. بس، هڪ ئي طريقو ممڪن هو ۽ اهو اِهو تہ ڪو مڙس درياهہ جهاڳي، تري وڃي جاڻ ڏيئي اچي. درياه جي دهشت سبب ڪنهن بہ تاروءَ همت نہ ساري پر ڪاڪو ڪمون سيٽه تي درياه ٽپي پار پهتو. اڪيلو مڙس هو ۽ ٻارن جو ڏڻ هوندو هئس، تڏهن بہ وٽس پنج ست مينهون ڏاريل هونديون هيون. توڙي جو وٽس ٻلهڙيجيءَ ۾ ٻني نہ هوندي هئي، ڏاڏاڻڪي حصي واري زمين تي وڃڻ لاءِ درياه تي ٽپڻو پيو، ان ڪري ڪاڪو ڪمون تر ۾ فقط گاه جي چوري ڪندو هو. جوانيءَ ۾ مڙس هڪ بيواه عورت شهزاديءَ سان عشق ۾ شادي ڪئي جنهن مان ٻن پٽن ۽ چئن ڌيئرن جو اولاد ٿيس. جيئن اولاد جوان ٿيندو ويس تيئن گهر ڪي وقت گهٽ ڏيڻ لڳو ۽ مهينن جا مهينا سنگت وٽ رهڻ رهيو پيو هوندو هو. ڪابہ ڳڻتي نہ هئس جو هاڻ سندس پٽ جوان هئا پر اها بي فڪري بہ نہ قُريس؛ هن ڪي پوڙهپ ۾ جوان پٽ جي جدائيءَ جو صدمو سهڻو پيو. پير بخش جو لاڏاڻو هن لاءِ ڪاپاري ڌڪ هو، جنهن تي لکڻ جو آئون بہ اجا تائين ست نہ ساري سگهيو آهيان. پير بخش عرف پيرل منهنجو دوست ۽ ڏک سک جو ساٿي هو. اسان جي مضبوط دوستيءَ جو بنياد قومي سوچ هئي. سندس ٻيو پٽ غوث پيرزادو شاعر ۽

ليڪ آهي، هن جي رمز سمجهڻ جيتري آسان اوتري ئي مشڪل به آهي. هو ڪنهن وقت منهنجي دوستيءَ جو اقرار ته ڪنهن وقت انڪار ڪندو رهندو آهي، في الحال ته آئون به هن بابت وڏيڪ لکڻ کان ٽارو ڪيان ٿو جو منهنجو موضوع سندس ابو آهي. جوان پٽ جي جدائيءَ کان پوءِ ڪاڪي ڪمونءَ جي ڪاڪ ئي ڪومائجي وئي. هڪ ته هُن قوه جوانيءَ ۾ موت ماٽيو هو، ٻيو ته پيرل جا پنج ٻچڙا به صغير هئا جن کي ڏسي سندس اندر اڌ ٿي پوندو هو. هي غم وچڻ جو نه هو، اهو ته سڄي زندگيءَ جو ساٿي هئس پر پڇاڙيءَ ۾ من گهري ونيءَ جي وفات واري صدمي ويتر جيءُ جهوري وڌس. مڙس توڙي جو غمن ۾ چُور هو ته به وڏيءَ دل وارو شخص هو. ان دور ۾ به سندس ڪچهريون جاري رهنديون هيون. حر جدوجهد جا داستان ايئن ٻڌائيندو هو جڻ اها ڪالهوڪِي ڳالهه هجي. آخر تائين حافظو قائم رهيس. ٻلهڙيجيءَ جي هن انوکي ڪردار 22 سيپٽمبر 2013 تي وفات ڪئي.

# نانو يعقوب پيرزادو

نانو مرحوم محمد ڇُتل پيرزادو ڪنگهي ڪنگهي سامت ۾ اچي، ان ڪان اڳ سندس نندي ياءُ محمد يعقوب جو اگهاڙو تير سڌو وڃي نشاني تي لڳندو هو: "لوڙ جوءِ جا.... لوڙا! چڱي طرح ڪارو منهن ڪرڻ لاءِ آفيم ڪائڻ جي عادت ڪاتي پهچايو اٿئي!" ان مهل پرسان ويٺل اسان جي ناني ڪِلي، شرمائي ڪنڌ ہي پاسي ڦيري ڇڏيندي هئي. نانو يعقوب پيرزادو رڳو پنهنجي يائرن سان ايئن نہ ڳالهائيندو هو پر هن جا الف آجا گفتا جنهن تنهن سان جاري رهندا هئا، پوءِ اهي مرد هجن يا مايون. ناقابل برداشت گاريون ڪيندو هو پر هن جي انداز گفتگوءَ ۾ اهڙو تہ ڪو اثر هو جو ماڻهو سندس گارين جا مشتاق هوندا هئا. جيڏي وڏي گار ڏيندو اڳلو ايڏوئي خوش ٿي ہين ڪي ٻُڌائيندو هو تہ مامي يعقوب اڄ مون ڪي بلڪل نئين نڪور گار سان نوازيو آهي.

يعقوب پيرزادو اسان جي تر جو نالي چڙهيو شخص هو. تر جو ڪو بہ ميلو ملاکڙو نہ ڇڏيندو هو.

خيرپور جي يوسي سڳيون ڪان وٺي مهين دڙي ۽ يوسي ڪاراٽي جو ڳوٺ ڳوٺ هن ڪان واقف هو. جتي نانو هوندو، اتي چرچا هوندا، ٽهڪ هوندا، ڪل خوشي هوندي. سڄي ڄمار ڪنوارو رهيو. جتي مائٽن پرڻائڻ چاهيس اتي انڪار ڪري ڇڏيائين، جتي هن پرڻجڻ چاهيو اتي سندس مائٽ راضي نہ ٿيا. ايئن هي همراهہ رهجي ويو. اسان جي نانيءَ جو وڏي ۾ وڏو ياءُ فتح محمد پيرزادو چوندو هو: "هن ان ڪري شادي نہ ڪئي تہ پوءِ ٻار ڄمندا، اهي ڪنڌ وٺي ويندا، آزادي ختم ٿي ويندي، گهمڻ ڦرڻ نہ ٿيندو،

ميلا ملاڪڙا نہ ڪري سگهندو.“... پر اها ڳالھ سچي سچ ثابت نہ ٿي. ان جي باوجود همراھ سان ٿي ساڳي ڪار. پاڻ تہ شادي نہ ڪري سگهيو پر پائرن سان گڏ پائيٽن جا ٻار بہ لاڏ ڪوڏ سان پاليائين ۽ انهن جا انگل آرا بہ ڪنيائين.

نانو يعقوب 1940ع ڌاري ٻلهڙيجيءَ ۾ جائو. اٺن ورهين جي ڄمار کان ئي ٻلهڙيجيءَ ساموهون سنڌوءَ جي ڪاٻي ڪپ واري ڪچي ۾ رهيو. هن جو پيءُ دين محمد انتهائي سادو ۽ مسڪين ماڻهو هو. سندس ماءُ قلات جي بروهڻ هئي. ننڍو هئڻ ڪري سيني پائرن کي ڏاڍو پيارو هو جن ڪيس گهر ۾ ٻني ٻاري جو ڪم معاف ڪري ڇڏيو هو. هي سيلاني طبيعت وارو ماڻهو هو. ان جي باوجود سندس اصول هو تہ گهر خالي هٿين ناهي موٽڻو، ڪا نہ ڪا شيءِ ضرور ڪٽي اچڻي آ، پوءِ اها قيمتي هجي معمولي.

محمد يعقوب ننڍپڻ کان ئي شرارتي هو. هن جو ننڍي لاڪون جوڙ پنهنجي ويجهي عزيز محمد بچل سان هو، جيڪو پوءِ سندس پيٽويو بہ ٿيو ۽ ان جي پيڻ وري يعقوب جي ڀاءُ محمد چٽل جي گهرواري هئي. ٻئي ڄڻا ٻارهن چوڏهن ورهين جا مس هئا تہ تقي شاھ جي ميلي تي ٻاڌھ ويا. چانھ پيئڻ ڪانپوءِ محمد يعقوب پنهنجو خالي ڪيل پيالو بچل خان جي ڪوٽ جي کيسي ۾ وجهي ڇڏيو ۽ بيري کي سڏي ٻُڌايو تہ اهو ڇوڪرو اوهان جو پيالو چورايو پيو وڃي. بيري همراھ کي پڪڙي تلاشي ورتي تہ سندس ڪوٽ جي کيسي مان پيالو نڪري پيو تہ هوٽل وارن ڪيس ڪجھ نامناسب لفظ ڳالهايا. نيٺ محمد يعقوب وچ ۾ اچي معاملو نبيريندي چيو تہ: ”دراصل هن همراھ ڏي منهنجو حساب ڪتاب رهيل هو، ان لاءِ سندس کيسي ۾ پيالو وجهي توهان کي ٻُڌايم. توهان تہ صفا منهنجو روح ٺاري ڇڏيو. هاڻي ڇڏيوس تہ وڃون!“ همراھ اهڙي انداز سان اها ڳالھ ڪئي جو هوٽل تي ويٺل ڪوبہ ماڻهو کِل روڪي نہ سگهيو.

هڪ ڀيري وڏيري عمر خان پيرزادي ٻنهي ڄڻن کي خيرپور ضلعي جي ڪنهن ڳوٺ ڪم سان موڪليو. محمد يعقوب گهوڙيءَ تي ۽ محمد بچل اٺ تي چڙهي روانا ٿيا. رستي سان هنن انبن جو باغ ڏٺو. محمد بچل هڪ انب تي نظرون کپائي ڪنڌ ڌوڏيندي چيو ”رڳو بابا جو ڪم ڪري موٽون، توهان کي ڏسون ٿا!“همراھ ريڙيءَ مان ڪم ڇڏائي شام جو مائٽن وٽ

ٻهاري ديري رهيا. اجا اڌ رات مس گذري ته محمد ٻچل محمد يعقوب کي جاڳائي پنهنجي گهوڙي سنجڻ لاءِ چيو. هن چيس "يار اجا صبح وارو تارو ئي نه اڀريو آهي، ملان ٻانگ ڏئي ته هلون ٿا" پر ٻچل خان سندس هڪ نه ٻُڌي. نيٺ همراهه پنهنجا پنهنجا وهٽ سنجي واپس موٽيا.

انبن واري باغ وٽ پهچي واعدي موجب ٻچل خان ڪارروائي شروع ڪئي. انب پٽڻ دوران رس جا ٽيپا نرڙ ۾ منهن تي ڪرڻ سبب پوري چهري تي داغ ٿي پيس. صبح سان وڏيري عمر خان کي سمورو احوال ڏنائون. وڏيرو پوڙهو ۽ ضعيف ٿي چڪو هو ۽ سندس نظر به ڪمزور ٿي وئي هئي. ان جو پنهنجي پُٽ جي منهن تي نشان ڏٺا ته پڇيائين "ابا، هي منهن ۾ ڇا ٿيو اٿئي؟؟" ٻچل خان کي پاڻ سان ٿيل حالت جي خبر ئي نه هئي. هو جواب ڏئي ئي ڏئي، ان کان اڳ نانو يعقوب چوڻ لڳو، "چاچا، تون ابو آهين، اسان سيني جو وڏو آهين. تو سان ڪوڙ هٽي پنهنجي قيامت ڪاري ناهي ڪرڻي. رپڙيءَ کان موٽندي رستي ۾ هڪ باغ مان انبڙي پٽيائين، پوءِ ته باغائي منهن ئي منهن ڪُٽيو اٿس." اها ڳالهه ٻڌي وڏيري عمر خان کٽ جي پيرانديءَ کان پيل لٽ ڪٽي، جذباتي ٿيندي چيو: "اڙي تو جهڙي پُٽ کان ته ماڻهين کي ڇڪي اچي ها ڇڱو هو. وڏيري عمر خان جو پٽ هڪ انبڙيءَ جي ڪري مار کائي! تو جهڙي اولاد کان ته ماڻهو نپٽو آئتو ڇڱو، الله اهي ڏينهن ڏيکارڻ لاءِ شايد جيئرو رکيو هو....!" ٻچل خان کٽي ڪڙين تي زور ڏنو ۽ پڇندي ناني يعقوب کي چيائين "هاٽي انبن جي حصي کان آڳوٺو ته ڏيانءِ!"

نانو يعقوب هڪ ڏينهن پنهنجي امڙ کي سمي کان ٻلهڙيجي ٻيل گاڏيءَ تي وٺي اچي رهيو هو. رستي ۾ جيڪو به ماڻهو منهن پئيس، اهو ساڻس سلام دعا ۾ مانجهاندي جي صلاح پيو ڪريس. هن جي ماءُ سندس ايڏي واقفيت ڏسي خوش ٿي چيائين "ابا صدقو وڃانءِ نانوَ تان، ڏاڍا يار ٺئي!" هن به نهه پهه وراڻيو: "هائو امان، مون کي ايترا يار آهن جيترا تو به نه ڪيا هوندا."

ناني يعقوب جون ٻلهڙيجي ۽ آسپاس جي ڳوٺن ۾ ڪيتريون ئي پيٽون ٻنايل هيون جن سان پاڻ وانگر نڀايائين. اِهي، مهيني کان وڌيڪ دير تي پريشان ٿي ويندڙيون هيون. مائين جا مڙس اچي چوندا هئس: "يار، پيٽين

توکي ساري ٿي، منهن ڏيکاري، دعا جون گاريون ڏئي وڃينس.“ هن جا پنهنجي دين جي پينرن سان به چرچا جاري رهندا هئا. هڪ ڏينهن ڪڇي جي اوطاق تي مهمانن لاءِ ماني ڪٽي آيو. ٻلهڙيجيءَ جي چرچائڻ مائي ماسي پريءَ جو پٽ ماني ئي نه کائي، چئي ”اسان ماني نه کائيندا سين، جاءِ ٿا ٺهرايون، امان وري لاءِ موڪليو آهي، ورو ڏيو ته اسان واپس وڃون.“ هن چيس ته ”اوهان ماني ته کائو، ورو ڪو هتي پيو ته ناهي، جيڪو هاڻي ئي اوهان کي ڪٽي ڏيان. ووڙ ڏيون ٿا، خبر پوي ته ڪنهن وٽ رکيل آهي ته وٺون ٿا.“ همراهه چئي: ”ماني ڇاجي، ورو ڏيو ته اسان واپس موٽون.“ ان تي ناني يعقوب مخصوص اشارو ڪندي چَيِنِ ”چڱو توهان في الحال هي ورو ڪٽي وڃو، ماڻهين واري لانديءَ تي پورو اچي ته ٺيڪ نه ته ٻيو ڏسنداسين.“

غلام محمد پيرزادو خير محمد آريجا وارو سندس دل گھريو دوست هو، جيڪو پوءِ واپڊا ملازم ۽ يونين اڳواڻ به ٿيو. ان جي شادي ڪوهارن مان ٿي رهي هئي. بيل گاڏين تي چڙهي ڄڃ ڪوهارين پهتي. واپسيءَ تي نانا يعقوب گھوٽ ڪنوار واري بيل گاڏيءَ جو هِن شرط تي سوار ٿيڻ قبول ڪيو ته ڪنوار نه روئيندي. غلام محمد پنهنجي گھرواريءَ کي اتي ئي سمجهائي ڇڏيو ته: ”سوار ڏاڍو چيڙاڪ ۽ ڏنگو ماڻهو آهي، مهرباني ڪري رستي تي نه روئجان، گهر هلي پلي سڄي ڪسر ڪڍجانءِ پر هتي منهنجي عزت رک.“ ان دؤر ۾ ڪنوارون شاديءَ واري ڏينهن ڏاڍو روئنديون هيون، سو مائي به روئڻ کان رهي نه سگهي ۽ سڏڪو پري وينئي. ناني يعقوب پوئتي نهاريو. مائيءَ کي ڳالهه ياد اچي وئي ۽ مڙس جي به ٺونٺ لڳي ويس، تنهن ڪري في الحال ماٺ ڪري وئي پر جيئن ئي  گاڏي ٿورو اڳتي هلي ته وري سڏڪو نڪري ويس. نانو يعقوب ڏاند گاڏي بيهاري ڪنوار سان مخاطب ٿي چوڻ لڳو ”مائي پِٽ وڃي پنهنجن کي، جن ههڙي گھوٽ سان پرڻايو اٿئي، باقي اسان جو ٻي ڊولو به اگهاڻو.“ اهو ٻُڌي مائي ويچاريءَ جو ماٺ ڪئي ته وري نه رني.

ناني يعقوب کي جهڙو ڳالهه ڪرڻ جو ڏانءُ هو، اهڙو ئي صورت جو سهڻو هو. مٿان وري لباس به شاناٺتو. بوسڪيءَ جو پٽڪو پائيندو هو. اڪثر گهوڙيءَ تي سوار هوندو هو ۽ مرداڻي حسن جو پيڪر لڳندو هو. محبتي ايڏو جو تر جا وڏيرا، زميندار، ملهه پهلوان، چور، فقير فقرا ۽ ديوانا مستانا به

سندس مطيع هئا. هر ماڻهو هن جو پڇندو هو. برابر هي پوڳ سيني سان کندو هو پر سندن سور پائي بہ هو. کنهن بہ دوست کي اڙيل ڏسندو هو تہ ان جو مسئلو حل ڪرڻ تائين گهر نہ ويندو. خوشيءَ واري موقعي تي رهجي بہ ويندو پر غميءَ ۾ ضرور گڏ هوندو. اهڙن ئي گڻن جي ڪري چڱا ڀلا سندس صحبت لاءِ سڪندا هئا. نياڻ وارو ماڻهو هو. ڪير جهڙو اجرو. نہ ڪڏهن چوري ڪيائين، نہ ڪڏهن ڪنهن جي ننگ ڏي تڪيائين. البت بابا ۽ ڀين جي ڪري گهڻو لوڙيائين ۽ هر مسئلي کي آسانيءَ سان سلجهايائين. ساڻس هر عمر ۽ هر طبقي جا ماڻهو محبت ڪندا هئا جن ۾ آريجا شهر جو سائين ستار شاهہ بہ شامل هو، جيڪو ڀاتو هئڻ ڪري سدائين ڪيس "ياتب" ڪري مخاطب ٿيندو هو. نانو ڪيس چوندو هو: "سائين، پير مٿي ڪيو تہ قدم بوسي ڪيان." ستار شاهہ پنهنجو هڪ پير مٿي ڪري ويهندو ۽ نانا هيٺ جهڪي ٻنهي هٿن سان سيد سڳوري جي هڪ پير تي هوندا هئا. تعظيم جو عجيب حجائتو انداز هو. تر جي جنهن بہ ڳوٺ ۾ هوندو، اتي ميلو متل هوندو. سڄو ڳوٺ ماني ڪٽي ايندس. هي ڳالهائيندو، ماڻهن جا پيٽ ۾ هٿ هوندا. جتي هوندو اتي ٺهڪ پيا گونجندا. سندس گهڻا چرچا لکڻ جهڙا ئي نہ آهن.

هڪ ڀيري محبڻ شاهہ جي ميلي ۾ ملاڪڙي دوران مقامي وڏيري مائيڪ وٺي اعلان ڪيو تہ "مون اڄ محبڻ سرڪار وٽ ڀي شاديءَ جي باس باسي آهي، جي منهنجي ڀي شادي ٿي تہ ايندڙ ميلي ۾ سُک ڪٽي ايندس ۽ هتي اچي ڏاند کهندس..." ناني يعقوب جهڙپ ڏئي مائيڪ ڦُري جملو پورو ڪندي چيو: "...۽ وڏيرو سائين پهرين زال منهنجي حوالي ڪندو." ناني يعقوب سان وڏيري بخشل خان ڪيرئي، امام بخش عرف نانگي آريجي، درل خان آريجي ۽ ڀين جو جوڙ هوندو هو. ڪنهن راجوٽي فيصلي ۾ هوندا تہ سندن ڳالهيون ٻئي قسم جون هونديون هيون. ميلن ملاڪڙن ۽ اوطاقن تي هوندا تہ ساڻن ڪنؤس جي ڪنهن کي بہ همت ڪانہ ٿيندي هئي. اهڙن موقعن تي مسخرن سان منهن ڏيڻ وڏو مسئلو هوندو آهي پر هنن جي جوڙ کان مسخرا بہ لهرائيندا هئا. پائتي جو ڪاچ ڪيائين. ڪيترائي وڏيرا ۽ چڱا مڙس توڙي پير فقير سڏ پرڻ آيس جن پنهنجي حيثيت موجب هزارن ۾ پوئو لکرائڻ چاهيو پر هي هر هڪ کان 200 رپيا وٺي باقي پئسا واپس پيو ڪري،

چئي "وڏيرا هجو پنهنجي گهر جا، مون سان پائپي اٿؤ ته اهو حساب ڪتاب رکو جيڪو مان ادا ڪري سگهان. هڪ طرفي پائپي نه هلندي آهي."

1986ع ۾ اسان ڪچو ڇڏي ٻلهڙيجيءَ ۾ اچي ويناسين ۽ ناني يعقوب وارا ضلعي خيرپور ميرس جي سمي شهر ۾ رهيا. هڪ ڀيري اسان جو مامو خادم حسين پنهنجي دوستن سان پنجاب ويو. هفتي اندر موٽڻ جو چئي ويو هو پر مهينو ٿي ويس، نه موٽيو جنهن ڪري ناني يعقوب کي اڪيلو گهر ڇڏي ٻاهر نڪرڻ ڏکيو ٿي پيو. جيئن ته مامي تي سندس والد جو نالو رکيل آهي، ان ڪري هي ڪيس بابو چئي مخاطب ٿيندو هو. هڪ ڏينهن اوچتو صبح جو مامو گهر پهتو. نانو يعقوب ڪيس ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ان لاءِ مڇي وٺڻ ڪاٽ ٻاهر نڪتو. ڏسي ته چوڪ تي ملاحن جون ويهارو کن مايون هڪ جوڳيءَ کي ورايون وينيون آهن. جوڳي ڀارو هٽي کين قسمت جو حال ٻڌائي رهيو هو. ان دوران هڪڙي مائيءَ ڀاري واري کي چوڻ لڳي: "منهنجو مڙس مون کي روز ماري ٿو، ڀارو هڻ ته مون سان چو ٿو اهو ظلم ڪري؟" جوڳي ڀارو هٽي چيس "تنهنجي مڙس جي ٻي هند اک اٽڪيل آ، ان ڪري توسان اها حالت اجا چڱو وقت جاري رهندي." ناني يعقوب ويجهو اچي عورتن کي چيو: "نياڳيون توهان ڀارا پوءِ وجهرائجو، منهنجو بابو مهيني کان ناهي موٽيو، اڳ ۾ ڀارو مان وجهرائيندس." مائين کي ان ڳالهه جي خبر هئي، هنن ڪيس جاءِ ڏني. جوڳي ڀارو ڀاري چيو: "تو وارو ڇوڪرو سنبري ته دوست ڪيس جهلي ويهن ۽ سامان ڪسن... اجا مهينو نه ايندو." اهو ٻُڌندي ئي جوڳيءَ کي دڙڪو ڏيندي چيائين: "هل ڙي جوءِ جا.... بابو گهر وينو آ ۽ تو وارو ڀارو ٿو چوي مهينو نه ايندو!" پوءِ مائين سان ايئن مخاطب ٿيو جيئن ڳوٺاڻيون ويجهيون سهيليون هڪ ٻئي سان مخاطب ٿينديون آهن. "اڙي.... توهان مڙسن جي حق حلال جا پئسا ڀاري وارن کي جو ڏيندؤ ته پوءِ پادر ڪيئن نه ڪائيندؤ." اهو ڏينهن ڏهاڙو مائين وري ڪنهن جوڳيءَ کان ڀارو نه وجهرايو.

هن جا سڀ دل گهريا دوست پاڻ وانگر غريب پر دل جا امير هئا. نانگي آريجي، درل ۽ هن جو جوڙ هوندو هو. هي ٽئي ڄڻا گڏ هجن ته پلي سجو ملڪ مخالف هجين، سيني کي پُڄي پوندا هئا. هنن ٽنهي کي گڏ ڏسي تر

جا چڱا ڀلا يوڳائي ٻه پڇي ويندا هئا. اسان جي تر جو محمد اسماعيل ڀڻ ٻه وڏو يوڳائي ۽ چرچائي مڙس هو. ساڍا ڇهہ فوٽ قد رکندڙ هن همراهہ کي الله سائين زبان ٻه چڱي ڀلي ڏني هئي. اصل اوڙي پاڙي لاءِ آزار هو. اسماعيل ڀڻ چرچن سان تر ٽپائي ڏنو هو پر ناني يعقوب جو مٿس ايترو تہ رعب ويٺل هو جو سندس سامهون زبان مان اکر نہ اکلندو هئس. مڙس کي خشڪيون چڙهي ويندي هيون. ناني يعقوب کي پري کان ڏسي ائين هيسجي ويندو هو جڻ ڪڪڙ تي ٻاٽي پئجي ويو هجي. نانو ٻلهڙيجي ايندو هو تہ مامو اسماعيل صفا ميڻ پر ان جي واپس وڃڻ کان پوءِ سڀ ٻاهيون اسان مان ڪڍندو هو. 1990 ۾ جڏهن نانا يعقوب جي عمر پنجاهہ ورهين کان چڙهي هلي تہ هڪ همراهہ کيس سڱ ڏيڻ لاءِ راضي ٿيو. اڌ ڪم ٿيل هو باقي اڌ ڪم اسان کي ڪرڻو هو. مطلب تہ ڪنوار ۽ ان جا مائٽ، اسان سڀ راضي هئاسون باقي رڳو ناني يعقوب کي راضي ڪرڻو هو. جيئن تہ اسان جي هن آڏو ڪا حيثيت نہ هئي، ان ڪري سندس ننڍپڻ جي يار ناني بچل تي کيس راضي ڪرڻ جي ذميواري رکي سون، جيڪو ان وقت تائين پنهنجون ٽي گهر واريون رضا الاهيءَ سان ماريون وينو هو. ناني بچل هن کي شاديءَ لاءِ ڏاڍو ستايو پر هو هر ڀيري لنوائي وڃي. هن جي مسلسل ڪن لاٽار ناني بچل کي مايوس ڪري وڌو. هڪ ڏينهن سڄي برادر گڏ ڏسي ناني بچل ساڳي گذارش ورجائيندي چيس: ”يعقوب! تنهنجو مڪڻ پئي مٿو ڇو ٿو سڙي؟ سهٽي سيبتي ڪنوار ٿي ملئي. لٽو ڪپڙو، سون، سامان اسان ٽا وٺون، جيڪو ڪاڄ تي لک ڏيڍ خرچ آيو، اهو ٻه مان ڪندس، تون رڳو ها ڪر...“ ناني يعقوب سندس ڊگهي تقرير ڏيرج سان ٻڌڻ کان پوءِ چيو ”بچل، لڳي ٿو تون مائيءَ سان ڪريل آهين، جو مٿو ڪائي ويو آهين. اڙي ڪنجوس، تون اسان کي چانهہ چڪي پيارڻ ۾ ٻہ ڪرڪندو آهين ۽ هاٽي لک لٽائڻ لاءِ تيار ٿي ويو آهين تہ معنيٰ پنهنجي لوڙ اٿئي، عادتون تہ تنهنجون ننڍپڻ کان ئي خراب هيون پر پاجائين جو ٻہ ٿيندين، اها اڄ خبر پئي آ.“ غضبناڪ گفتا ٻڌي سڄي ڪچهري کل ۾ ٻُتجي وئي ۽ نانو بچل گاريون ڏيندو روانو ٿيو.

نانو يعقوب پير فقير کي مڃڻ وارو هو. جڏهن ڪڇي ۾ هوندو هو تہ محبڻ شاهہ درگاهہ جي هر سومر تي ٻنيءَ جي ڊيوٽيءَ ۾ شامل هوندو هو.

پوءِ جو سميءَ ۾ رهيو ته اتي به قاضي پٽن پرسان درگاهه پير تي ويهارو سال ڊيوٽي ڪيائين. اسان جي برادريءَ جو چڱو مڙس يارمحمد پٽ جاڙو قناصرن پرسان پنهنجو ڳوٺ ٻڌي وينو. وڏو مهمان نواز هو. ان وقت وٽس هڪ گهوڙو بينل هو. يارمحمد جهان ڇڏيو ته گهوڙي جو ڪائڻ پيئڻ به گهٽجي ويو. ويو سڪندو ءِ ڳرندو. سواري ڪٽڻ ته ڇا پر هلڻ جهڙو به نه رهيو. يار محمد جا پٽ مالي حوالي سان هن ڪان سيرا ستايا هئا. ماڻهن ڪين چيو ته "اوهان ڪان گهوڙو پالڻ ڏکيو آهي، پيءُ جي نشاني اٿوَ، اها سندس ڪنهن دوست حوالي ڪيو، چڙهيو وتندو. اجايو هن بي زبان کي نه ماريو. اها ڳالهه ڳٽي هنن ناني يعقوب کي گهوڙو ڪاهي وڃڻ جو نياپو موڪليو پر هن اهو چئي انڪار ڪيو ته: "گهوڙو سالن جو بڪايل آ، سگهو ٺيڻ ۾ وڏو خرچ ڪائيندو. پيو ته گهوڙو سگهو ٿيو ته هي ڪو نه ڪو بهانو ڪري وهٽ واپس گهرندا. ان ڪري مان گهوڙو نه وٺندس، ڀلي ڪنهن ٻي کي ڏئي ڇڏيو." بهرحال وڏيري امن جي چوڻ تي هن گهوڙو ڪاهي پاڻ وٽ جهليو. ڏٻرو وهٽ ڳيريلي ڪان پلهڙيجي تائين ٽن ڏينهن ۾ پهتو. گهوڙي جي اهڙي سيوا ڪيائين جو ڇهن مهينن ۾ تيار ٿي ويو. ان وچ ۾ وڏيرو امن گذاري ويو ته يارمحمد جا پونئير وفد ڪري نانا وٽ آيا ۽ چيائيون "بابا خواب ۾ چئي ٿو ته پنهنجو گهوڙو واپس وٺي اچو" هن چَيِن "اڳئين رات ڏاڏي جاڙي مون کي به خواب ۾ چيو آهي ته گهوڙو وٺڻ ايندئي، مرمت ڪري واپس موڪلجانِ."

ناني يعقوب پنهنجي سڄي جمار ڪلندي ڪڏندي گذاري هئي. آخري وقت ۾ سندس سڀ وڏا يائر ۽ دوست گذر ڪري ويا، ان ڪري ڪلندي ڪلندي روئي ڏيندو هو. چوندو هو: "ڪلڻ به انهن سان هو ته روئڻ به انهن سان هو..." هر دوست جو مٿس وڏو اعتماد هوءِ دوستن جي ڪري هي به هر رسڪ ڪٽي ويندو هو. هن جي، جوانيءَ ۾ ڏاڙيل قادن سرڳاٽي سان ياري هئي. ان ڪانپوءِ سڄو تر دوست ٿيس. ساڻن ڳڏ وارداتون ڪيائين پر جڏهن اڏرنگي جي ست آيس ته رڳو ناني يعقوب ڏانهن نياپو ڪيائين، جنهن الائي ڪٿان ڪڪ وٺي سندس علاج ڪرايو ۽ پنجن ورهين تائين ڪنهن کي منجهه نه ڏنو ته هن ڪيس ڪٿي ۽ ڪنهن وٽ رهايو. اسان جي تر ۾ ڪنهن کي ڪڪڙ،

ڪتي، تتر، طوطي يا ڪنهن ڪشتي راڻي جي ضرورت پوندي هئي ته اهو ناني يعقوب کي چوندو هو ۽ هي ڪنهن نه ڪنهن کان اها شيءِ وٺي ڪيس پهچائيندو هو. هڪڙن کان شيءِ وٺي ٻين کي ۽ ٻين کان وٺي ٽين کي ڏيئي ڇڏيندو هو. سڄي زندگي بيمار نه ٿيو. ڳاڙهو ڳٽول رهيو، اسان ڏوهٽا ڪيس سڏيندا ٻه "نانو اچو" هئاسين. 16 سيپٽمبر 2011 تي گهرياتين سان ڪچهري ڪندي دم ڏنائين.

***

# نذر علي شيخ

## غير روايتي ”ڏاڏو مڙس“

چاليهارو سال اڳ تائين به سنڌ ۾ چوريءَ کي مڙسيءَ وارو ڪم سمجهيو ويندو هو. ان دور ۾ وڏيڪ ناماچاري چورن ۽ ملهن کي پلئہ پوندي هئي، ان ڪري کي پَرمتڙيا، چور نہ هوندي بہ پاڻ کي چور سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. اهڙا ”پاٽمرادو ڏاڍا مڙس“ لاڙ، اتر، وچولي توڙي ڪاڇي ڪوهستان ۾ موچاري انگ ۾ موجود هوندا هئا. گهڻو ڪري جتي ڪٿي ساڳيو جهان هو. اُهي ڪندا ڪجھ بہ ڪو نہ هئا پر ڏِک اهڙي ڏيندا هئا جڻ سڄي تر ۾ سموريون وارداتون سندن چوڻ تي ٿي رهيون آهن! رات جو تہ گهر کان ٻاهر بہ نہ نڪرندا هئا پر صبح جو ماڪ مان پير پچائي اچي ماڻهن جي پير ۾ ويهي، بي نام هلاڪيءَ جي دانهن ڪندا هئا، جيئن ماڻهو سمجهن تہ مڙس رات ”شڪار“ تي ويل هو. اتفاق سان ان رات تر مان ڪا چوري ٿيندي هئي تہ همراهن کي چٽي پيرٽي پئجي ويندي هئي. انهن مان ڪي همراهه اهڙا بہ هوندا هئا، جو جڏهن سندن تر مان ڪا چوري ٿي ويندي هئي تہ اجايو سجايو پاڳئي آڏو پيا ڪنگهڪرون ڪندا ۽ ميڇون وٽيندا ۽ ايندڙ ويندڙ کي چوندا تہ ”اسان سان سڌو نہ هلندو تہ اِها ڪار ڪيئن نہ ٿيندس.“ پوءِ تہ پاڳيو بہ سڄي ڳولا وساري سڌي فرياد سندس خلاف داخل ڪرائيندو، ايئن همراهه کي اڻ ڪيو ڏوهه پرٽو پئجي ويندو هو. حيرت جي ڳالهہ اها تہ بي ڏوهه هوندي بہ اهڙي قسم جون چٽيون پريندا ۽ اصل چور مزي سان پيا ڦرندا هئا. پوليس جي ڳالهہ ٻِي آهي، باقي همراهه سدائين چٽيون پرڻ لاءِ

تيار! سندن مخالف جي ڪا چوري ٿيندي، ماڻهو ڳالھ ڪندا تہ هي ڪين ميچون ڏيندي چوندا: ”اسان نہ تہ اسان جا سنگتي! ڪھڙو چور اسان ڪان ڳجھو آ! مان ڪي تہ هفتو اڳ خبر پئجي وئي هئي تہ همراھ ڪي ڀرو ڏيندا!“ ائين ”سدڙيا چور“ پنهنجي لئہ بيھارڻ لاءِ ڦڙڪيون هڻندا رهندا هئا. اجايو سجايو ڪاٽڪن سان سلام دعا ڪندا. هر ڦڏي جي وچ ۾ اچي پوندا. پاڳين کي چوندا: ”توهان موٽي وڃو، توهان کي چوري نہ ملي تہ اسان ڪان وٺجو.“ ائين ڪين اڻ ڪيل چوريون پرٽيون پئجي ويندون هيون. جوانن کي خبر ئي نہ هوندي پر پاڳين سان ائين ڳالهائيندا ڄڻ چوري هجي ئي هنن وٽ. ساٽن پنگ طئي ڪندا. ڪڏهن تہ پنگ جي رقم وٽي بہ ڇڏيندا! هاٽي ڪين هجي خبر تہ چوري واپس ملي. ان ڪري اجائي هام هڻڻ جا ڪِيتا لوڙٽو پئجي ويندا هئن. اسان جي تر ۾ اهڙا ڪيترائي ڪردار هئا جن ڏيٽي نہ وٺٽي ڇاتيءَ تي هٿ هٽي هڪ ڪان وڏيڪ پرٽا پريا تن ۾ ڪاڪو جان محمد عرف جانو سومرو، الهڏنو لاکو، سوڍو فقير ماڇي ۽ نذر علي شيخ نمايان هئا.

پريل ٻُت، پورو پنو قد، ڪسي ڳلي تي وڏي قميص ۽ پٽاپٽي پوتڙي جي گوڏ، نرڙ تي سنڌي ٽوپي، موڪري منهن تي وريل شھپر: اصل رپين تي پير ڏيندو ايندو هو. اِهو هو ڏوڪري شهر جو نذر علي شيخ. همراھ جي تر جي سمورن ڪاٽڪن سان ڄاڻ سڃاڻ هئي. جڏهن بہ چورن جو ٽولو شهر ۾ ڏسندو تہ وڏي سندن استقبال ڪندو ۽ ڪين شهر مان گھمائي آٽي ڪنهن هوٽل تي ويھاريندو. هڪل ڪري بيري کي چانهہ ۽ بسڪوٽن جو آرڊر ڏيندو. پوءِ واري واري سان هر هڪ ڪاٽڪوءَ کي ٻاهر ڪڍي، ساڻس ڪجھ دير رازداراٽي نموني سس پس ڪري واپس اچي ويهندو ۽ هوٽل ۾ هر ايندڙ ويندڙ سان، گرمجوشيءَ سان هٿ جوڙ بہ جاري رکندو.

سڄي شهر ۾ مڙس جي هاڪ هئي، ڇاڪاڻ تہ اڪثر ڏوهاري وٽس ايندا رهندا هئا ۽ ڏوڪريءَ جا رهواسي، صبح سوير هن جا گپ هاٽا پير ڏسي سمجھي ويندا هئا تہ همراھ رات ڪنهن وڏي شڪار تي هو.

نيٺ ڏوڪري ٿاڻي تي هڪ اهڙو پوليس عملدار آيو، جنهن چورن ۽ پاٿاريدارن لاءِ ٻارڻ ٻاري ڏنو. ڏوهارين جون لسٽون ٺهي ويون، جن ۾ نذر علي شيخ جو نالو ٽاپ تي هو. مڙس گرفتار ٿي ٿاڻي تي پهتو. صوبيدار هڪ

نظر هن تي وجهي چيو: ”هي تہ ڏسڻ ۾ ئي ڪاٺڪو ٿو لڳي، اڙي هٽوس 50 سچو پترا!“ همراهہ جي بدن مان ساهہ ئي ڇڏائجي ويو، هڪ سچو لڳڻ تي ئي رڙين سان سچو ٽاٽو مٿي تي ڪٽي ڏنائين. پهريون لڳو سو لڳو، سپاهيءَ کي ٻيو سچو هٽڻ نہ ڏنائين. هن کي ٻيهر صوبيدار آڏو پيش ڪيو ويو تہ هٿ ٻڌي چوڻ لڳو: ”صاحب! منهنجي شڪل چورن جهڙي هجي تہ هجي، باقي مان چور ناهيان، مان رڳو لئي جو بکيو آهيان، انهيءَ ڪري منهنجي ڪجهہ چورن سان خوامخواهہ ياري آهي...“ ايئن چئي همراهہ ڊنڪرون ڏئي روئڻ لڳو. چڱا مٺا، رئيس وڏيرا وچ ۾ پيا. ڪجهہ ڏي وٺ بہ ٿي- تنهن جي باوجود صوبيدار، نذرعلي شيخ مان هن شرط تي هٿ کڻيا تہ: ”سپاٽي جي توکي شهر ۾ گڏهہ گاڏو هلائيندي نہ ڏٺم تہ کل لاهي ڇڏيندوسانءِ!“ ”بس بابا! ايئن ئي ٿيندو“ چئي نذر علي شيخ ٿاٽي مان نڪتو. ٻئي ڏينهن جيئن ئي سورج ديوتا نمودار ٿيو تہ هيءُ بہ گڏهہ گاڏو سينگاري شهر ۾ نڪتو. ان وقت پوليس آفيسرن جون بدليون بہ دير سان ٿينديون هيون. چورن جو دشمن ڏِنگو صوبيدار بہ پورا ڇهہ مهينا ڏوڪريءَ ۾ ئي مقرر رهيو. جڏهن سندس بدلي ٿي تہ نذر علي جي گڏهہ گاڏي مان جند آجي ٿي. ان کان پوءِ هو ڏوڪريءَ جي الهداد خان قاضيءَ جو ملازم ٿيو، جنهن وٽ هينڊل هٽندي هٽندي نيٺ جيپ هلائڻ سکي ويو هو پر جيئن تہ بہ مهينا گڏهہ گاڏو هلائيندي هڪلون ڏيڻ جو هيراڪ ٿي چڪو هو، ان ڪري اڳوڻي عادت جي اثر هيٺ هارن وڄائڻ بدران ماڻهن کي ”پري، پري“ جون هڪلون ڏيندو گذرندو هو. ان بعد رائيس ريسرچ انسٽيٽيوٽ ۾ ڊرائيور طور پر ٿي ٿيو. اتان رٽائرمينٽ وٺڻ کان پوءِ لڏي اچي ٻلهڙيجيءَ ۾ وينو، پر سال کن کان پوءِ جاءِ وڪڻي وري وڃي ڏوڪريءَ ۾ رهيو.

نذر علي شيخ 2011ع وفات ڪئي. هن جو وڏو ڀاءُ رجب ٽانگي وارو بہ سندس ساڳيو ئي سر هو پر منهن مهانڊي ۾ ڪجهہ ڪوجهڙو هو. ٽانگو هلائيندو هو. اڪثر موهن جو دڙو اسٽيشن تان ڏوڪريءَ لاءِ سواري ڪٽندو هو. تن ڏينهن امن امان جي صورتحال بهتر هئڻ ڪري موهن جو دڙو گهمڻ لاءِ سياحن جا هجوم لٿل هوندا هئا. هڪ ڏهاڙي ڪا انگريز عورت رجب جي ٽانگي تي اچي چڙهي ۽ کيس موهن جي دڙي هلڻ لاءِ چيائين.

هن جو اڪيلي پرديسي عورت کي ڏٺو ته نيت ۾ خلل پيدا ٿي پيس. همراهه هرو ڀرو گهوڙي سان ڳالهائڻ ۾ مائيءَ ڏانهن سرڻ شروع ڪيو. مائي به ڳالهه سمجهي وئي. هاڻي جنهن هنڌ تي ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو آهي، ان دؤر ۾ اتي رڳو جهنگ هوندو هو. رجب اتي پهچي ٽانگو سائيڊ تي ڪري بيهاريو. مائي به ٽانگو رُڪجڻ جي انتظار ۾ هئي. اوچتو ريوالور ڪڍي رجب ڏي سڌو ڪيائين ته همراهه جون هينيون هيٺ ۾ مٿيون مٿي رهجي ويون. بيوسيءَ وچان خوف مان ٻرڙاٽ ڪيائين: "نو امان، پليز معاف ڪرينگ!" خوف مان اڳيان ٿي واڳ هٿ ۾ جهلي سچي واٽ "نو امان، نو ادي" ڪندو هليو ۽ مائي مزي سان ٽانگي تي ويٺي رهي. منزل تي پهچي، رجب کي به ٿي ڇهبڪ وهائي رواني ٿي وئي.

***

# ديوان پريم

## دين ڪفر کان دور... اول آخر سنڌي

شهيد سجاد مرڪنڊ ۽ شهيد عامر کهاوڙ جي چاليهي تي ڳاجي کهاوڙ شهر ۾ ساڻس ملڻ ٿيو، اتي ٻه هن جي اکين ۾ لڙڪن سان گڏ چپڙن تي مرڪ رقصان هئي. منهنجو هي دوست باغين جي اُن ٽولي ۾ شامل هو، جن سنڌ سنوارڻ لاءِ موت ماڻڻ جو وچن ڪري ورتو هو. هن پاپ نگر ۾ سنڌڙيءَ جو نانءُ وٺڻ ڪاريهر تي پير رکڻ برابر آهي ۽ هِنن جڻ ته ڪاريهر تي پير رکي ڇڏيو هو.

ديوان پريم جا کهڙا ڳُڻ ڳڻائي کهڙا ڳڻائجن. 2004ع ۾ سنڌي ادبي سگنت شاخ ڏوڪريءَ پاران منعقد ڪرايل ماهوار "شاهه لطيف اپياسي ويهڪ" ۾ ساڻس پهرين ملاقات ٿي ۽ پهرين ئي ملاقات ۾ دوستي ٿي وئي. سندس نمبر سدائين ڪليل رهندو هو. لاڙڪاڻي يا وارهه جڏهن ٻه وڃڻ ٿيو سدائين ديوان پريم سامهون، ڪلاڪ جي واندڪائي هجي ته پنج ڪلاڪ ويهاري ڇڏي. سندس ڳالهيون ڪٿڻ جون نه هيون، پر هاڻ هن جو ملڻ محال ٿي ويو هو. بس ڪڏهن ڪڏهن سن واري قومي ڪاڄ، ڪنهن شهيد جي پٽر، ٽيجهي يا چاليهي جي موقعي تي سندس ڀاڪر نصيب ٿيندو هو. پاپ نگر جا لشڪري ڪيترن ئي راڻن ڪي رات پيٽ ۾ گم ڪرڻ جي ڊيوٽيءَ سان لڳل آهن. سو، اهڙن جوڌن جا سڙيل ڳريل، وڍيل، چيريل ۽ چچريل مڙهه ملن ٿا، جن جي لڱن ۾ لوهه ۽ انگن ۾ انگهون لڳل هونديون آهن، سندن جسمن تي ڊرل مشينن جا سوراخ هوندا آهن ۽ هٿن پيرن جا ننهن جنبورين

سان ڇڪي ڪڍيل هوندا آهن. اهو سڀ ڪجهه ڏسندي به هي جهليا جهلجڻ وارا نه آهن. ديوانن جو پنهنجو دستور آهي، هڪڙو ڪند ڪٽجي ٿو ته ٻيو اڏيءَ تي اچي وڃي ٿو، جلاد کي گهڙيءَ لاءِ به ويساند نٿي ملي.

اڳيان اڏين وٽ پوئين سر سنباهيا...

شهيد سجاد مرڪنڊ جي پيرانديءَ کان بيهي مان ڪيس چوان ٿو: ”اسان جا بيگناهه نوجوان بي موت ماريا وڃن ٿا. ڀلا ڄاڻي واڻي چِتي ڪتي جي سامهون بيهي رهڻ ڪهڙي دانشمندي آهي؟“ منهنجي سوال تي هن جي اکين ۾ پُراسرار روشني اچي وڃي ٿي ۽ مان سندس گهور جو تاب نه سهي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيان ٿو.

هُو چوي ٿو ”ادا، آزاديءَ جي پنڌ ۾ ڪجهه به اجايو نه هوندو آهي، هيءَ ته اجا شروعات آ، هن وقت ته اسان شهيدن کي قومي اعزاز سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪري رهيا آهيون پر اڳتي هلي اسان کي پنهنجا پيارا، اجتماعي قبرن ۾ دفن ڪرڻا پوندا پر اسان جون هي قربانيون ضايع نه وينديون. اسان جو مقصد قوم مان موت جو ڀؤ ختم ڪرڻ آهي ۽ اسان ان ۾ ڪامياب ويا آهيون. اڄ گهر گهر مان اها صدا ٻُري رهي آهي: هي ڪنڌ سدا سنڌ مٿان ڀل پيا ڪٽجن...!“

ديوان پريم تقرير جي فن کان اڻ واقف هو. هو اسٽيج تي به جملا به ڳالهائي نه سگهندو هو، هن جي دل سياستدان بدران وحدت الوجودي صوفيءَ واري هئي. هو سياسي اصطلاحن کان ته اڻ واقف هو پر هن جي ازل کان سنڌ سان محبت هئي ۽ ڌرتيءَ جو درد ڪيس سڪ سمهڻ نه ڏيندو هو. اهوئي سبب هو جو هن سياست جي ڪنڊيدار ڏگ جي چونڊ ڪئي. ديوان پريم سان روح جا رشتا هئا، ساڻس حجتون هيون، ڪيس چيڙائڻ لاءِ ڀوڳ ڪندا رهندا هئاسين. مان ڪيس چوندو هئس ته ”اسان سان تون ديوان ٿو سڏائين پر وارهه ٽپڻ کان پوءِ پاڻ کي اميراٽي چانڊيو، يقوب چانڊئي (1986ع ۾ سکر سينٽرل جيل ٽوڙڻ واري واقعي جو مک ڪردار) جو سؤٽ سڏائيندو آهين. “ان تي کلي چوندو هو: ”نه نه، ايئن ڪيئن ٿيندو!“

ديوان پريم دين ڪفر کان دور، اول آخر سنڌي هو. هن لاءِ بهشت دلاسو ۽ دوزخ محض دڙڪو هو. هن روايتي مذهبي ماڻهن وانگر پنهنجي

مولا کي ڏور خلائن ۾ نہ ڳوليو ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي مٽيءَ کي پنهنجو معبود بنائي ڇڏيو هو.

جڏهن بابري مسجد ڊاهڻ جي ردعمل ۾ سنڌي هندن جي گهرن ۽ دڪانن تي حملا ڪيا ويا، مڙهيون ۽ مندر ساڙيا ويا. تڏهن اهڙي غنڊه گرديءَ جي نہ رڳو مزاحمت ڪئي پر هن، پنهنجو نانءُ بہ ‘ديوان پريم’ ۽ جبار چانڊيي پنهنجو نانءُ روپلو رکايو. ديوان پريم ۽ روپلي جا پاڻ ۾ روح جا رشتا هئا. ڌرتيءَ جي محبت جو منجهن اهڙو پيچ پيل هو، جنهن کين ڳنڍي رکيو هو. جڏهن شهيد روپلي چولياڻي جي مڙه کي عظيم رهبر جي اڱڻ تي جاءِ ڏيڻ لاءِ وجي رهيا هئاسين، ان وقت ديوان کي ٽن راتين جو اوجاڳو هو. روپلي جي شهادت جو ٻڌي سانگهڙ روانو ٿيو. اتان شهيد جو ميت کڻائي وارهہ پهتو. وارهہ ۾ جنازي نماز ادا ڪري وري قافلي سان سن روانو ٿيو ۽ اتان واپس وارهہ پهچڻ تائين هن اک نہ ٻوٽي هئي. ان وقت بہ روپلي ڏانهن اشارو ڪري مرڪي چيو هئائين: “يار اسان کان گوءِ کٽي ويو پر اسان جو پنڌ بہ اوڏانهين آهي.”

اول آخر آهہ، هلڻ منهنجو هوت ڏي...

ديوان پريم برابر هوت حضور پهچي ويو. ان کان وڌ قومي ڪارڪن لاءِ ڪهڙي سعادت ٿي سگهي ٿي، جو هُو آزاديءَ جي راهہ ۾ قربان ٿي وڃي.

مارڳ جي مرن، وڏا طالع تن جا. ...

وحشين کي پليءَ پت پروڙ هئي تہ ديوان پريم سنڌ جي چيڪي مٽيءَ مان ڳوهيل آهي. هو پنهنجي قوم سان ڪريت نٽو ڪري سگهي، سون تي سيڻ مٽائڻ هن جي ريت ئي ناهي. تڏهن تہ هنن ديوان کي قيد ڪرڻ بدران مارڻ ۾ پنهنجي عافيت سمجهي. ڏاڍ ڏمر جي قوتن ديوان پريم کي ايئن عذاب ڏئي ماريو، جيئن سندن وڏا انگريزن جي اشاري تي ديش ڀڳتن کي چيچلائي چيچلائي ماريندا هئا. مون کي يقين آهي تہ شهيدن جو رت رائيگان نہ ويندو ۽ اهو خون اهڙي ٻوٽي جي آبياري ڪندو جيڪو وڌي وڻ ٿي آزاديءَ جي راهہ ۾ ضرور ڇانوَ ڪندو.

ڪالهہ پورن ٻائيتاليهين ورهين کان پوءِ بنگالي ديش ڀڳتن تي ظلم ڪندڙ مولانا قادر ڪاسائيءَ کي ڦاهو ڏنو ويو آهي. سنڌ جا ٺهڪ ڪُهندڙ

لٽيرن کي بہ تاريخ جو حساب ضرور ڏيڻو پوندو.

***

# نور الله تنيو

## جيئن سڙن تيئن سچ

21 اپريل 2011ع تي ضلعي سانگهڙ جي هڪ سنسان روڊ تي ڊبل ڪئبن گاڏين ۾ سوار چمڙا پوش هٿياربند هڪ ڪار کي روڪي، ان ۾ ويٺل جوانن مٿان گولين جا ڌوڙيا لائي ڏين ٿا. ڪار گولين ساڻ ڇاڻي ٿي وڃي ٿي. ويٺلن جا جسم پروڻ ٿي وڃن ٿا، پوءِ ٻه چمڙا پوش ڪائنئ ڊڄن پيا، تنهن ڪري ڪار تي ڪيميڪل هاري ان کي باهه ڏئي روانا ٿي وڃن ٿا. ڪار مان باهه جا اٿيل شعلا، گولين سان پروڻ ٿيل جوڌن جي جسمن کي جلائي رهيا هئا. ان جي باوجود ڪار سوارن مان هڪ جٽي کي هوش اچي وڃي ٿو.

سرزمين تي پهتل آس پاس جي ڳوٺاڻن ڏٺو ته گاڏي سڄي ساري سڙي چڪي هئي. اندر ويٺلن مان ٽي ڄڻا ته رک جي ڍير ۾ تبديل ٿي چڪا هئا، باقي هڪ نوجوان هيٺ پٽ تي پيل هو. سندس ٻئي ٽنگون سڙي چڪيون هيون ۽ جسم ۾ گولين سوراخ ڪري ڇڏيا هئا. هو اکيون پٽي ٿو. گولين لڳڻ ۽ باهه ۾ سڙڻ باوجود نه ڪنجهي ٿو، نه ڪرڪي ٿو، ڳوٺاڻن کي ٻڌائي ٿو ته: “آئون جيئي سند جو ڪارڪن آهيان. آزادي گهرڻ جي ڏوهه ۾ منهنجا هي ساٿي سرائي قربان کهاوڙ، روپلو چوولياڻي ۽ نادر بگٽي جيئري ساڙيا ويا آهن. اهو جونجهار بهادر نوجوان ڳوٺاڻن کي پنهنجي دوستن جا نمبر ٻڌائي ٿو ۽ سڄي سنڌ کي ان سانحي جي خبر پئجي وڃي ٿي. اِهو نوجوان شهدادڪوٽ واسي نورالله تنيو هو. واهر لاءِ پهتل ڳوٺاڻن ٻه عمر گذاري هئي. هنن پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪيئي مٿير مڙس ڏٺا هئا، جن مهل تي پاڻ

ملهايو هو پر هي نوجوان ته ڪنهن ٻي مٽيءَ مان ٺهيل پئي لڳو:

“جيئن سڙن تيئن سچ، جيئن سڙن تيئن سنرا...”

ڳوٺاڻا وڏيل چيريل، چچريل ۽ سڙيل نوجوان ڪي ڪٽي اسپتال پهچائين ٿا، جتي ميڊيائي نمائندا به پهچي وڃن وڃن ٿا. هن جو سڙيل جسم ڏسي صحافين جا لڱ ڪاندار جي وڃن ٿا پر نور الله ساڻن ائين بيخوف ٿي ڳالهائي رهيو هو، ڄڻ ڪجهه ٿيو ئي نه هجي! هن صحافين کي پاڻ سان ٿيل واردات کان نه رڳو آگاهه ڪيو پر ساڳئي وقت پنهنجي تنظيم جو موقف به بيان ڪيوءِ ٻڌايو ته: “اسان سنڌ جي آزادي چاهيون ٿا، هي جيڪو ڪجهه وهيو واپريو آ، اهو ته ڪجهه به ناهي، آزادي گهڻو ڪجهه گهرندي آهي.” هن جون ڳالهيون ٻڌي اتي موجود سمورا ماڻهو حيراني گاڏڙ اطمينان جو اظهار ڪن ٿا ته: “جي سنڌ اهڙا سورهيه پٽ پيدا ڪري ٿي ته پوءِ قوم گهڻو وقت غلاميءَ جي زنجيرن ۾ سوگهو نه رهي سگهندي.”

نورالله تنيو نه شعله بيان مقرر هو، نه وري ڪي اڻ ڪتابن جا پڙهيو هو، بس ڌرتيءَ سان محبت سندس ايمان جو جز هئي. اها ئي محبت جنهن مخدوم بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙهايو هو. او سنڌ امان، شال توکي هن ڳڀروءَ جي قرباني قبول پوي، جنهن پنهنجي جواني ۽ پنهنجيون سموريون محبتون تون مٿان واري ڇڏيون.

***

# حفيظ پيرزادي جي گرفتاري

ڀلهڙيجيءَ ۾ شهيد روشن بروهي، واجد لانگاهه، فهيم ڀٽي ۽ سرويچ پيرزادي جي ڀيرين ورسي ملهائي ويئي. جيئن ئي پروگرام ختم ٿيو ته مهمانن ۾ لنگر تقسيم ڪيو ويو. ايندڙ صبح تي شهيد سرويچ پيرزادي جي وارثن پاران به خيرات جي مانيءَ جو سڏ ڏنو ويو هو.

مان جهوني قومي ڪارڪن چاچا غلام محمد سنڌيءَ کي ساڻ ڪري دڪان تي سامان لڪرائڻ ويس. اسان چيرو لڪرائي اجا چانهه پي رهيا هئاسين جو اوچتو فائرنگ شروع ٿي وئي. ٻاهر نڪتاسين ته ڳوٺاڻن ٻڌايو ته "اهلڪار حفيظ کي کڻي ڪٽي ويا آهن." ڏسندي ئي ڏسندي ماڻهن جو انبوهه گڏ ٿي ويو. سيني جي اکين ۾ رت هو. مون ڏٺو ته ڳوٺ جا پيرسن، جوان، ٻار ۽ عورتون گهرن مان نڪري چڪا هئا. سندن هٿن ۾ ڏنڊا هئا ۽ سيني جو رخ لاڙڪاڻي ڏانهن هو. اها گهڙي سانجهڻ واري هئي، ڳوٺ جي اڌ گهرن ماني تيار ڪري ورتي هئي ۽ ڪي اجا تيارين ۾ هئا جو حفيظ جي کڻجڻ جي ڳالهه هُلي وئي. جن گهرن ۾ ماني پچي وئي هئي، انهن به نه کاڌي ۽ ڪيترن ئي گهرن جي عورتن رڌ پچاءُ اڌ ۾ ڇڏي ڏنو. ڳوٺاڻن جي انبوهه کي جيڪا گاڏي هٿ ايندي وئي، ان تي سوار ٿيندا ويا، ائين محسوس ٿي رهيو هو ته ڪنهيل نوجوان هر گهر جو پاتي هو. گهڙيءَ ۾ سڄي ڀلهڙيجي سنسان ٿي وئي. تقريباً منو ڳوٺ لاڙڪاڻي ۾ لتل هو، جن ۾ نوي ورهين جون پيرسن عورتون به هيون ته پنجن ورهين جا ٻارڙا به شامل هئا.

اهو حفيظ پيرزادي جي سياءُ ۽ قرب جو نتيجو هو. هن ننڍي وڏي سان نياز نوڙت سان هلي هي مقام حاصل ڪيو هو، جو هر نوجوان ائين پيو

محسوس ڪري ته سندس سڳو پاءُ ويرين جي ور چڙهي ويو آهي ۽ هر ماءُ کي ايئن پيو لڳي جڻ سندس آنڊن ۾ هٿ وڌا ويا آهن. اڌ ڪلاڪ اندر ماڻهن جو اهو انبوهه لاڙڪاڻي جي ايس پي چوڪ تي پهچي ويو، جتي هزارين لاڙڪاڻي واسي به احتجاج ۾ شامل ٿي ويا. ٻلهڙيجيءَ جون ٻاگهيون پنهنجا ڪير پياڪ ٻار ڪٽي چوڪ تي ڏرڻو هڻي ويهي رهيون. گهڙيءَ اندر سوين اهلڪار ڳوڙها آٽيندڙ گئس ۽ لٺين سان چوڪ کي گهيرو ڪري ويا پر مظاهرو ڪندڙن تي ڪو به اثر نه پيو. هنن اهلڪارن جي گدڙ ڀڀڪين تي ڪن نه ڏريو ۽ وڏي واڪ چيو ته "جيستائين حفيظ کي ظاهر نه ڪندؤ، تيستائين هرگز واپس نه ويندا سين. ڀلي اسان مٿان گوليون هلايون وڃن."

ڳوٺ وارن جي ٻڌي ۽ جرئت اهلڪارن کي هيٺو ڪري ڇڏيو ۽ هنن محسوس ڪيو ته سندن ٿورڙي به حماقت وڏو ممڻ مچائي سگهي ٿي. عورتن سان ٽج پياڪ ٻار به ساڻ آهن. ٿوري به لٺ بازيءَ سان ڪجهه به ٿي سگهي ٿو. پوءِ هنن مچريل ماڻهن سان منهن ڏيڻ انتهائي جوکائتو هوندو. اها ڳالهه ڳڻي پوليس اهلڪارن سندس ونيءَ ۽ وارثن کي چيو "حفيظ اسان وٽ صحيح سلامت موجود آهي.اسان کيس سياڻي دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ پيش ڪنداسين. اوهان اتي ساڻس ملي وڃجو." ايئن رات جو ٻين وڳي ڳوٺاڻن موٽ ڪاڏي پر واپسيءَ تي پڻ ڪنهن به ٽڪر پور نه ڪاڏو. صبح ٿيندي ئي ڳوٺاڻا سخي شاهه جمال جي درگاهه تي گڏ ٿيندا ويا. اڃا سج ڪني نه ڪڍي هئي، جو سموريون عورتون به پهچي ويون، ڏهاڪو کن گاڏين ۾ سوار ماڻهن وري لاڙڪاڻي ڏانهن ڪاهه ڪئي. چاڪاڻ جو ان کان اڳ سندن ڳوٺ جي هڪ شهزادي سرويچ پيرزادي کي رهزنن ڪراچيءَ مان ڪنيي ڪنيو ۽ 80 ڏينهن کان پوءِ سندس لاش اچلائي ڏنو هو. ڳوٺاڻا پنهنجي هڪ ٻئي شهزادي کي ايئن وڃائڻ هرگز نه پيا چاهين. قافلو جيئن ئي لاڙڪاڻي پهتو ته کين حفيظ کي اي ٽي سيءَ ۾ پيش ڪرڻ جي خوشخبري ٻڌائي ويئي. ان وقت سندس امڙ، ڀيڻ، ونيءَ ۽ سندس ڀائرن کي ساڻس ملايو ويو ۽ پوءِ سوين ڳوٺ وارن حفيظ کي هٿ ڪڙي ۽ ڏنبا ٻيڙيءَ سان ڏٺو جيڪو ان وقت ڳوٺاڻن کي ڏسي آزاديءَ جا نعرا هڻي رهيو هو. ڳوٺاڻن به نعرن جا جواب ڏئي کيس دلداري ڏني ته تنهنجا واهرو وريا آهن:

وريا واهرو، هاٽو سپ هيٺا ٿيا...

ان گهڙيءَ سندس گهر ڀاتين، دوستن ۽ سڄي هجوم جا خوشيءَ مان ڳوڙها ڳڙي پيا. ڪالهه ڪان مختلف خدشن سبب هنن جا لڙڪ خشڪ ٿي چڪا هئا. هاٽي سين کي بک جو احساس ٿيو ۽ هنن ڏسندي ئي ڏسندي ريڙهن وارن جا سمورا پڪوڙا، چولا ۽ سموسا کائي چٽ ڪري ڇڏيا. جنهن بعد ٻلهڙيجي واسي سرخرو ٿي دهلن ۽ شرنائين سان ڳوٺ پهتا. سخي شاهه جمال جي درگاهه تي حاضري ڀري، سڄي ڳوٺ جو گشت ڪيو ويو ۽ اهو سرڪس پورا پنج ڪلاڪ جاري رهيو، جنهن ۾ هر عمر جي ماڻهوءَ جهمر هنئي. ٻلهڙيجيءَ جي تاريخ ۾ ڪنهن به ڪاڄ تي مڱڻهارن کي ايتري گهور نہ پئي هوندي جيتري ان ڏينهن پئي هئي. ڳوٺاڻن بگهڙ جي وات مان پنهنجو ٻچڙو ڇڏائي ورتو هو ۽ ڪين پوري پڪ هئي تہ دشمن انهيءَ شرمناڪ هار جو ضرور بدلو وٺندو، جنهن لاءِ اهي ذهني طور تيار هئا. ٻئي ڏينهن هٿرادو بم ڌماڪو ڪري ٻلهڙيجيءَ تي ڇاپو هڻي عورتن، مردن ۽ معصوم ٻارڙن تي تشدد ڪيو ويو.

***

# اقرار: جيئن مون ڏٺو

اقرار عمر ۾ مون کان کي پنج سال کن ننڍو ٿيندو پر اسان ننڍپڻ گڏ گذاريو آهي. هيءُ ننڍي هوندي کان ئي جيترو ذهين هوندو هو، ايترو ئي ڇيڇرو هوندو هو. اسان کي امڙ کان وڌيڪ پيار ڏيندڙ ماسي، امان مشن واريءَ کيس پاليو جيڪا هن جي پڦي هئي. اُها کيس نوان ڪپڙا پارائيندي هئي ۽ هي ان مهل ئي ڪپڙن کي لينگها هڻي ڇڏيندو هو. جيترو حافظو سگهارو اٿس، ايترو ئي ويسارو به آهي: سالن جون ڳالهيون ياد هوندس پر ويسر به اهڙي جو ڪُلهي تي رکيل شيءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيو ڳوليندو. جهڙو ڳالهائيندو اهڙو ئي لکندو، اجا به لکڻ ۾ ڪجهه فضيلت ڏيکاريندو پر ڳالهائڻ ۾ اها کوهين ڏور هونديس، خاص ڪري دوستن سان. دوستن ۾ جنسي تفريق نه ڪندو، جهڙو سُخن مرد کي اهڙو ئي عورت کي. دوستن سان جهيڙو جاري رکندو پر دوستيءَ ۾ وِٿي وجهڻ وارو ناهي. اسان جي به لڙچڙ هلندي رهندي آ. هن جي ڪري منهنجا ٻار مون سان ڪاوڙجي پوندا آهن ته ڪين چوندي آهيان:اقرار مونکي توهان کان وڌيڪ پيارو آهي. هن سان ست سڱيٽا پنهنجي جاء تي پر هي منهنجو دوست به آهي ۽ واقعي اسان جي هڪٻئي کان سواءِ سرندي ئي ناهي. رڳو مون سان نه پر سين دوستن سان ساڳيو رويو هوندو اٿس. هن کان اڳ شايع ٿيل سندس پهرئين ڪتاب ”جن سين لنئون لاڳِي“ ۾ شامل ڳوٺ جا تقريباسيِ ڪردار مون به ڏٺا.مان سمجهان ٿي ته انهن سيني ڪردارن جو هن مٿان ٿورو گهڻو اثر ضرور آهي. هڪ جاءِ تي ويهڻ اچيس ئي نه؛ ماني به بيٺي بيٺي کائيندو. مذهب جي بوءِ بانس ئي نه اٿس. بس، هن جو مذهب سنگيت آهي. سياست هڙن ماڻهن جو ڪم ناهي، باقي سيد جي نظريو هن جي ايمان جو جُز آهي. شاهه جابيت به ڏادي سهڻي انداز سان سمجهي پڙهندو آهي. نئين ماڻهوءَ کي اقرار يا ته اُٽندي ئي موهي وجهندو يا صفا نه وڻندو. ڪڇهريءَ ماڻهو هن کي

ڏسي سمجهندو تہ هن جي ڪابہ دلچسپي ناهي پر هن جو سچو ڌيان اوڏاهين هوندو پر لڪائيندو ايئن چڻ همراهہ ڪنهن ٻئي هنڌ هجي. اقرار منهنجي پياري مامي جو پهريتي پٽ ۽ منهنجي نندي پيڻ جو ور بہ آهي جنهن ڪان تہ ڊچندو پر مون آڏو سندس ماني ياڇيءَ جي ڪا نہ ڪا وِڏ ڪڍي مونکي ست سُريون ٻڌائي ويندو. هن ڪي جوڙي ٻارن جي مَڌ ۽ دُرِشهوار آهن جن ۾ مونکي نندپڻ جو اقرار نظر ايندو آهي. اقرار جا هي خاڪا سنڌ جو سدا ملوڪ ورثو۽ اسان سڀن جون گڏيل خوبصورت يادگيريون آهن. ٻلهڙيجيءَ ۾ ليڪ گهٽا ۽ پلا پر اڄوڪي نسل ڪي اڳوٽي نسل سان ڳنڍڻ وارو فقط اقرار آهي.

– ڪبريٰ پيرزادو


اقرار
جيئن مون ڏٺو
سامي سهاڳي (خاڪا)
اقرار پيرزادو
مرڪ پبليڪيشن
68
-ڪبريٰ پيرزادو
Rs.450/-
ISBN 978-969-7958-04-7

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book